گلستان

(با محاوره سنڌي ترجمو)

شيخ سعدي شيرازي

مولانا محمد قاسم سومرو

روشني

ادع الي سبيل ربک بالحکمة والموعظة الحسنة

گلستان

(با محاوره سنڌي ترجمو)

مصنف

شيخ سعدي شيرازي

مترجم

مولانا محمد قاسم سومرو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2019ع

Roshni Book No. 122

ڪتاب جو نالو: گلستان

مصنف: شيخ سعدي شيرازي

مترجم: مولانا محمد قاسم سومرو

ڇاپو ائون © روشني 2019ع

ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزرز اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

GULISTAN

By: **Sheikh Saadi Shirazi**

Translated by: **Mollana Mohammad Qasim Soomro**

Composed by: Rafique Hussain Kolachi

Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

8th Edition © Roshni 2019

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد

پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد + ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد

ماسٽر اينڊ ماسٽر، حيدرآباد + شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدري ڪتب خانو پٽ شاهه

لال بخش نيوز ايجنسي، ٺٽو + ڪانياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو + ڪانياواڙ بوڪ اسٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو

نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + عبدالله بڪ سينٽر، بندر روڊ لاڙڪاڻو + سنڌيڪا بوڪ شاپ، لاڙڪاڻو

اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه + مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه + سليمان اينڊ برادرس مسجد روڊ، نواب شاهه

عوامي ڪتاب گهر، نواب شاهه + مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو + حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو + سڪندري ڪتاب گهر، ڪپرو

العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + شاهه لطيف ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + سنڌ ڪتاب گهر، عمرڪوٽ

ماڊرن ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو + ٿر ڪتاب گهر، مٺي

ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص + حلال ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص

حر ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ + محبوب سوڊو، سانگهڙ

سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو

مراد بڪ اسٽال، سيوهڻ + ساحر ڪتاب گهر، کهنڊي ميهڙ + عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ

مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين + عطار ڪتاب گهر، بدين

مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + سنڌيڪا بوڪ شاپ، سکر

فيضان بوڪ ڊيپو نيم جي چاڙهي، سکر + بخاري ڪتاب گهر، افغان سينٽر، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر

معڪ بوڪ شاپ، سکر + مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي + مدني ڪتاب گهر، پنوعاقل

سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور + مولوي عبدالحئي تاجر ڪتب، شڪارپور + صديق حيدر ڪتاب گهر، شڪارپور

تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

خيرپور بڪ اسٽال، خيرپورميرس + مڪتبه عزيزيه، کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

ڪنول ڪتاب گهر، مورو + حافظ ڪتاب گهر، مورو + ظفر ڪتاب گهر، گچيرو روڊ، مورو

ميمڻ بڪ ڊيپو نوشهرو فيروز + قاسميه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو + سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

گلستان جي پنجين ڇاپي لاءِ

ناشر طرفان

الحمد لله هن سنڌي گلستان کي سٺي مقبوليت حاصل ٿي، ۽ هڪ ٻئي پٺيان چار ڇاپا ڇپجي کپي چڪا ۽ ماڻهن طرفان خوب پسند ڪيو ويو. سفرنامن جي ليکڪ جناب الطاف شيخ چيو ته گلستان جي مترجم کي منهنجي طرفان مبارڪ پهچائجانءِ ۽ سنڌيڪا اداري جي سربراهه نور احمد سنڌيءَ چيو ته ڪنهن به ڪتاب جو سنڌي ترجمو ايئن هئڻ گهرجي جيئن گلستان جو هي ترجمو ٿيو آهي. ۽ مثنوي روميءَ جي حڪايتن جو سنڌي ترجمو هن طرز سان ٿئي ته ڪهڙو نه چڱو. محترم محمد ابراهيم صاحب جويو ٻڌايو ته گلستان بزار ۾ پهتو ته آءٌ خريد ڪري آيس پاڻ پڙهيم ۽ هاڻي پنهنجي ڌيءُ کي ڏنو اٿم جا پڙهي رهي آهي، ۽ هڪڙي هاريءَ ٻڌايو ته مون ٽي دفعا گلستان کي پڙهيو آهي، پر هر دفعي سان نئون لطف ڏنائين.

اڳ ۾ ڪمپيوٽر جي پراڻي لکائيءَ ۾ گلستان ڇپرايو ويو هو. پر هاڻي جيئن ته هر شيءِ ۾ ترقي ۽ سڌارو ٿيندو ٿو رهي ۽ ڪمپيوٽر جي لکائيءَ ۾ به سنڌي اکرن جا بهترين نمونا ايندا ٿا رهن، ان ڪري ضرورت محسوس ٿي ته گلستان کي نئين سنئين ڪمپوز ڪري ڇپرائجي، سو مترجم جي تعاون سان گلستان جو هي ايڊيشن توهان جي هٿن ۾ آهي. ڪن ڪن جملن ۾ مترجم معمولي تبديلي ڪري گلستان کي ويتر دلچسپ بنايو آهي. الله تعاليٰ شال هن ڪتاب کي اسان جي اخلاقي سڌاري جو سبب بنائي. آمين

پبلشر

فهرست

❖ سعدي شيرازيءَ جي سوانح 13

❖ گلستان سعديءَ جو تعارف 24

❖ مترجم طرفان 33

❖ گلستان جي مقدمي جو اختصار 36

باب پهريون

بادشاهن جا اخلاق ۽ آداب 45-86

1. بادشاهه ۽ قيديءَ جي ڳالهه 45
2. نصيحت 46
3. هڪ خواب جو تعبير 46
4. بندري شهزادي جي ڳالهه 47
5. ڏاڙيلن جي ڳالهه 49
6. سُلڇڻي چوڪر جي ڳالهه 53
7. ظالم بادشاهه جي ڳالهه 54
8. هڪ داناءَ جي سياڻپ 55
9. مرڻ مهل مبارڪ 56
10. هرمز بادشاهه جي ڳالهه 57
11. عرب جي ظالم بادشاهه جي دعا 57
12. حجاج بن يوسف لاءِ درويش جي دعا 58
13. ظالم جي ننڊ جاڳ کان ڀلي آهي 59
14. گهڻ خرچائو فقير جي ڳالهه 59

15.	سست بادشاهہ جي ڳالهہ	62
16.	وزارت کان بيزاري	62
17.	لومڙ جي ڳالهہ	62
18.	نيچ نوڪري	62
19.	ڍڪڄ ڍول ڍلائيون	66
20.	سخي دل شهزادي جي ڳالهہ	68
21.	نوشيروان بادشاهہ جو عدل	69
22.	ظالم عملدار جي پڇاڙي	69
23.	پلاند پراڻو نہ ٿئي	70
24.	سياڻي نينگر جو قصو	71
25.	جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کوٽي	72
26.	مصيبت ماڻهن کان نہ سمجهہ	73
27.	خدمت جو بدلو	75
28.	آهہ غريبان قهر خدائي	75
29.	عجيب نڪتو	76
30.	نالائق شاگرد جو قصو	76
31.	بي طمع درويش	78
32.	خدا جو خوف وڏي وٿ آهي	79
33.	ڪاوڙ ڪائڻ پلو ڪم آهي	80
34.	ڏينهن جو تارا ڪتيون	80
35.	ڪوڙي ماڻهوءَ جو قصو	81
36.	هارون رشيد جو انصاف	82
37.	چڱائي ڪرڻ چڱي آهي	82
38.	شال نہ وڃي شان	83
39.	موت نہ آهي مٺو	84
40.	بزرجمهر وزير جي سياڻپ	84
41.	عقل تي رزق ناهي	84
42.	نشئي بادشاهہ جو قصو	85
43.	بادشاهي ڪرڻ جا اصول	86

باب پيو 87-117

درويشن جي اخلاقن بابت 87

1. اندر جي خبر الله کي 87
2. تون پارس آءُ لوهه 87
3. حضرت پيران پير رحمة الله عليه جي دعا 88
4. فقير جي گهر ۾ چور 88
5. رڍن جي ويس ۾ بگهڙ 89
6. اندر مڙيوئي اگڙيون 91
7. بين کي گهٽ نہ سمجهہ 91
8. پنهنجو پاڻ سڃاڻ 92
9. ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن 92
10. ڪنڌيءَ سڪائين ڪانهن 93
11. ڪانهي ويل ويهڻ جي 94
12. صبر ۽ شڪر 94
13. دوستن جو در ڀهار 95
14. الله جو يادگيرو 96
15. دل ۾ درويشي ڏار 96
16. قادر جي قدرت 97
17. رياڪار درويش جي ڪهاڻي 97
18. نالائق کي نصيحت 98
19. ڳائٽي جي ڪرامت 98
20. لقمان حڪيم جي نصيحت 100
21. ڪاڏو گهٽ ڪائجي 100
22. ماڻهن جون ملامتون 101
23. گلا کان بچڻ جو علاج 102
24. تصوف جي حقيقت 102
25. مالڪ جي محبت ۾ مستان 102
26. حيران هزارين مان نہ رڳو 103
27. فقير بادشاهہ جي ڳالهہ 104

28.	شال مَ ملان هوت	105
29.	لطيفو	105
30.	سنگت کان رسڻ جو نتيجو	105
31.	عيال جو الڪو	106
32.	درويشيءَ جو زيور سادگي	107
33.	ناٽي جي ڳوٿري	109
34.	خيراتي ماني وٺڻ	109
35.	بکيو تاڙي ماني	110
36.	قرض سان علاج	110
37.	عالم ۽ عابد ۾ فرق	111
38.	ڪنهن کي حقارت سان نہ ڏس	112
39.	مرڻ کان اڳ نفس مارجي	112
40.	پردي ۽ جهنبڙي جو مناظرو	113
41.	پهلواني سهپ کي چئبو آهي	113
42.	چنڊ ۽ ڳنڍڻ الله خاطر	114
43.	عادت نہ ڇڏي عادتي	114
44.	ڪوجهيءَ زال جو قصو	115
45.	بادشاهيءَ ۽ فقيريءَ ۾ فرق	115
46.	اصلي طريقت	116
47.	گلن ۽ گاهہ جي سنگت	116
48.	شجاعت ۽ سخاوت	117

تيون بابت

118-141

قناعت جي فضيلت ۾

118

1.	قناعت ۽ سخا	118
2.	فرعون ۽ هامان جو ورثو	118
3.	يلي بک پرم جي	118
4.	ٿوري کائڻ ۾ تندرستي آهي	119
5.	کائڻ آهي جيئڻ ڪاڻ	120
6.	ڏبري ۽ ٿلهي جي ڳالهہ	120

7.	ٽورو ڪائجي	120
8.	تندرستي هزار نعمت	121
9.	قرض وڏو مرض	121
10.	ٻن جي دوا ڪان موت ڀلو	121
11.	غريبيءَ جي شڪايت ماڻهن آڏو نہ ڪجي	122
12.	ڏنو پير ٻني مراد	122
13.	ڪدڙي جي سخا	123
14.	حاتم ڪان وڏيڪ همت وارو	124
15.	رب سچاڻي سگ تو ڏني	124
16.	حڪمت	125
17.	بک ۾ موتي ڪهڙي ڪم جا	125
18.	اجايل جي آس	126
19.	چانديءَ ڪان هڪ گوگڙو ڀلو	126
20.	مليل نعمت تي شڪر ڪجي	126
21.	ميريائي ماڻ لهان	127
22.	جهڙا روح تهڙا ختما	127
23.	حريص جو پيٽ قبر ڀري	128
24.	مکي چوس موذيءَ جي ڳالهہ	129
25.	جنهن جي پڄي ايندي موت ان تي ايندو	130
26.	موت ڪان ڪاڏي ڀڄبو	131
27.	ظاهري ڏيک	131
28.	چوريءَ ڪان پنڻ چڱو	132
29.	سُڄي پهلوان جو سفر	132
30.	جنهن جو ڪائجي تنهنجو ڳائجي	141

باب چوٿون 142-148

خاموش رهڻ جي فائدن جي بيان ۾ 142

1.	دشمن جي نظر رڳو عيبن تي پوندي	142
2.	پنهنجي پريشاني دشمن آڏو ظاهر نہ ڪر	142
3.	ماڻهو ڳالهائڻ مان ڦاسي ٿو	142

4.	جاهل جو جواب خاموشي	143
5.	عالم ۽ جٽ جو قصو	143
6.	سحبان بن وائل جي فصاحت	144
7.	وڏي چريائپ ڪهڙي آهي؟	144
8.	پرائو راز لڪائجي	144
9.	پاڙو پُڇائي پوءِ ويهجي	145
10.	شاعر کي سزا	145
11.	نجوميءَ جا حال	146
12.	بي سُرو مولوي	146
13.	بي سُرو بانگو	147
14.	بي سرو قاري	148
	باب پنجون	149-166
	عشق ۽ جوانيءَ بابت	149
1.	دل پسند لوڪ پسند	149
2.	ڪبي جي گلن سان گستاخي	149
3.	قاتي ڪان پوءِ ڦتڪڻ ڪهڙو	150
4.	عشق نہ آهي راند	150
5.	اکين ۾ ٿي ويهہ	152
6.	جڏهن سڄڻ اچي اڱڻ	153
7.	متان ملڻ سان ماٺي ٿئي	153
8.	لطيفو	153
9.	آءٌ ڏسان نہ ڪو پيو	154
10.	عشق دانا بہ ديوانا ڪري	154
11.	محبت جي مُندَ	155
12.	ياري باشي	156
13.	ماٺهن جون ملامتون	156
14.	ڪانءَ ۽ طوطي جي ڳالهہ	156
15.	ڇڏ رسڻ جي ريت	157
16.	ويا مور مري	158

17.	عشق واري اُڃ	159
18.	تن ۾ تات تنهنجي	159
19.	نہ لائجي، نہ سور پرائجي	161
20.	ليليٰ جي سونهن	162
21.	هڪ قاضيءَ جو عشق	162
22.	جان ويجي، جانب بچي	166
باب ڇهون		167-172
پيريءَ ۽ ڪمزوريءَ بابت		167
1.	اڌوريون اميدون	167
2.	پيريءَ ۾ شادي	168
3.	سڪائڻ باسڻ سان ملندو پٽ	169
4.	اوکو پنڌ پهاڙ جو	170
5.	ٻار ٿيا ٻارائپ وئي	170
6.	ويچاري پوڙهي ماءُ	171
7.	سؤ نفلن کان صدقو بهتر	171
8.	جواني وئي زندگاني وئي	172
9.	چندو ڪير؟	172
باب ستون		173-191
تربيت جو اثر		173
1.	محنت بہ ڪنهن ماڻهوءَ تي اثر ڪندي	173
2.	هنر بادشاهہ آهي	173
3.	ٻار آهي مُڇ جو وار	174
4.	استاد جي مارَ ٻار لاءِ سنوار	175
5.	اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي	176
6.	نصيب اپنا اپنا	177
7.	رزق بدران رزاق کي ياد ڪر	178
8.	ذات ناهي ذات تي	178
9.	جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي	179
10.	اڻ سڌريل اولاد	179

11.	بالغ ٿيڻ جون نشانيون	180
12.	پلاري سفر جا ادب	180
13.	ڪڪائون گهر ۾ آتشبازي	181
14.	اڻ ڄاڻ تي ڪهڙي ميار	181
15.	قبر تي تختي	181
16.	زيردستن تي سختي	182
17.	ٻٽاڪي پهلوان جي ڳالهه	183
18.	پڪي ۽ ڪچي قبر	184
19.	ندوري نفس جون سڏون	185
20.	هڪ فقير سان سعديءَ جو مناظرو	185

<u>ائون باب</u>

192-124

سنگت جي ادبن بابت

192

شيخ سعدي شيرازيؒ جي سوانح

گلستان جي مؤلف سعديءَ جو اصل نالو "مشرف الدين مصلح" پيءُ جو نالو "عبدالله" ۽ تخلص "سعدي" آهي. شيخ مشرف الدين مصلح بن عبدالله شيرازي سعدي، ايران جي مشهور شهر "شيراز" ۾ پيدا ٿيو.

سندس ولادت جو سال پڪيءَ طرح سان معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ڪن مؤرخن 571هہ (1175ع) بعض سوانح نگارن 589هہ (1193ع) چند تاريخدانن 580 (1184ع) ڪن محققن 606هہ (1009ع) ۽ ڪن تذڪره نگارن 610هہ (1213ع) جو سال لکيو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ ڪا يقيني راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي، البتہ ڪجهہ دليلن جي روشنيءَ ۾، سندس ولادت جي تاريخ 585هہ (1189ع) کان اڳ متعين ٿئي ٿي، ڇوتہ:

1. شيخ سعديءَ گلستان ۾ هڪ هنڌ علامه ابن الجوزي رحہ کي پنهنجو استاد ۽ شيخ چيو آهي (1). جيڪو بغداد ۾ رهندو هو. ان جي وفات 597هہ ۾ ٿي. ابن الجوزيءَ وٽ تعليم حاصل ڪرڻ وقت، سندس عمر ڪنهن بہ صورت ۾ 12-13 سالن کان مٿي هئڻ گهرجي، ڇوتہ 7-8 سالن جو ڇوڪرو علم لاءِ سفر ڪيئن ڪري سگهندو؟

2. شيخ پنهنجي ڪتاب "بوستان" (2) ۾ پاڻ کي خطاب ڪندي فرمايو آهي تہ:

بيا اي که عمرت بهفتاد رفت۔ مگر خفته بودي که برباد رفت

(اي سعدي! هاڻي تہ موٽ ڪر، تنهنجي عمر ستر کان ٽپي وئي. شايد تون ننڊ پيو هئين، جو ڇمار ائين گذري وئي).

ان بيت ۾ شيخ صاحب پنهنجي عمر 70 سالن کان ٽپيل ٻڌائي رهيو آهي. بوستان جي تاليف 655هہ (1257ع) ۾ آهي (3). ان مطابق سندس ولادت 585هہ کان اڳ هئڻ گهرجي.

ننڍپڻ

شيخ سعديءَ جو ننڍپڻ لاڏ ڪوڏ سان گذريو. سندس والد صاحب، شيراز جي حڪمران "سعد زنگيءَ" جي دربار ۾ اعليٰ آفيسر هو. سندس والده بہ هڪ علمي گهراڻي سان تعلق رکندي هئي، پر خوشين جو اهو دور دائم نہ رهيو. سِتت ئي سندس والد صاحب، ننڍڙي سعديءَ کي ڇورڙو ڪري، رب ڏانهن راهي ٿيو. پاڻ لکي ٿو:

مرا باشد از درد طفلان خبر۔ که درطفلي از سر برفتم پدر (4)

(مون کي ٻارڙن جي درد ۽ دک جي پوريءَ طرح خبر آهي، ڇو تہ ننڍپڻ ۾ منهنجي سر تان بہ پيءُ جي شفقت جو ڇاڇو کڄي ويو هو).

والد جي وفات کان پوءِ سعديءَ جي سنڀال جو بار سندس والده محترمه تي اچي پيو. جيڪا سعديءَ جي جوانيءَ تائين زندهہ رهي ۽ پنهنجي پٽ جي پرورش، تربيت ۽ فهمائش ڪندي رهي.

تعليم

شيخ سعديءَ ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽ ۽ شيراز جي عالمن فاضلن وٽ حاصل ڪئي. اعليٰ تعليم لاءِ بغداد ويو ۽ اتان جي مشهور يونيورسٽي "نظاميه" ۾ داخل ٿيو. جيڪا نظام الملڪ طوسيءَ (5) 459 هہ ۾ قائم ڪئي هئي. هونئن بہ شيراز وارن جو "بغداد" سان گهرو لاڳاپو رهيو آهي. خواجه نظام الملڪ طوسيءَ جڏهن بغداد ۾ "جامعة نظاميه" جو بنياد وڌو تہ هن ان جو پهريون پرنسپل شيراز جي علامه ابو اسحاق شيرازيءَ کي مقرر ڪيو هو. (6) مدرسه نظاميه ۾ شيخ سعديءَ کي اسڪالر بہ ملندي هئي. جيئن پاڻ لکي ٿو تہ:

مرا در نظاميہ ادرار بود۔ شب روز تلقين وتکرار بود (7)

(نظاميه ۾ مون لاءِ وظيفو مقرر هو. رات ۽ ڏينهن تلقين ۽ سبقن دهرائڻ ۾ مشغول هوس).

شيخ سعدي نظاميه ۾ جن استادن وٽ پڙهيو. انهن ۾ سر فهرست علامه ابن الجوزي رحہ آهي، جيڪو تفسير، حديث، اسماء الرجال ۽ تاريخ جو امام ٿي گذريو آهي. گلستان ۾ هڪ حڪايت جي اندر شيخ سعديءَ ابن الجوزي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو خلاصو هي آهي تہ:

"شيخ ابن الجوزي کيس سماع جي محفلن ۾ شرڪت کان منع ڪندو هو پر هو مڙندو ڪونہ هو. نيٺ هڪ ٻي سري ڳائڻي جي راڳ کيس توبه ڪرائي ڇڏي" (8)

بيعت ۽ سلوڪ

تصوف ۽ سلوڪ جي تعليم، سهروردي سلسله جي شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي (متوفي 632هـ) کان حاصل ڪيائين. جنهن لاءِ لکي ٿو تہ:

مرا شيخ داناي مرشد شهاب، دو اندرز فرمود برروئي آب
يکي آنکہ بر خويش خود بين مباش، دگر آنکه بر غير بدبين مباش(9)

(منهنجي مرشد شيخ شهاب الدين، درياءَ ڪناري هلندي مون کي ٻہ نصيحتون ڪيون. هڪ تہ پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهہ، ٻيو تہ ٻين جي برائين ڏانهن نہ ڏس).

سير و سياحت

شيخ سعديءَ جڏهن ڪاغذن وارا ڪتاب پڙهي پورا ڪيا، تہ هن کي ڪائنات جي ڪشادي ڪتاب کي ڏسڻ ۽ ان جي مطالعي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ دنيا جي سير و سفر لاءِ نڪري پيو. 25_ 30 سالن جو عرصو سير وسياحت ۾ گذاريائين. جنهن دوران هو شام، عراق، فلسطين، مصر، آفريڪا، روم، آذربائيجان، ڪاشغر، تاتارستان، ترڪستان، خراسان، هندستان، يمن، عربستان ۽ ٻين ملڪن ۾ بي سرو سامان ۽ متوڪل فقيرن وانگر سفر ڪندو رهيو. مختلف قومن، قبيلن جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻي، رسم و رواج، ڪردار وڪلچر، بود و باش جو مشاهدو ڪندو رهيو مختلف مزاج جي ماڻهن سان گذاريندو رهيو. شيخ سعديءَ سفر اندر ڪيترين سختين ۽ مشقتن بہ سَٺيون.

• هڪ دفعي دمشق جي دوستن کان ڪاوڙجي، جهنگ ڏانهن ڪٽي منهن ڪيائين، جتي کيس عيسائين قيد ڪري، طرابلس (ترپپولي) جي چوڌاري کوٽجندڙ کاهيءَ (خندق) ۾ يهودين سان گڏ، مٽي ڍوئڻ جي ڪم تي هڻي ڇڏيو. حلب جو هڪ رئيس، جيڪو

سعديءَ کي سڃاڻندو هو سو اتان اچي لانگهائو ٿيو. شيخ سعديءَ کي اهڙي حال ۾ ڏسي چوڻ لڳو: اي سعدي! هي ڇا آهي؟ جواب ڏنائين: دوستن جي ڪچهرين کان ته گهٽو ٿي پڳس، پر تقدير کان ڪير ڀڄي؟ بهرحال ان رئيس رحم کائي، ڏهه دينار عيسائين کي عيوضو ڏيئي، سعديءَ کي آزاد ڪرايو ۽ کيس پاڻ سان گڏ حلب وٺي ويو. جتي سؤ دينارن جي ڪابين تي پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرايائينس. ڪجهه وقت کان پوءِ مائيءَ جو رينگٽ شروع ٿيو جهيڙا ڪرڻ لڳي، طعنا هڻڻ شروع ڪيائين. چي: تون اهوئي ته آهين؟ جنهن کي بابا سائينءَ ڏهن دينارن ۾ خريد ڪيو هو! شيخ سعديءَ به رڪت ڪانه ڪئي، جواب ۾ چيائينس: برابر! ڏهه دينار ڏيئي عيسائين جي قيد مان ته ڇڏايائين، پر سؤ دينار وٺي تنهنجي قيد ۾ اڙائي ڇڏيائين. (10)

• شيخ سعدي لکي ٿو:

مان ڪڏهن به زماني جي سختيءَ جي شڪايت ڪانه ڪئي. پر هڪ ڏينهن صبر جو دامن هٿ مان ڇڏائي ويو. منهنجي پيرن ۾ جتي ڪانه هئي، گرمين جا ڏينهن هئا. جتي خريد ڪرڻ جيترا پئسا به ڪونه هئا. ڏاڍو ڏک ٿيو. وهم ولوڙيندو سوچون سوچيندو ڪوفي جي جامع مسجد ۾ وڃي پهتس. اتي اوچتو هڪ اهڙي شخص تي نظر پئي، جنهن کي هٿي پير ڪونه هئا. ان وقت الله جو شڪر ادا ڪيم ته: اي منهنجا مولي! جتي نه آهي ته ڇا ٿيو پير ته آهن. (11)

شيخ سعديءَ جو هندستان اچڻ

شيخ سعديءَ هندستان جي سفر جو ذڪر به ڪيو آهي. لکي ٿو ته: (خلاصو) سومنات/ هندستان ۾ هڪ بت ڏٺم. جيڪو هيرن ۽ جواهرن سان ڏاڍو سينگاريل هو. مشرڪ ان جي آڏو مٿو ٽيڪي رهيا هئا ۽ روئي دعائون گهري رهيا هئا. هڪ پوڄاريءَ کان پڇيم ته: هن بي جان پٿر آڏو ايتري آهه و زاري ڇوٽا ڪريو؟ جواب ته ڪونه ڏنائين، رهندو مٿون ڪٽي ڦوڪيائين ۽ سڏو وڏي پنڊت کي وڃي ٻڌايائين. پوءِ مون لاءِ ته مسئلو ٿي پيو. بهرحال جان ڇڏائڻ لاءِ اٽڪل سوچيم ۽ ان پنڊت کي چيم: سرا! منهنجو اهو سوال اعتراض لاءِ نه، پر حقيقت

معلوم ڪرڻ لاءِ هو. جيئن حقيقت پڌري ٿيڻ کان پوءِ پوڄا ڪرڻ ۾ وڌيڪ لذت حاصل ٿئي. اتي ڪجهه اطمينان ٿيس ۽ چوڻ لڳو: ادا! ٻين ٻتن لاءِ برابر اوهان چئي سگهو ٿا، پر هي ڪو عام بت نہ آهي. هي بت سدائين صبح جو خدا جي آڏو هٿڙا کڻي، دعا گهرندو آهي، صبح تائين انتظار ڪر! سڀ ڪجهه سمجهہ ۾ اچي ويندئي.

مان بہ بت خاني ۾ اچي ڦاٿس، جيئن تيئن ڪري، اها رات گذارڻي هئي. شيخ سعدي اڳتي فرمائي ٿو تہ:

شبي همچو روزي قيامت دراز مغان گرد من بي وضو در نماز
کشيشان هرگز نيازرده آب، بغلها چون مردار در آفتاب
مگر ڪرده بودم گناهي عظيم، که بردم دران شب عذاب اليم

(اها رات قيامت جيڏي ڊگهي نظر پئي آئي، پوڄاري بنا وضوءَ جي عبادت ۾ شروع هئا. شايد هنن ڪڏهن بہ پاڻيءَ کي تڪليف ڪانہ ڏني هئي، انهن جي بغلن مان بدبوءِ ائين پئي اتي، ڄڻ ڪو مئل ڍور اُسَ ۾ پيل هجي. شايد مون کان بہ ڪو ڪبيرو گناهہ سرزد ٿيو هو جنهن جي سزا لوڙي رهيو هوس).

بهرحال جڏهن سياڳو صبح نروار ٿيو بت خاني ۾ هلچل مچي وئي. مان پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ انهيءَ بت پنهنجا هٿ مٿي کنيا، ماڻهن ۾ رڙيون پئجي ويون. اهو پنڊت پنهنجا ڦڪا ڏند ڪڍي، مون ڏانهن مشڪي نهاري رهيو هو. في الحال تہ ماٺ ڪرڻ ڏاران ڪو چارو ڪونہ هو. پوڄارين سان رلي ملي ويس. هڪ ڏينهن تلاش ڪندي، انهيءَ بت هيٺان ٺهيل تهہ خاني ۾ لهي ويس، ڇا ڏسان تہ هڪ بت پرست رسي هٿ ۾ جهليو ويٺو آهي، جنهن جو ٻيو ڇيڙو بت جي ٻانهن ۾ اهڙيءَ طرح ٻڌل هو جو رسي ڇڪڻ سان ان جون ٻانهون مٿي کڃي وڃن. راز فاش ٿي چڪو هو. بت پرست اتان وٺي ڀڳو. مون کي بہ جان جو خطرو ٿي پيو، مان بہ ان جي پٺيان پيس. کيس هڪ کوهہ ۾ ڌڪو ڏيئي، سومنات مان نڪري آيس ۽ يمن رستي حجاز وڃي پهتس. (12)

شيخ سعدي سنڌ ۾

شيخ سعدي هندستان ۾ اچڻ ۽ سومنات وارو قصو تہ وڏي طمطراق سان

ذڪر ڪيو آهي پر ڇا شيخ سعدي سنڌ ۾ آيو هو؟ ان بابت جهڙيءَ طرح تاريخ جا ڪتاب خاموش آهن، اهڙيءَ طرح خود سعديءَ به اهڙي وضاحت يا اشارو پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونه ڏنو آهي. البته گهوٽڪي ۽ ان جي آس پاس جي رهواسين وٽ هڪ زباني روايت مشهور آهي.

اها هيءَ ته شيخ سعدي عادلپور/گهوٽڪي ۾ آيو هو. جتي هڪ سنڌي عورت سان گفتگو ٿيس، مائي صاحبه شيخ سعديءَ جي گفتن کان متاثر ٿي چيو پئي: "اڙي صدقي ويس"، شيخ سعدي ان واقعي کي هنن بيتن ۾ بند ڪيو آهي:

(1)

در سند چون کردم گذر، افتاد بر حورم نظر
گفتم زلب بخشم ثمر، گفتا، اڙي صدقي ويس

(2)

گفتم باو اي نازنين، بگذر زچشم هيچ چين
بهر خدا سويم ببين، گفتا، اڙي صدقي ويس

(3)

گل رنگ بود او گلبدن، خرم خرامان در چمن
گفتم تبسم کن بمن، گفتا: اڙي صدقي ويس

(4)

سعدي فتاده بر درت، دائم بيارد ڪشورت
باشد هميشه چاڪرت، گفتا: اڙي صدقي ويس

ٻي روايت مطابق "اڙي صدقي ويس" جي بجاءِ "اڙي ماريو چريو" جو جملو آيل آهي.

جيئن ته اها روايت صرف زباني آهي، تنهنڪري ان جي تصديق نٿي ڪري سگهجي، پر ان جي برعڪس، بيتن جو مضمون ۽ جڙاوت، ڏس ڏئي ٿي ته اهي بيت شيخ سعديءَ جا نٿا ٿي سگهن، تنهنڪري اهو قصو جڙتو معلوم ٿئي ٿو.

وطن واپسي

آخرڪار 30 سال وطن جي وڇوڙي کان پوءِ شيخ سعدي سفر ۾ پيش

آيل، ڪيترائي مشاهدا ۽ تجربا ساڻ ڪٺي، وطن واپس وريو. ان وقت شيراز تي سعد زنگيءَ جو پٽ "اتابڪ ابوبڪر" حڪمران هو. جيڪا افراتفري، بگاڙ ۽ بدحالي، قتل و غارتگري، سعد زنگيءَ جي دور ۾ هئي، جنهن جي ڪري ئي شيخ سعدي شيراز ڇڏي هليو ويو هو سا هاڻي ختم ٿي چڪي هئي، هن وقت شيراز ۽ آسپاس جا علائقا، ابوبڪر بن سعد جي حسن تدبير سان امن و سڪون جا مرڪز بڻجي چڪا هئا. انهيءَ افراتفريءَ ۽ ابتريءَ ۽ بعد ۾ امن و امان جي صورتحال جو نقشو شيخ سعديءَ هنن لفظن ۾ چٽيو آهي:

همه آدمي زاده بودند ليڪن، چو گرگان بخون خوارگي تيز چنگي
چون باز آمدم ڪشور آسوده ديدم، پلنگان رها ڪرده خوئي پلنگي
چنين شد در ايام سلطان عادل، اتابڪ ابوبڪر بن سعد زنگي (13)

(سڀ شخص ظاهر ۾ هئا ته انسان جو اولاد، پر خونخواري ۾ بگهڙن وانگر تيز چنبن وارا ٿي پيا هئا. هاڻي جڏهن (شيراز ۾) موٽي آيو آهيان ته ملڪ آسودو ڏٺم. هاڻي ته درندن به پنهنجي درندگي ڇڏي ڏني آهي. اها ڀلائي اسان سان اسان جي عادل بادشاهه سلطان اتابڪ ابوبڪر بن سعد زنگيءَ جي دورِ حڪومت ۾ ٿي آهي).

شيخ سعديءَ جو زمانو

هيءُ اهو وقت ۽ زمانو هو، جو تاتارين ملڪن جا ملڪ فتح ڪري ورتا ۽ قتل وغارتگري جا رڪارڊ ٽوڙيا. جيڪو به انهن جي سامهون آيو، تنهن شڪست کاڌي. عباسي خلافت (جنهن جو آخري خليفو مستعصم بالله هو)، پوين پساهن ۾ هئي. جيتوڻيڪ ان جو ظاهري ٺاٺ باٺ، رعب ۽ دٻدٻو شان و شوڪت دشمنن کي روڪيو بيٺو هو، پر اندر ان جو کوکلو ٿي چڪو هو.

656 هه (1258) ۾ هلاڪو خان تاتاريءَ بغداد تي حملو ڪيو. خليفو مستعصم بالله قتل ٿي ويو. چاليهن ڏينهن تائين بغداد ۾ قرلٽ، مار ڌاڙ ۽ خونريزي جاري رهي، سورهن لک ماڻهو قتل ڪيا ويا. بغداد جا قيمتي ڪتب خانا، جيڪي ڪڏهن ته ساهه سان سانديا ۽ گرمجوشيءَ سان گڏ ڪيا ويا هئا، دجله دريا ۾ وڌا ويا، جن سان درياهه جو پاڻي ڪارو ٿي ويو. (14)

اهو واقعو شيخ سعديءَ جي حياتيءَ ۾ ٿيو بلڪ خود شيخ سعديءَ پنهنجي اکين سان ڏٺو.

نواب رحمة الله شيرواني جي ڪتب خاني ۾ علامه جارالله زمخشري (متوفي 538هه) جي تفسير ڪشاف جو تقريباً 900 سال قديم نسخو موجود آهي، جنهن تي ڪيترن ئي بادشاهن ۽ اميرن جون مهرون پڻ لڳل آهن. سڀ کان قديم مُهر 1155ع (545هه) جي آهي، ان تي هڪ مهر اڪبر بادشاهه جي به آهي.

مخطوطي جي سرورق تي شيخ سعديءَ جي هٿ اکري فارسي تحرير موجود آهي، جيڪا قديم هئڻ ڪري، جيتوڻيڪ ايتري واضح ۽ صاف نه آهي، ته به محنت سان پڙهي سگهجي ٿي. انهيءَ تحرير جو خلاصو هن ريت آهي:

”جنهن وقت بغداد تي مغلن (تاتارين) حملو ڪيو ۽ قتل عام شروع ڪيو بغداد کي باهه ڏني، رات جو وقت هو. مان ”مدرسه نظاميه“ جي هڪ حجري ۾ ويٺو هوس، هن تفسير جو مطالعو ڪري رهيو هوس. اوچتو ٻاهران هل هنگامو ٻڌم. ٻاهر اڪيلو نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. دوستن روڪيو پوءِ هڪ ساٿيءَ سان گڏجي نڪتم. تاتاري قتل عام ڪري رهيا هئا. جيڪو به سامهون ٿي آين، ان کي پٽي ڪناڻون. مون جان بچائڻ لاءِ پاڻ کي شهيد ٿيل مسلمانن جي لاش ۾ ڦٽو ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجو لباس لاهي، هڪ مردار تاتاري (مغل) جو لباس پاتم ۽ اتان وڃي پڳس. سڄو شهر باهين ۾ وڪوڙيل هو. مسلمانن جي گهرن جا سامان، ٻاهر ڍڳن ڍيرن جي شڪل ۾ رکيل هئا، جن کي باهه ساڙي رهي هئي. اهڙا هزار ڪن ڍڳ ته مون پاڻ ڳڻيا. واٽ تي هڪ مسلمان ڏٺم، جيڪو باهه وڪوڙيل گهر مان نڪري رهيو هو. مون کي مغل سمجهي ڀڄڻ لڳو. سڏ ڪيومانس ته: ميان! ڊڄ نه، مان مسلمان آهيان ته به ڀڄندو ٿي ويو. نيٺ جڏهن قسم کنيم تڏهن وڃي بيٺو. ٻڌايومانس ته: ادا! مڙئي جان بچائڻ خاطر ڪافرن جو لباس پاتو اٿم. بهرحال دجله درياءَ اکري، ديلم طرف هليو آيس. خبر پئي ته خليفة المسلمين کي به قتل ڪري ڇڏيو اٿن. انا لله وانا اليه راجعون. ڇنڇر جي رات پنجين جمادي الاول 656هه. مان آهيان ٻانهو ضعيف مصلح الدين سعدي غفرالله له. (15)

شيخ سعديءَ خليفي جي قتل تي هڪ درد انگيز مرثيو بہ چيو هو. جيڪو در حقيقت اسلامي حڪومت جي زوال جو مرثيو هو. اهو مرثيو اڄ بہ شيخ سعديءَ جي ڪليات ۾ شامل آهي. ان جو منڍ هن ريت آهي:

آسمان را حق بود گر خون ببارد برزمين
برزوال ملڪ مستعصم اميرالمومنين
اي محمدا! گرقيامت مي برآري سرزخاڪ
سربر آور وين قيامت در بيانِ خلق بين (16)

(آسمان کي حق آهي تہ پلي زمين مٿان، خون جو مينهن وسائي، ڇوتہ اميرالمؤمنين مستعصم بالله جي حڪومت ختم ٿي وئي. اي محمدا! ﷺ جيڪڏهن قيامت ڏينهن اوهان کي پنهنجو سر مبارڪ قبر مان ٻاهر آڻڻو آهي، تہ پوءِ هينئر ئي سر مبارڪ ٻاهر آڻيو (ڇوتہ قيامت جڻ اچي وئي آهي) ۽ هيءَ قيامت اچي ڏسو.

ٽي دور

ڊاڪٽر برائون شيخ سعديءَ جي زندگيءَ کي ٽن دورن ۾ ورهايو آهي. (17)

1. پهريون دور:

علم جي تحصيل ۽ مطالعي جو ابتدا کان 623هہ (1226ع) تائين.

2. ٻيو دور:

سير وسياحت وارو 623هہ (1226ع) کان 654هہ (1256ع) تائين.

3. ٽيون دور:

گوشه نشيني ۽ تاليف تصنيف جو. 654هہ (1256ع) کان 691هہ (1291ع) تائين.

"سعدي" لقب ڇو پيو؟

ان سلسلي ۾ محققن جا بہ رايا آهن. هڪڙن محققن جو چوڻ آهي تہ: "سعد زنگي" بادشاهہ جي نالي پٺيان "سعدي" لقب اختيار ڪيائين. ٻين عالمن جو چوڻ آهي تہ اهو لقب سعد زنگيءَ جي ڪري نہ. پر سعد زدنگيءَ جي پوٽي (اتابڪ ابوبڪر جي پٽ) سعد بن ابي بڪر بن سعد زنگيءَ جي

نالي پنيان اختيار ڪيائين. بهرحال حقيقت ڇا بہ هجي. شيخ جو اهو لقب يا تخلص ايتري تہ شهرت اختيار ڪري چڪو آهي، جو اڪثر ماڻهن کي سندس اصلي نالي جي بہ خبر نہ آهي، پر هن کي سعدي لقب سان ئي سڃاڻن ٿا.

تصنيفات

شيخ سعدي، جيئن ئي واپس شيراز ۾ پهتو تہ شيراز کان ٻورو ٻاهر هڪ خانقاهہ ناهي، گوشه نشين ٿي ويهي رهيو. کيس احساس ٿيو تہ، ڇو نہ پنهنجي زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن کي قلمبند ڪجي ۽ ڪائنات جي وسيع مطالعي کي ٻين تائين پهچائجي. اها ڳالهہ ڳڻتي اچي لکڻ ويٺو. 655هہ ۾ "بوستان" ۽ 656هہ ۾ "گلستان" جوڙي تيار ڪيائين. جيڪي شيخ سعدي جي مطالعاتي زندگيءَ جو نچوڙ آهن. انهن ٻنهي تصنيفن، شيخ سعديءَ کي شهرت جي اوج تي پهچائي، سندس عظمت ۽ شان کي لازوال ڪري ڇڏيو. ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب جوڙيائين.

1. ڪريما (ٻارن لاءِ اخلاقيات تي لکيل بهترين مثنوي آهي)
2. قصائد فارسي
3. قصائد عربيه
4. طيبات (غزليات جو پهريون ديوان)
5. بدائع (غزليات جو ٻيو ديوان)
6. خواتيم (غزليات جو ٽيون ديوان)
7. غزليات قديمه
8. صاحبيه (خواجه شمس الدين جي حڪم سان جوڙيل)
9. مطائبات وهزليات
10. مجالس پنجگانہ
11. نصيحة الملوڪ
12. رسالہ عقل وعشق
13. تقريرات ثلاثہ

وفات ۽ مدفن

اڪثر مؤرخن ۽ تذڪره نگارن سندن وفات جو سال 691هہ مطابق 1291ع لکيو آهي. يعنيِ: شيخ سعدي تقريباً 110 سالن جي عمر ۾ سن 691هہ ۾ شيراز ۾ وفات ڪري ويو. پنهنجي خانقاه ۾ ئي دفن ٿيو. جيڪا "سعدي" جي نالي سان مشهور آهي.

گلستان سعديءَ جو تعارف

فارسي ادب ۾ چار ڪتاب ٻين ڪتابن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول آهن.

1. شاهنامہ فردوسي
2. ديوانِ حافظ شيرازي
3. مثنوي مولوي رومي
4. گلستانِ سعدي

پر انهن چئني ڪتابن مان زياده شهرت ۽ قبوليت "گلستان سعدي" کي حاصل ٿي آهي، جنهن کي پڙهندي، پڙهائيندي ۽ مطالعو ڪندي سادا ست سؤ سال (750) ٿي چڪا آهن. ان وچ ۾ اهو ڪتاب لکين استادن پڙهايو ۽ ڪروڙين شاگردن پڙهيو. گلستان جا هزارين قلمي نسخا اڄ بہ ڪيترن ڪتب خانن ۾ موجود آهن. ڇاپي نسخن جو تہ شمار ئي ڪونہ آهي. دنيا جي تقريباً هر ڪتب خانہ ۾ "گلستان" ڇاپي يا قلمي صورت ۾ ضرور ملندو. دنيا جي هر سڌريل ٻوليءَ ۾ ان جا ترجما ٿي چڪا آهن.

گلستان جي مقبوليت جو راز

اخلاق و آداب جي موضوع تي سوين ڪتاب لکيل آهن، پر اهي ڪهڙا اسباب آهن ۽ ڪهڙيون خصوصيتون آهن؟ جن جي ڪري "گلستان سعدي" کي ايڏي مقبوليت حاصل ٿي، جو هر هڪ شخص ٻين ڪتابن جي ڀيٽ ۾، گلستان کي جيءَ ۾ جايون ٿو ڏئي، جنهن جي دلڪشي ۽ هر دلعزيزي سادين ست سؤ سالن کان قائم آهي. ممڪن آهي تہ هينيون خصوصيتون، گلستان جي مقبوليت جو راز هجن.

1. گلستان ۾ نظم ۽ نثر جو جيڪو امتزاج (ملاوت) آهي، ان کي

شيخ سعدي ئي نباهي سگھيو آهي. نظم ۽ نثر جي اهڙي هم آهنگي ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ نہ آهي.

2. گلستان ۾ شيخ سعدي، ڪنهن ٻئي شاعر جا شعر نقل ڪونہ ڪيا آهن، بلڪ نظم ۽ نثر ٻئي سندس طبعزاد آهن.

3. گلستان جو نثر جيتوڻيڪ مسجع ۽ مقفيٰ آهي، پر تصنع ۽ تڪلف کان بلڪل خالي، بناوٽ کان بي نياز آهي. نظم تہ دلنشين آهي ئي آهي.

4. گلستان جو اسلوبِ بيان (بيان جو طريقو) تمام عمدو آهي. مختصر ۽ ٿورڙن لفظن ۾ پورو مقصد بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

5. گلستان جي اندر جيڪي واقعات ۽ قصا بيان ٿيل آهن، سي صرف ٻڌ تي مبني نہ آهن، بلڪ شيخ سعديءَ جي تجربن ۾ آيل ۽ حقائق تي ٻڌل آهن.

6. پورو ڪتاب، تعليم و تربيت، تهذيب و اخلاق، تصوف و عرفان، تمدن ۽ عمرانيات جي نڪتن سان ڀرپور آهي.

7. گلستان ۾ هر طبقي جي اخلاقي گهٽتاين، سماجي ڪمزورين ڏانهن اشارو ڪندي، حقيقت کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ نصيحت ڪئي وئي آهي.

گلستان جي تتبع ۾ لکيل ڪتاب

گلستان جي مقبوليت کي ڏسي، ان جي طرز تي ڪيترن ئي فاضلن، ڪتاب جوڙيا. ملا جامي رحہ "بهارستان" لکيو. امير خسرو دهلويءَ "شڪرستان"لکيو. مجدالدين خوافي "خارستان" لکيو. حبيب قاآنيءَ "پريشان" لکيو پر گلستان جيتري شهرت حاصل نہ ڪري سگهيا. جڻ تہ نالا ئي نوان ٿا لڳن.

اين سعادت بزور بازو نيست۔ تا نہ بخشد خداي بخشنده (سعدي)

دنيا جي ٻولين ۾ گلستان جا ترجما

گلستان جي ڪجھہ ٽڪرن جو ترجمو خود شيخ سعديءَ جي آخري عمر ۾ علامه فضل الله شيرازيءَ عربيءَ ۾ ڪيو هو. ان کان

پوءِ گلستان فارسي جو پهريون پهريون مڪمل ترجمو عربي ٻوليءَ ۾ ٿيو هو جيڪو ڪيترين صدين تائين عرب، شام، روم ۽ مصر ۾ مروج ۽ مقبول رهيو. (18)

پيا عربي ترجما:

1. گلستان عربي مترجم از يعقوب بن سيدي علي متوفي 931هه
2. گلستان ترجمو عربي - از مصطفيٰ بن شعبان سروري 969هه (19)
3. جلستان ترجمو عربي گلستان از خواجه جبرئيل افندي تاليف 1258هه (20)
4. روضة الورد (ترجمه عربي گلستان) از محمد فراتي (21)

ترڪي ترجما:

1. ترجمه گلستان از رشاد پاشا (سلطان عبدالحميد جوبرادر) (22)
2. ترجمه گلستان از مولانا اسعد افندي (23)

اهي تہ صرف ترڪي ترجما آهن. ترڪي ٻوليءَ ۾ گلستان جا شرح بہ ڪافي لکيل آهن. (24)

اردو ترجما:

گلستان جي اردو ترجمن جو شمار ڪونهي. البتہ نموني خاطر صرف 4 ترجما ذڪر ڪجن ٿا.

1. باغ اردو ترجمه گلستان، از مير شير علي افسوس، 1216هه (25)
2. گلستان اردو، از فريدالدين آفاق دهلوي 1233هه (26)
3. چمنستان ترجمه گلستان، از منشي گوپال ڪرشن (27)
4. گلاب ارمغان، از محمد منير لڪنوي (28)

پشتو ترجما:

1. گلدسته، از عبدالقادر ولد خوشحال خٽڪ 1124هه (29)
2. گلستان مترجم پشتو از راحت الله زاخيلي.
3. گلستان مترجم پشتو از امير محمد انصاري (30)

پنجابي ترجما:

1. گلستان منظوم ترجمه پنجابي، از حڪيم فضل الاهي (31)
2. ترجمه گلستان از سيد غلام مصطفيٰ نوشاهي (32)
3. ترجمه گلستان، از عبدالغفور اظهر 1918.

لاطيني ترجما:

1. گلستان مترجم از جنتيس، طبع امسٽرڊم هاليند

فرانسيسي ترجما:

1. گلستان مترجم از ڊوائر، طبع پيرس 1634م
2. گلستان متجرم از گاڊين 1789ع
3. ترجمه گلستان از سيماليٿ 1834ع

جرمن ترجما:

1. گلستان مترجم از "اولي ايريس" طبع سليزوگ 1654ع
2. ترجمه گلستان از اچ گراف طبع ليپزگ 1846م
3. ترجمه گلستان از بي. ڊورن (B.Dorn) طبع، همبرگ 1827ع
4. ترجمه گلستان از نسلمن (Nessel mann) طبع، برلن 1864ع
5. ترجمه گلستان از چومل (Schummel) 1775ع
6. ترجمه گلستان از عمر علي شاهہ 1977ع.

ڊچ ترجما:

1. ترجمه گلستان بزبان ڊ چ طبع امسٽرڊ م 1654ع
2. ترجمه گلستان از بلڊرڊيڪ (W. Bilderdijk) طبع 1827ع

انگريزي ترجما:

1. ترجمه گلستان از جيمس ڊيمولين، ط: ڪلڪته 1807ع
2. ترجمه گلستان ازگليڊون، طبع لنڊن 1808ع
3. ترجمه گلستان از ايس. لي (S.Lee) لنڊن 1827ع
4. ترجمه گلستان از ايسٽوڪ، طبع هرٽ فورڊ 1852هہ

5. ترجمه گلستان از جانسن (Johnson) لنڊن 1863ع
6. ترجمه گلستان از پليٽس (T.Platts) لنڊن 1876ع
7. ترجمه گلستان از ٽي. ونفيلڊ, لنڊن 1880ع
8. ترجمه گلستان مترجم نامعلوم, بنارس 1888ع
9. ترجمه گلستان از آرنولڊ, نيويارڪ 1899ع
10. ترجمه گلستان از Renatsek, لنڊن 1964ع
11. ترجمه گلستان از جيمز راس, طبع ايشياٽڪ سوسائٽي (33 الف)

اطالوي ترجما:

1. ترجمه گلستان از ون چن ٽي (Vincenti) طبع ناپل 1873ع

رومانيائي ترجما:

1. ترجمه گلستان از پوپسڪو سيوڪينل (Popescu co canal), طبع بخارسٽ 1905ع

روسي ترجما:

1. گلستان جو پهريون روسي ترجمو از نازين (Nazian) 1857ع
2. ترجمه گلستان از رستم موسي اوغلي, طبع ماسڪو 1959ع
3. ترجمه گلستان (ڪجھ حصو) از بينٿل (Benthel) طبع, برلين 1923ع

لهستاني ترجما:

1. ترجمه گلستان از بيبرسٽين (Biberestein) طبع پيرس 1879ع
2. ترجمه گلستان از آٽِونوسڪي (Otwinowski) طبع, ورشو 1879ع

البانوي ترجما:

1. ترجمه گلستان بزبان الباني از حافظ علي. طبع, تيرانا 1925ع (33 ب)

سنڌي ٻوليءَ ۾ گلستان سعديءَ جا ترجما

دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ شيخ سعدي جي ڪتابن

سان پاڻ ملهايو آهي. ڪريما، بوستان ۽ گلستان جا ڪيترائي سنڌي ترجما منهنجي نظر مان گذريا آهن. گلستان جي سنڌي ترجمن جو تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو.

1. گلستان جو سنڌي ترجمو، نثر جو نثر ۾، نظم جو نظم ۾، مترجم: غلام محمد شاهواڻي (متوفي1950) 2 ڀاڱن ۾ شايع ٿيو. پهريون ڀاڱو 3 بابن تي مشتمل "گلستان بهار" جي نالي سان ۽ ٻيو ڀاڱو 5 بابن تي مشتمل "ادبي خزانو" جي نالي سان پڌرو ٿيو. (34)
2. گلستان جي گلڪاري، گلستان جي صرف نظمن (نثر نہ) جو منظوم سنڌي ترجمو آهي، جيڪو شاهنواز جمال الدين پيرزادي تيار ڪيو. (25)
3. حڪايات گلستان، مترجم مقبول احمد ڀٽي، گلستان جي چوند ڪهاڻين تي مشتمل آهي. (36)
4. گلستان سنڌي حصو پهريون، (37)
5. گلستان ٽيون باب سنڌي(38)
6. گلستان سنڌي، مترجم 4 باب مع ديپاچه. مترجم مولانا عبدالواحد شيخ ٽريجاڻوي. هي ترجمو تحت اللفظي آهي، اڃا ڇپيو نہ آهي.

نئين سنڌي ترجمي جي ضرورت

جيئن تہ مٿي ذڪر ڪيل، گلستان جي سنڌي ترجمن مان، غلام محمد شاهواڻيءَ واري ترجمي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ترجمو گلستان جو مڪمل ترجمو ڪونہ هو ۽ شاهواڻي جو ترجمو بہ جيتوڻيڪ ٻين ترجمن جي ڀيٽ ۾ مڪمل آهي، پر ان ۾ بہ ڪافي حڪايتون ڇڏيل آهن. شاهواڻي صاحب بيتن جو ترجمو بيتن ۾ ڪيو آهي. جنهن سان حڪايت جي اصل مفهوم سمجهڻ ۾ ڏکيائپ محسوس ٿئي ٿي. ان سان گڏ، نثر جي ترجمو ڪندي، تڪبندي ۽ سجع ۾ تڪلف کان ڪم ورتو ويو آهي. ان ڪري ضرورت هئي تہ "گلستان" جهڙي عظيم الشان ڪتاب کي، سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو لباس پارائجي، جيڪو گلستان جي مڪمل ترجماني ڪري، نثر ۽ نظم ٻنهي جو ترجمو نثر ۾ هجي، جيڪو تڪبنديءَ جي تڪلف

ڪان خالي، سليس ۽ سلوڻو هجي. جيئن گلستان جي حڪايتن ڪي سمجهڻ ۾ دقت نہ ٿئي. انهن ڳالهين کي سامهون رکي، اسان جي والد صاحب محترم مولانا محمد قاسم سومرو صاحب جن، گلستان جو نهايت آسان ۽ سولو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جنهن ۾ گلستان سعدي جي حڪايت جو مفهوم، بنا ڪنهن تڪلف جي، سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن هر هڪ شخص گلستان پڙهي ان مان لاڀ پرائي سگهي. دعا آهي تہ الله پاڪ هن ترجمي کي قبول ڪري ۽ مقبول بڻائي. آمين

(مولوي) محمد ادريس سومرو بن مولانا محمد قاسم سومرو

استاد الجامعة العربية انوارالعلوم، ڪنديارو

20 ربيع الثاني 1418هہ

25 آگسٽ 1997ع

حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. گلستان- باب پيو- حڪايت 19.
2. بوستان- باب نائون.
3. ڏسو: بوستان- سبب نظم ڪتاب.
4. بوستان- باب پيو.
5. هيءَ اهوئي نظام الملڪ طوسي آهي، جنهن جو "سياستنامه" ڪتاب مشهور آهي.
6. تاريخ ملت (اردو) جلد 2، تاليف سجاد ميرٺي ۽ انتظام الله شهابي، ص 553.
7. ڏسو: بوستان- باب ستون.
8. ڏسو: گلستان- باب پيو- حڪايت 19.
9. شعرالعجم، حصو دوم، از علامه شبلي نعماني، 32.
10. گلستان- باب پيو- حڪايت نمبر 30.
11. گلستان- باب ٽيون- حڪايت نمبر 19.
12. بوستان- باب اٺون
13. حيات سعدي، از الطاف حسين حالي، طبع لاهور، ص 35.
14. تاريخ ملت (اردو) جلد 2، تاليف سجاد ميرٺي ۽ انتظام الله شهابي، ص 553.
15. سهرورد (10) سهرورديه فائونڊيشن لاهور، مارچ 1991ع، ص 129.
16. ڪليات سعدي، محسن رمضاني، طبع ايران، ص214.
17. مقدمه گلستان، مترجم اردو مولوي عبدالباري آسي، ص 5.
18. حيات سعدي، از الطاف حسين حالي، طبع لاهور، ص71.
19. ڪشف الظنون، حاجي خليفه.
20. گلستان جو جلستان نالي اهو عربي ترجمو اردو ترجمي "سنبلستان" سان گڏ لکنؤ مان شايع ٿيل، مون وٽ موجود آهي.
21. تازه دار طلاس، دمشق طرفان شايع ٿيو آهي، هاڻي ڪراچيءَ مان بہ قديمي ڪتب خاني طرفان شايع ٿيو آهي.
22. حيات سعدي، از الطاف حسين حالي، طبع لاهور، ص 71.

.23 كشف الظنون- حاجي خليفه.
.24 حوالو ساڳيو.
.25 مجلس ترقي ادب لاهور طرفان شايع ٿيو 1383هہ ۾.
.26 اجا شايع نہ ٿيو آهي.
.27 مراز عبدالغفار 1903ع ۾ شايع ڪيو.
.28 مطبع مجيدي ۾ 1360هہ ۾ ڇپيو.
.29 پشتو اڪيڊمي پشاور طرفان 1381هہ ۾ شايع ٿيو.
.30 اهي ٻئي ترجما ڪتب خانه رحمانيه پشاور طرفان شايع ٿيا.
.31 سراج الدين اينڊ سنز تاجر ڪتب طرفان 1357هہ ۾ ڇپيو.
.32 اداره معارف نوشاهيه طرفان 1385هہ ۾ ڇپيو.
.33الف: يورپي ٻولين ۾ ٿيل گلستان جي ترجمن جو ذڪر الطاف حسين حالي جي ڪتاب "حيات سعدي" ۽ ذڪر جميل سعدي، فارسي ج 2 (سعدي بابت مقالن جو مجموعو 3 جلدن ۾ ايران مان ڇپيو آهي) تان ورتل آهي.
.33ب: ذڪر جميل سعدي مجموعه مقالات فارسي طبع ايران ج 2.
.34 "گلشن بهار" سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان 1939ع ۽ 1946ع ۾ ۽ "ادبي خزانو" آر. ايڇ احمد طرفان 48- 55- 1965ع ۾ شايع ٿيو.
.35 "گلستان جي گلڪاري" بوستان جي بهاري ۽ حافظ جي هڪل، ٿنهي کي گڏ ڪري، "سڳوري سعديءَ جا سخن" جي نالي سان 1965ع ۾ مترجم پاڻ شايع ڪيو.
.36 نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان شايع ٿيو.
.37 هن ترجمي جو ذڪر ڪريما سنڌي، ڇپرايل شولداس ٽانور داس شڪارپور 1914ع جي آخري صفحي تي اداره طرفان ڇپرايل ڪتابن جي فهرست اندر موجود آهي. البتہ مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو.
.38 هن ترجمي جو ذڪر ڪتاب "مدد پناهہ الزائرين" ڇپرايل پوڪرداس شڪارپور جي سرورق جي اندران ڏنل ڪتابن جي فهرست ۾ موجود آهي. مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو.

مترجم طرفان

نَحمَدُهٗ ونُصَلي عَليٰ رَسُولِهِ الڪريم. اما بعد

انسان جو علم سان واهپو تمام پراڻو آهي. انسانن جي ابي حضرت آدم عليه السلام کي اڃا روح پيو ئي مس ته الله تعاليٰ ڪاڏي پيتي کان اڳ ۾ علم عطا ڪيس. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

وَعَلَّمَ آدَمَ الْأَسْمَاءَ كُلَّهَا.

يعني، آدم عليه السلام کي نالن جو علم سيکاريائين. علم پاڪ شيءِ آهي. ان کي حاصل ڪرڻ مان مقصد رڳو هي هجڻ گهرجي ته، علم سان انسان جو اخلاق سڌري، هو معاشري ۾ ماڻهپي سان رهي.

اسان جي ملڪ ۾ ماحول ۾ اڄڪلهه ٻه تعليمون رائج آهن. هڪ ديني مدرسن واري تعليم، جنهن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويندو آهي ته، پڙهندڙ با اخلاق بڻجن ۽ دل ۾ خدا جو خوف پيدا ٿئين ۽ ٻي تعليم آهي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن واري، جيڪا لارڊ ميڪالي جي بنايل اصولن مطابق ڏني وڃي ٿي. اهڙي تعليم حاصل ڪرڻ مان، شاگرد جو مقصد رڳو هي هوندو آهي ته هو پڙهي نوڪري وٺي ۽ سکيو پيٽ پالي سگهي. اهو سبب آهي جو ان تعليم ۾ اخلاقيات تي ڪو خاص توجهه ڪونه ٿو ڏنو وڃي. ظاهر آهي ته پاڪ علم کي پيٽ پالڻ جو ذريعو بنائڻ نسورو ناحق آهي.

ديني مدرسن ۾ اول ٻه چار فارسي ڪتاب مثلاً "پهلي فارسي" "ڪريما" "نام حق"، "پندنامه" "گلستان" ۽ "بوستان" پڙهايا وڃن ٿا. ان کان پوءِ عربيءَ جي تعليم ڏني وڃي ٿي. جيئن طالب العلم قرآن ۽ حديث کي آسانيءَ سان سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري با اخلاق بڻجي سگهن.

جيتوڻيڪ قرآن پاڪ اخلاق سيکارڻ لاءِ سڀ کان اعليٰ ۽ اهم ڪتاب آهي. جيئن حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو هو ته (كَانَ خُلُقُه القرآن) يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو اخلاق مبارڪ قرآن پاڪ مطابق ٿي هو. ان هوندي به ڪيترن اڳين عالمن اخلاقيات تي ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. مثلاً امام غزالي رحمةالله عليه عربي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ شيخ سعدي رحمة الله عليه به چار ڪتاب لکيا. مثلاً ڪريما، گلستان، بوستان وغيره. انهن ٽن ڪتابن مان گلستان کي پوري دنيا ۾ خاص شهرت حاصل ٿي.

دنيا جي مختلف ٻولين مثلاً لاطيني، فرينچ، جرمن، ڊچ، انگريزي، عربي، اردو وغيره ۾ گلستان جا ترجما ٿيا. فارسيءَ ۾ ان جا ڪيترا شرح لکيا ويا. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سوين دفعا گلستان ڇاپيو ويو. ماڻهن ان کي وڏي چاهه ۽ شوق سان پڙهيو. ڪيترن عالمن ۽ بزرگن گلستان جي نموني تي، نخلستان، خارستان، پريشان وغيره نالن سان ڪتاب لکيا ۽ شايع ڪرايا، پر انهن کي ڪا مقبوليت حاصل نه ٿي.

گلستان جي ٻولي به عجيب ۽ دلچسپ آهي، پر ان شخص لاءِ جيڪو فارسي سکي، پوءِ ڪنهن ڄاڻو استاد وٽ گلستان پڙهي. شيخ سعديءَ جو اصلي ڪمال تڏهن ٿي نظر اچي سگهندو. ان کان سواءِ گلستان ۾ لکيل آکاڻيون نهايت دلچسپ، وڻندڙ ناصحانه ۽ هر انسان جي دل تي اثر ڪندڙ آهن. شيخ سعديءَ گلستان ۾ پنهنجي زندگيءَ جا اکين ڏٺل يا ٻڌل ۽ پسند ڪيل واقعا لکيا آهن. شايد ان ڪري هن ڪتاب کي دنيا ۾ ايڏي مقبوليت ملي آهي، پر حقيقت ڪجهه ٻي طرح آهي.

اين سعادت بزور بازو نيست۔ تانه بخشد خداء بخشنده

يعني: اها خوشقسمتي پنهنجي وس جي ڳالهه نه آهي، پر جنهن کي مالڪ سائين مهرباني ڪري ڪٽي نوازي، هت به ائين سمجهڻ گهرجي.

مون 1957ع ڌاري ڪنڊيارو جي مدرسي انوارالعلوم ۾ حضرت سائين پير شريف وارن بزرگن (مرشدي واستادي سائين مولانا

عبدالڪريم صاحب) وٽ گلستان پڙهيو. تڏهن ٻارائپ واري زماني ۾ بہ گلستان ڏاڍو وڻيو. گلستان جون ڪيتريون آکاڻيون ۽ ڪيترا بيت ان وقت ئي ياد ٿي ويا.

ان وقت کان وٺي دلي شوق هوندو هو تہ گلستان جو آسان سنڌيءَ ۾ ترجمو هجڻ گهرجي. جيئن هرڪو سنڌي، سعديءَ جي سخنن مان لاڀ پرائي سگهي. جيتوڻيڪ گلستان جي ڪجهہ حصن جا سنڌيءَ ۾ ترجما هن کان اڳ لکيا ويا ۽ شايع بہ ٿيا آهن، پر سڄي گلستان جو سنڌي ترجموڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. ان کان سواءِ اڳ ۾ ٿيل ترجمن ۾ نثر جو ترجمو نثر ۾ ۽ نظم جو ترجمو نظم ۾ ڪيو ويو هو. جنهنڪري، آکاڻي جو مزو ئي نڪري پئي ويو.

مون هن ترجمي ڪندي ڪوشش ڪئي آهي تہ گلستان جو آسان ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿئي. پوءِ ڪٿي ڪٿي ڪو سنڌي پهاڪو يا چوڻي ٺهڪي ٿي آئي تہ اها پنهنجي طرفان لکي ٿي ڇڏيم ۽ فارسي عربي بيتن جو ترجمو بہ نثر ۾ ئي ڪيم. جيئن آکاڻيءَ جو لطف برقرار رهي ۽ آکاڻين تي پنهنجي طرفان مناسب عنوان ڏئي انهن کي دلچسپ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

دل سان اقراري آهيان تہ گلستان جي مرتبي جي مطابق هي ترجمو نہ ٿيو آهي. هن ترجمي ۾ ڪيتريون ئي اوڻايون هونديون، پر مون پنهنجي سمجهہ ۽ لياقت آهر جاکوڙ ڪئي آهي. نيت اها اٿم تہ اسان جا نوجوان، ننڍا خواه وڏا گلستان جي آکاڻين کي پڙهن ۽ ان جي نصيحتن تي عمل بہ ڪن. الله تعاليٰ شال منهنجي هن اڻ پوري محنت کي قبول فرمائي، آمين.

محمد قاسم سومرو

ڪنڊيارو

20_ محرم1417هہ

گلستان جي مقدمي جو اختصار

بسم الله الرحمن الرحيم

الله جا اڻ ميا احسان ۽ سندس ڪرم، جنهن جي اطاعت، وٽس ويجهڙائيءَ جو سبب آهي ۽ سندس احسانن جو دل سان شڪر ڪرڻ، ويتر وڌي نعمت آهي. اسان جيڪو ساهه کڻون ٿا تہ ان سان زنده رهون ٿا ۽ جڏهن ڪنيل ساهه ٻاهر ڪڍون ٿا تہ فرحت محسوس ڪريون ٿا. پوءِ تہ هڪ هڪ ساهه کڻڻ سان الله جو بہ نعمتون موجود ٿيون ۽ هڪ هڪ نعمت جو شڪر ڪرڻ جڳائي. تڏهن الله تعاليٰ فرمايو:

اعمَلُوا آلَ دائود شڪراً وَقَلِيلٌ مِن عِبادِيَ الشَّكُور

(اي دائود عليه السلام جي اولاد! الله جو شڪر ڪريو ۽ شڪر ڪرڻ وارا ٻانها ٿورڙا ئي هوندا آهن).

ٻانهي لاءِ ان ۾ ڀلائي آهي تہ، پنهنجي اوڻاين جو اقرار ڪري، نہ تہ الله تعاليٰ جي واڪاڻ ۽ سندس شڪر، جيترو ڪرڻ جڳائي، اوترو ڪير بہ ڪري نہ سگهندو.

ان مالڪ جي مهربانين جو مينهن اڻ مَيو آهي. سندس نعمتن جو دسترخوان هر جاءِ تي عام وڇايل آهي. اهو ٻاجهارو الله گنهگارن کي بہ خوار ڪونہ ٿو ڪري ۽ دشمنن جي روزي بہ بند نٿو ڪري. سندس عام سخا جاري آهي.

اي مهربان مالڪ! تون جڏهن پنهنجي خزاني مان، ڪافرن، منڪرن ۽ مخالفن کي بہ وقت ويلي تي روزي پهچائين ٿو ۽ انهن تي بہ تنهنجون نوازشون جاري آهن تہ تون پنهنجي دوستن ۽ ٻانهڙن کي ڪيئن محروم ۽ نااميد ڪندين؟

الله سائينءَ هن ڌرتيءَ تي قسمين قسمين ٻوٽا اپايا. وڻن ۽ ٻوٽن کي

ساوڪ ۽ گلن سان سينگاريو. بهار جي مند ۾ انهن کي ويتر ڇهچ سائو ۽ وٽندڙ ڪيو. ماڪيءَ جي مکن لاءِ گلن ۾ ميٺاج رکيو. الله سائينءَ آسمان، سج چنڊ ۽ ڪڪرن کي انسانن جي فائدي لاءِ بنايو ۽ انسانن جي رزق جي تياريءَ ۾ سيني کي خادم بنائي رکيو آهي. اي انسان! ان هوندي به تون الله کان غافل هجين ته اهو ڪهڙو انصاف چئبو!

سرور ڪائنات، فخر موجودات رحمة للعالمين، سمورن انسانن ۾ مقبول ترين خاتم النبيين، شفيع مطاع نبي ڪريم قسيم جسيم بسيم وسيم، شفيع المذنبين، جنهن جي اطاعت اسان تي فرض آهي، سخاوت سان ونڊ ورهائڻ وارو عظيم الشان هميشه مسڪرائيندڙ خوبصورت نبي،

بلغ العلي بکما لہٖ ڪشف الدجيٰ بجمالہٖ
حسنت جميع خصالہٖ صلوا عليه وآلہٖ

جنهن پنهنجي ڪمال سان وڏو رتبو ماڻيو ۽ پنهنجي جمال سان، اونداهين کي روشنيءَ ۾ تبديل ڪيو جنهن جي هر خصلت ۽ سيرت قابل تحسين آهي، يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ

چه غم ديوار امت راکه دارد چون توپشتيبان
چه باڪ از موج بحر آن راکه باشد نوح کشتيبان

جنهن جي ٽيڪ تي هن امت جي ديوار قائم آهي. ڀلا جنهن ٻيڙي کي حضرت نوح عليه السلام جهڙو هلائيندڙ هجي ته ان کي درياءَ جي لهرن ۽ لوڏن جي ڪهڙي پرواهه. حضور جن فرمايو آهي ته: ڪو پريشان گنهگار ٻانهڙو جڏهن هٿڙا کڻي، الله جي ڪرم ۾ قبوليت جي اميد رکي، نهايت عاجزيءَ سان ٻاڏائيندو آهي، دعا گهرندو آهي، تڏهن الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمائيندو آهي ته: مون کي ٻانهي کان حياءُ ٿو اچي. چوته مون کان سواءِ هن جو ٻيو ڪهڙو سهارو آهي؟ سندس دعا کي قبول ڪيم. ههڙي روئڻي ٻانهي کي خالي موٽائڻ کان حياء ٿو اچي.

الله جو ڪرم ۽ لطف ته ڏسو: گناهه انسان ڪري ۽ حياءُ الله کي اچي.

ڪعبة الله جي پرسان ويهي، الله جي عبادت ڪرڻ وارا به اقراري آهن ته: اي الله! اسان تنهنجي عبادت جو حق ادا نه ڪيو ۽ بزرگ به چون ته: اي الله! اسان تنهنجي معرفت جو حق ادا نه ڪيو. مون جهڙي جڏي کان، ڪير خدا

جي وصف پڇي تہ مان ان بي مثل ذات جي حقيقت بيان نہ ڪري سگهندس. الله جي عاشقن جو تہ جهان ئي ٻيو آهي. اهي تہ خدا جي محبت ۾ عشق ۾ ڪٺل آهن. ڪٺلن کان تہ آواز ئي ڪونہ نڪرندو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙو بزرگ هو. اهو ڪشف واري حال ۾ مستغرق ۽ بي حال هو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن ڪنهن دوست چيس تہ جنهن باغ جو سير پئي ڪيئي. اتان اسان لاءِ ڇا آندئي؟ بزرگ وراڻيو: دل ۾ خيال آيو تہ جهول جهلي ميوا ميڙيان ۽ دوستن آڏو وڃي رکان. پر باغ ۾ بيٺل گلن جي سرهاڻ اهڙو مست مدهوش ۽ بي خبر بنائي ڇڏيو جو جهول مان هٿ ئي ڇڏائجي ويو.

اهڙي عشق جو سبق پرواني کان سکڻ گهرجي. بتيءَ جي عشق ۾ سڙندو سڙي ٿو وڃي. پر ٻڙڪ ٻاهر نٿو ڪڍي الله جا عاشق بہ ائين سمجها انهن کي پنهنجي جان جي خبر ئي ڪانهي تہ ٻيون خبرون ڪٿان ٻڌائيندا؟ ۽ الله سائينءَ جي پاڪ ذات، خيالن ويچارن وهمن گمانن کان برتر ۽ بالا آهي. بس ايتري خبر اٿئون جيترو ٻڌئون ٿا ۽ پڙهئون ٿا. هيءَ سڄي عمر پنن اٿلائيندي ۽ پڙهندي پوري ٿي وئي، اڃا پهرين سٽ کي پروڙي نہ سگهيس.

بادشاهہ ابوبڪر بن سعد زنگيءَ جي مدح

(شيخ سعديءَ جي دور ۾ سندس ملڪ ايران تي اتابڪ ابوبڪر بن سعد زنگيءَ جي حڪومت هئي. ان بادشاهہ وٽ سعديءَ جي وڏي عزت هوندي هئي ۽ شيخ سعدي بادشاهہ جي پيءُ سعد جي ڪري پاڻ کي سعدي سڏايو. ان جي مدح ڪندي لکيائين.)[1]

جهان ۾ جيڪا مقبوليت منهنجي ڪلام ۽ ڪتابن کي ملي آهي، جو هر ڪو ماڻهو منهنجي مضمونن جي ميناج مان مزو پيو حاصل ڪري، منهنجا لکيل ڪتاب ماڻهو پاڻ پڙهن ٿا ۽ انهن کي قيمتي تحفو سمجهي دوستن کي ڏين ٿا. اهو سڀ ڪجهہ منهنجي هوشياري ۽ ڪمال جي ڪري ناهي ۽ مون ۾ ايتري لياقت بہ ڪانهي، پر ان ۾ گهڻو هٿ بادشاهہ سلامت ابوبڪر بن سعد زندگيءَ جو آهي. الله شال ڏينهن ڏئيس ۽ خوش

---

[1] ٻين محققن جو چوڻ آهي تہ ابوبڪر بن سعد جي پٽ سعد بن ابي بڪر بن سعد (جنهن جو ذڪر اڳتي اچي ٿو) ڏانهن نسبت ڪندي سعدي سڏايو اٿس. (والله اعلم).

رکيس. جڏهن ان بادشاهہ جي مون تي سٺي عقيدت هئي ۽ هن منهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن کي گهڻو پئي ساراهيو، تڏهن ماڻهن ۾ بہ مشهور ٿي ويس. چوتہ چوندا آهن: اَلنّاس عَليٰ دِين مُلُوڪِهِم. ماڻهو هوندا آهن پنهنجي بادشاهن جي دين تي. هت بہ ائين ٿيو آهي. بادشاهہ سلامت جو منهنجي آڏي ابتي لکت کي پسندڪيو آهي تہ ماڻهن کي بہ اها شيءِ پسند آئي آهي، نہ تہ مون مسڪين ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ هو ۽ نہ آهي.

گلستان لکڻ جو سبب

هڪ رات ان فڪر ۾ قاتل هوس تہ، ڪيئن نہ قيمتي عمر اجائي گذري وئي. هر ساهہ کڻڻ سان سوچڻ گهرجي تہ اها گهڙي بہ گهٽ ٿي. اوچتو موت جو نغارو وڄندو پوءِ افسوس جا هٿ مهٽبا تہ هاءِ ڪجهہ نہ ڪيم. هيءَ دنيا جڻ هڪ مسافر خانو آهي. هت جيڪو بہ آيو ان جڳهہ ناهي ۽ ٻين لاءِ جڳهہ خالي ڪري پاڻ راهي ٿي ويو. سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ هن فاني دنيا سان دل نہ لائي.

انسان ويچارو اربعه عناصر، (باهہ، پاڻي، هوا ۽ مٽيءَ) مان جڙيل آهي. چارئي عناصر هڪ ٻئي جي مخالف آهن. پر قادر پنهنجي قدرت سان ڪٺي سيني کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو آهي. پوءِ جڏهن بہ انهن مان هڪ عنصر وڏي ٿو وڃي تہ ماڻهو مري ٿو پوي.

هيءَ حياتي ڪنهن سان بہ نيبهہ ناهي. چڱو مئو هڪ ڏينهن هتان ضرور هلندو. پلارو آهي اهو جنهن چڱن عملن جو ثمر گڏ ڪيو. نہ تہ ماڻهوءَ جو چڏيل پيو ورثو هن کي قبر ۽ قيامت ۾ ڪهڙي ڪم ايندو؟

هن عمر جو مثال برف وانگر آهي، جيڪا گرميءَ تي ڳري رهي آهي. وقت سان ڪم نہ آئي تہ ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهہ نہ بچندو. پوءِ برف جهڙي وکر تي ڪهڙو باور ڪبو. يا هيئن سمجهہ تہ هيءَ دنيا پوک جي جاءِ آهي. اڄ ڪجهہ نہ پوکيئي تہ سياڻي جتي لڻندو لوڪ. اتي سِڪنديون سنگ لئہ سعديءَ جو چيو وٺو ڏاها ٿيو مڙس تي همت ڪري هٿ ڪمايو. غافل نہ ٿيو!

اهي فڪر ڪندي هن فيصلي تي پهتس تہ: گهڻين ڪچهرين ۽ ماڻهن جي ميل ملاقات کان پاسيرو ٿي، اڪيلي اڪيلو ٿي گذاريو. گهڻي ڳالهائڻ کان پاسو ڪبو. چوتہ سياڻا چوندا آهن تہ، جنهن ماڻهوءَ جي زبان، ان جي قبضي ۾ نہ هجي، تہ ان لاءِ گونگو ۽ ٻوڙو ٿي رهڻ بهتر آهي.

ان قسم جون سوچون پئي سوچيم ته ايتري ۾ منهنجو هڪ گهاٽو دوست اتي اچي پهتو. هن ڪيترائي احوال ڪيا. ڳالهيون ٻڌايون. مون هن کي ڪو جواب نه ڏنو ۽ دل سان الله جو ذڪر پئي ڪيم. اهو حال ڏسي دوست ڪاوڙجي پيو ۽ مون کي چيائين! ته اي سعدي! اجا ته جيئرو آهين. ڪجهه ڳالهاءِ ٻولهاءِ. سياڻي جڏهن موت ايندو ته ڳالهائڻ پاڻهي بند ٿي ويندو. اجا به مون ڪجهه نه ڪچيو. ماٺ ۾ ئي رهيس.

منهنجي واقفن مان ڪنهن ڏسيس ته: سعديءَ ڪچهرين ڪان ۽ گهٽي ڳالهائڻ کان قسم کنيو آهي. تڏهن ته خاموش آهي. يعني هاڻي ساڳيو سعدي نه رهيو آهي. پوءِ ته هن به خدا جو قسم کنيو ۽ چيائين ته: آئون اصل نه مڙندس، سعديءَ جي پچر ۽ پاسو نه ڇڏيندس. هن کي گهرجي ته اسان سنگتين جي دل نه ڏکوئي. کلي ڪچهري ڪري، جيئن اڳ ۾ هوندو هو ائين ئي ڳالهائي ٻولائي، پوءِ ڪٿي قسم جو ڪفارو پري ڏئي. هيءَ ڳالهه عقل جي ئي ابتڙ آهي، جو حضرت علي ﷺ جي تلوار مياڻ ۾ بند پئي هجي ۽ سعديءَ جي زبان سندس تارونءَ ۾ بند هجي.

داناءَ ماڻهوءَ جي زبان الله جو عطا ڪيل املهه خزانو آهي ۽ هر ڪو سياڻو سمجهي ٿو ته به ڳالهيون چرياڻپ ۽ بي عقليءَ جو نشان آهن. هڪ: جتي ڳالهائڻ جي ضرورت هجي، اتي خاموش رهڻ ٻيو: جت خاموش رهڻو هجي اتي ڳالهائڻ. پوءِ ته ان دوست آڏو مون به هٿيار ڪٽي ڦٽا ڪيا. ساڻس ڪچهري ڪندي ڪجهه ٻاهر نڪري وياسين. بهار جي موسم هئي، ڪنهن باغ ۾ وڃي ويٺاسين. ڪچهري ڪندي صبح ٿي ويو. منهنجي دوست واپسيءَ مهل تازن گلن جو جهول ڪٽي پريو پر مون چيومانس: گلن جي تازگي ۽ سرهاڻ ٿورڙي عرصي لاءِ آهي ۽ بي بقا شيءِ سان دل لڳائڻ، عقل جي خلاف آهي.

هن چيو: پلا! دل بهلائڻ جو ڪهڙو طريقو هجي؟ مون چيو: آئون "گلستان" نالي هڪ ڪتاب ٿو لکان، جنهن کي سدائين بهار هوندو. ان کي سرءُ ۽ سيارو به بدلائي نه سگهندو. هي گل- گهڙيءَ کن جو چٽڪو آهن ۽ مون وارو گلستان سدائين ساڻ نباهڻ وارو ساٿي هوندو. مون اجا ائين چيو ته منهنجي دوست جهول مان هٿ ڪٽي ڪلڍيا. سپ گل وڃي پٽ پيا ۽ منهنجي ٻانهن مان ڪٽي ورتائين ۽ چيائين: اَلْڪَرِيمُ اِذَا وَعَدَوَفَا.

شريف ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ جيڪو وعدو ڪري اهو پورو ڪري. پوءِ تہ مون وعدو پورو ڪيو. ڪتاب جا بہ فصل تہ ان ڏينهن ئي لکي ورتم بهرحال ان ئي بهارجي موسم ۾ گلستان مڪمل ٿيو.

شهزادي سعد بن ابي بڪر جو تذڪرو

پر حقيقت ۾ مڪمل تڏهن چيو وڃي، جڏهن شهزادي سعد بن ابي بڪر بن سعد کي پسند اچي ۽ ان جي دربار عاليءَ ۾ قبول پوي، جنهن کي خدا جي فضل جو پاڇو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. برابر اهو زماني جو هڪ ذخيرو ۽ امن جي آماجگاه آهي. اميد تہ شهزادو محترم منهن نہ موڙيندو چو تہ گلستان دِل ڪشڻ جهڙو ڪتاب ئي نہ آهي. خاص ڪري ان ڪري بہ جو هن ڪتاب جو ديباچو سندس نالي سان سنواريل آهي.

وزير اعظم فخرالدين ابوبڪر جو ذڪر

ان سان گڏ انهيءَ دربار جي وزير اعظم محترم مير فخرالدين کي بہ وٺي، جنهن جي اعليٰ تدبيرن سان، مملڪت جو چرخو سهڻي نموني پيو هلي. اسان تہ بنهي جا خادم آهيون.

هر خادم تي ڪانہ ڪا ڊيوٽي هوندي آهي، جنهن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ڏوهہ ليکيو ويندو آهي. اسان جهڙن فقيرن خادمن جي ڊيوٽي هيءَ آهي تہ: اهڙن بادشاهن ۽ وزيرن لاءِ خير جي دعا وڻا گهرون ۽ سندن نعمتن جو شڪريو ادا ڪريون. پر اهي ڳالهيون پرپٺ ڪجن تہ بهتر، چوتہ روبرو اها خدمت ادا ڪرڻ ۾ بناوٽ ۽ تڪلف جو خطرو آهي. جڏهن تہ پرپٺ واري دعا هڪ تہ بناوٽ ۽ تڪلف کان ڪوهين دور آهي، پيو تہ رب وٽ جلدي منظور ٿيندي آهي. (تنهنڪري دربار کان پيري رهڻ پلو آهي).

گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ جو سبب

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هندوستان جي دانائن جي هڪ ڪچهريءَ ۾ ايران جي سڀ کان سياڻي وزير بزرجمهر جي ڳالهہ نڪتي. انهن بزرجمهر جو رڳو هڪ عيب ڪڍيو تہ هو ڳالهائڻ جو صفا ڍرو آهي. ٻڌندڙن کي گهڻو انتظار ڪرڻو پوندو آهي، تہ الائي ڪڏهن تو ڳالهائي. ڳالهہ کي پورو

ڪري. جڏهن بزرجمهر کي اها خبر پئي، تڏهن چيائين: سوچي ويچاري ڳالهائڻ بهتر آهي، پوءِ جي پڇتائڻ کان، تہ هيءَ اکر ڇو ڳالهايم؟

ان مان سمجهہ ۾ آيو تہ: سمجهدار ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ سوچي ويچاري ڳالهائي. ڳالهائڻ ۾ دير ٿي تہ ڇا ٿي پيو؟ ۽ ايترو گهٽو بہ نہ ڳالهائجي، جو ماڻهو چون تہ: هاڻ ماٺ ڪر! اهو ڳالهائڻ ئي آهي، جنهن سبب ماڻهوءَ سيني جانورن کان فضيلت ۽ درجو حاصل ڪيو آهي. هاڻي جيڪڏهن خراب ڳالهائبو تہ پوءِ جانور هن کان ڀلا چئبا ۽ هيءَ انهن کان بڇڙو چئبو. (مان دربار کان ٻاهر ان ڪري ٿو رهان تہ) بادشاهہ جي دربار ۾ وڏا وڏا عالم بہ آهن، تہ بزرگ سالڪ بہ رهن ٿا. انهن جي موجودگيءَ ۾ ديده دليرۍ ڪري ڳالهائڻ، هڪ قسم جي بي ادبي چئبي. بلڪ دربار ۾ منهنجي گفتگو ڪوتن سڪن جي برابر آهي. سونارن وٽ سادي پٿر جو ملهہ ڇا هوندو؟ ڀلا سج جي آڏو ڏيئو ڇا ڪندو.

آڪڙ ۽ وڏائيءَ کان منهنجي توبهہ. جنهن بہ آڪڙ ڪئي، اهو خوار ۽ خراب ٿيو. هيءَ سعدي ويچارو عاجز ۽ نماڻو آهي. جنهن آڻ مڃي پوءِ جهيڙو ڇا جو؟

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: لقمان حڪيم کان ڪنهن پڇيو تہ سياڻپ ڪٿان سکئين؟ چيائين: نابينن کان، جو هو اول جڳهہ ٽاڙي، پوءِ اتي پير رکندا آهن. سياڻن جو قول آهي تہ: اول نڪرڻ جو سوچي، پوءِ اندر پير رکجي. پنهنجي طاقت ۽ پيچو سنڀالي، شادي پوءِ ڪجي.

چوندا آهن تہ: ڏاڍن مٿان ڏاڍا پيا آهن. ڪڪڙ ڀلي ويڙهہ ۾ زور هجي، پر باز جي آڏو ڇا ڪري سگهندو ۽ ٻلو ڪئي جي آڏو شينهن آهي، پر ڪتي جي آڏو ڪئي کان وڌيڪ ڪمزرو آهي.

مون هن ڪتاب ۾ عجيب مثال، اشعار ۽ گذريل بادشاهن جي سيرت جا ڪجهہ قصا لکيا آهن. الله تعاليٰ شال انهن بادشاهن کي بہ مرهي معاف ڪري، منهنجو جسم مٽيءَ ۾ ڳري ذرا ذرا ٿي ويندو، پر هي اهڙو يادگار ڇڏيان ٿو جو پوءِ بہ ياد ڪيو ويندس. اميد رکي عرض ٿو ڪريان تہ: منهنجي هن محنت تي ڪنهن نيڪ انسان جي نظر پوي تہ چڱيءَ دعا ۾ ياد ڪري، جيئن بهشت جا اٺ دروازا آهن، ائين مون بہ گلستان کي ائن بابن ۾ ورهايو آهي. هيءَ ڪتاب 656هہ ۾ لکيو اٿم. جيڪو حال هو حاضر ڪيم، هاڻي الله جي حوالي.

گلستان

(بامحاوره سنڌي ترجمو)

باب پهريون

بادشاهن جا اخلاق ۽ آداب

بادشاھ ۽ قيديءَ جي ڳالھ

ڳالھ ٿا ڪن تہ ڪنهن بادشاھ کي هڪڙي قيديءَ تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ ان جي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ان قيديءَ گهٽئي منٿون ڪيون، پر هڪ بہ نہ ٻڌائونس. پوءِ اهو قيدي نهايت بي وسي ۽ نااميديءَ جي حالت ۾ بادشاھ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو.

سياڻن سچ چيو آهي تہ: جيڪو سرتان آسرو لاهيندو ان کي جيڪو ڪجھ دل ۾ ايندو اهو چئي ڏيندو.

تجربو آهي تہ جنهن ماڻهوءَ تي تلوار اولاربي آهي ۽ اهو پڇي جان ڇڏائڻ جي جاءِ نہ ڏسندو تہ لاچار پنهنجو هٿ تلوار آڏو جهليندو. جيتوڻيڪ تلوار آڏو هٿ جهلڻ سان ڪهڙو بچاءُ ٿيندو؟

مطلب تہ: جڏهن ماڻهو نااميد ٿي پوي ٿو تڏهن سندس زبان تان لغام لهيو پوي، جيئن وقت اچڻ تي ڪمزور ٻلو پاڻ کان ڏاڍي ڪتي سان منهن ڏيڻ لاءِ رانيوتا هڻڻ ۾ دير نہ ڪندو آهي.

بادشاھ پنهنجي وزيرن کان پڇيو تہ: هن قيديءَ جي خبر ڏيو! ڇا ٿو چوي؟ هڪڙي نيڪ دل وزير عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! هو قرآن پاڪ جي آيت پيو ٿو پڙهي. وَالكَاظِمِينَ الغَيظَ وَالعَافِينَ عَنِ النَاسِ...... يعني چڱا ماڻهو ڪاوڙ ڪائي ويندا آهن ۽ خطا ڪارن جون خطائون معاف ڪري ڇڏيندا آهن. الله سائين اهڙن ڀلارن کي پسند ڪري ٿو. بادشاھ تي انهن اکرن ڏاڍو اثر ڪيو ۽ ڪيس رحم اچي ويو. قيديءَ تان قتل جي سزا معاف ڪري ڇڏيائين.

اتي هڪڙو ٻيو وزير ويٺو هو. جيڪو پهرئين وزير جو مخالف هو. اهو اتي ٻيٺو ۽ چوڻ لڳو تہ: اسان جهڙن وزيرن کي، بادشاھ سلامت جي روبرو ڪوڙ ڳالهائڻ نہ جڳائي. هن نالائق قيديءَ بادشاھ سلامت کي

گاريون پئي ڏنيون ۽ گهٽ وڌ پئي ڳالهايو. (يعني پهرئين وزير قيديءَ تي ڪک رکي ڪوڙ ڳالهايو آهي).

ٻئي وزير جي اها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ چيائين ته اي وزير! هُن جيڪو ڪوڙ ڳالهايو اهو مون کي تنهنجي سچ کان وڌيڪ پسند آهي. ڇو ته، هن جي ڪوڙ ۾ نيڪ نيتي سمايل آهي ۽ تنهنجي سچ ۾ بد خواهي ۽ بدنيتي آهي. فارسيءَ ۾ چوڻي آهي: "دروغ مصلحت آميز بِہ از راستي فتنه انگيز" يعنيِ: اهو ڪوڙ جو ڪنهن ڀلائيءَ لاءِ ڳالهايو وڃي، ان سچ کان بهتر آهي، جنهن سان فتنو ۽ فساد پيدا ٿئي.

سياڻن چيو آهي ته: جنهن ماڻهوءَ جي چوڻ تي بادشاهه هلندو هجي، ان کي حيف هجي جو سواءِ نيڪيءَ جي ڪجهه چوي ۽ بادشاهه کي برغلائي.

نصيحت

ايران جي بادشاهه فريدون جي محلات تي فارسيءَ ۾ هڪ بيت لکيل هو، ان جو ترجمو هي آهي: "اي ڀاءُ! هيءُ جهان ڪنهن سان به نيبهه ناهي. ان ڪري هن جهان جي اپائڻهار سان ئي دل لڳاءِ" بادشاهي يا ٻي ڪنهن پُٺ تي باور نہ ڪر! ڇو ته هن دنيا تو جهڙا ڪيترائي نپايا ۽ کپايا. جڏهن جسم مان جان نڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته پوءِ جهڙو تخت تي مرڻ، تهڙو مٽيءَ تي مرڻ.

هڪ خواب جو تعبير

ڳالهه ٿا ڪن ته خراسان ملڪ جي هڪڙي بادشاهه سلطان محمود سبڪتگين کي ان جي مرڻ کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ته سندس سارو جسم ڳري خاڪ ٿي ويو آهي، مگر ان جون اکيون اڃا تمڪن پيون. هيڏي هوڏي پيون نهارين. ڪيترا عالم ۽ داناءَ، ان خواب جو تعبير نہ ڪري سگهيا. پر هڪڙي درويش ان جو تعبير هن طرح ٻڌايو ته: سلطان محمود اڃا ڏسي پيو ته سندس ملڪ ٻين جي هٿن ۾ آهي.

سياڻن چيو آهي ته: ڪيترا ناليوارا بهادر زمين ۾ دفن ٿيا. جن جو زمين تي ڪو نشان ئي نہ بچيو. ڪمزور لاش کي جڏهن مٽيءَ ۾ پوريائون، تڏهن مٽيءَ ان کي ائين کاڌو جو ڪو هڏو بہ نہ بچايائينس.

نوشيروان بادشاهہ جو نالو اڄ بہ نيڪيءَ سان ياد آهي. جيتوڻيڪ ان کي وفات ڪئي عرصو گذريو آهي. (چوڻ‌ہ هو رعيت سان چڱو هليو ۽ پنهنجو نيڪ نالو زندهہ ڇڏي ويو).

اي ياءُ! پنهنجي عمر کي غنيمت سمجهہ ۽ جيترو ٿي سگهي. نيڪي ڪندو رهہ ان کان اڳي جو سياڻي ماڻهو چون تہ: فلاڻو گذاري ويو.

بندري شهزادي جي ڳالهہ

هڪڙي شهزادي جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ اهو قد جو بندرو شڪل جو ڪوجهو هوندو هو. ان جا ٻيا ڀائر قداور جوان ۽ سهڻا سدا ملوڪ هئا. هڪڙي ڀيري پيءُ، هن بندري پٽ کي حقارت سان ڏٺو ۽ ڇوڪر پنهنجي عقل ۽ ڏاهپ سان پيءُ جي نظرن کي پروڙي ۽ پرکي ويو ۽ با ادب عرض ڪيائين: بابا سائين! بندرو ۽ داناءُ ماڻهو ڊگهي بي عقل کان بهتر آهي. ائين ڪونهي تہ جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ وڏي هجي، اها ننڍي شيءِ کان ڪارائتي بہ وڌيڪ هجي ۽ ملهہ ۾ بہ مهانگي هجي. عربيءَ ۾ چوڻي آهي. "الشاةُ نَظِيفةٌوالفِيل جِيفَةٌ" ڏسو تہ گهيٽو ننڍڙو آهي پر حلال آهي ۽ هاٿي تمام وڏو آهي پر حرام آهي ۽ طورسينا جبل ٻين جبلن کان گهڻو ننڍو آهي پر الله تعاليٰ وٽ ان جي وڏي عزت آهي.

ڪنهن ڪمزور داناءَ هڪڙي ٿلهي بي عقل کي چيو پئي تہ: تازي گهوڙو پلي ڏٻرو هجي، پر گڏهن جي پريل ڪُڙهہ کان پوءِ بہ ڀلو آهي.

پٽ جا اهي اکر ٻڌي، پيءُ کلي ڏنو ۽ ٻين اميرن وزيرن کي بہ اهي جملا ڏاڍا وڻيا. پر ان جا ڀائر اندر ۾ ڪامڻ لڳا. ڏاڍو ناراض ٿيا.

چوندا آهن تہ جيسين ڪنهن ماڻهوءَ ڪو سخن ڳالهايو ناهي، تيسين ان جا عيب ثواب لڪل ئي آهن. هر جهنگل کي خالي نہ سمجهجانءِ، متان ان ۾ ڪو چيتو شينهن ستل هجي. يعني ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پرکڻ ۽ آزمائڻ کان سواءِ هرگز گهٽ نہ سمجهجي.

متئين واقعي کي ٿورو وقت ئي گذريو هو تہ ان بادشاهہ جي ملڪ تي ڪو دشمن چڙهائي ڪري آيو. جڏهن ٻنهي طرفن جا لشڪر هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا ۽ جنگ شروع ٿيڻ واري هئي. تڏهن سڀني کان اول جيڪو جوان جنگ جي ميدان ۾ لهي پيو سو اهوئي بندرو شهزادو هو ان وقت هيٺئن چئي رهيو هو:

آئون ڊڄڻو ۽ بزدل نہ آهيان جو جنگ جي ميدان مان ڀڄي ڏئي ڀڄان. آئون تہ ان لاءِ بہ تيار آهيان جو منهنجي منڍي رت ۾ مٽيءَ ۾ وڃي پوي. جيڪو جنگ جي ميدان ۾ پهچي ٿو اهو جڻ پنهنجي رت سان راند ڪيڏي رهيو آهي ۽ جيڪو ان ميدان ۾ بزدل ٿي ڀڄندو اهو جڻ پنهنجي لشڪر کي پاڻ ٿو مارائي.

ائين چئي شهزادو دشمن جي لشڪر جي صفن ۾ ڪاهي پيو. انهن ۾ ڌاڪوڙو وجهي ڇڏيائين. ڪيترن دشمنن کي ماري وڌائين. پوءِ پيءُ جي آڏو آيو هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيائين تہ: بابا! توهان منهنجي ڪمزور جسم ڏي ڏٺو تڏهن حقارت سان ڏسو پيا. توهان ٿلهائپ کي سٺو پيا سمجهو. حالانڪ گهوڙو ڏٻرو هجي تہ بہ جتي جنگ ۾ اهو ڪم ايندو اتي ٿلهو متارو ڍڳو ڪم نہ ايندو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: دشمن جو لشڪر تمام گهڻو هو ۽ هن طرف جو لشڪر ٿورو هو ان ڪري، هي ٿورو لشڪر ڀاڄ کائڻ وارو هو تہ ايتري ۾ هن ڇوٽڙي شهزادي، نعره تڪبير بلندڪيو ۽ پنهنجي سپاهين کي هڪل ڪري چيائين: اي ساٿيو! مڙس ٿي لڙو. زنانيون چوڙيون نہ پايو! همت مردان مدد خدا. نعره تڪبير..... الله اڪبر.....

هن شهزادي جي هڪل واري نعري سپاهين کي جوش ڏياريو ۽ سيني همت ڪري زوردار حملو ڪيو. بي ڌڙڪ ٿي لڙيا. چون ٿا تہ ان ئي ڏينهن دشمن شڪست کائي وٺي ڀڳا.

بادشاهہ اهو سارو لقاءُ ڏسي رهيو هو. سو اٿي پنهنجي بندري پٽ وٽ آيو ان کي ڀاڪر پائي نرڙ تي چمي ڏني، ڏاڍو پيارو ڪيائنيس ۽ ان ڏينهن پنهنجو ولي عهد (جانشين) ان ئي شهزادي کي مقرر ڪيائين.

شهزادي جي ڀائرن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ساڙس ساڙ ڪرڻ لڳا. پوءِ تہ هڪڙي ڀيري کاڌي ۾ زهر ملائي، بندري ڀاءُ کي ڏنائون. سندن ڀيڻ کي اها خبر پئجي وئي. تنهن جڏهن زهر وارو کاڌو پنهنجي ڀاءُ جي آڏو ڏٺو تڏهن اندران گهر مان دريءَ جو هڪ طاق ٻئي طاق تي زور سان هڻي، اوچتو کڙڪو ڪيائين. شهزادو ڳالهہ سمجهي ويو ۽ کاڌي مان هٿ ڪڍي پري ڪيائين ۽ ڀائرن ڏي نهاري چوڻ لڳو تہ: ائين نہ ٿيندو جو داناءَملڪ مان مري وڃن ۽ ڇريا اڇي ملڪ هلائين.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته: جيڪڏهن هما پکي جهان مان گم ٿي وڃي ته پوءِ به ڪو چبري جي پاڇي ۾ ويهڻ پسند نه ڪندو.

بادشاهه کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي، تڏهن ٻين پٽن کي گهرائي، ساڻن ڏاڍي جٽ ڪيائين. پوءِ ملڪ پٽن ۾ ورهائي، هر هڪ حصي تي الڳ الڳ حاڪم مقرر ڪيائين. ائين جهيڙو ٽري ويو ۽ سڀ خوش گذارڻ لڳا.

ڪنهن داناءَ سچ چيو آهي ته ڏهه فقير هڪ رلهيءَ ۾ سمهي سگهندا، پر ٻه بادشاهه هڪ ملڪ ۾ نه ماپي سگهندا.

ڪنهن فقير کي هڪ ماني ملي ته اڌ کائي، باقي اڌ ٻئي ضرورتمند کي ڏئي ڇڏيندو. پر ڪنهن بادشاهه وٽ هڪڙو ملڪ هٿ هيٺ هوندو ته، ٻئي ملڪ جي هٿ ڪرڻ جي فڪر ۾ پيو رهندو.

ڌاڙيلن جي ڳالهه

ڳالهه ٿا ڪن ته عربستان جي ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي رهندو هو جنهن سبب اتان قافلن جي اچ وڃ جو رستو ئي بند ٿي ويو هو. آس پاس ۾ رهندڙ ماڻهن جي دلين ۾ ڌاڙيلن جو ڌهڪاءُ ويٺل هو. خود بادشاهي فوج به انهن کان ڳڻ ڪندي هئي. ڇو ته ڌاڙيلن پنهنجو بچاءُ ۽ آستانو جبل جي چوٽيءَ کي بنائي رکيو هو اتي هر ڪنهن جو پهچڻ آسان نه هو.

اُن ملڪ جي اميرن وزيرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڌاڙيلن کي کهڙي ريت ختم ڪجي. ڇو ته جيڪڏهن ان طرح ڌاڙيلن جو ملڪ ۾ ديرو ڄمايل هوندو ته ڪجهه وقت کان پوءِ ڌاڙيل وڌي ويندا ۽ ساڻن مقابلو ڪري ئي نه سگهبو. سياڻن جو چوڻ آهي ته: جنهن وڻ جو نئون ٻوٽو ڦٽو هجي ته ان کي هڪ ماڻهو ڇڪ ڏئي پاڙان پٽي سگهي ٿو پر جڏهن اهو وڌي وڏو وڻ ٿي ويندو، ته پوءِ ڪنهن اوزار سان به مشڪل پٽبو. يا ڪنهن واهه ۾ پيل روڙ، شروعات ۾ ڪوڏر جي هڪ لپي سان بند ڪري سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن ان کي ڪجهه وقت ڇڏي ڏبو ته، وڏو گهارو ٿي پوندو. پوءِ هاٿيءَ تي چڙهي به اتان لنگهي نه سگهبو.

نيٺ هيءَ صلاح بيٺي ته ڪو اهڙو جاسوس روانو ڪجي،

جيڪو لڪ چپ ۾ ڌاڙيلن جي جاچ ڪندو رهي ته. ڪٿان اچن ٿا ڪٿان وڃن ٿا؟ ڪهڙي وقت سمهن ٿا ۽ ڪهڙي وقت اٿن ٿا؟ هڪ ڏينهن ان جاسوس خبر ڏني ته هن وقت سڀ ڌاڙيل ڪنهن ڳوٺ ۾ ڦر جي واردات تي ويل آهن. سندن آستانو خالي پيو آهي. هيڏانهن جنگي جوانن، پهلوانن جو هڪ جٿو اوڏانهن روانو ڪيائون. سڀ جوان تربيت يافته ۽ لڙڻ ۾ تمام هوشيار هئا. اهي پهلوان ڌاڙيلن واري غار ۾ لڪي وڃي ويٺا.

رات جو دير سان ڌاڙيل ڌاڙو هڻي موٽيا. غار ۾ پهچي،هٿيار لاهي، ڦر ڪيل سامان پاسائتو رکي، بي اونا تي سمهي پيا. اهي ٿڪل ٽٽل اڳ ۾ ئي هئا، سو سمهڻ سان ننڊ وٺي وين. هڪ اونداهي رات، ٻيو جبل جي غار جي اونداهي، ڄڻ ته حضرت يونس عليه السلام مڇيءَ جي پيٽ ۾ پهتو هو.

گهڙي نه گذري ته غار ۾ لڪل پهلوان اٿيا. ڌاڙيلن تي اوچتو حملو ڪري، هڪ هڪ ڌاڙيل کي ڇڪي ڪٽي ٻڌائون ۽ صبح جو سيني کي بادشاه جي دربار ۾ آڻي حاضر ڪيائون. بادشاه اڳ ۾ ئي مٿن ڏمريل هو تنهن سيني ڌاڙيلن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

اتفاق سان انهن ڌاڙيلن ۾ هڪڙو ڳڀرو ڇوڪراٽ به هو. جنهن کي ڏاڙهي ۽ مڇن جي ساوڪ مس آئي هئي. ان کي ڏسي هڪ وزير اٿي بيٺو. بادشاه سلامت آڏو ادب جا هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! هن نينگر حياتيءَ جي باغ مان ميوو نه کاڌو آهي. اڃا پوري جواني به هن نه ماڻي آهي. آئون توهان جي اعليٰ اخلاق ۽ رحمدليءَ ۾ اميد رکي. نماڻو عرض ڪريان ٿو ته: هن ڇوڪر کي جيئدان ڏنو وڃي. اهو سائين جن طرفان هن خادم تي وڏو احسان ٿيندو.

بادشاه کي اهڙي سفارش نه وڻي. هن نامناسب سفارش ٻڌي منهن ۾ گهنڊ وڌو. کيس ڪنهن سياڻي جو قول ياد آيو ته. بد بنياد ماڻهوءَ تي نيڪن جو اثر پوڻ ائين محال آهي، جيئن قبي جي چوٽيءَ تي اکڙوٽ جو بيهڻ ناممڪن آهي. اهو سوچي وزير کي چيائين ته: بهتر هيئن ٿيندو جو هنن سيني ڌاڙيلن کي ختم ڪري ڇڏجي. چوته. باه وسائي ٽانڊن کي ڇڏي ڏيڻ يا نانگ کي ماري ان جي ٻچن کي ڇڏي ڏيڻ، سياڻن جو ڪم نه آهي.

بادشاهہ وڏيڪ چيو تہ: جيڪڏهن آب حيات جو مينهن سالن جا سال بيد جي وڻ تي وسي تہ بہ ان وڻ ۾ ميوو پيدا ڪونہ ٿيندو. سر جي ڪاني مان کنڊ ڪڏهن نہ نهي سگهندي، هيءُ بہ ائين سمجهہ. ڪميڻي ماڻهوءَ کي سڌارڻ لاءِ ڪوشش، پنهنجي عمر ضايع ڪرڻي آهي. چوندا آهن تہ "ڪانهن ڪمند نہ ٿئي توڙي ڳريءَ چاڙهي ڳر."

وزير اها ڳالهہ ٻڌي لچئون ڪرچئون هائو ڪار ڪئي. بادشاهہ جي سخن تي واهہ واهہ ڪيائين. چيائين تہ: جيڪو ڪجهہ سائين جن فرمايو سورهن آنا سچ آهي، پر اهو ڇوڪر جيڪڏهن انهن ٻچڙن جي صحبت ۾ نبيو تي وڏو ٿئي ها، تہ پوءِ بلاشڪ انهن جهڙو ئي خراب ٿئي ها. پر هن ناچيز خادم کي اميد آهي تہ هيءُ نيڪن جي صحبت ۾ رهي، نيڪ تي پوندو. چڱيون عادتون سکي وٺندو. ڇوتہ هو اجا ٻار آهي. ڏاڙيلن واريون عادتون هن ۾ اجا پڪيون پختيون نہ ٿيون آهن.

رسول الله ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

كُلُّ مَوْلُودٍ يُولَدُ عَلَى الْفِطْرَةِ فَأَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهِ أَوْ يُنَصِّرَانِهِ أَوْ يُمَجِّسَانِهِ.

ترجمو: هر ڪو ٻار صحيح فطرت ۽ سالم طبيعت سان ڄمي ٿو پر پوءِ ان جا ماءُ پيءُ ان کي يهودي يا عيسائي يا مجوسي (باهہ جو پوڄاري) بنائين ٿا.

ڏسو! حضرت نوح عليه السلام جو پٽ ٻچڙن جي سنگت ۾ وينو تہ نبوت وارو خاندان لڄايائين ۽ اصحاب ڪهف جو ڪتو ڪجهہ ڏينهن نيڪن جي پٺيان هليو تہ اهو ماڻهن وانگر پلارو ٿيو.

چڱن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪئي،
رنگجي لال نہ ٿيندو تہ بہ ڪڪوربو سهي،

وزير اجا اهي اکر چيا تہ ڪجهہ ٻيا وزير بہ هن سان ها ۾ ها ملائي سفارش ڪرڻ ۾ پائيوار ٿيا. نيٺ بادشاهہ ان ڇوڪر کي معافي ڏني ۽ چيائين تہ هن جي ڇڏڻ ۾ مون کي ڪا چڱائي نظر نٿي اچي، پر توهان هيترن جي چوڻ تي ڇڏيانس ٿو.

پوءِ بادشاهہ چيو: توهان کي خبر آهي تہ رستم پهلوان جي پيءُ پنهنجي پٽ رستم کي ڪهڙي نہ قيمتي نصيحت ڪئي هئي، تہ دشمن

ڪي ڪڏهن بہ ڪمزور ۽ هيٺو نہ سمجهجانءِ. اسان ڏٺو آهي تہ ڪڏهن ٿوري پاڻيءَ جي چر ۾ ٻوڙ. بار لڏيل اٺ ڪي بہ گهلي ويندي آهي.

مطلب تہ وزير ڇوڪري کي گهر وٺي ويو ۽ لاڏ ڪوڏ سان ان کي پاليائين، ان جي پڙهائيءَ لاءِ آزمودگار هوشيار استاد مقرر ڪيائين. استاد بہ محنت ڪئي. ڇوڪري کي ادب اخلاق، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، سوال جواب جا طريقا سيکاريائين. تہ ڇڱن ماڻهن آڏو ڪيئن اٿبو ڪيئن ويهبو ڪيئن ڳالهائبو. مطلب تہ اهڙي تربيت ٽيس جو ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ اهو ڇوڪرو سيني کي وڻي پيو.

هڪڙي ڀيري وزير بادشاهہ جي درٻار ۾ ان ڇوڪر جي ڳالهہ ڪئي. چيائين تہ سائين! نينگر تي دانائن جي سنگت جو اثر ٿيو آهي. هن جي اڳين ڦرمار واري طبيعت بدلجي، هاڻي سڌري پئي آهي. وزير جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي، بادشاهہ مرڪيو ۽ هيءُ بيت چيائين:

عاقبت گرگ زاده گرگ شود۔ گرچ با آدمي بزرگ شود.

ترجمو: بگهڙجو ٻچو نيٺ بگهڙ ئي ٿيندو پوءِ ڀلي ڇو نہ ڪٽي ماڻهن وٽ پلجي وڏو ٿئي.

پوءِ ڇا ٿيو جو ان واقعي کي بہ سال مس گذريا تہ لوفرن جي هڪ ٽولي اچي ان ڇوڪر سان ياري رکي ۽ ياري وڌي وڌندي. نيٺ هڪ ڏينهن وجهہ وٺي، ان ڇوڪر، وزير ۽ ان جي ٻن پٽن کي قتل ڪيو ۽ گهر جو سمورو سامان لٽي کڻي ويو. وڃي پڙس واري ساڳي پاڙاري وسايائين. ساڳي غار ۾ وڃي ڌاڙيل ٻڌجي ويٺو. جڏهن بادشاهہ کي ان واقعي جي خبر پئي تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ ارمان وچان چوڻ لڳو:

خراب لوهہ مان سٺي تلوار ڪڏهن نہ ٺهي سگهندي ۽ نڪو نالائق ماڻهو تربيت سان شريف انسان ٿي سگهندو. ڏسو تہ! مينهن جي برڪت ۾ سيني کي يقين آهي، پر اهو بہ ڪنهن چڱي زمين ۾ گاهہ گلزارين ۽ ساوڪ ڦٽائيندو ۽ ڄمائيندو ڪلر تي مينهن وسندو تہ اتي ڪجهہ بہ نہ ڦٽندو.

بادشاهہ وڌيڪ چيو: اي ياءَ! ڪلراٺيءَ زمين ۾ گلڙا ڪونہ ڄمندا. تون اجايو محنت نہ ڪر ۽ ٻج ضايع نہ ڪر! ڪلر مان ڪين ٿئي، توڙي جاري پيارينس جر. اي ياءَ! ٻڇڙن سان نيڪي ڪرڻ ائين آهي، جيئن نيڪن ۽ چڱن سان برائي ڪرڻ.

سلڇڻي ڇوڪر جي ڳالهہ

ڳالهہ ٿا ڪن تہ آڳاٽي زماني ۾ اغلمش نالي هڪڙو بادشاهہ هوندو هو. ان وٽ هڪڙي سپاهيءَ جو پٽ رهندو هو جيڪو عقل ۽ ڏاهپ ۾، سمجهہ ۽ سياڻپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس منهن ۾ بزرگيءَ جا اهڃاڻ چمڪي رهيا هئا. معلوم پئي ٿيو تہ هن ڇوڪرجو بخت تمام بلند آهي.

مطلب تہ بادشاهہ جو ان ڇوڪر تي راضي ٿي ويو. ڇوتہ هو جهڙو هو صورت جو سهڻو. تهڙو هو سيرت ۾ سلڇڻو. سياڻا چوندا آهن تہ: شاهوڪاري دل جي ڪشادگيءَ تي دارومدار رکي ٿي. پئسن ڏوڪڙن ۽ دولت تي ان جو دارومدار ناهي ۽ بزرگي عقل تي آهي، عمر وڏيءَ تي ان جو مدار ناهي.

ان ڇوڪر جو اعليٰ بخت ۽ ڀاڳ ڏسي، هڪ جيڏا ان سان حسد ڪرڻ لڳا. ان تي بي ايمانيءَ جا الزام مڙهي، ڪيس مارائڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳا، پر چوندا آهن تہ:

دشمن چہ کند چون مهربان باشد دوست.

ترجمو: اهو مالڪ مهربان هجي تہ پوءِ دشمن ڇا ٿو ڪري سگهي؟

نيٺ هڪ ڏينهن بادشاهہ سلامت ان ڇوڪري کان پڇيو تہ: پٽ! هي سڀ تنهنجي پنيان ڇو اچي پيا آهن. انهن جي ايڏي دشمنيءَ جو آخر ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟ ڇوڪر عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! توهان جي مهربانين ۾ رهي، مون سڀني کي راضي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر افسوس جو حسد ڪرڻ واري کي آئون راضي نٿو ڪري سگهان. بس منهنجو حاسد تڏهن ئي راضي ٿيندو جڏهن هو منهنجي عزت آبرو برباد ٿيندي ڏسندو. جنابا! جيسين توهان جون مهربانيون مون مسڪين تي باقي آهن، تيسين مون کي انهن ساڙولن جي ڪا پرواهہ نہ آهي.

اي سائين! آئون ڪنهن کي بہ نہ ايذايان. ائين تہ آئون ڪري سگهان ٿو پر حسد ڪرڻ واري کي آئون ڪڏهن بہ خوش نٿو ڪري سگهان. ڇوتہ هو پاڻمرادو ناراض ٿيو آهي. ڪنهن بزرگ چيو آهي تہ: اي حاسد! مري پؤ. تڏهن ئي ساڙجي ڪاڙهہ واري مرض کان ڇٽي

سگهندين. ڇوته حسد جي بيماريءَ جو علاج، مرڻ کان سواءِ ٻيو ڪونهي. ساڙولو ماڻهو ڀلارن جي مان مرتبي جو خاتمو ٿي چاهيندو آهي. هو ڇمڙي وانگر آهي، جيڪو ڏينهن جو ڏسي نٿو سگهي. هو چاهي ٿو سج ڪارو هجي ته آءٌ اڏامندو وتان، حالانڪ ان ۾ سج جو ڪهڙو قصور؟ سچ پڇين ته اهڙيون هزارين اکيون انڌيون ڀليون، سج جي ڪاري ٿيڻ کان.

ظالم بادشاهه جي ڳالهه

ايران جي هڪڙي بادشاهه، پنهنجي رعيت کي لُٽڻ، ڦرڻ تي ڪٽي سندرو ٻڌو. اهڙا ڪلور پئي ڪيائين، جو ويچارا رعيتي صفا تنگ ٿي پيا ۽ بادشاهه جي ظلمن کان بچڻ خاطر ڪجهه ماڻهو ديس ڇڏي، ملڪ مان لڏي، وڃي پرديس جا وڻ وسايائون. جڏهن ماڻهو ملڪ مان گهٽ ٿي ويا. تڏهن ملڪي آمدني گهٽجي وئي، خزانو خالي ٿي ويو. ملڪ تي دشمنن ڪاهه ڪئي. سياڻن سچ چيو آه ته:

جيڪو اوکيءَ ويل ماڻهن جي همدردي چاهي ٿو ان کي گهرجي ته سک جي وقت پير پري ٻين وٽ وڃي،ڇوته نرمي نه ڪبي ته پنهنجا به پراوا ٿي ويندا ۽ همدردي ڪبي ته پراوا به پنهنجي ٿي پوندا.

هڪ دفعي ان بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ فردوسيءَ جو شاهنامو پئي پڙهيائون. ان ڪتاب ۾ جڏهن ضحاڪ بادشاهه جي حڪومت جي تباهي ۽ فريدون بادشاهه جي سوڀ جو بيان آيو. تڏهن وزير بادشاهه کان پڇيو ته: جيئندا قبلا! توهان سمجهي سگهو ٿا ته فريدون وٽ نه خزانو هو نه لشڪر ۽ نه وتس حڪومت هئي. پوءِ ان کي ايران ملڪ جي هيڏي ساري حڪومت ڪيئن ملي وئي؟ بادشاهه جواب ڏنو: اها توکي به خبر آهي ته رعيت فريدون جي فائدي ۾ ٿي بيٺي. تڏهن هو ملڪ جو حاڪم بڻجي ويو.

وزير عرض ڪيو: سائين! جڏهن رعيت جو راضپو ۽ ان جي پنڀرائي حڪومت حاصل ٿيڻ جو سبب آهي ته پوءِ توهان رعيت کي ڇو پريشان ڪري رهيا آهيو؟ سمجهه ۾ اچي ٿو ته توهان کي شايد حڪومت هلائڻ جو ارادو ئي ڪونهي. بهتر آهي ته توهان فوج ۽ رعيت

جي دل وٺو. انهن کي خوش رکو. ڇو ته حاڪم جي حڪومت کي رعيت ۽ لشڪر ئي مضبوط رکندا آهن.

بادشاهه پڇيو ته: فوج ۽ رعيت مون سان ڪيئن ٻڌبا؟ وزير چيو ته: بادشاهه سلامت کي سخا ڪرڻ گهرجي. ماڻهن سان همدردي ڪرڻ گهرجي، تڏهن اهي ٻي ڏيا تي، بادشاهه جي زيردستيءَ ۾ سلامتي سمجهي، آرام ۽ سک سان رهندا ۽ توهان ۾ اهي ٻئي گڻ ڪونهن. جيئن بگهڙ رڍن جو ڌنار ٿي نه سگهندو، تيئن ظالم بادشاهه به رعيت تي راڄ ڪري نه سگهندو. ظاهر آهي ته جيڪو بادشاهه رعيت تي ظلم ڪندو، اهو پنهنجي حڪومت جون پاڙون ڄڙ پاڻ ٿو ڪوٽي.

ڦرمار تي هريل بادشاهه کي وزير جي نصيحت نه وڻي، ويتر وزير تي ڪاوڙجي پيو ۽ ان کي ڪٽي جيل ۾ وڌائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ان بادشاهه جا سؤٽ اٿيا. انهن دعويٰ ڪئي ته حڪومت اسان جي ابي جي هئي، اسان ننڍا هئاسون. تڏهن هن ناحق ملڪ تي ڪٽي قبضو ڄمايو آهي، پوءِ ته جيڪا رعيت بادشاهه کان بيزار ٿي چڪي هئي ۽ ملڪ ڇڏي لڏي وئي هئي. اهي سڀ هنن دعويدار شهزادن سان اچي مليا. سيني ٻڌي ڪئي، لشڪر ڪاهي اچي ظالم بادشاهه تي ڪڙڪيا. بادشاهه کان حڪومت کسجي. حقدار شهزادن کي ملي وئي.

سياڻن سچ چيو آهي ته: جيڪو حاڪم زيردستن تي ظلم ڪندو ته مصيبت وقت، سندس دوست به دشمن ٿي پوندا ۽ جيڪو بادشاهه عدل، انصاف ۽ همدرديءَ سان هلندو ته ان جي رعيت ئي سندس فوج آهي. پوءِ ان کي ڪنهن به دشمن جي پرواهه ڪانهي. بادشاهه کي گهرجي ته الله کان ڊڄي ۽ رعيت سان همدردي ڪري.

هڪ داناءَ جي سياڻپ

هڪڙو هو بادشاهه. اهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياءَ جي سير تي نڪتو. ساڻس هڪ اهڙو نوڪر به ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل هو. جنهن اڳ ۾ ڪڏهن ٻيڙيءَ تي چڙهي دريائي سفر نه ڪيو هو. ڪڏهن به ٻيڙيءَ جا لوڏا ۽ چڪر نه ڏٺا هئائين. اڄ نئينءَ مان ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو هو. جڏهن ٻيڙي

هلي، تڏهن هيءُ نوڪر روج راڙو ڪرڻ لڳو سڄو پيو ڏڪي. ان جي سڏڪن ۽ روئڻ، بادشاهه جي سير جو مزو ئي وڃائي ڇڏيو هو. بادشاهه سلامت نازڪ مزاج هو. ان کي هن نوڪر جو گوڙ ۽ شور اصل نٿي وڻيو پر هاڻي هو ڪري بہ ڪجهہ نہ پيو سگهي. (ڇو تہ ٻيڙي ڪپر ڇڏي اڳتي هلي چڪي هئي.)

هڪڙو داناءُ ماڻهو ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل هو. ان بادشاهہ سلامت کي چيو: جيڪڏهن سائين جن حڪم ڏين تہ آئون تو ان نوڪر کي ڪنهن طريقي سان ماٺ ڪرايان. بادشاهہ چيو: پوءِ تہ تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي. ان داناءَ چيو تہ هن نوڪر کي درياءَ ۾ ڦٽو ڪرايو. پوءِ ائين ڪيو ويو. نوڪر جڏهن درياءَ ۾ ٻہ ٽي غوطا کاڌا، تڏهن ان کي وارن کان وٺي ٻيڙيءَ جي پرسان ڪيائونس. پوءِ تہ هو ٻنهي هٿن سان ٻيڙيءَ جي تخي سان چنبڙي پيو. پوءِ ڇڪي ٻاهر ڪڍيائونس. هاڻي هو ماٺ ڪري ٻيڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو. ڪاڏي ويس ڏڪڻي تہ ڪاڏي ويس روج راڙو.

اهو ڏسي بادشاهہ کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ پڇيائين، هن ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ ان داناءَ چيو تہ سائين! هن اڳ ۾ ڪڏهن ٻڏڻ جي مصيبت ڏٺي ڪانہ هئي، تڏهن ان کي ٻيڙيءَ جي سلامتيءَ جو قدر ئي نہ هو. اهڙي طرح سک جو قدر ان کي پوندو، جنهن ڏک ڏٺا هوندا.

سياڻا چوندا آهن تہ: ڍاول ماڻهوءَ کي جَوَن جي ماني ڪانہ وڻندي، پر بکئي کي اها ماني بہ پياري آهي. بهشت جي حورن لاءِ اعراف بہ دوزخ آهي ۽ دوزخين کان پڇ تہ اهي اعراف کي بهشت ئي سمجهندا.

مرڻ مهل مبارڪ

هڪڙو هو جهور ڪراڙو بادشاهہ. اهو بيمار ٿي پيو. هڪڙي پيري، ٻي بيماري سو ويچارو حياتيءَ کان صفا مايوس ٿي پيو هو. هڪ ڏينهن وٽس هڪڙو گهوڙي سوار فوجي ڪمانڊر آيو. اچي مبارڪ ڏنائينس تہ: اسان فلاڻو قلعو فتح ڪيو آهي ۽ دشمن سپاهين کي قيدي بنائي وٺي آيا آهيون. اتي جي سموري رعيت سائين جن جي مطيع ٿي چڪي آهي. سائين جن کي لک لک مبارڪون هجن. اهو ٻڌي بادشاهہ ٿڌو

ساهہ ڪنيو ۽ چيائين تہ: اها مبارڪ منهنجي لاءِ ناهي، پر منهنجي حڪومت جي وارثن لاءِ آهي، جيڪي منهنجي مرڻ جي انتظار ۾ آهن.
پوءِ بادشاهہ چيو: سڄي عمر ان اميد ۾ گذاريم تہ ڪڏهن ٿو مراد ماڻيان ۽ دشمن کي شڪست ڏيان پر هن وقت مراد ماڻڻ مان ڇا فائدو؟ جڏهن عمر ختم ٿي رهي آهي. ڪوچ ڪرڻ جو نغارو موت جي هٿن ۾ آهي. اي اکيون! هاڻي مٽي کان موڪلائي وٺو. اي منهنجا هٿ، ڪارايون ۽ ٻانهون! هڪ ٻئي کان موڪلائي وٺو. اڄ دشمن جي مراد پوري ٿي. هاڻي اي دوستو! توهان بہ هتان هليا وڃو. منهنجي سڄي عمر غفلت ۾ گذري وئي. مون کان تہ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو توهان تہ ڪجهہ ڪري وٺو.

هرمز بادشاهہ جي ڳالهہ

ايران جي بادشاهہ هرمز کان پڇيائون تہ: تو پنهنجي پيءُ جي وزيرن کي ڪٿي قيد ۾ ڪيو آهي. انهن جو ڪهڙو قصور هو؟ هرمز چيو تہ انهن جو ڪوبہ قصور ڪونہ هو پر ڏٺم تہ اهي دل ئي دل ۾ مون کان گهڻو ٿا ڊڄن ۽ منهنجن واعدن تي بہ هنن کي ڀروسو نہ پئي ٿيو. ان ڪري مون کي بہ هنن کان ڊپ ٿيو تہ متان اهي پاڻ کي سلامت رکڻ لاءِ مون کي پوري ڪرڻ جا پهہ پچائين.پوءِ سياڻن جي صلاح تي عمل ڪٽي ڪيم. سياڻن سچ چيو آهي تہ: اي داناءَ! جيڪو توکان ڊڄي ٿو ان کان تون بہ ڊڄ! توڙي تو ۾ اهڙن سوين ماڻهن سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت موجود هجي. نانگ ان ڪري ڏنگ هڻندو آهي، جو هن کي خوف هوندو آهي تہ متان ڪو ڏڪ هڻي مٿو چٿي وجهي ۽ ضرورت وقت ڪمزور ٻلو شينهن کي بہ رانيوٽو هڻي ڪيندو آهي. (اهڙا ڪوڙ لقاءَ توهان بہ اکئين ڏٺا هوندا. جيئن چوندا آهن تہ: ڪانئر ڏڪ نہ هڻي، جي هڻي تہ جمهوري).

عرب جي ظالم بادشاهہ جي دعا

هڪ دفعي حضرت يحيٰ عليه السلام جي قبر جي ڀرسان دمشق جي جامع مسجد ۾ اعتڪاف ۾ ويٺو هوس. اتي هڪڙو عرب بادشاهہ آيو. جيڪو ظلم ۽ بي انصافيءَ سان مشهور هو. ان نماز پڙهي، پوءِ عاجزيءَ

سان دعا گهري، سياڻا چوندا آهن تہ: شاهوڪار توڙي غريب سڀ الله جي در جا محتاج آهن. اجا بہ جيئن شاهوڪار تيئن وڌيڪ محتاج.

دعا گهرڻ کان پوءِ بادشاهہ مون ڏي نهاريو. چيائين تہ: اي درويش! توهان بہ دعا جا گهر آهيو. مون کي دل سان دعا ڪريو جو هڪڙي خطرناڪ دشمن تائي تپائي ڏنو آهي. مون چيومانس تہ: اي بادشاهہ! تون ڪمزور رعيت تي رحم ڪر. تہ پوءِ طاقتور دشمن بہ تو سان پڄي نہ سگهندو. دانائن جو گفتگو لک لهي. چيو اٿن تہ:

پنهنجين ٻانهن ۾ گهڻو ٻل ڏسي، ڪنهن ڪمزور جون ٻانهون پچڻ سخت غلطي آهي، جيڪو هيٺن تي رحم نہ ڪندو اهو ڇو نہ ڏڄندو؟ اهو بي رحم جڏهن پاڻ ڪرندو تڏهن ڪير هٿ ڏئي اٿارڻ وارو نہ هوندس. جيڪو ظالم ظلم جو ٻج پوکي، نيڪيءَ جي اميد رکندو اهو اجايا وهم ٿو ولوڙي، ڇڻ ٻيرن مان پير ۽ اڪن مان انب ٿو گهري.

اي بادشاهہ! ڪن کولي ٻڌ! تون مخلوق سان انصاف ڪر. جيڪڏهن تو انصاف نہ ڪيو حق سان نہ هلئين، تہ هڪ ڏينهن انصاف جو وارو اچڻو آهي.

فارسيءَ جو هڪ بيت آهي. جنهن جو مطلب آهي تہ: انسان سڀ پاڻ ۾ هڪ جسم جي عضون وانگر آهن. ڇوتہ سڀ هڪ ئي جوهر مان يعني مٽيءَ مان جڙيا آهن. جڏهن ڪنهن هڪ عضوي کي درد پهچندو آهي تہ ٻين عضون جو قرار ڦٽي پوندو آهي. تون جيڪڏهن ٻين انسانن جي ڏکن سبب فڪرمند نٿو ٿين، تہ توکي انسان ڪوٺائڻ ئي نہ جڳائي.

حجاج بن يوسف لاءِ درويش جي دعا

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي بغداد شهر ۾ هڪڙو بزرگ اچي پهتو جيڪو مستجاب الدعاء هئو. يعني جنهن جي دعا جلد قبول پوندي هئي. ان وقت بغداد جو حاڪم مشهور ظالم حجاج بن يوسف ثقفي هو. ان جڏهن بزرگ جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن دعوت ڏئي بزرگ کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ عرض ڪيائينس تہ اي درويش! منهنجي حق ۾ ڀلائيءَ جي دعا گهر! بزرگ ان وقت هٿ کڻي دعا گهري تہ: اي الله! تون حجاج کي موت ڏي، هن جو ساهہ ڪڍ! اهو ٻڌي حجاج رڙ ڪئي. خدا

جي واسطي چڱي وائي ڪيو! بزرگ چيو تہ: ان ۾ تنهنجي ۽ عام مسلمانن جي چڱائي آهي، ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ: اي ڏاڍا مڙس! تون ڪمزور کي نہ ستاءِ، تون ائين ڪيستائين ڪندو رهندين؟ اهڙي سرداري توکي ڪهڙي ڪم ايندي، جنهن سان ماڻهن کي ستائيندو وتين. تنهنجي ان جيئڻ کان مرڻ هزار ڀيرا ڀلو آهي، جيئن ماڻهو سک جو ساهہ کڻن.

ظالم جي ننڊ جاڳ کان ڀلي آهي

هڪڙو هو ظالم بادشاهہ. ان ڪنهن درويش کان پڇيو تہ سڀ کان ڀلي عبادت ڪهڙي آهي؟ درويش چيس تہ تو لاءِ ڀلي ۾ ڀلي عبادت آهي ننڊ ڪرڻ، چوتہ جيڪا گهڙي ننڊ ۾ هوندين، اها گهڙي ڪنهن کي ايذائي نہ سگهندين. ڪنهن داناءَ جو چوڻ آهي تہ هڪڙي ظالم کي ٻپهريءَ تائين ستل ڏٺم. چيم تہ: هن لاءِ ننڊ ئي بهتر آهي ۽ جنهن جي جاڳڻ کان ان جي ننڊ ڀلي هجي، تہ ان لاءِ سڀ کان ڀلو سندس موت آهي.

گهڻ خرچائو فقير جي ڳالهہ

هڪڙي بادشاهہ جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ: ان ساري رات عيش عشرت ۾ گذاري، صبح جو خوشيءَ جي مستيءَ ۾ چئي رهيو هو: اسان کي هيءَ حياتي نهايت پسند آهي. جنهن ۾ ڪنهن چڱي مٺي جو ڪو فڪر ئي ڪونهي.

ان بادشاهہ جي محلات کان ٻاهران هڪڙو نانگو فقير سيءَ ۾ ستو پيو هو. ان ٻاهران بادشاهہ جو ڳالهائڻ پئي ٻڌو. تنهن وڏي واڪي چيو: اي بادشاهہ سلامت! توکي ڪنهن جو فڪر ڪونهي. ڇا اسان جهڙن مسڪينن جو بہ فڪر ڪونهي؟

بادشاهہ کي هن فقير جا اکر دل ۾ چڀي ويا. ان مهل ئي هڪ هزار درهمن جي ڳوٿري دريءَ مان ٻاهر ڪيدي، چيائين: اي فقير! جهولي جهل. هي پئسا اچنئي ٿا. فقير ٺهہ پهہ وراڻيو: حضور لٽو ئي ڪونهي تہ جهولي ڇا جي جهليان؟ بادشاهہ کي فقير جي هيڻي حال تي ويتر ترس آيو. سو ڪپڙن جو هڪ وڳو بہ پئسن سان گڏ ڏنائينس. فقير رمندو رهيو ۽ تورن ئي ڏينهن ۾ اهي پئسا ۽ ڪپڙا ڀنگ ڀڳڙو ڪري، کائي ڪپائي، ساڳئي حال ۾ ساڳئي بادشاهہ وٽ موٽي آيو.

يلا! آزاد ۽ گهومڙائو ماڻهوءَ وٽ پئسو ڪيئن ٽڪندو؟ نڪو عاشق جي دل ۾ صبر ماپندو ۽ نڪو چار ۾ پاڻي بيهندو. تيئن فقير جي هٿ ۾ پئسو نہ بچندو.

ان وقت بادشاهہ هڪڙي اهڙي فڪر ۾ ويٺو هو. جو ان کي هن قسم جي فقيرن جي پرواهہ ئي نہ هئي. جڏهن ان کي فقير جي خبر ٻڌايائون، تڏهن اٿلندو چڙي پيو ۽ فقير واري ڳالهہ ڏي ڪن ئي نہ ڏنائين. ان ڪري دانائن چيو آهي تہ: بادشاهن جي دهشت ۽ طبيعت کان هميشہ ڪن ڪجي. چوتہ هنن جي دل جو لاڙو گهڻو ڪري حڪومت جي وڏن ڪمن ۾ هوندو آهي، اهي هن قسم جي عام ڳالهين ڏي ڪن ئي نہ ڏيندا آهن.

اهو ماڻهو بي عقل آهي، جيڪو مهل نہ مهل جو خيال ئي نہ ڪري، سياڻن چيو آهي تہ وقت ڳالهائڻ جو نہ ڏسجي، تہ هرويرو ڳالهائي، پنهنجي عزت خراب نہ ڪجي. ۽ چوندا آهن تہ جهڙي ڪچهري هجي تهڙي گفتگو ڪجي.

فقير جي واپس اچڻ جي ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ چيو تہ: ان بي حياءَ ۽ هٿ ڦاڙ فقير کي هتان تڙي ڪڍو. جيڪو هيترا پئسا جهٽ کپائي دڦ ڪري آيو آهي. هي خزانو مسڪينن لاءِ آهي، اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جي ڀائرن لاءِ ڪونهي. جيڪو هٿ ڦاڙ ڏينهن جو ڏيئو ٻاريندو، تہ ڪنهن رات ۾ ڏيئي ٻارڻ لاءِ ان وٽ تيل ئي نہ هوندو.

ايتري ۾ هڪڙي وزير ڳالهايو چيائين تہ جيئندا قبلا! چڱائي ان ۾ آهي تہ هن قسم جي فقيرن کي ڏجي ئي ايترو جيترو سندن گذران ٿي سگهي ۽ ان سان اجايو خرچ ڪري ئي نہ سگهن. سائين جن جيڪا هن فقير تي ڪاوڙ ڪئي آهي، ان لاءِ منهنجو هيءُ عرض آهي تہ توهان جهڙن سخي بادشاهن کي اهو نٺو سونهي، جو ڪنهن کي هڪ دفعو اميدوار بنائي، پيهر ان کي نااميد ڪري موٽائي ڇڏيو. چوندا آهن تہ اڻ هيرين کي نہ هير ۽ هير نہ پيچ هيريلن جي.

سائين جن ڏٺو هوندو تہ حج جا پانڌيڙا ڪيڏي بہ اڃ هجين، سمنڊ جو کارو پاڻي ڪونہ پيئندا. البتہ جتي بہ مٺي پاڻيءَ جو چشمو هوندو، تہ اتي ماڻهو تہ نهيو پر پکي پکڻ، ڪوليون ماڪوڙيون ۽ ٻيا جيت جڻيا بہ اچي پهچندا آهن.

سُست بادشاه جي ڳالهه

آڳاٽي زماني ۾ هڪڙو بادشاهه هوندو هو. حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ ۾ سستي ڪندو هو ۽ لشڪر جي سپاهين کي ڏکيو رکندو هو. چون ٿا تہ: جڏهن ان جي ملڪ تي دشمنن حملو ڪيو، تڏهن لشڪر ڀاڄ ڪاڍي. ڀلا جنهن سپاهيءَ کي پگهار ئي مهل سان نہ ملندي، سي ڪهڙي تلوار هلائيندا. جيڪي تنگ حال رهندا، سي ڪهڙي دليري ڏيکاريندا.

انهن ڀاڄ ڪائيندڙ سپاهين ۾ هڪڙو منهنجو دوست بہ هو. مون ان کي ملامت ڪندي چيو تہ: توهان سپاهي نمڪ حرام آهيو جو هيترن سالن کان ان بادشاهه جو پئي کاڌو اٿو ۽ جڏهن ڏکيو وقت آيو آهي، تڏهن نيمڪ وساري وٺي ڀڳا آهيو. ان دوست وراڻيو: اي سعدي! مون کي معاف ڪجانءِ، شايد توکي خبر نہ آهي تہ منهنجي گهوڙي کي ڪيترن ڏينهن کان داڻو ڪونہ مليو هو ۽ گهوڙي جا سنج بہ پئي هنڌ گروي پيا هئا. جيڪو بادشاهه پگهار ۽ خرچ ڏيڻ ۾ بخيلي ڪندو ۽ هٿن جي مٿ پئسن جي قرباني بہ نہ ڪري سگهندو، اهو ڪهڙي اميد رکندو تہ فوجي مٿس جان قربان ڪندا. جيڪو بادشاهه پئسن تي ساهه ڏيندو تہ سپاهي پنجي ساهه بچائيندا.

وزارت کان بيزاري

ڳالهه ٿا ڪن تہ هڪڙو هو وزير، اهو وزارت کسجڻ کان پوءِ وڃي درويشن جي صحبت ۾ رهيو. ان سنگت مان هن کي روحاني سڪون حاصل ٿيو ۽ ڏاڍو لطف آيس. ڪجهہ وقت کان پوءِ بادشاهه کي ان وزير جون خوبيون ياد آيون ۽ ساڳي وزارت جي ان وزير کي آڇ ڪيائين، پر وزير انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ: وزارت جي مصروفيت کان هيءَ واندڪائي بهتر آهي. چوتہ جنهن سنسار جا سانگا لاهي، وڃي اڪيلائپ واري ڪنڊ وسائي، تہ اهو ڪتن جي ڏاڙهڻ ۽ ماڻهن جي گلائن ۽ گارين کان بچي ويو. جنهن قلم پڃي ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيا. اهو چيڪنگ ۽ چڪاس ڪندڙن کان ڇٽي پيو.

بادشاهه چيو تہ: پر اسان کي ڪنهن داناءَ ۽ سياڻي سيبتي ماڻهوءَ جي سخت ضرورت آهي، جيڪو ملڪ جو ڪاروبار سنڀالي. وزير چيو:

سياڻو ۽ داناءُ تہ آهي ئي اهو جيڪو اهڙن عهدن کان پري رهي. جيئن سياڻن جو چوڻ آهي تہ هما پکي سيني پکين ۾ هن ڪري مان وارو آهي، جو هڏيون کائي گذر ڪري ٿو ۽ ڪنهن پکيءَ کي نٿو ايذائي.

لومڙ جي ڳالهہ

هڪڙي لومڙ کان ڪنهن پڇيو تہ: تون سدائين شينهن جي پرپاسي ۾ ڇو ٿو گذارين؟ لومڙ چيو: هن ڪري جو ان جي اوبر سوبر تي گذر ڪريان ٿو ۽ شينهن جي دهشت سبب ڪيترن دشمنن کان محفوظ رهان ٿو. وري چيائونس تہ: جڏهن شينهن جي احسانن کي مڃين ٿو تہ پوءِ ان جي بلڪل ويجهو نہ ويندو آهين؟ جيئن شينهن توکي پنهنجو خاص خدمتگار ڪٿي بنائي؟

لومڙ چيو: ان جي ڪاوڙ ۽ پڪڙ کان بہ ڊڄان ٿو. ڏنو هوندوَ تہ باهہ جو پوڄاري سؤ سال پيو باهہ جي پوڄا ڪري، پر جڏهن گهڙي ڪن ان ۾ پوندو، تڏهن ساڙي خاڪ ڪنديس. اچا پيو مثال ڏيانءِ. بادشاهہ جو وزير ناٺي جون ڳوٿريون پري گهر ڪنيو ويندو آهي، پر ڪو وقت اهڙو بہ ايندو آهي جو سندس لاش منديءَ کان سواءِ پيو رلندو آهي.

دانائن جو چوڻ آهي تہ: بادشاهن جي طبيعت پٽي متجي سنجي. انهن کان ڊپ ڪجي. ڇوتہ بادشاهہ ۽ وڏا ماڻهو ڪڏهن سلام ورائڻ سان بہ ڪاوڙجي پوندا. تہ ڪڏهن گارين ڏيڻ سان بہ راضي ٿي، انعامن سان نوازيندا. چوندا آهن تہ چرچو ڀوڳ اميرن وزيرن جو ڪم آهي، پر فيلسوفن ۽ دانائن لاءِ عيب آهي. سياڻن جو چوڻ آهي تہ: پاڻ کان وڏن سان گهڻو ڳالهائي، ڀوڳ ڪري، عزت نہ لوڙهجي.

نيچ نوڪري

منهنجي هڪڙي دوست، مون وٽ زماني جي گردش جي شڪايت ڪئي. چوڻ لڳو تہ اي سعدي! ڪمائي اٿم ٿوري ۽ آڪهہ آهي وڏي ۽ بکن سهڻ جي طاقت ناهي. ٻڌاءِ تہ هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ خيال ايندو اٿم تہ هي ديس ڇڏي ڪنهن پرديس ۾ اڪيلو وڃي رهان. اتي ڏکيو سکيو وقت پيو گذاريان. اتي نہ ڪو ڄاڻندو نہ سڃاڻندو نڪو منهنجي حال کان آگاهہ ٿيندو.

اتي بکيو پيو هوندس ته به ڪنهن کي خبر ته ڪير آهي؟ ۽ جي مري ويس ته به نڊڪي ماڻهوءَ تي ڪو ڳوڙهن ڳاڙڻ وارو ئي نه هوندو.

ٻئي طرف دشمنن جي طعنن تنڪن کان به ڊڄان ٿو. اهي پرپٺ مون تي کلندا ۽ مون کي لونيو ڪري سڏيندا ۽ چوندا ته اهڙو سخت دل ماڻهو جو ٻچن ٻارن کي هيئن نڌڪو ڇڏي ٻاهر وڃي پاڻ کي سکيو ڪيائين.

اي سعدي! توکي خبر هوندي ته آئون حسابن ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ پڙ آهيان. جيڪڏهن تون ڪنهن کي چئي ڪا نوڪري وٺرائي ڏيندين، ته پاڻ اتي جو ڪائي بي فڪر ٿي، سڄي عمر تنهن جو احساس مند رهندس. توکي پيو دعائون ڪندس.

مون ان دوست کي چيو ته: ياءُ! بادشاهن وٽ نوڪريءَ جا به پاسا آهن. هڪ طرف اميد آهي ته ٻئي پاسي جان وڃڻ جو خوف. سياڻو ماڻهو اهو آهي جيڪو اميد جي اوسيڙي جان جو خطرو کڻڻ پسند نه ڪري. تو ڏنو هوندو ته غريب جي در تي ڪوتوال ڍل وٺڻ نه ويندو آهي، هاڻي تنهنجي مرضي. عزت آبروءَ سان غريبيءَ ۽ بک ڏک ۾ پيو گذارين يا پنهنجي ڏاڙهي ٻين جي هٿ ۾ ڏئي، جيرا بکيون ڪانون آڏو رکڻ لاءِ تيار ٿين؟

منهنجو دوست چوڻ لڳو اي سعدي! تو منهنجي حال مطابق اهو گفتو نه چيو ۽ منهنجي سوال جو تو صحيح جواب نه ڏنو. توکي خبر ناهي ته بي ايمانيءَ وارو ماڻهو ئي پيو ڏڪندو ۽ ڊڄندو. پر جيڪو حق سان هلندو ان کي ڪهڙو خطرو؟ ڏاهن جو قول نه ٻڌو اٿئي؟ جن چيو آهي ته: چار ماڻهو چئن ماڻهن کان ڊڄندا آهن. نڳي ڪنڌڙ بادشاهه کان، چور چوڪيدار کان، بدچال چغلخور کان ۽ بدڪار عورت عملدار کان. باقي جنهن جو حساب ڪتاب صاف هوندو ان کي ڪهڙو ڊپ آهي؟

ڪنهن سياڻي سچ چيو آهي، تون نوڪريءَ ۾ اهڙو پير نه کڻ، جو چڪاس وقت توکي عملدار تنگ ڪن. تنهن جو رڪارڊ صاف هجي، پوءِ تون بي الڪو رهه. چوڻ ته ميرو ڪپڙو ئي سونيءَ سان سٽبو آهي، ميرو نه ٿيندين ته هرويرو سوني چو لڳندي؟

مون پنهنجي دوست کي چيو: اي ياءُ! تنهنجو حال بلڪل ان لومڙيءَ وانگر آهي، جنهن کي ماڻهن ڏنو ته پڄندي ڪرندي پئي وئي.

حوصلا صفا خطا هئس. ڪنهن پڇيس تہ: خير تہ آهي؟ ايڏو پريشان ڇو آهين؟ جواب ڏنائين: مون کي معلوم ٿيو آهي تہ پنجوڙ آڏي شينهن کي پڪڙين ٿا. ان ڪري پئي ڀڄان. چيائونس: اي چريا پڪڙين شينهن کي ٿا ۽ ڀڄندي، ڪرندي تون ٿي وتين؟ تنهنجو شينهن سان ڪهڙو واسطو؟

لومڙيءَ چيو تہ: ماٺ ڀلي اٿئي. بالفرض ڪو حاسد مطلب خاطر ڪٽي چوي تہ: هيءُ بہ شينهن جو ٻچو آهي، تہ ان کي ڪير جهليندو؟ ۽ جي ان بهاني ۾ پڪڙجي پيس، تہ پوءِ ڪنهن کي ضرورت پئي آهي جو منهنجي ڇڏائڻ جو فڪر ڪندو ۽ ڪير جاچ جوچ ڪندو، تہ سچ پچ بہ هيءُ شينهن جو ٻچو آهي يا ناهي؟ چوندا آهن تہ: جيسين ترياق عراق مان اچي، تيسين نانگ ڏنگيل قبر ۾ پهچي چڪو هوندو (ترياق نانگ جي ڏنگ کان دوا جو نالو آهي).

مون هن دوست کي چيو تہ: تون واقعي ايمانداري ۽ پرهيزگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهين. پر پوءِ بہ دشمن کي هميشه لڪل سمجهڻ گهرجي. هر هڪ جا کي نہ ڪي دشمن ۽ بدخواهہ هوندا ئي آهن. اهي تنهنجي سٺي ڪارڪردگيءَ هوندي بہ توتي ڪو الزام هڻندا تہ حاڪم جي ملامت جو نشانو ٿي پوندين. پوءِ اهڙي وقت تنهنجي پاران ڪير ڳالهائيندو ۽ ڪير صفائي پيش ڪندو؟ ان مان منهنجو مطلب آهي تہ بادشاهہ جي نوڪريءَ جي پچر ئي ڇڏي ڏي. پاسائتو رهي پيو روزگار ڪماءِ.

توکي مثال ٻڌايان تہ: سمنڊ ۾ موتي مرجان واقعي آهي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا خطرا بہ هوندا آهن. ان ڪري سلامتي ڪناري تي رهڻ ۾ ئي سمجهڻ گهرجي. هي بہ ائين سمجها

پر ڏنم تہ منهنجو دوست ويتر وڃي ٻيو ڪاوڙيو. ڏوراپو ڏيندي چيائين: سعدي! تنهنجو عقل واهہ جو آهي؟ اڄ تنهنجي سياڻپ الائي ڪاڏي وئي آهي؟ سياڻا چوندا آهن تہ: دوست اهو جو جيل وغيره جهڙين مصيبتن ۾ ڪم اچي، باقي مانيءَ مهل دستر خواني تي دشمن بہ دوست بڻجي پوندا آهن.

يار سڏائي سڀ ڪو جاني زباني
آهي آساني پر ڪم پوي تہ ڪل پوي

جڏهن ڏٺم تہ منهنجي دوست کي مون واري نصيحت ڏکي ٿي لڳي ۽ هو موربُڪو وهلور ٿو وڃي. هو نصيحت کي خود غرضي ٿو سمجهي. تڏهن مون هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ هن دوست کي ساڻ ڪري هڪڙي واقف ڪار آفيسر وٽ ويس. ان لاءِ سفارش ڪري نوڪري وٺي ڏني مانس. هو اڳ ۾ ئي نيڪ طبع ۽ هوشيار ماڻهو هو. ايمانداريءَ سان ڊيوٽي پئي ڏنائين ۽ پنهنجي هوشياريءَ سبب ڏينهون ڏينهن نوڪريءَ ۾ ترقي ڪندو پئي ويو. وري همراهہ جا ڀاڳ ٿيا ڀلا. جو ٿوري ئي عرصي ۾ بادشاهہ جي خاص وزيرن مان هڪڙو وزير بڻجي پيو. هن جي اهڙي ترقي ڏسي آئون خوش ٿيس. چيم تہ: مشڪلات سبب هنيون نہ هارجي. مايوس نہ ٿجي. جيئن آب حيات اونداهہ ۾ آهي، تيئن ڪنهن بہ ڪم ۾ جيڪي گهڙيا سي چڙهيا. اڳ ۾ ئي پيو ڊڄبو تہ پوءِ ڪم ڪيئن ٿيندو؟ مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ مايوس ٿيڻ نہ گهرجي. الله جي ٻاجهہ کان نا اميد اصل نہ ٿجي. زماني جي گردش سبب دل کٽي ڪري ويهي رهڻ سنو نہ آهي. صبر ڪرڻ جيتوڻيڪ ڪڙو آهي، پر ان جو ميوو منو آهي.

انهن ڏينهن ۾ منهنجي قسمت مڪي شريف ڏانهن ٿي. آئون سنگت سان گڏجي حج تي هليو ويس. جڏهن ان مبارڪ سفر تان موٽيس، تڏهن ڏٺم تہ ڳوٺ پهچڻ کان اڳ بہ ٽي منزلون اڳيرو اهو ساڳيو دوست منهنجي استقبال لاءِ آيل هو. ڏاڍو پريشان هو. ڦاٽل ڪپڙا ۽ حال هيٺا هئس. پڇيومانس: ڪر خبر. توسان خير تہ آهي؟ هي حال ڇو ڪيا اٿئي؟ دوست ٻڌايو تہ: اي سعدي! جيئن تون اڳ ۾ چوين پيو ائين ئي ٿيو. ڪن حاسد دشمنن مون تي خيانت جا الزام مڙهيا. بادشاهہ سلامت پوري جاچ نہ ڪئي ۽ نہ وري ڪنهن ان کي سچ جا اکر ئي چيا. گهاٽن سنگتين بہ ڪا همدردي نہ ڪئي. توکي خبر آهي تہ، هر ڪو عهدي واري ماڻهوءَ جي چاپلوسي پيو ڪندو آهي. واڪاڻ ڪندي سيني تي پيو هٿ رکندو پر عهدي تان هٽڻ بعد سڀ ڪو ان کي پيرن سان پيو لتاڙيندو.

مطلب تہ ڪيترين تڪلفن ۾ ڦاسي پيس. ڪيئي مصيبتون مٿان اچي ڪڙڪيون، جيل ۾ وجهي پيس. هاڻي جڏهن حاجين سڳورن

جي موٽي اچڻ جو مبارڪ موقعو آيو. تڏهن خوشيءَ ۾ مون کي بہ جيل مان آزاد ڪيائون. هاڻي ساڳيا ٽڪر ساڳ سان. وڏن وارو ساڳيو ٽُئو. ساڳيو سئو وچي سنياليم.

شيخ سعديءَ لکيو تہ: دوست کي چيم: ادا! اڳ ۾ توکي منهنجي نصيحت ڏکي ٿي لڳي. مون تڏهن ئي توکي ٻڌايو هو تہ: بادشاهن وٽ سرڪاري نوڪري، ساموندي سفر وانگر آهي. ڪڏهن اڻ ميا موتي ميڙي موٽندين، تہ ڪڏهن ان جي لهرن ۾ لڙهي ساهہ ڏيندين. ڪڏهن ڪوپو ڪڇ ۾ تہ ڪڏهن ڏونگهو ڏر ۾. ڪڏهن گهہ غضب جا ڪڏهن لس لنگهڻ. (نوڪري، گند جي ٿوڪري).

منهنجي دوست کي اڳ ۾ ئي صدمو سخت هو. ان ڪري سندس ڦٽن تي وڌيڪ لوڻ ٻرڪڻ مناسب نہ سمجهيم. بس! پڇاڙيءَ ۾ هي ٻہ اکر چئي ڇڏيامانس: جيڪو وڏن جي نصيحت نہ قبوليندو تہ اهو پريشان ضرور ٿيندو. جنهن ماڻهوءَ ۾ ڏنگ سهڻ جي طاقت نہ هجي، تہ اهو وڇونءَ جي سوراخ ۾ هٿ نہ وجهي.

ڍڪج ڍول ڍلائيون

ڪو وقت نيڪن بزرگن درويشن جي سنگت ۽ صحبت ۾ گذاريندو هوس، اهي ڀلارا نيڪ سيرت، ڀلا ماڻهو هئا. وقت جي بادشاهہ جو انهن بزرگن ۾ چڱو اعتقاد هو. ان ڪري بادشاهہ درويشن لاءِ ماهانہ خرچ مقرر ڪري ڇڏيو هو.

هڪ دفعي انهن بزرگن مان هڪڙي درويش کان اهڙو نامناسب ڪم ٿي پيو جو اهو ڪم سندس منهن تي نہ پيو سونهين، اهو حال ڏسي، بادشاهہ جو ويساهہ ڀڄي پيو ۽ سيني درويشن جو ماهانو خرچ بند ڪري ڇڏيائين.

دل ۾ خيال آيم تہ ڪنهن طرح هنن مسڪينن جو بند ٿيل خرچ پڪو وري بحال ڪرايان. اهو سوچي بادشاهہ سان روبرو ملاقات لاءِ هليو ويس، پر دربانن (نوڪرن چاڪرن) مون کي اندر نہ ڇڏيو. ويتر گهٽ وڌ ڳالهايائون ۽ آئون سڀ ڪجهہ سهي ويس، دل ۾ ئي نہ ڪيم. چوڻ سياڻن سچ چيو آهي تہ: جنهن دروازي تي دربان وينل هجي يا جنهن در

تي ڪتو بيٺل هجي، اتي سجاٽپ کان سواءِ نہ وڃجي. ڇوتہ هو گلي کان جهليندو ۽ هي دامن ۾ چڪ هڻندو. (يا سلوار جو پاچو ڦاڙيندو)

منهنجي اچڻ جي خبر بادشاھہ جي دربار ۾ پهچي وئي ۽ نوڪرن جي روڪي ڇڏڻ جي خبر بہ اتي پهتي. پوءِ تہ خاص درٻاري، ٻاهر نڪري آيا ۽ منهنجي عزت آبرو ڪيائون، اندر وٺي ويا. مون کي مٿانهين جاءِ تي ويهڻ لاءِ چيائون، پر آئون نوڙت ڪندي هيٺ ئي ويهي رهيس ۽ چيم تہ: ابا! مون کي ڇڏي ڏيو آئون خادم آهيان. خادمن جي قطار ۾ ئي ويهڻ چاهيان ٿو. بادشاھہ چيو: سائين! الله ڪريو هيئن اسان کي شرمسار نہ ڪريو. اهڙي ڳاھہ نہ ڇئو. (بادشاھہ جڻ تہ چئي رهيو هو.)

مون سارينديِ سپرين، اڇين جي هيڪار،
پيرين ڏريان پنبڙيون هنڌ وڇايان وار،
ساجن سڀ ڄمار، گولي ٿي تہ گذاريان.

مطلب تہ آئون هنن جي منٿ مڃي، مٿي تي وينس. هيڏانهن هوڏانهن جون اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري، هنن درويشن واري ڳالھہ ڇيڙيم ۽ چيم:

اي بادشاھہ سلامت! توهان هنن درويشن تي هيڏا مهربان هئا. انهن تي وڏي سخا ڪندا هئا. پوءِ انهن کان ڪهڙي خطا ڏٺو؟ جو هو خوار ٿي پيا. ۽ توهان کانئن منهن مٽي ويا. بزرگي ۽ بردباري، الله کي ڄڳائي، جيڪو ٻانهن جا هيڏا ڏوھہ ۽ گناھہ ڏسي پوءِ بہ ويلي تي کين روٽي ۽ روزي پيو پهچائي ۽ چيم:

منهن جي مداين جي ڪل پريان پئي،
ڪوسا نہ ٿيا ڪڏهين ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سيئي ڍڪج ڍول ڍلائيون.

منهنجا اهڙا اکر بادشاھہ سلامت کي وڻي ويا ۽ درويشن جو خرچ پکو اڳي وانگر وري بحال ڪيائين ۽ بند ڪيل عرصي جو تفاوت بہ پري ڏيڻ جو حڪم ڏنائين. مون بادشاھہ جو شڪر ادا ڪيو. سندس ٿورا مڃيم ۽ چيم تہ: جيئندا قبلا! ڪو نامناسب اکر منهنجي زبان مان نڪتو هجي تہ معاف ڪجو ۽ موڪلائڻ مهل چيم: اي بادشاھہ

سلامت! جڏهن ڪعبةالله وٽ دعائن جي قبول پوڻ جي وڏيڪ اميد آهي، تڏهن پري کان ڪهي ماڻهو اتي اچي ٿا گڏ ٿين ۽ مون به توهان ۾ اميد سمجهي، تڏهن اچي در ورتم. اسان مسڪينن جا انگل توهان نه سهندؤ ته ٻيو ڪير سهندو؟ جنهن وڻ ۾ ميوو ئي نه هوندو ته ان ۾ پٿر ڪير هڻندو؟

سخي دل شهزادي جي ڳالهه

هڪڙي شهزادي کي پنهنجي پيءُ جي ميراث مان تمام گهڻي ملڪيت ملي. سو ان وٺي خير خيراتون شروع ڪيون. سپاهه ۽ عوام کي هڪ پري ناڻو پئي ڏنائين. چوندا آهن ته: اگربتي سرهاڻ تڏهن ڪندي، جڏهن باهه جي چڻنگ لڳنديس ۽ بزرگي به تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن گهڻي سخا ڪبي. جڏهن ٻج ڇٽبو تڏهن ساوڪ ٿيندي.

هڪڙي تنگ دل درباريءَ شهزادي کي نصيحت ڪئي. چيائينس ته سائين! وڏڙن هي دولت وڏي جفاڪشيءَ سان گڏ ڪئي آهي. ان لاءِ ته اوکيءَ ويل ڪم اچي. هنن سوچيو هوندو ته اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي. ان ڪري توهان کي گهرجي ته ڪجهه هٿ کي جهليو. اڳتي الائي ڪهڙا واقعا آڏو اچن يا ڪنهن دشمن سان منهن ڏيڻو پوي، ائين نه ٿئي جو ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي. پوءِ ضرورت وقت نلها نڪر نوڪٽا پون.

سياڻن سچ چيو آهي ته: ڪيڏو به وڏو خزانو ورهائيندين، ته مخلوق مان هر هڪ کي هڪ چانور جيترو مس ملندو پر جيڪڏهن هر رعيتيءَ کان چانور جيتري چاندي روزانه وٺندؤ ته روزانه توهان وٽ وڏو خزانو پيو گڏ ٿيندو.

شهزادي کي ان درباريءَ جي ڳالهه نه وڻي ۽ منهن ڪٽي ڦيرايائين. چيائينس ته: الله تعاليٰ سخا ڪري مون کي ملڪيت ان لاءِ ڏني آهي، جيئن آئون به سخا ڪريان. کاوان ۽ کپايان. دولت ان لاءِ نه ملي آهي ته آئون ان جي چوڪيداري ڪريان. ڏس ته قارون کي سندس اڻ ميا خزانا ڪهڙي ڪم آيا؟ اڄ تائين بدنام ٿيو آهي ۽ نوشيروان بادشاهه سخا ڪئي ته سندس نيڪ نالو پيو ڳائجي. (رسول الله ﷺ جن جي هڪ حديث ۾ آهي ته ڏيندڙ هٿ، گهرندڙ هٿ کان ڀلو آهي).

نوشيروان بادشاهہ جو عدل

ايران جو بادشاهہ نوشيروان پنهنجي عدل ۽ انصاف جي ڪري دنيا ۾ مشهور آهي. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ دفعي هو شڪار ڪرڻ نڪتو. جڏهن ڪاڏي جو وقت ٿيو ۽ نوڪرن شڪار ڪيل جانورن جو گوشت، پچائڻ لاءِ سيخن ۾ وڌو. تڏهن خبر پئي تہ لوڻ نہ آهي. هڪڙي نوڪر کي لوڻ وٺي اچڻ لاءِ چيائون ۽ نوشيروان بادشاهہ ان نوڪر کي چيو تہ: لوڻ پئسن سان وٺجانءِ، مفت جو لوڻ ڪڏهن بہ نہ وٺجانءِ. متان ملڪ ۾ اهڙو رواج پئجي وڃي.

نوڪرن عرض ڪيو تہ: سائين ٿورڙي لوڻ وٺڻ سان ڇا ٿي پوندو؟

نوشيروان چيو تہ: ابا! دنيا ۾ ظلم جو بنياد پيو ئي ٿورڙين شين سان آهي. جيڪو بہ آيو ان ۾ واڌارو ڪندو ويو. ۽ هاڻي نوعيت اچي ان حد تي پهتي آهي، جو دنيا ۾ ظلم پکڙجي ويو آهي.

جيڪڏهن ڪو حاڪم رعيت جي باغ مان رڳو هڪ صوف ڪٽي کائڻ روا سمجهندو تہ ان جا نوڪر، صوفن جا وڻ پاڙان پٽڻ ۾ بہ عار نہ ڪندا. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو بادشاهہ ڪنهن کان هڪ آنو (بيضو) زوريءَ کسيندو تہ ان جا سپاهي هزارين ڪڪڙيون کڻي ڪباب ڪري کائي ڇڏيندا. ان ڪري لوڻ ڪڏو بہ مفت وٺڻ صحيح نہ آهي.

ظالم عملدار جي پڇاڙي

هڪڙو هو عملدار، اهو غريب رعيت جا گهر ڦري، شاهي خزاني کي پيو ڀريندو هو. ان کي سياڻن جي هن گفتي جي خبر ئي نہ هئي، جو چيو اٿن تہ: جيڪو ماڻهو خدا تعاليٰ کي ناراض ڪري، ڪنهن انسان کي خوش ٿو ڪري، تہ الله سائين، ان کي ساڳئي انسان هٿان خوار خراب ڪندو آهي. ۽ مري تي باهہ ايترو اثر نہ ڪندي آهي جيترو مظلوم جي دل جي آهہ ظالم تي اثر ڪندي آهي. چوندا آهن تہ: آهہ غريبان قهر خدائي.

سيني جانورن ۾ طاقتور جانور شينهن آهي ۽ سيني ۾ سادو ۽ گهٽ گڏهہ آهي. پر سڀ ماڻهو چون ٿا تہ: ڦاڙيندڙ ۽ خونخوار شينهن کان، بار ڍوئيندڙ گڏهہ چڱو آهي. گڏهہ ڪٽي بي سمجهہ آهي، پر بار ٿو

ڪٽي تہ ڪيڏو ڪم ٿو اچي. هيئن سمجھہ تہ بار ڪٽندڙ گڏھہ ۽ هر ڪاهيندڙ ڏاند. بي رحم انسان کان هزار ڀيرا ڀلا آهن. (ڳالھہ پئي هلي ظالم ڪاموري جي).

نيٺ ان عملدار جي ڪارنامن جي خبر بادشاھہ تائين وڃي پهتي. پوءِ تہ بادشاھہ ان کي پڪڙائي، سخت تڪليفون ڏئي مارائي ڇڏيو. سياڻن چيو آهي تہ: بادشاھہ کي راضي رکڻ چاهين تہ رعيت کي راضي رک ۽ الله سائينءَ کي راضي ڪرڻ گھرين تہ سندس مخلوق سان نيڪي ڪر.

چون ٿا تہ: ان عملدار جي هٿان ستيل ۽ ستايل هڪ غريب ماڻهو ان وقت اتان لنگھيو پئي، جنهن وقت عملدار کي قتل پئي ڪيائون. هن جو هي حال ڏسي چوڻ لڳو: حڪومت جي زور تي ۽ ڏاڍ سان گھڻئي مال ڦٻايئي، هاڻي اهي مال هضم ڪر تہ خبر پوي، سخت هڏيءَ جو ڳتل ٽڪر، ڪڏهن پيٽ ڦاڙي دن وٽان نڪري پوندو آهي، توسان بہ اڄ اهو ڪم ٿيو آهي.

نہ دنيا ۾ ظالم رهي برقرار،
مگر ان تي لعنت رهي پائدار.

پلاند پراڻو نہ ٿئي

هڪڙي سرڪش ۽ ظالم ماڻهوءَ جي ڳالھہ ڪندا آهن تہ: ان ڪنهن نيڪ درويش کي اي واٽ ويندي مٿي ۾ هڪ پٿر هڻي ڪڍيو. ان درويش ڏٺو تہ هن ظالم سان منهنجي پڄڻ جي جاءِ نہ آهي، تڏهن دل جو سور دل ۾ سانڍيو، ماڻڙي ڪري اهو پٿر کڻي، پاڻ وٽ هٿيڪو ڪري رکيائين.

ڪجھہ وقت گذريو تہ وقت جو بادشاھہ. ان ڏاڍي مڙس تي اچي ڪاوڙيو سزا طور هڪڙي سڪل ۽ ڦٿل کوھہ ۾ کڻي قيد ڪرايائينس. ۽ هن درويش کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ان کوھہ وٽ اچي پهتو. اهو ساڳيو سانڍي رکيل پٿر کڻي. زور سان کوھہ ۾ پيل ظالم جي مٿي ۾ هنيائين. ظالم مٿي نهاري پڇيو تہ ڪير آهين؟ هي پٿر ڇو هنيو اٿئي؟ درويش وراڻيو تہ: آئون فلاڻو آهيان. اهو پٿر، ساڳيو اٿئي جيڪو ان ڏينهن تو مون کي مٿي ۾ هنيو هو. هن پڇيو تہ هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ درويش وراڻيو: هيترا ڏينهن تنهن جي رعب ۽ دٻدٻي کان پئي

ڊنس. اڄ جڏهن توکي کوهہ ۾ ڏٺو اٿم. تڏهن مناسب موقعو ڏسي پلاند پاڙيو اٿم. سياڻن جو چوڻ آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن نالائق ماڻهوءَ جو پلو پاڱ ڏسجي، تہ داناءَ کي ان جي آڏو ماٺ ڪري وقت گذارڻ گهرجي. پاڻ ۾ جيڪڏهن لڙڻ جي طاقت نہ هجي تہ پوءِ ڏاڍي سان هٿ نہ اٽڪائجي. جيڪڏهن ڪنهن مضبوط ۽ ڏاڍي ماڻهوءَ سان چنبو اٽڪايو تہ پوءِ پنهنجي ڪمزور ٻانهن جو خير نہ سمجهي. اهڙي وقت ۾ ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن بہ مناسب موقعو ملي، تڏهن پلاند ڪري پنهنجا هٿ ۽ هنياءُ ٺارجن.

سياڻي نينگر جو قصو

هڪڙو هو بادشاهہ. ان کي اهڙو اڇي مرض لڳو جو ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر هئي. يوناني حڪيمن ۽ طبيبن پاڻ ۾ مشورو ڪري، ڏس ڏنو تہ: هنن صفتن واري ماڻهوءَ جو پتو گهرجي. پوءِ ان مان دوا ٺهندي ۽ بادشاهہ سلامت ان دوا سان صحتياب ٿيندو. ان کان سواءِ ٻيو ڪو علاج نٿو سجهي.

بادشاهہ حڪم ڏنو تہ اهڙو ماڻهو هٿ ڪيو وڃي. گهڻي ڳولا ڦولا کان پوءِ حڪيمن جي ٻڌايل وصفن وارو نوجوان ڪنهن ٻهراڙيءَ مان هٿ آيو. ان جي پيءُ ماءُ کي اڻ مئي دولت ڏئي راضي ڪيائون ۽ سرڪاري قاضيءَ (جج) هڪدم فتويٰ صادر ڪئي تہ: بادساهہ سلامت جي جان بچائڻ لاءِ، ڪنهن هڪڙي رعيتيءَ کي خون ڪرائڻ بلڪل جائز آهي.

جڏهن نوجوان کي ڪهڻ لاءِ جلاد تيار ٿيو تڏهن نينگر مٿي آسمان ڏي نهاريو ۽ مرڪيو. اتي بادشاهہ پڇيو: اي ڇوڪرا! هي وقت تنهنجي کلڻ ۽ مرڪڻ جو تہ نہ آهي. تون ڇو مرڪئين؟ نينگر وراڻيو: اي سائين! اولاد جا انگل هوندا آهن ماءُ پيءُ سان ۽ فيصلو يا مسئلو قاضيءَ وٽ کڻي ويجبو آهي ۽ انصاف جي طلب بادشاهہ کان ڪبي آهي. اڄ ڏٺم تہ ماءُ پيءُ پئسن جي لالچ سبب مون کي ڪسڻ لاءِ وڪڻي ڇڏيو. سرڪاري قاضيءَ منهنجي ڪسڻ جي جواز جي فتويٰ ڏئي ڇڏي آهي ۽ بادشاهہ سلامت پنهنجي چڱيلائي منهنجي ڪسڻ ۾ ٿو سمجهي ۽ هو منهنجو ڪسڻ اکئين ڏسي پيو. تڏهن مون پنهنجي

هن قسمت تي مرڪي آسمان ڏانهن نهاريو ته اي منهنجا رب! توڪان سواءِ هن ڌرتيءَ تي منهنجي حياتيءَ لاءِ سڀ دروازا بند ٿي چڪا آهن. توڪان سواءِ ٻي ڪا پناهه نظر ئي نٿي اچي. اي بادشاهه سلامت! ٻئي ڪنهن جو ڏاڍ هجي ته توکي دانهن ڏيان، پر تنهنجي دانهن توکي ڪيئن ڏيان؟ ڇوڪر جو اهڙو گفتو ٻڌي، بادشاهه جي دل پرجي آئي. اکين ۾ پاڻي اچي ويس. چوڻ لڳو ته: ههڙي بي گناهه ۽ سياڻي نينگر جي کهاڻ کان، آئون پنهنجي لاءِ موت کي پسند ٿو ڪريان ۽ مرڻ بهتر ٿو سمجهان. ائين چئي ڇوڪر جي اکين ۽ نرڙ تي چمي ڏئي، پيار ۽ پاٻوهه سان ننيگر کي ڇڏي ڏنائين ۽ گهڻائي تحفا ۽ سوکڙيون به ڏنائينس. ڳالهه ٿا ڪن ته هفتي کن ۾ بادشاهه به چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويو.

ڪنهن داناءَ جو قول آهي ته: نيل نديءَ جي ڪناري تي ڪنهن پيلبان (هاٿيءَ جي مالڪ) چيو ٿئي، ته ماڪوڙي منهنجي پير هيٺان اچي، يا آئون هاٿي جي پيرن هيٺان اچان. ڳالهه ته ساڳي آهي. هيٺن تي رحم ڪبو ته پاڻ تي به رحم ٿيندو. ڪر ڀلو ته ٿئي ڀلو.

جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کوٽي

عَمرو بن ليث نالي هڪڙو بادشاهه هو. ان جو هڪڙو غلام وٺائنس ڀڄي ويو. ان غلام کي ٻيا نوڪر چاڪر ڳولي پڪڙي آيا. بادشاهه وٽ هڪڙو وزير وينو هو جيڪو ڀاڄوڪڙ غلام جي مخالف هو. ان بادشاهه کي چيو ته: جيئندا قبلا! اهڙي ڀاڄوڪڙ غلام کي مارائي ڇڏيو جيئن ٻين غلامن لاءِ مثال ٿئي. اهو ٻڌي ان غلام بادشاهه کي چيو ته: سائين! جيئن توهان کي وڻي تيئن ڪريو. آئون غلام ڇا ڪچندس. "هيءَ ڪميٽي ڪير؟ جيڪا امر کي آڏو ٿئي." پر منهنجو هڪ عرض آهي ته آئون توهان جي نعمتن ۾ پليل ۽ توهان جي احسانن ۾ گروي آهيان، منهنجي دل نٿي چاهي ته توهان منهنجي ناحق خون جي عيوض، قيامت ڏينهن الله جي آڏو جوابدار ٿيو. ان ڪري منهنجي هڪ تجويز آهي، توهان اجازت ڏيو ته، آئون هن وزير کي قتل ڪري وجهان، پوءِ خون جي بدلي خون واري اصول مطابق، منهنجو مارائڻ توهان لاءِ روا ٿي پوندو ۽ منهنجي مارائڻ جو ڏوهه توهان تي نه ٿيندو.

اهو ٻڌي بادشاهہ کان ڪل نڪري وئي ۽ ان وزير کي چيائين تہ: هاڻي ٻڌاءِ ڇا صلاح آهي؟ وزير چيو تہ: سائين! الله جو اٿو قسم. پنهنجي ماڻهن جي مهابي هن غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو نہ تہ. هي مون کي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسائيندو. واقعي اڳرائي منهنجي آهي. سياڻن سچ چيو آهي تہ: جنهن جي هٿ ۾ پٿر هجي، ان سان مهاڏو نہ اٽڪاءِ. نہ تہ پنهنجو مٿو ڇتائيندين. تون جيڪڏهن ٻئي ڏي تير هڻندين تہ يقين سمجهہ تہ توڏي بہ ڪنهن جو تير آيو ڪي آيو. جيڪو ٻين لاءِ کڏ کوٽيندو اول ان ۾ پاڻ ڪرندو.

ڳڻي ڪانُ ڪمان مان ميان مارمَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

مصيبت ماڻهن کان نہ سمجهہ

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: زوزن ولايت جي بادشاهہ وٽ هڪڙو وزير هو. اهو سخي دل ۽ پيارو ماڻهو هو. جهڙو ظاهر ۾ چڱو هو تهڙو اندر جو اجرو هو. پر پٺ بہ هر هڪ جو خير خواهہ هوندو هو. اتفاق سان ان وزير کان ڪو اهڙو ڪم ٿي پيو جيڪو بادشاهہ کي نہ وڻيو ۽ وزير کي سزا ڏئي قيد ڪٽي ڪرايائينس. جيل ۾ مقرر ڪيترن علمدارن کي ان پياري وزير جون ڪيل مهربانيون ياد هيون. ان ڪري هر هڪ ان وزير سان نرمي پئي ڪئي. ان سان ڪابہ سختي نہ ڪندا هئا. سڀ سهولتون کيس ڏيندا هئا.

سياڻن سچ چيو آهي تہ: ڪنهن دشمن سان صلح سانت سان رهڻ گهرين تہ. تون ان جي پرپٺ بہ چڱو چئُ پلي پوءِ هو گلا ڪندو رهي. دشمن جي وات ۾ ضرور اڻ وڻندڙ گفتگو ايندو ۽ تون اهڙا اکر ٻڌڻ نہ چاهين تہ پوءِ دشمن جو وات مٺو ڪندو رهہ!

جن الزامن سبب بادشاهہ هن وزير کي قيد ۾ رکايو هو انهن مان ڪي الزام ثابت ٿي نہ ٿيا. البتہ ڪن الزامن جي تحقيق نہ ٿي هئي، جنهنڪري وزير جيل ۾ ڏکيو سکيو وقت پيو گذاريندو هو.

چون ٿا تہ: پرپاسي جي ڪنهن ملڪ جي بادشاهہ وجهہ وٺي هڪڙو مخفي خط ان وزير ڏي جيل ۾ موڪليو. جنهن ۾ لکيائين تہ: ان

بادشاهہ تو جهڙي لائق ماڻهوءَ جو قدر نہ سڃاتو آهي، توهان کي جيل ۾ رکي، هن توهان جي بي عزتي ڪئي آهي، جيڪڏهن الله خير ڪري، توهان کي وٽي ملي وڃي ۽ اسان جي ملڪ ۾ اچي پهچو تہ اسان توهان جو قدر سڃاڻنداسين ۽ توهان جو مان مرتبو وڌائينداسين. اسان جي ملڪ جا امير وزير توهان جهڙي بزرگ جي ملاقات لاءِ منتظر ۽ خط جي جواب جي انتظار ۾ آهن.

وزير کي جڏهن اهو خط مليو پڙهي احوال معلوم ڪيائين. ڪجهہ سوچ ويچار کان پوءِ ان آيل خط جي پٺيان مختصر جواب اهڙو لکيائين، جيئن اتفاق سان خط ظاهر ٿي پوي تہ بہ ڪا خرابي پيدا نہ ٿئي. ڪنهن خدمتگار کي ان خط جي خبر پئجي وئي. ان وڃي بادشاهہ سان ڳالهہ ڪئي تہ: فلاڻو وزير جنهن کي توهان جيل ۾ بند ڪيو آهي، اهو ٻئي بادشاهہ سان لک پڙهہ پيو ڪري. اهو ٻڌي بادشاهہ تپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ جاچ جو حڪم ڏنائين. ماڻهو موڪليائين، جيئن خط کڻي ويندڙ قاصد کي واٽ تان پڪڙي وٺي اچن. نيٺ قاصد کي حاضر ڪيو ويو پوءِ بادشاهہ خط کولي پڙهيو ان ۾ هيئن لکيل هو:

جنابا! توهان صاحبن جو منهنجي بنسبت جيڪو سهڻو گمان آهي، سو چڱو آهي ۽ اهو منهنجي لياقت ۽ فضيلت کان متي آهي. ان لاءِ توهان جي مهرباني. توهان ايڏانهن اچڻ جي دعوت ڏني آهي، پر اهڙي دعوت قبولڻ ناممڪن آهي. ڇوتہ آئون هن خاندان جو پاليل غلام آهيان. زماني جي ٿوري گهڻي گردش سبب آئون پراڻي محسن سائينءَ سان بي وفائي نٿو ڪري سگهان. جنهن جي هٿ جو مٺو کاڌو آهي، ان جي هٿ جو ڪڙو نہ ٿوڪاربو آهي. جنهن کي ڪرين سائين، تنهن سان سينا ڪهڙا ساهين. ڪنهن بزرگ چيو آهي تہ:

پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

بادشاهہ کي خط پڙهڻ سان وزير جي حق شناسي ڏاڍي وڻي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. ان مهل ئي وزير کي جيل مان ٻاهر ڪيرائي، پاڻ وٽ گهرايائين، ڏاڍا انعام اڪرام ڏنائينس ۽ وزير کان معافي گهرڻ لڳو تہ: منهنجي غلطي آهي جو تو جهڙي وفادار کي بيگناهہ تڪليف ڏنم.

وزير عرض ڪيو تہ: اي بادشاھہ سلامت! ھيءُ خادم ھن حال ۾ بہ توھان جو ڪو قصور نٿو سمجھي. الله تعاليٰ طرفان تقدير ائين ھئي تہ مون کي تڪليف پھچي. پوءِ سنو ٿيو جو اھڙي تڪليف توھان صاحبن جي ھٿان پھتي، ڇوتہ: توھان جا ڪيئي احسان اڳ ۾ ئي ھن خادم تي آھن.

سياڻن سچ چيو آھي تہ: توکي جيڪڏھن مخلوق کان ڪا مصيبت پھچي تہ ڏک نہ ڪر! ڇوتہ ڏک سک مخلوق جي ھٿ ۾ ناھي. اھو سڀ ڪجھہ الله تعاليٰ جي ھٿ ۾ آھي. جھڙي طرح تير نڪرندو تہ ڪمان مان آھي، پر داناءُ ماڻھو ڪڏھن بہ ڪمان کان نہ سمجھندو، بلڪ تير ھلائيندڙ کان ئي سمجھندو.

خدمت جو بدلو

ھڪڙي عرب بادشاھہ جي ڳالھہ ٿا ڪن تہ: ان پنھنجي علمدارن کي حڪم ڏنو تہ: فلاڻي خادم جي جيتري پگھار آھي، اڳتي ان کي ٻيڻي پگھار ملڻ گھرجي، ڇوتہ اھو نھايت ھڏ ڏوکي ۽ فرمانبردار آھي. ٻيا نوڪر ڪم ڪار کان ڪڏھن نٽائي بہ ويندا آھن. سست ۽ ٽوٽي آھن ۽ ھي سدائين خدمت لاءِ ھڪيو حاضر آھي.

اھا خبر ڪنھن درويش کي پئي، تڏھن ان کان دانھن نڪري وئي. پڇيائونس: خير تہ آھي؟ دانھن ڇو ڪيئي؟ چيائين تہ: الله وٽ سندس ٻانھن جو قدر بہ ائين آھي، بہ ڏينھن ڪير بادشاھہ جي خدمت ۾ ساڄھر سوير حاضر ٿيندو تہ ٽئين ڏينھن ان تي ضرور مھربان ٿي پوندو. الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ بہ ائين آھي، بندگي ڪرڻ واري تي جلد ئي مالڪ مھربان ٿي پوندو. الله جا حڪم قبوليندڙ ھر جاءِ تي مان تو لھي ۽ ٻي فرمان خوار خراب ٿو ٿئي. جنھن کي الله تعاليٰ سياڳو ڪيو ۽ نمندڙ نرڙ عطا ڪيو آھي، اھو سجدي ۾ ڪڏھن بہ ڪوتاھي نہ ڪندو. الله تعاليٰ جي ٻانھپ ۾ ھڪيو حاضر رھندو.

آه غريبان قھر خدائي

ھڪڙو ھو ڪاٺين جو واپاري، ڏاڍو ظالم ھو. غريب ڪاٺير وڏي محنت سان ڪاٺ ڪٽي، ڪاٺيون ڪري ڪڻي ايندا ھئا. ۽ ھيءُ

واپاري تور ۾ ۽ حساب ۾ بي ايماني ڪري، ڪاٺيون وٺي رکندو هو. پوءِ شاهوڪارن کي مهانگي اگهه سان وڪڻي ڏيندو هو. هڪڙو درويش اتان اچي لنگهيو. واپاريءَ کي چوڻ لڳو تہ: تون نانگ چٺبين. جو سڀ کنهن کي ڏنگين ٿو. يا تہ چنبڙي چپ آهين جو جتي ويهين اتي ويراني ڪرين. ماڻهن سان ايڏو ڏاڍ ٿو ڪرين؟ ڪجهہ خدا جو خوف نٿو ٿيئي؟ ڏرتيءَ وارن سان اهڙي ڏاڍ مڙسي نہ ڪر! متان مظلوم مسڪينن جي آهہ عرش تي اگهامي وڃي.

ان سيٺ کي بزرگ جي نصيحت سان ويتر مئيان لڳي ۽ منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيائين. ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري چڏيائين. الله جي قدرت جو هڪ رات رڌڻي مان سيٺ جي گڏ ڪيل ڪاٺين جي انبار کي اچي باهہ لڳي. سندس سڄي مڏي ملڪيت سڙي خاڪ ٿي وئي. پوءِ تہ اهو سيٺ جيڪو نرم گاديلن تي سمهڻ وارو هو پٽ تي اچي پيو. اتفاق سان ان وقت ساڳيو نصيحت ڪندڙ درويش اتان اچي لنگهيو. ڏٺائين تہ اهو سيٺ پنهنجن دوستن کي چئي رهيو هو: خبر نٿي پوي تہ هيءَ باهہ الائي ڪٿان اچي منهنجي ڪارخاني ۾ لڳي؟ هن درويش بہ نہ ڪئي هم نہ تم. وڏي واڪي چيائينس تہ: اها باهہ مسڪينن جي دل مان نڪتل آهہ سان لڳي اٿئي. توکي اڳ ۾ ئي چوندو هوس تہ: غريبن جي آهہ کان پيو ڊڄ. چوتہ انهن جي اندر جو درد، نيٺ هٽي هنڌ ڪندو. جيترو ٿي سگهي، ڪنهن جي دل نہ رنجائجي. چوتہ مسڪين جي هڪ آهہ سان سڄو جهان جلي سگهي ٿو.

عجيب نڪتو

ايران جي بادشاهہ خسروءَ جي شاهي تاج تي هڪ فارسي بيت لکيل هوندو هو جنهن جو هي مطلب آهي:

گهڻي عمر گذري گهڻا سال ٿيا، اسان جي هٿن مان گهٽائي ويا،
وڏن کان جو ورثو اسان کي مليو، وري تنهنجا وارث ڪي ٿيندا ٻيا.

نالائق شاگرد جو قصو

هڪڙو هو پهلوان، ڪشتي لڙڻ جو وڏو ماهر هو. ان کي ڪشتي لڙڻ جا (360) هنر ايندا هئا. هر روز ڏار ڏار هنر سان ڪشتي ڪيڏندو هو.

ڪير بہ سندس پنهنجي پٽ نہ لڳائي سگھندو هو. اتفاق سان هو هڪڙي شاگرد تي گھڻو مهربان ٿي پيو. ان کي (359) هنر ڪشتيءَ جا سيکاريائين. باقي هڪڙو ۽ خاص هنر ان شاگرد کان لڪائي رکيائين، اصل نہ سيکارياڻينس.

قصو ڪوتاهہ، اهو نوجوان شاگرد جهڙو هو بدني طاقت ۾ پهلوان، تهڙو ڪشتيءَ جي فن ۾ ماهر ٿي پيو. ملڪان ملڪ ان جو نالو مشهور ٿي ويو. ان سان مقابلي ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ جرئت نہ ٿيندي هئي. نڪو ڪير ان کي دسي سگھندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو اهو جوان ٿانءِ ۾ پرجي ويو ۽ هڪڙي پيري بادشاهہ وٽ ٻٽاڪ هڻي چوڻ لڳو تہ: ڪوبہ ماءُ جو پٽ مون کي نہ سجهي، جيڪو منهنجي پنهنجي پٽ لڳائي سگھي. يعني مون کي دسي سگھي منهنجو استاد بہ بزرگيءَ ۽ استاديءَ جي ڪري سائين آهي. باقي طاقت ۾ آئون ان کان گهٽ نہ آهيان. ڪشتيءَ جي فن ۾ ان جي برابر آهيان.

بادشاهہ کي هن نوجوان جي ٻٽاڪ نہ وڻي. سو اعلان ڪيائين تہ: هن جو سندس استاد سان ڪشتيءَ جو مقابلو ٿيڻ گھرجي. مقابلي لاءِ هڪڙو ڪشادو ميدان تيار ڪيو ويو. استاد ۽ شاگرد جي مقابلي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا راڄ اچي گڏ ٿيا. امير وزير ۽ ملڪ جا ٻيا پهلوان سڀ اتي پهچي ويا. جنهن بہ هن مقابلي جو احوال ٻڌو پئي، اهو اتي ڪهي آيو پئي.

هي نوجوان مست هاٿيءَ وانگر لڏندو اچي ميدان ۾ پهتو. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ ڪو لوهہ جو جبل هجي ها، تہ بہ هي نوجوان پهاڙ کي پاڙان پٽي پري اڇلائي ڇڏي ها. استاد ڏٺو تہ هي نوجوان طاقت ۾ مون کان مٿي آهي. ان ڪري ڪشتيءَ جي ان لڪايل فن کي ڪم آندائين. جنهن جي ٽارڻ جي نوجوان کي سڌ ئي نہ هئي. هن شاگرد نوجوان اهو فن ڏٺو ئي نہ هو نہ ڪو سندس خيال ۾ ئي هو. ان ڪري جهوني استاد ٻنهي هٿن سان نوجوان کي زمين تان مٿي کنيو ۽ گھمائي، پٽ تي ڪٽي اڇلايائينس. تماشبينن طرفان واهہ سائين واهہ جو هل ٿي ويو.

پوءِ بادشاهہ ان استاد کي ڪيترائي انعام اڪرام ڏنا ۽ هن جوان شاگرد کي جٺ ڦٽ ڪيائين تہ: پنهنجي استاد سان برابريءَ جي هام هنيئي ۽ پڄي بہ نہ سگھئين؟ نوجوان پهلوان چيو تہ: جيئندا قبلا!

استاد مون کي طاقت ۾ نہ ماريو آهي، پر ڪشتيءَ جو هڪڙو فن سچي عمر مون کان لڪائي رکيائين. اڄ ان جي وسيلي مون کي ماري ويو. استاد چيو تہ: اهو هنر اڄوڪي ڏينهن لاءِ لڪائي رکيو هوم. چوتہ سياڻن چيو آهي تہ: دوست کي بہ ايتري طاقت نہ ڏي، جو جيڪڏهن سياڻي تنهنجو دشمن ٿي بيهي، تہ تون پڄي نہ سگهينس. ائين هڪڙي استاد پنهنجي ٻالڪي کان تڪليف ڏٺي، پوءِ چيائينس: ٻڌو نہ اٿئي؟ تہ هڪ همراهہ کي پنهنجي هٿن سان پاليل شخص طرفان ڪو ڏک پهتو. تڏهن درد مان چيائين: يا تہ هن دنيا ۾ وفاداري آهي ئي ڪانہ يا آهي پر هن زماني ۾ ڪير وفاداري ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جنهن کي تير هڻن مون سيکاريو انهيءَ ئي مون تي تير وسايا. سي ئي سيل ٿيام، جيڪي پاڻ پڙهايام.

بي طمع درويش

هڪڙو هو درويش. ان دنيا جي ڌنڌن کي ترڪ ڪري، وڃي بيابان وسايو. سيني کان ڌار ٿي، اڪيلو رهڻ لڳو. هڪ دفعي ان ملڪ جو بادشاهہ اتان اچي لنگهيو جيئن تہ بي طمع ماڻهوءَ کي ڪنهن جي ڪاڻ ناهي، ان ڪري درويش بادشاهہ جي اچڻ جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هٿ ڏيڻ ۽ سلام ڪرڻ لاءِ بہ نہ آيو. هو عبادت ۾ مشغول رهيو. بادشاهہ کي درويش جي ان روش تي ڏاڍي مٺيان لڳي. چوڻ لڳو: هي گودڙي پوش فقير ڪنهن ماڻهپي ۾ ئي ڪونهن. اهي صفا ڍورن وانگر آهن، جن کي ڪنهن چڱي مٺي جي ڪا شناس ئي ناهي.

هڪڙو وزير ان درويش وٽ ويو. چيائينس تہ: اي فقير! ملڪ جو بادشاهہ هت تنهنجي پرسان آيو تہ بہ وڪون کڻي سلام ڪرڻ بہ ڪو نہ وئين؟ ان کي هٿ ڏيڻ کان بہ وئين. درويش چيو تہ: اي وزير! بادشاهہ کي وڃي چئو تہ: ان کي سلام ڪرڻ اهو وڃي، جنهن کي منجهس ڪا طمع هجي. اڃا بہ ڏک تہ مون کي ڪرڻ گهرجي، چوتہ بادشاهہ رعيت جي سنڀال لاءِ هوندو آهي، انهن جو ڌنار آهي، ڌنار کي ڌڻ جي سار سنڀال لهڻي آهي. ڌڻ سندس سلام ڪري يا نہ ڪري

درويش چيو تہ: اڄ جهان ۾ ڏس تہ ڪي خوشيءَ ۾ آهن تہ ڪي غم ۾ آهن. هت تہ ڪٿي اوچ نيچ جا فرق ماڻهن بنايا آهن. پر تون ڏسندين تہ مرڻ ۾ ڪو فرق ناهي، هر هڪ کي مٽيءَ جو مهمان ٿيڻو آهي. پوءِ اتي قبر ۾ امير، غريب. بادشاهہ ۽ فقير جو ڪو تفاوت ڪونهي. هاڻي ٻڌاءِ تہ، آئون بادشاهہ وٽ نہ ويس تہ ڇا ٿي پيو؟

وزير اهي احوال بادشاهہ کي ٻڌايا. ان کي درويش جا گفتا وڻيا ۽ درويش وٽ پهچي چيائينس تہ: ڪو حڪم احڪام هجي تہ چئو ڪو مطالبو هجي تہ آئون مڃيان. درويش چيس تہ: منهنجو مطالبو هي آهي تہ اڳتي مون وٽ هت اچي، مون کي تڪليف ۾ نہ وجهندا ڪريو! وري بادشاهہ چيس تہ: ڪا نصيحت ڪريوم. درويش چيو: بادشاهہ سلامت! الله جي عطا ڪيل نعمتن جو قدر ڪري، انهن کي صحيح طرح استعمال ڪر! ڇوتہ ملڪ ۽ مال سڀ عارضي آهن. اڄهو ٿا توکان کسجن. تنهنڪري انهن مان آخرت جو ثمر تيار ڪر!

خدا جو خوف وڏي وَٿُ آهي

ذوالنون نالي مصر جو هڪ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. ان وٽ ڪنهن بادشاهہ جو هڪڙو وزير آيو. چيائينس تہ: سائين! دعا لاءِ آيو آهيان، جو رات ڏينهن بادشاهہ سلامت جي خدمت ۾ رهان ٿو. ان جي احسان ۽ رضامنديءَ جي اميد رکندو آهيان ۽ دل ۾ سدائين اهو خوف رهندو اٿم تہ. متان ڪنهن ڳالهہ تان بادشاهہ ڪاوڙجي پوي. ذوالنون مصري اهو ٻڌي، اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪيو پوءِ چيائين تہ: جهڙو تنهنجو حال بادشاهہ آڏو آهي، آئون جيڪڏهن ائين پنهنجي پالڻهار سان تعلق رکان تہ جيڪر سچن ٻانهن جي قطار ۾ شمار ڪيو وڃان.

سياڻن جو چوڻ آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن درويش کي هن دنيا جي ڏک سک جي پرواهہ نہ هجي، تہ جيڪر عرش تي ان جا قدم هجن ۽ جيڪڏهن وزير ايترو الله کان ڊڄي جيترو بادشاهہ کان ڊڄي ٿو تہ جيڪر ملائڪن جي قطار ۾ شامل ٿي وڃي.

ڪاوڙ ڪائڻ پلو ڪم آهي

هڪڙو هو بادشاهہ. ان ڪنهن ڏوهاريءَ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان ماڻهوءَ بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ: سائين! توهان جي جيڪا مون تي ڪاوڙ آهي، ان جي ڪري توهان پنهنجي لاءِ ويل نہ وهايو. ڇاڪاڻ تہ مون کي ڪٺي مرڻ مهل گهڙي کن تڪليف ٿيندي، پر توهان تي مون کي مارائڻ جو گناهہ هميشہ لاءِ لڪجي ويندو.

جهان ۾ ڏک توڙي سک، هوا جي جهوٽي وانگر ايندا ۽ ويندا آهن ۽ ظالم ائين نہ سمجهي تہ مون مظلوم تي ظلم ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ هن ظالم اهو بار پنهنجي مٿي تي کنيو آهي. بادشاه کي ڏوهاريءَ جي نصيحت پسند اچي وئي ۽ معافي ڏئي ڇڏي ڏنائينس.

ڏينهن جو تارا ڪٽيون

نوشيروان بادشاهہ وٽ سندس وزيرن، ڪنهن مسئلي بابت صلاحون پئي ڏنيون. هر هڪ پنهنجي عقل ۽ سمجهہ آهر مشورو پئي ڏنو ۽ بادشاهہ بہ پنهنجي راءِ ٻڌائي، جيڪا سيني وزيرن جي صلاح کان ابتڙ هئي. اتي بزرجمهر نالي هڪڙو سياڻو وزير بہ هو. ان بادشاهہ جي راءِ جي پٺڀرائي ڪئي. پوءِ ٻين وزيرن پڇيس تہ: هيترن سياڻن وزيرن جي صلاح جي ابتڙ تون بادشاهہ جي راءِ سان شامل ڇو ٿئين؟ ڪهڙي مصلحت ڏٺئي؟ جواب ڏنائين تہ: مسئلو آهي منجهيل، اڳتي نتيجو الائي ڪهڙو نڪري؟ توهان وزيرن جون صلاحون درست بيهن الائي نہ؟ ان ڪري مون پاسو ٿي بادشاهہ وارو ورتو. هاڻي جيڪڏهن نتيجو بادشاهہ جي ابتڙ نڪتو تہ بہ مون کي ڏوراپو ڪونہ ڏيندو ڇوتہ آئون ساڻس شامل راءِ ٿيس.

سياڻن چيو آهي تہ: بادشاهہ جي مخالفت ڪرڻ، پنهنجي رت سان راند ڪرڻ برابر آهي، ان ڪري جيڪڏهن بادشاهہ ڇٽي ڏينهن کي رات چوي، تہ سياڻي کي گهرجي تہ هيئن چوي: سائين! اجهي تارا هي بيٺا آهن ۽ ڪٽي هِتان اپريل آهي. ٽيڙو هيڏانهن آهن.

ڪوڙي ماڻهوءَ جو قصو

هڪڙو هو ٺگ ماڻهو وڏا وار رکيل هئس. ان بادشاهہ جي دربار ۾ اچي دعويٰ ڪئي تہ: آئون علوي (يعني حضرت علي ﷺ جي اولاد مان) آهيان. حج تان موٽيل قافلي سان گڏ شهر ۾ آيو هو. چيائين پئي تہ: آئون حج ڪري هاڻي موٽيو آهيان. بادشاهہ جي آڏو هڪ قصيدو (نظم) اچي پڙهيائين ۽ چيائين تہ: اهو نظم منهنجو ناهيل آهي. بادشاهہ ان کي گهڻي عزت ڏني ۽ انعام اڪرام بخشيائينس.

ايتري ۾ بادشاهہ جو هڪڙو وزير، جيڪو تازو سفر تان موٽيو هو. ان اتي چيو تہ مون هن ماڻهوءَ کي عيدالاضحيٰ واري ڏينهن بصري شهر ۾ ڏٺو هو. ان مان معلوم ٿيو تہ حج تي ويو ئي ڪونہ هو. اتي ڪچهريءَ ۾ ويٺل ٻئي ماڻهوءَ اٿي چيو تہ: آئون هن کي سڃاڻان. هي مالٽا جو ويٺل آهي ۽ فلاڻي عيسائيءَ جو پٽ آهي. اهو ٻڌي يقين ڪيائون تہ علوي هرگز نہ آهي ۽ جيڪو قصيدو پڙهيائين ۽ دعويٰ ڪيائين تہ منهنجو جوڙيل آهي. اهو نظم ديوان انوريءَ ۾ لپي پيو. يعني اها دعويٰ بہ ڪوڙي نڪري پيس.

.بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: هن نامراد اسان جي دربار ۾ پير ٻڌي هيڏا ڪوڙ هڻيا آهن. ان ڪري هن کي مار موچڙو ڪري، شهر مان تڙي ڪڍوس. اهو ٻڌي هيءُ دولابي ماڻهو اٿيو ۽ چوڻ لڳو: جيئندا قبلا! اچا هڪڙي ڳالهہ چوان ٿو اها ٻڌو! پوءِ جيڪڏهن اها بہ ڪوڙي هجي تہ جيڪا سزا وڻيوَ اها مون کي ڏجو. بادشاهہ چيو: چؤ! ڇا ٿو چوين؟ هن چيو:

ڪو غريب ماڻهو توهان جي خدمت ۾ لسيءَ جو وٽو آڻيندو تہ ضرور ان ۾ بيٺو پاڻي وجهي کڻي ايندو. توهان سچ پڇو تہ ان وانگر گهڻو گهمندڙ ماڻهو ۽ جهان ۾ رلندڙ ڪوڙ بہ گهڻو ڳالهائيندو. (اسان رولاڪن جي دل ۾ نہ ڪجو).

اهو ٻڌي بادشاهہ کان ٽهڪ نڪري ويو. چيائينس تہ: تو سڄي عمر ۾ اڄ ئي سچ ڳالهايو آهي. پوءِ حڪم ڏنائين تہ: جنهن دان جي اميد رکي، هو کهي هٿ پهتو آهي، اها بخشش هن کي ڏيو تہ فقير رمندو رهي.

هارون رشيد جو انصاف

عباسي خليفي هارون رشيد جي هڪڙي پٽ، پيءُ وٽ دانهن ڏني تہ بابا! مون کي فلاڻي سپاهيءَ جي پٽ، ماءُ تي گاريون ڏنيون آهن. ان وقت شهزادي کي ڏاڍي ڪاوڙ چڙهيل هئي. هارون رشيد پنهنجن وزيرن کان پڇيو تہ: ان گارين ڏيندڙ کي ڪهڙي سزا ڏجي؟ پوءِ ڪنهن چيو: ان کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ ڪنهن چيو تہ: ان جي گار ڪيڻ واري جڀ ڪپي ڇڏجي، ڪنهن چيو تہ: ڏنڊ وجهي ان کي ملڪ مان تڙي ڇڏجي.

هارون رشيد پٽ ڏانهن نهاري چيو: اي پٽ! سنو تہ ائين آهي جو گارين ڏيندڙ کي معاف ڪري ڇڏ! پر جيڪڏهن ڪاوڙ گهٽي هجي ۽ معافي نٿو ڏئي سگهين. تہ پوءِ جيتريون گاريون هن ڏنيون آهن، تون بہ اوتريون گاريون ڏئينس. پر خبردار! متان ڪا وڌيڪ گار ڏينس. پوءِ تون ان آڏو جوابدار بڻجي پوندين ۽ هو فريادي تي پوندو.

(حديث ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بهادر اهو ناهي، جيڪو ٻئي کي ڪشتيءَ ۾ دسي وجهي، پر بهادر اهو آهي جيڪو ڪاوڙ کائي وڃي) (يعني ڪاوڙ وقت آپي کان ٻاهر نڪري نہ وڃي).

چڱائي ڪرڻ چڱي آهي

ڪن بزرگن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سفر پئي ڪيم. اسان جي پنيان ايندڙ هڪڙي ٻوندي (ننڍي ٻيڙي) اونڌي ٿي پئي. ان ۾ چڙهيل ٻہ ڀائر هڪڙي ڪُن ۾ وڃي پيا. اسان جي ساٿين مان هڪڙي بزرگ، ملاح کي چيو تہ: هنن ٻنهي کي سلامت ڪڍي اچ، تہ توکي هر هڪ جي عيوض پنجاهہ دينار ڏيندس. ملاح پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو ۽ هنن ٻن مان هڪڙي کي سلامت ڪڍي آيو ايتري ۾ ڪُن جو پاڻي ملي ويو ۽ ٻيو ويچارو ٻڏي ويو. اتي مون (سعديءَ) ملاح کي چيو تہ: هن ويچاري جا ڏينهن پڄي آيا هئا. وڌيڪ عمر نہ هئس، ان ڪري تو ان جي ڪيڻ ۾ دير ڪئي ۽ هن کي اڳ ۾ ڪڍي آئين. اهو ٻڌي ملاح کليو چيائين تہ: سائين! توهان جيڪي چيو اهو بہ صحيح آهي، پر اجا ٻيو سبب هو. پڇيومانس: اهو ڪهڙو؟ هن چيو تہ: هن کي بچائڻ لاءِ منهنجي دل

گهٽي چڪ ڪاڏي، چو جو هڪڙي پيري ڪنهن رڻ پٽ ۾ پنڌ ڪندي ٿڪجي پيو هوس، تہ هي مون کي پنهنجي اٺ تي چاڙهي وٺي آيو ۽ بئي جي هٿان نيڏي هوندي ڇهبڪ کاڏو هوم. ملاح جو اهو گفتو ٻڌي هيءَ آيت پڙهيم:

مَن عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفسِهٖ وَمَن اساءَ فَعَلَيهَا

جيڪو ڪا چڱائي ٿو ڪري، تہ پنهنجي لاءِ ٿو ڪري ۽ ڪا برائي ٿو ڪري تہ بہ پنهنجي لاءِ ٿو ڪري. سياڻن سچ چيو آهي تہ: ڪنهن جي دل نہ ڏکوءِ، نہ تہ تون بہ ڏکيو ٿيندين. تون ڪنهن ضرورتمند جي ڪم ايندين، تہ سياڻي ٻيا بہ توکي ضرورت وقت ڪم اچي سگهندا.

شال نہ وجي شان

ٻہ ڀائر هوندا هئا. جن مان هڪڙو بادشاهہ جي نوڪري ڪندو هو ۽ ٻيو پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪري پيو پيٽ پاليندو هو. نوڪري ڪرڻ وارو شاهوڪار ٿي ويو هو. ۽ پورهيت ويچارو غريبي حال ۾ هئو. هڪ ڏينهن ان شاهوڪار ڀاءُ پنهنجي غريب ڀاءُ کي چيو تہ: تون بادشاهہ جي نوڪري ڇو نٿو وٺين. اجايو پيو پورهيو ڪري، پاڻ کي تڪليف ۾ وجهين ۽ ڀگهر پيو ڳاڙين. اهو ٻڌي پورهيت ڀاءُ چيس تہ: تون محنت مزدوري ۽ پورهيو ڇو نٿو ڪرين؟ جو ٻيو آڏو ٻانهون ٻڌيو سائين! سائين! پيو ڪرين. سياڻا چوندا آهن تہ: سون جو پٽو ڇيلهہ سان ٻڌي، ٻين آڏو نوڙي، سائين سائين ڪرڻ کان، پورهئي سان حاصل ڪيل رکي روٽي بهتر آهي.

ڪنهن داناءُ چيو آهي تہ: هٿن سان چونو (سيڙهي) ٻاٽيءَ ۾ پسائي مهٽڻ جنهن سان هٿ چلجي پون، هزار دفعا ڀلو جو ڪنهن امير آڏو هٿ ٻڌي بيهجي يا پنڻ لاءِ هٿ ٽنگجي. اي ڀاءُ! جيتوڻيڪ سڄي عمر هن ڀٽڪتيءَ ۾ گذرندي آهي تہ اونهاري ۾ ڇا ڪائجي ۽ سياري ۾ ڪهڙو اوڇڻ ڍڪجي، پر پوءِ بہ پاڻ کي چوندو آهيان تہ: اي پٽيا پيٽ! رکي سکي روٽيءَ تي راضي رهہ! پر ڪنهن جي آڏو جهڪي، ذليل نہ ٿجانءِ! ڀلي بک پرم جي، شال نہ وجي شان.

موت نہ آهي مٺو

چون ٿا تہ: ڪنهن ماڻهوءَ نوشيروان عادل بادشاهہ کي وڃي مبارڪ ڏني تہ توهان جو فلاڻو دشمن مري ويو. نوشيروان چيس تہ: مون کي اها خبر ٻڌاءِ تہ آئون هميشه رهندس؟ پوءِ چيائين تہ: دشمن جي مرڻ تي خوشي نہ ڪجي، ڇوتہ موت مٺو نہ آهي. اڄ هن وٽ آيو آهي تہ سڀاڻي پاڻ وٽ بہ پهچندو. هميشه جيئڻ لاءِ ڪير بہ نہ آيو آهي.

بزرجمهر وزير جي سياڻپ

نوشيروان بادشاهہ جي دربار ۾ وزيرن ڪنهن مسئلي بابت بحث پئي ڪيو. وڏو وزير بزرجمهر اتي ماٺ ڪيو وينو هو. پڇيائونس تہ توهان هن اهم بحث ۾ حصو نٿا وٺو؟ ڪجهہ نٿا ڪڇو؟ هن وراڻيو تہ وزير آهن طبيبن وانگر، جيسين ڪنهن کي بيمار نہ ڏسندا، تيسين دوا نہ ڏيندا. هتي بہ آئون ڏسان پيو تہ توهان صحيح پيا ڳالهايو تہ پوءِ هرويرو وچ ۾ ٽپي پوڻ، سياڻپ جي خلاف آهي. جتي ضرورت نہ هجي، اتي ڳالهائڻ نہ گهرجي. البتہ جتي ڏسجي تہ واٽ سان نابين وڃي پيو ۽ سندس آڏو کوهہ يا کڏو آهي، جنهن ۾ هن جي ڪري پوڻ جو خطرو آهي، تہ اهڙي وقت ۾ ماٺ ڪري ويهڻ گناهہ آهي.

عقل تي رزق نا هي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ جڏهن خليفي هارون رشيد مصر جو ملڪ فتح ڪيو تڏهن چيائين تہ مصر جو جيڪو بہ حاڪم ٿيو آهي، ان خدائيءَ جي دعويٰ پئي ڪئي آهي، پاڻ کي فرعون پئي سڏايو آهي، هاڻي ان ملڪ تي اهڙي ماڻهوءَ کي گورنر ڪندس، جيڪو صفا سادو ۽ گهٽ درجي وارو هوندو.

خضيب نالي هڪڙو ڪارو غلام هو ان کي ڪٺي مصر جو گورنر ڪيائين. چون ٿا تہ اهو اهڙو سادو هو جو مصر جي هارين جي هڪڙي وفد وٽس هيءَ شڪايت آندي تہ اسان ڪپهہ جو فصل پوکيو هو پر اڻ منداڻتي مينهن پوڻ سبب فصل تباهہ ٿي ويو. خضيب چيو تہ ڀل معاف نہ ٿيندي جو توهان جو ڏوهہ آهي. ڪپهہ جي بدران پشم جو فصل پوکيو ها، تہ خراب نہ ٿئي ها. اهو حال ڏسي ڪنهن سياڻي چيو:

عقل تي رزق هجي ها. تہ ويچارا بي عقل بک مري وڃن ها. پر الله ڪريم آهي، جو نادان کي رزق ائين ٿو پهچائي، جو داناءَ حيرت ۾ هوندا آهن. بخت ڀاڳ ۽ دولت، هنر سان بدل نہ آهي. اها ورهاست رب طرفان ٿيندي آهي. ڪيترا دفعا ڪيمياگر ڪجهہ نہ ملڻ سبب رنج هوندو آهي، تہ ڪڏهن اڻ ڄاڻ کي سچ مان گنج خزانو ملي ويندو آهي. جهان ۾ ڪيترا دفعا هيئن بہ ڏٺو اٿئون تہ: بي عقل کي وڏو عهدو ملي ويندو آهي ۽ داناء پيو دربدر ڀٽڪندو آهي.

جنين ڏاند نہ ٻڄ، تنين تنهنجو آسرو،
پوءِ اپارين سڄ، اول ڏين انهن کي.

نشئي بادشاهہ جو قصو

هڪڙو هو بادشاهہ. ان وٽ چين ولايت جي هڪ سهڻي ٻانهي هوندي هئي. بادشاهہ جي ان سان ڏاڍي دل هوندي هئي. هڪ ڏينهن بادشاهہ نشي جي حالت ۾ ٻانهيءَ سان ملڻ جي طلب ڪئي. پر ٻانهيءَ انڪار ڪيو. بادشاهہ کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ نشي سبب ڪاوڙ ۾ اها چيني ٻانهي، هڪڙي ڪاري حبشيءَ کي ڏئي ڇڏيائين. ڪارو اهڙو بدشڪل هو. جو ان جو مٿيون چپ نڪ ڪان مٿي چڙهيل هو ۽ هيٺيون چپ ڪاڏيءَ تائين لڙڪيل هوس. شڪل اهڙي هئس جو ڪو جن يا ديو ڏسيس ها، تہ بہ ڏڄي ڀڄي وڃي ها. ان جي بغلن مان ڄڻ گندرف پئي ٽميو.

مطلب تہ جيئن حضرت يوسف عليه السلام تي سونهن ختم آهي، تيئن هن حبشيءَ تي ڪوجهائپ ختم هئي. ڳالهہ ڪرڻ ڪان ٻاهر هئي، ۽ گدلو اهڙو هو جو ڄڻ اس ۾ مردار ڏونڊ پيو آهي.

چون ٿا تہ: ڪارو حبشي ٻانهيءَ کي پاڻ سان وٺي هليو ويو. ان مهل ئي وڃي زال بڻايائينس. صبح جو بادشاهہ جا نشا لٿا تہ ٻانهي پاڻ وٽ نہ ڏٺائين. ماڻهن ٻڌايس تہ: توهان نشي جي حالت ۾ فلاڻي شيديءَ کي ٻانهي ڏئي ڇڏي. ڪاري حبشيءَ جي بہ الله ٻڌي، سو ان وقت ئي ٻانهيءَ کي وٺي وڃي زال بڻايائينس. اهو ٻڌي بادشاهہ اچي ڪاوڙيو چوڻ لڳو تہ: ان ٻانهيءَ ۽ حبشيءَ کي ٻڌي جيل اماڻيو وڃي.

اتي هڪ وزير نيڪ ضمير ويٺو هو. ان اتي باادب عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! ان ۾ ويچاري حبشيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ جڏهن تہ توهان ڪيترن ماڻهن کي پيا نوازيندا آهيو. حبشيءَ بہ توهان جي نوازش ئي سمجهي، هن کي ڪهڙي خبر تہ هي عنايت آهي يا امانت آهي؟ بادشاهہ چيو تہ: حبشي رڳو هڪ رات ڍر ڪري ها ۽ انتظار ڪري ها تہ ڇا ٿئيس ها؟ ان جي عيوض آئون ٻانهيءَ جي قيمت کان مٿي ڏئي ڇڏيانس ها. وزير چيو تہ: سائين! توهان بلڪل صحيح ٿا چئو، پر سياڻا چوندا آهن: ڪو اڃ جو اوساتيل ماڻهو، ڪنهن پاڻيءَ جي چشمي تي پهچندو تہ اهو پاڻي پيئڻ کان ڪيئن مڙندو؟ سخت اڃ سبب اهو جهنگ جي جانورن کان بہ نہ ڊڄندو. پاڻيءَ ۾ ڪٽي ٻوٽ ڪوڙيندو يا ڪو بي دين بک ۾ بيحال تي پوي ۽ ان کي ڪٽي اڪيلو دسترخوان ڪاڏي سميت هٿ اچي وڃي تہ اهو بکيو هي نہ پڇندو تہ رمضان جو مهينو تہ ڪونهي؟

بادشاهہ کي وزير جو اهو سخن پسند آيو. چيائين تہ: حبشيءَ کي تہ بخشيم. هاڻي ٻانهيءَ جو ڇا ڪجي؟ وزير چيو تہ: ٻانهي وري حبشيءَکي بخشي ڇڏ. ڇوتہ ان جي اوبر اهوئي واپرائي. سياڻا چوندا آهن تہ: جيڪو ماڻهو ناپسند جاءِ تي ويندڙ هجي، ان سان تون دوستي پسند نہ ڪر! اڃايل انسان جي دل، اهڙي پاڻي پيئڻ تي نہ ورندي، جيڪو ڪنهن گدلي ماڻهوءَ اوبر ڪري بچايو هجي.

بادشاهي ڪرڻ جا اصول

بادشاهہ سڪندر روميءَ کان پڇيائون تہ: هي الهندي اڀرندي جا ملڪ ڪيئن فتح ڪيئي؟ توکان اڳ ۾ ڪي ئي بادشاهہ گذريا، جن کي خزاني ۽ لشڪر جي ڪا ڪمي ڪانہ هئي، پر انهن کي اهڙيون سوڀون حاصل ڪونہ ٿيون. سڪندر چيو: الله جي فضل سان جيڪو بہ ملڪ فتح ڪندو هوس، تہ اتي جي رعيت کي نہ آزاريندو هوس ۽ اڳين بادشاهن جي ڪيل سڌارن کي برقرار رکندو هوس. انهن جي گلا نہ ڪندو هوس. چوندا آهن تہ: جيڪو وڏن جو نالو بدنام ڪندو ان کي ڪير بہ چڱو نہ چوندو. هي بخت ۽ تخت سڀ چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي. اڳين جو نيڪ نالو تون ياد رک، تہ تنهن جو نالو بہ جڳ ۾ جيئرو رهي.

باب ٻيو

درويشن جي اخلاقن بابت

اندر جي خبر الله کي

ڪنهن بزرگ شخص، هڪڙي درويش کان پڇيو تہ فلاڻي عبادت گذار نيڪ ٻانهي جي باري ۾ ماڻهو ابتيون سبتيون ڳالهيون پيا ڪن. ان متعلق تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ درويش ورائيو تہ: آئون ان جي ظاهر ۾ ڪو عيب ڪونہ ٿو ڏسان. باقي ان جي ڳجهہ جي خبر الله کي آهي. آئون هيئن چوندس تہ: جنهن جو ظاهر چڱو ڏسجي، ان کي چڱو چئبو. ڇوتہ اسان کي ان جي اندر جي ڪهڙي خبر؟ پهريدار بہ گهر جي ٻاهران ئي ڏسندو. اندر سان ان جو ڪهڙو واسطو؟

تون پارس آئون لوهہ

هڪڙي درويش کي ڏٺم جو ڪعبي شريف جي چائٺ تي منهن رکي، روئندي هيئن پئي چيائين: اي غفور! اي رحيم! تون ڄاڻين ٿو تہ مون جهڙي ظالم ۽ جاهل کان ڪهڙا نيڪ ڪم ٿيا هوندا. آئون اقراري آهيان تہ ڪيئي قصور ڪيم. عبادت کان ڪوتاهي ڪيم. ڪو چڱو ڪم نہ سُجهيم جيڪو ٻڌايان، گنهگار گناهن کان توبه ڪندا ۽ بزرگ بہ پنهنجون اوڻايون ۽ قصور قبول ڪندا آهن.

اي منهنجا مالڪ سائين! جن عبادت ڪئي هوندي، اهي ئي عبادت جو اجورو گهرندا. جيئن سوداگر پنهنجي مال جي قيمت گهرندا آهن. آئون تنهنجو ٻانهڙو آهيان، رڳو اميد جي جهولي کڻي حاضر ٿيو آهيان. نہ اٿم عبادت وارو وکر، جنهن جي قيمت گهران، نڪو ڪا اطاعت ئي ڪيم. جنهن جو اجر گهران منهنجو اهاڏو عرض آهي تہ: منهنجي بيوڙائيءَ ڏي نہ ڏس، تون پنهنجو وڏڪر. مون پنهنجو سِر اچي تنهنجي در تي رکيو آهي. هاڻي معاف ڪرين يا سِر وڍين، جيئن وڻئي تيئن ڪر!

پيو هڪڙو سائل ڪعبي جي در تي ڏٺم، جيڪو روئي ٻه پيو ۽ دعا ٻه گهري پيو اي منهنجا سائين! آئون ائين نٿو چوان تہ منهنجي عبادت قبول ڪر، پر عرض هيءُ آهي تہ: منهنجي خطائن کي معاف ڪر!

ڪنهن ٻئي درويش چيو پئي: مولا جي ملڪ ۾ هر قسم جا ماڻهو آهن، اي نيڪ انسانو! اسان جي عيبن ڏي نہ ڏسو. اسان آهيون فقير پينو. الله جي آڏو بہ پني معافي وٺنداسين. چوتہ پنڻ جا هيراڪ آهيون.

حضرت پيران پير رحمة الله عليه جي دعا

حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه کي ڏٺائون تہ ڪعبةالله جي حرم ۾ پٿرين تي منهن رکيو هوس ۽ چيائين پئي: اي منهنجا رب! مون کي معاف ڪر! ۽ جيڪڏهن آئون عذاب جي لائق آهيان، تہ قيامت جي ڏينهن مون کي نابين ڪري اٿارجانءِ. جيئن نيڪن آڏو شرمسار نہ ٿيان. اي منهنجا رب! منهنجو نماڻو عرض آهي تہ: مون کي پنهنجي رحم ۽ ڪرم کان نہ وسارجانءِ!

فقير جي گهر ۾ چور

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙو چور ڪنهن فقير جي جهوپڙيءَ ۾ چوري ڪرڻ آيو. هيڏي هوڏي گهڻئي هٿوراڙيون هنيائين، پر ڪجهہ هٿ نہ آيس، فقير جي جهوپڙيءَ ۾ ڏينهن ڏني جو گهر ڏٺيءَ کي ئي ڪجهہ نہ ليندو هو سو رات جو اوندهہ ۾ چور کي ان مان ڇا مِلڻو هو. يلا هٿ ڪجهہ هجي تہ هٿ بہ اچيس؟ پوءِ تہ چور مايوس ٿي موٽڻ لڳو. اهو لقاءُ گهر ڌڻي فقير ڏٺو پئي، ان ڇا ڪيو جو جنهن رليءَ تي ستل هو اها ڪڍي چور جي آڏو اڇلايائين، جيئن هو خالي نہ موٽي.

سياڻن جي واتان ٻڌندا آهيون تہ: چڱا ماڻهو دشمنن جي دل بہ نہ ڏکوئيندا آهن. توکي مون کي اهو درجو ڪٿان حاصل ٿيندو؟ جو پاڻ دوستن سان ئي جنگ جوٽي ڇڏي اٿئون. دل صاف انسانن جي خير خواهي، جهڙي روبرو تهڙي پرپٺ. ائين اصل نہ ڪندا جو پرپٺ پيا گلائون ڪن ۽ روبرو پيا ساهہ صدقي ڪن. روبرو گهيٽي وانگر غريبڙو ۽ پرپٺ، ڦاڙيندڙ بگهڙ.

داناءَ چوندا آهن تہ: جيڪو ماڻهو تنهنجي روبرو ٻين جي گلا ڪندو، تہ اهو ٻين وٽ تنهنجي گلا ضرور ڪندو.

رڍن جي ويس ۾ بگهڙ

ڪي درويش پاڻ ۾ اتفاق ڪري سير سفر تي نڪتا. ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا همراهہ هئا. مون عرض ڪيو ماڻ: "وٺيو هلو پاڻ سان مون کي الله لڳ اي قافلي وارو!" پر منهنجو عرض نہ قبوليائون. پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ تي راضي نہ ٿيا. مون چيو تہ: اهڙو رکو جواب ڏيڻ درويشن جي منهن تي نٺو پوي. جو فقيرن کي پنهنجي سنگت صحبت کان ۽ فيض پرائڻ کان پري رکن. آئون ڪو توهان تي بار ڪونہ ٿيندس، پنهنجي پيرن تي پيو هلندس. اڃا بہ توهان جي خدمت چاڪري ڪندو هلندس، مون کي پنهنجي سواري ڪانهي تہ ڪو پوءِ ڪونهي، ڪو گهڻو سامان ساڻ ڪونہ اٿم. پنهنجي هڙ مٿي تي کنيو توهان جهڙن نيڪن سان چار چڱيون ڳالهيون ڪندو يا چڱا گفتا ٻڌندو پيو هلندس.

انهن درويشن مان هڪڙي چيو: ابا! اسان جو انڪار ٻڌي تون دل ۾ متان ڪرين. اسان اڳ ۾ ئي ذڏيل آهيون. ڪجهہ ڏينهن اڳ، هڪڙو چور فقيراڻي ويس ۾، اسان سان اچي سفر جو ساٿي ٿيو. اسان ظاهربين، سو اسان کي ڪهڙي خبر تہ فقيراڻي لباس اندر ڪير آهي ۽ ڪهڙي خبر تہ بند ٿيل لفافي اندر ڇا لکيل آهي. اسان هن ۾ چڱو گمان ڪري، پاڻ سان گڏ هلڻ تي راضي ٿي وياسين. دل ۾ چيوسين تہ: فقيرن کي فقير مان ڪهڙو پوءِ. درويشن جو لباس آهي گودڙي پائڻ ۽ خلق ۾ ڪا طمع نہ رکڻ.

پر حقيقت هيئن آهي تہ دل فقيراڻي هجي، نيڪ عملن ۾ اڳرائي ڪري، پوءِ ڪپڙا ڪٿي ڪهڙا بہ پائي. مٿي تي ڀلي تاج شاهي پاتل هجيس ۽ ڪلهن تي ڀلي اعليٰ اجرڪ ويڙهيل هجيس، پر دل حرص ۽ هوس کان، آڪڙ ۽ وڏائيءَ کان آجي هجيس. باقي فقيراڻا ڪپڙا پائي اندر کي نہ سڌاريائين تہ ڇا ٿيو؟ ائين نہ هجي جيئن چوندا آهن:

اچي پڳ مَ پس، اندر مڙيوئي ئي اڳڙيون

سياڻا مثال ڏيندا آهن ته: لڙائيءَ وقت زره، ڪنهن مڙس جي جسم تي ٺهي ٿي. ڪنهن ڪدڙي زره پاتي ته پهلوان ڪونه ٿي پوندو، سو ڳالهه پئي ڪيم ته: هڪڙي ڏينهن صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين پنڌ ڪيوسين، رات جو ٿڪل ٽٽل، هڪڙي قلعي جي ٻاهران سمهي پياسين ۽ هو نياڳو چور اٿيو. ڪنهن ساٿيءَ جو ڪرو (لوٽو) کڻي ٻاهر نڪتو. اسان سمجهيو ته استنجي (وٿ ڪرڻ) جي خيال سان پيو وڃي، پر هن جو ڪو ارادو ئي ٻيو هو. ڪٽان چوري ڪرڻ جي نيت هئس. نامراد فقيرائي لباس کي لڄائڻ پئي ويو، جڻ ڪعبة الله جو غلاف گڏهه تي آٿر بنائڻ پئي ويو.

جڏهن درويشن جي نظرن کان غائب ٿيو تڏهن هڪ ماڙيءَ کي وڃي ڪاٽ هنيائين. اتان قيمتي هيرن جواهرن جو هڪ داٻلو چوري ڪري، جيڏانهن جو هو اوڏانهن هليو ويو. جيئن ئي ڏينهن ٿيو ڏٺوسين ته هو ڪار منهون هيو ئي ڪونه. ماڙيءَ وارا ابتا پير کڻي، درويشن تائين پهچي ويا. سيني کي مارڪٽ ڪري کڻي ٻڌائون ۽ جيل جي حوالي ڪيائون. چون پيا ته چور ضرور توهان مان آهي، توهان وٽان ئي آيو آهي. اسان به اهو ڏينهن ڪيو، وري ڪنهن اڻ ڄاتل کي ساٿي بنائڻ کان توبه ڪئي اٿئون. جيئن ٿورا تيئن سنا.

چوندا آهن ته: ڪنهن قوم مان هڪڙو لچائي ڪندو ته ننڍي وڏي جي عزت کي لوڙهيندو. جيئن پرائي پوک ۾ هڪ ڍور پوندو آهي، ته ڌڻ ئي ڍڪ تي پهچندو آهي.

مون چيو: اهو به الله جو احسان ٿيو جو توهان جهڙن درويشن مان فائدي پرائڻ کان خالي نه رهيس. جيتوڻيڪ گهڻو عرصو صحبت نصيب نه ٿي، پر هيءَ ڳالهه جيڪا توهان ٻڌائي، ان مان ئي گهڻو سبق پرايم. سڄي زندگي اها نصيحت ياد ڪندو رهندس. توهان بلڪل سچ ٿا چئو.

سياڻا چوندا آهن ته: ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڪو اڻ گهڙيل بي عقل ويهندو ته ڪيترن دانائن جي دل ايذائي اٿندو. جيئن گلاب جي پاڻيءَ سان ڀريل تلاءَ ۾ ڪتان به ڪتي جو پير پوندو ته سڄو چشمو پليد ٿي پوندو.

اندر مڙيو ئي اڳڙيون

هڪڙو هو تارڪ الدنيا فقير. ڪنهن بادشاهہ ان جي مهماني ڪئي. فقير جڏهن ماني ءَ جي ميز تي آيو. تڏهن هن ضرورت کان گهٽو گهٽ کاڌو ۽ جڏهن نماز جو وقت ٿيو تڏهن پنهنجي روزمره واري عادت کان گهٽي نماز پڙهيائين. جيئن ماڻهن جي عقيدت منجهس وڌي. ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ: اي موڳا! تو واٽ ورتي آهي ترڪيءَ جي، هاڻي مڪي ڪيئن پهچي سگهندين؟

اهو رياڪار فقير جڏهن دعوت تان موٽي گهر پهتو. تڏهن اچڻ سان ماني ءَ جي طلب ڪيائين. جيئن رهيل ڪثر پوري ڪري. فقير جو پٽ نهايت سياڻو هو ان پيءُ کان پڇيو تہ: ابا! بادشاهہ جي دعوت ۾ کاڌو گهٽ کاڌوَ ڇا؟ فقير وراڻيو: اتي هن ڪري ٿورو کاڌم. جيئن بادشاهہ جو ويساهہ وڌي ۽ اڳتي ڪم اچي. اهو ٻڌي سياڻي نينگر چيو تہ ابا! نماز بہ وري پڙهجو جيئن اڳتي ڪم اچي.

سياڻن چيو آهي: اي انسان! تو پنهنجون خوبيون پنهنجي هٿ جي تريءَ تي کولي رکيون آهن. جيئن هر ڪو ڏسي ۽ پنهنجي عيبن کي بغل ۾ لڪايو وتين. اي چريا! تون اهڙن کوٽن پئسن سان آخرت ۾ ڇا حاصل ڪري سگهندين؟ ڏيکاءُ جي عبادت واري کي رڳو ماڻهن جي "واهہ سائين واهہ" ئي ڦبندي.

ٻين کي گهٽ نہ سمجهہ

مون کي ياد آهي تہ ٻاراڻپ ۾ ڏاڍي عبادت ڪندو هوس. راتين جون راتيون جاڳندو هوس. نهايت پرهيزگار هوس. هڪ رات پنهنجي پيءُ جي روبرو عبادت ۾ مشغول هوس. سڄي رات اک نہ ٻوٽي هئم. قرآن شريف کولي پئي پڙهيم. ٻيا ڪي دوست اسان جي پرسان ستا پيا هئا. ننڊ جا کونگهرا پئي هنيائون. مون ابي کي چيو: بابا! هنن ويچارن مان ڪو هڪڙو بہ نٿو اٿي، جو جاڳي بہ رڪعتون نفل ڪٿي پڙهي. هنن کي ننڊ ائين نهوڙيو آهي، جو ڄڻ مري ويا آهن.

والد بزرگ مون کي چيو تہ: اي پٽڙا! تون چار گهڙيون جاڳي ٻين کي گهٽ سمجهين، انهن جي گلا ڪرين. ان کان بهتر آهي تہ تون بہ

وڃي سمهي پئو. الله جيڪر توکي اندر جون اکيون ڏئي، جو سيني انسانن کان پاڻ کي گهٽ سمجهين ۽ ڏسين.

پنهنجو پاڻ سڃاڻ

ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ماڻهن هڪڙي بزرگ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي. ان جي ساراهه حد کان مٿي ڪيائون. تنهن تي ان بزرگ مٿو مٿي ڪري چيو تہ: منهنجي خبر مون کي آهي. ماڻهو منهنجو ظاهر ڏسي سنو سمجهن ٿا. پر آئون پنهنجو حال ڏسي شرمسار ٿيندو آهيان. منهنجو مثال مور پکيءَ وانگر آهي، جو ماڻهن کي سهڻن کنڀن سبب وڻي ٿو ۽ هو پنهنجي پيرن کي ڏسي روئي ٿو.

ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن

لبنان ملڪ جو هڪڙو بزرگ، جنهن جي ڪرامتن جي هاڪ سڄي عربستان ۾ پکڙيل هئي. هڪ ڀيري دمشق ۾ آيو. اتي هڪڙي تلاءَ جي ڪپ تي ويهي وضو ڪيائين. تلاءُ گچ سان لتل ۽ لسو هو. اوچتو سندس پير ترڪي پيو ۽ بزرگ تلاءَ ۾ وڃي پيو. وڏي مشڪل سان ٽڙي ٽقڙي ان مان نڪتو. جڏهن نماز پڙهجي پوري ٿي، تڏهن هڪڙو جماعتي اتي ويٺو بزرگ کي چيائين تہ: حضرتا! اجازت هجي تہ هڪ سوال پڇان؟ بزرگ اجازت ڏني. هن عرض ڪيو تہ: مون کي ياد آهي تہ سائين جن تنهن ڏينهن درياءِ مغرب جي مٿان پيرين پيادا پئي هليا ۽ پير بہ نہ پسيو ۽ اڄ سائين جن هن ننڍڙي تلاءَ مان مس بچيا آهن. ان جو ڇا سبب آهي؟

بزرگ ڪجهہ وقت سوچي پوءِ مٿو مٿي ڪيو ۽ چيائين تہ: تو حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جو هي فرمان نہ ٻڌو آهي؟ جو فرمايائون:

لِي مَعَ اللهِ وَقت لاَ يَسَعُنِي فِيهِ مَلَڪ مُقَرَّب وَلاَ نَبِي مُرسَل

ڪڏهن ڪڏهن منهنجو تعلق الله سان ائين هوندو آهي، جو ان ۾ ڪنهن ملائڪ سڳوري يا نبي مرسل جي جاءِ نہ هوندي آهي. ڏس تہ حضور ﷺ جن بہ "هميشه" جو اکر نہ ڳالهايو پر "ڪو

وقت“ فرمايائون. چو تہ ڪو اھڙو وقت ھوندو ھو، جنھن ۾ جبريل ۽ ميڪائيل ڪي بہ ساڻن پچڻ جي طاقت نہ ھوندي ھئي ۽ ڪنھن وقت پاڻ سڳورا گھر ياتين سان مصروف ٿي ويندا ھئا. بزرگ جو مشاھدو ماڻڻ بہ ڪڏھن روشنيءَ ۾ تہ ڪڏھن اونده ۾ آھي. ڪڏھن مالڪ محبوب مشاھدا پيو پسائي، تہ ڪڏھن مشاھدن تي پردو پيو وجھي. (ڪڏھن تاڪيون ڏين تہ ڪڏھن ڪليا در دوست جا) ۽ ان ۾ بہ ھڪ قسم جو لطف آھي، جو ان ريت محبت تيئن وڌندي آھي.

چون ٿا تہ حضرت يعقوب عليه السلام کان ڪنھن پڇيو تہ: اي سائين! توکي مصر مان حضرت يوسف عليه السلام جي پھراڻ جي خوشبوءِ (فلسطين ۾) آئي پئي ۽ ھت تنھنجي پرسان ڪنعان واري کوھ ۾ يوسف عليه السلام پيو ھو تہ توھان کي خبر نہ پئي؟ حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو، اسان جو حال آھي وڄ جي چمڪاري وانگر، ڪڏھن ظاھر تہ ڪڏھن مخفي. ڪڏھن عرش تي نظر ھوندي آھي تہ ڪڏھن پنھنجي پير جي پٺيءَ جي خبر بہ نہ پوندي آھي.

بزرگ چيو تہ: جيڪڏھن درويش ھميشه ھڪ حال ۾ ھجن ھا، تہ دنيا آخرت کان ھٿ کڻن ھا.

ڪنديءَ سڪائين ڪانھن

ھڪڙي ڀيري بعلبڪ شھر جي جامع مسجد ۾، جماعت آڏو وعظ/ تقرير پئي ڪيم ۽ ماڻھو سڀ بي خيال واٽڙا ويٺا ھئا. مون ڏٺو تہ مون وارين ڦوڪن سان آلين ڪاٺين ۾ باھ نٿي مچي ۽ غافل ماڻھن تي منھنجي واعظ جو ڪو اثر نٿو ٿئي. تڏھن دل ۾ چيم تہ ھنن ردن اڳيان رباب وڄائڻ ۽ انڌن آڏو آرسي رکڻ مان ڇا فائدو. ھتي رڳو بي فائدي جاڙي ھٽڻي آھي، پر واعظ جو ڏگھو موضوع ڇيڙيل ھو. قرآن شريف جي آيت:

وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ

(۽ اسان توھان کي ساھ جي رڳن کان بہ ويجھا آھيون)

پڙھي، مطلب پئي سمجھايم. ذاڍي درديلي ۽ سريلي آواز سان فارسي بيت پئي پڙھيم، جن جو مطلب ھيءُ ھو تہ: اسان جو دوست اسان

ڪي بلڪل ويجهو پر اسان ڪوهين پري پيا پڇون. اسان جي حال تي افسوس آهي، جو "هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پري" ۽ چيم:

ساهه کان اوڏا سپرين، لوچي تان نہ لهين

واعظ هلندي هڪڙو واٽهڙو اتان واعظ جي مجلس وٽان اچي لنگهيو. ان تي منهنجن اکرن جو اثر ٿي ويو ان کان رڙ نڪري وئي. نعره تڪبير بلند ڪيائين. تڏهن واعظ ۾ ويٺل جماعت جوشيلي آواز سان چيو: الله اڪبر سيني جو توجهه واعظ ڏانهن ٿي ويو. ماڻهن تي اثر ٿي رهيو هو. دل ۾ چيم: سبحان الله. اي الله! تنهنجي قدرت جو پريان لنگهندڙ تي اثر ٿيو ۽ واعظ ۾ ويٺل، واٽڙن وانگر ويٺا هئا. ڪنڌيءَ سڪائين ڪانهن. ٻاهر ٻيلا ٻوڙين ۽ سمجهيم تہ ٻڌندڙن جي سمجهه پوري ساري هوندي تہ واعظ ڪندڙ جي نصيحت ڪهڙو اثر ڪندي

ڪانهي ويل ويهڻ جي

حج جي سفر ڪندي، مڪي شريف کان ٿورو پري ٽڪ ۾ اهڙو چڪناچور ٿي پيس ۽ اوجاڳي اهڙو ساٽو ڪري وڌو جو اٺ تان لهي پاسو ڪوڙي سمهي پيس. اٺ واري کي چيم تہ: مون کي متان اٿارين. اڳتي هلڻ جي مون ۾ طاقت ناهي. ڪجهه ساهي پٽي پوءِ ٿا هلون، جنهن پنڌ ۾ اٺ ئي ٿڪجي ٿا پون، آئون تہ انسان آهيان، ڇو نہ ٿڪبس؟

جت چيو: اي ادا! حرم شريف اجهو آڏو آهي ۽ پٺيان حرامي ڦورن جون ڪاروايون بہ سُجهن ٿيون. ڪجهه همت ڪندين تہ سلامتيءَ سان حرم ۾ پهچي وڃبو ۽ هت بيابان ۾ سمهي پوندين تہ مرندين. اهڙو سمهڻ ڪهڙي ڪم جو جنهن سان سر وڃي. هن کليل ميدان ۾ ٽڏڙي هير، واقعي ننڊ ڏياري ٿي ۽ وٺي ٿي. پر پوءِ سر ساهه کان موڪلائو پوندو.

(ياد رهي تہ اها ڳالهہ ان دور جي آهي جڏهن حجاز ۾ ڦريون، ڌاڙا، قتل وغيره جام ٿيندا هئا).

صبر ۽ شڪر

هڪڙي درويش کي ڏٺم، درياءَ جي ڪناري تي وينو هو. اهڙو ٻليءَ ڳڙ نڪتو هوس، جو ڪنهن بہ دوا اثر نہ پئي ڪيو. ڪيترا ڏينهن مرض

۾ مبتلا رهيو. ان هوندي بہ هميشه الله تعاليٰ جا شڪر پيو ڪندو هو. ڪنهن ماڻهوءَ ڪانئس پڇيو تہ: شڪر تہ ڪنهن نعمت جو ڪبو آهي، توهان شڪر ڇو ٿا ڪريو؟ درويش وراڻيو: شڪر هن لاءِ ڪريان ٿو جو الله ڪنهن جسماني مصيبت ۾ گرفتار ڪيو آهي ۽ ڪنهن گناهہ جو عادتي نہ ڪيائين.

منهنجو محبوب دوست ڪاتي ڪڍي مون کي ڪهي، تہ بہ آئون ائين نہ چوندس تہ: مون کي ساهہ جو غم آهي، اجا بہ هي، ويچار دل ۾ رهندو تہ مون مسڪين کان ڪهڙي خطا ٿي جو محبوب رنج ٿيو؟

جي هو پائي ڪان ڪمان ۾ تہ نئي ڏج سينو
ڪجي نہ ڪينو وجي در دوستن جي.

الله جي پيارن ٻانهن، هميشه معصيت (گناهہ) جي ڀيٽ ۾ مصيبت کي پسند ڪيو آهي. اهو نہ ٻڌو اٿو تہ حضرت يوسف عليه السلام ڇا چيو هو.

قَالَ رَبِّ السِّجۡنُ أَحَبُّ إِلَيَّ مِمَّا يَدۡعُونَنِيٓ إِلَيۡهِ

اي منهنجا رب! جنهن ڪم لاءِ مصر جون هي عورتون سڏين ٿيون، ان کان مون کي جيل وڃڻ پسند آهي.

دوستن جو در ٻهار

هڪڙي فقير جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ان کي ڪا لوڙ پئجي وئي. سو پنهنجي گهاٽي دوست جي گهر مان هڪڙي رلهي چورايائين ۽ ڪپائي وڃي مهل ڪيائين. پوءِ چوريءَ جي ڳالهہ کلي پئي. حاڪم حڪم ڏنو تہ: ان فقير جو هٿ ڪاٽيو وڃي. پر رلهيءَ جي مالڪ اتي سفارش ڪئي تہ: مون رلهيءَ جي پچر ڇڏي، هن کي معاف ڪيم. هٿ نہ ڪپيوس. اهو ٻڌي حاڪم چيو تہ: تنهنجي معاف ڪرڻ سان چوريءَ واري سزا معاف ڪانہ ٿيندي. تڏهن پاڳئي وراڻيو: توهان سچ ٿا چئو پر شريعت جو اصول آهي تہ: وقف جي مال مان چوري ڪرڻ سان هٿ ڪپڻ لازم نہ ٿيندو. آئون پاڻ بہ فقير آهيان. اسان جا سڀ سامان فقيرن لاءِ وقف آهن. ان ڪري منهنجي هن دوست جو هٿ نہ ڪپبو.

حاڪم معافي ڏئي ڇڏي، پر رلهي چورائيندڙ فقير کي ملامت ڪرڻ لڳو تہ: ٻيو جهان ڪٿو هو جو ههڙي پڳ مٽ يار جي وجي چوري ڪيئي؟ فقير وراڻيو تہ: سائين! سياڻن جو قول تو شايد نہ ٻڌو آهي؟ چوندا آهن تہ: (خانہء دوستان بروب، درِ دشمنان مر ڪوب) دوستن جي گهر ٻهاري ڪڍي وڃجي پر دشمنن جي در جو ڪڙو بہ نہ کڙڪائجي. وقت اچڻ تي دشمن جي کل لاهبي، پر دوستن جي رڳو قميص ڪڍبي.

الله جو يادگيرو

هڪڙي بادشاهہ ڪنهن بزرگ کان پڇيو تہ: اي درويش! اسان کي بہ ڪڏهن ياد ڪندا آهيو؟ بزرگ وراڻيو تہ: هائو سائين! جڏهن الله کي وساريندو آهيان، تڏهن توهان ياد ايندا آهيو.

خدا جنهن کي، تڙي در کان، رلي در در، گمهي گهر گهر.
سڏي جنهنکي، تڏي پنهنجي، رلائي ڪونہ ٻئي جي در.

دل ۾ درويشي ڏار

هڪڙي نيڪ بزرگ خواب ۾ ڏٺو تہ: بادشاهہ بهشت ۾ هليو ويو آهي ۽ بزرگ دوزخ ۾ پهتو آهي. اتي پڇيائين تہ: هن بادشاهہ جي ان منزل تي رسڻ جو ۽ هن بزرگ جي هيٺ ڪرڻ جو ڇا سبب آهي؟ ماڻهو تہ عام طرح ان جي ابتڙ سمجهندا آهن. غيبي آواز آيس تہ: بادشاهہ نيڪن صالحن جي خدمت ڪندو هو، منجهن چڱو اعتقاد رکندو هو، ان جي صدقي بهشت ۾ پهتو آهي ۽ هو بزرگ، بادشاهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو، ان ڪري دوزخ ۾ پيو آهي.

ڪنهن داناءَ چيو آهي تہ: هي گودڙي، هٿ ۾ ڏگهي تسبيح ۽ منارن ڇاپيل مصلو توکي ڪهڙي ڪم ايندا؟ اصل تون پاڻ کي برائين کان پري رک. توکي صوفين واري، ڇتين مان ٺهيل فقيراڻي ٽوپيءَ پائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، تون درويشن واريون صفتون پاڻ ۾ پيدا ڪر، پوءِ يلي تہ ترڪي ٽوپي پائي هل!

قادر جي قدرت

هڪڙو ماڻهو جنهن جو متو بہ اگهاڙو تہ پير بہ اگهاڙا هئس، ڪوفي شهر مان نڪتو ۽ حج تي ويندڙ اسان جي قافلي سان اچي مليو. ڏنومانس تہ نڪو ٿمر سامان ساڻ هوس، نڪو پئسو پنجڙ پاڻ سان کنيو هئائين. قافلي وارن سان ڊوڙندو ۽ ڪڏندو پئي هليو. ڪجهہ فارسي بيت پڙهي رهيو هو جن جو مطلب هي آهي:

نہ ڪنهن اٺ تي سوار آهيان ۽ نہ ڪنهن سامان ڪي ڪٽي، پاڻ اٺ ٻٽيو آهيان، نہ ڪنهن جو سردار آهيان، نڪو مون تي ڪنهن جي بادشاهي آهي. نہ هوندي جي پريشاني اٿم، نڪو اڻ هوند جي ڳڻتي. سک جو ساهہ کڻان ٿو. بي غم حياتي پيو گذاريان.

قافلي مان هڪڙي اٺ سوار حاجيءَ ان ماڻهوءَ کي چيو: اي درويش! ڪاڏي ٿو وڃين؟ ماٺڙي ڪري موٽي وڃ، پنڌ تمام پرانهون آهي. متان گرميءَ سرديءَ جي سختيءَ سبب مري پوين؟ پر هن همراهہ هڪ بہ نہ ٻڌي، قدم بيابان ۾ وڌائيندو هليو. پنڌ ڪندي جڏهن نخله محمود (محمود جي کجين) واري منزل وٽ پهتاسين، تڏهن هن شاهوڪار اٺ سوار حاجيءَ جا ڏينهن اچي پنا ۽ وفات ڪري ويو. هي پيادو درويش ميت جي مٿن کان آيو. چيائينس: اي ياءُ! آئون پنڌ ڪندي ڪونہ مئس، تون اٺ تي چڙهئي بہ بچي ڪونہ سگهئين؟

ڪنهن ٻڌايو تہ: هڪڙو ماڻهو سڄي رات ڪنهن بيمار ياتيءَ جي مٿن کان پئي رنو ۽ جڏهن صبح ٿيو تڏهن روئڻ وارو گذاري ويو ۽ بيمار چڱو ڀلو ٿي ويو.

سياڻن چيو آهي تہ: ڪڏهن تيز گهوڙي کان مندو گڏهہ بازي کٽي ويندو آهي ۽ ڪڏهن چاڪ چڱو ڀلو جوان ماڻهو قبر ۾ وڃي پوندو آهي ۽ مرٽينگ مريض، جڏڙو جيءُ پيو جيئندو آهي.

رياڪار درويش جي کهاڻي

هڪڙي درويش بزرگ جي مان ۾ وقت جي بادشاهہ دعوت ڏني. درويش خيال ڪيو تہ ڪا اهڙي دوا ڪاوان، جنهن سان ڪجهہ ٿولهہ جهڪي ٿئي. جيئن بادشاهہ جو ويساهہ مون ۾ وڌي، اهو خيال ڪري

ڪا دوا ڪاڏائين. اتفاق سان اها دوا زهر هئي، سو ڪائڻ سان درويش مري ويو اهو حال ڏسي چيم: مون تہ توکي پستي وانگر سچو مغز پئي سمجهيو پر تون تہ بصر وانگر سچو کلن جو تهيل هئين. جنهن درويش مخلوق ڏي منهن ڪيو ان جڻ قبلي کي پٺي ڏئي نماز پڙهي ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار سان تعلق رکندو اهو خدا کان سواءِ ٻين کي ڪجهہ نہ ڄاڻندو.

نالائق کي نصيحت

ماڻهن جو ڪو قافلو يونان ملڪ ۾ سفر ڪري رهيو هو تہ مسافرن کي ڌاڙو لڳو. ماڻهن گهڻئي رنو ۽ ڌاڙيلن کي منٿون آزيون ڪيائون، الله ۽ رسول جا واسطا وڌائون، پر سڀ بي فائدي ٿيا. ڌاڙيلن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. پلا! انڌي جي آڏو روئڻ اکين جو زيان.

ان قافلي ۾ لقمان حڪيم بہ هو هڪڙي ماڻهوءَ ان کي چيو تہ: سائين! هنن ڌاڙيلن کي ڪو درديلو واعظ ڪر. جيئن سمورو مال نہ تہ بہ ڪجهہ تہ موٽائي ڏين. سڀ ڪجهہ ڦرجي ٿو وڃي تہ اندر ٿو ڪامي. لقمان حڪيم وراڻيو تہ: هنن بگهڙن کي نصيحت جا اکر چوڻ نصيحت جو زيان آهي. مون کي اهڙو زيان ڪرڻ، ڦر کان بہ وڌيڪ ڏکيو ٿو لڳي.

جنهن لوهہ کي اندر سوڌو ڪٽ کائي وڃي، تہ اهو روات سان صاف ڪيئن ٿيندو؟ ۽ ههڙن ظالمن آڏو نصيحت ڪرڻ، پٿر ۾ ڪلي ٺوڪڻ برابر آهي. آئون ويتر توهان کي نصيحت ٿو ڪريان تہ: سک ۽ سلامتيءَ وقت محتاجن جي سارسنڀال لهجي. ڪو غريب سوال ڪري، ڪجهہ گهري تہ ڏئي ڇڏجيس، نہ تہ وقت اچڻ تي ظالم ماڻهو زوريءَ بہ کسي ونندا.

ڳائڻي جي ڪرامت

مون کي منهنجو بزرگ استاد، شيخ ابن جوزي رحمة الله عليه، راڳن روپن جي محفلن ۾ وڃڻ کان منع پيو ڪندو هو. اڪيلي رهڻ جو تاڪيد ڪندو هو پر آئون جوانيءَ جي نشي ۾ مست ۽ انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل هوس. سو پاڻ پلي نہ سگهندو هوس، استاد جي نصيحت

جي ابتڙ. راڳ جي ڪچهرين ۾ پيو ويندو هوس. ۽ جڏهن بہ استاد جي نصيحت ياد پوندي هئم. تڏهن چوندو هوس تہ: استاد ڪي راڳ جي رمزن ۽ مزن جي ڪهڙي خبر. هڪ دفعو پاڻ راڳ ٻڌي ڏسي، تہ اهوئي پاڻ پلي نہ سگهندو. پر پٺ وينو تو وعظ ڪري.

نيٺ هڪ رات ڪٿي راڳ جي محفل ٿيٺي هئي، آئون اتي وڃي سهڙيس، معلوم ٿيو تہ هڪ وڏو ڳائڻو (گويو) پهتو آهي، پر اهڙو بي سرو ڳائڻ هوس، جو راڳ نٽي ڳايائين پر پنهنجي مٺل پيءُ تي چڻ پار پئي ڪڍيائين. ويٺل شوقين هن جي راڳ مان اهڙو بيزار ٿيا. جو ڪن ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون، تہ ڪن پنهنجي وات تي هٿ رکي اشارو ڪندي پئي چيو تہ: يٽارا! يلائي ڪري هاڻي ڪٽي بس ڪر. ڪن دوستن هڪ عربي بيت پئي پڙهيو. جنهن جو مطلب هي هو تہ: ٻين جي ڳائڻ سان دل خوش ٿيندي آهي، پر تنهنجي ماٺ ڪرڻ سان دل خوش ٿيندي. ڪن جو روئڻ بہ رّاحت تہ ڪن جو ڪلڻ بہ خواري. ڪنهن ٻئي چيو تہ: ڏس تہ ڳائي ٿو ڪين سڪرات جو ڪونگهرو لڳو اٿس؟

راڳ ڪرائيندڙن اوطاق جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. جيئن ماڻهو هر هر اٿي ٻاهر نہ وڃن. جو اها راڳ جي توهين آهي. آئون بہ مجبور ٿي اٿيس، ۽ اوطاقت جي مالڪ. راڳ ڪرائيندڙ وٽ ويس. چيومانس تہ: يلائي ڪري ڪيهہ هٿ ڪري منهنجن ڪنن ۾ گدي وجهہ يا تہ در ڪول تہ آئون ٻاهر وڃان.

مطلب تہ اها رات سنگت سان اتي گذارڻي پئجي وئي. بي سرو راڳ ڪٽي بہ ڪونہ پيو. نيٺ فجر جي بانگ آئي. اسان ڪان ڪو پڇي تہ اها رات ڪيڏي ڏکي ٿي هئي. سڄي رات اک ٻوٽڻ نصيب نہ ٿي هئي.

صبح جو ڇا ڪيم جو پنهنجي پڳ مٿي تان لاهي، ڪجهہ پئسا ڪيسي مان ڪڍي، پٽڪو ۽ پئسا وچي ڳائڻي جي آڏو رکيم. ان کي پيرين پئي پاڪر پائي مليس. ڏاڍو شڪريو ادا ڪيومانس. منهنجن دوستن کي منهنجي ان روش تي عجب پئي لڳو. ڪي تہ کلن پيا. تہ شايد آئون چريو ٿي پيو آهيان. نيٺ هڪڙي سنگتيءَ چئي ڏنو: اي سعدي! حيف هجئي، تو جهڙي داناءَ ماڻهوءَ اهو ڇا ڪيو؟ فقيراڻي پڳ جي تو بي عزتي ڪري، لکن

جي پڳ هڪڙي ٽڪي جي ڳائڻي آڏو ڪٽي اڇلائي آهي. ان ڳائڻي عمر ۾ ڏهين جو نوٽ ڪونه ڏٺو هوندو ۽ تو هيترا پئسا ڏئي ڇڏيس. هن سڄي رات ٽڙي پنهنجي پئي ڦاڙي ۽ ڪرڙي، تہ مٿو اسان جو پئي کاڌائين. اسان تہ چئون پيا: شال ان گوبي جو ڪتي منهن بہ نہ ڏسون ۽ توان کي ايترا انعام اڪرام ڏنا.

مون چيو: اي دوستا ڪجهہ ٻئي جي بہ ٻڌندين، ڪي رڳو تون پيو ملامت ڪندين؟ چيائين: چؤ پلا، ڇا ٿو چوين؟ چيم: ادا! مون هن ڳائڻي جي هڪڙي وڏي ڪرامت ڏٺي. دوست چيو: ڇگو ٻڌاءِ ڪرامت، تہ مان بہ تو وانگر سخا ڪريان ۽ جيڪو توکي ڳالهايم، ان گستاخيءَ جي معافي وٺان. مون چيو: ڏس تہ! حضرت استاد سائين ڪيڏي نصيحت ڪندو آهي تہ: راڳ تي ويڄ ڇڏي ڏيان، پر آئون مُڙدو ئي ڪونہ هوس. مون تي اثر ئي ڪونہ ٿيندو هو ۽ اڄ رات منهنجو اهڙو بخت جاڳيو آهي. هن ڳائڻي اهڙو سبق سيکاريو آهي، جو عمر لاءِ توبه ڪري ڇڏيم. وري زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ راڳ جي محفل ۾ اصل نہ ويندس. اهڙي سنگت جي پڇر ئي ڇڏيم. سريلا آواز ٻڌي دل کي گهٽئي ڏينهن خوش ڪيم. اڄ هن بي سري ڳائڻي، استاد سائين جي نصيحت تي عمل ڪرائي ڇڏيو.

لقمان حڪيم جي نصيحت

حضرت لقمان حڪيم کان ماڻهن پڇيو تہ: ادب ڪنهن کان سکيا آهيو؟ چيائين: بي ادبن وٽان، جا شيءِ انهن کان ناپسند نظر ايندي آهي، تہ ان جي ويجهو نہ ويندو آهيان.

داناءَ جو ڪم آهي تہ ٻار جي وات مان ڪو ڇگو اکر ٻڌي، تہ بہ ان مان نصيحت پرائي ۽ نادان ماڻهو ڪيترين بہ حڪمتون ٻڌندو تہ ان کي ٻاراڻي ڳالهہ سمجهندو.

ڪاڏو گهٽ ڪائجي

هڪڙي عبادت گذار ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ: اهو رات جو ڏهہ سير ڪاڏو ڪائيندو هو ۽ سڄي رات جاڳي، اسر تائين قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪندو هو. ڪنهن الهہ لوڪ بزرگ اها خبر

ٻڌي، سو چوڻ لڳو تہ: اهو ماڻهو اڌ مانيءَ جو ڪائي ۽ رات جو سمهي پوي تہ بهتر ٿئيس ها.

ڪنهن سياڻي ماڻهوءَ چيو آهي تہ: اندر ڪاڌي کان خالي رک،جيئن معرفت جو نور ان ۾ ماپي سگهي. جڏهن اندر نڪ تائين ڪاڌي سان ڀريل ٿيو تہ ان ۾ معرفت جو نور ڪٿان وجهي؟

ماڻهن جون ملامتون

هڪڙو هو گنهگار ماڻهو هدايت کان پري ۽ ٽڪيل هو. نيٺ الله تعاليٰ ان کي گهريو، توبہ جي توفيق ملي ويس، سڌري نيڪ ٿي پيو. چڱن جي صحبت ۾ اچي ويو. ان تي چڱي صحبت جو اثر آهستي آهستي ٿيندو ويو ۽ نهايت سلڇڻو ۽ بااخلاق ٿي پيو. جن ماڻهن هن جا اڳيان ڪارناما ڏٺا هئا، اهي هاڻي بہ ان کي طعنا تنڪا پيا ڏيندا هئا. هن جي نيڪيءَ تي اعتبار ئي نہ ڪندا هئا، چوندا هئس تہ ٻلي ست ڪئا کائي، هلي آهي حج تي.

مطلب تہ هو توبہ سبب، الله جي ڏمر کان بچي چڪو هو پر ماڻهن جي طعنن کان بچي نٿي سگهيو ۽ جڏهن ماڻهن جي ٽوڪن کان گهڻو تنگ ٿيو تڏهن پنهنجي مرشد وٽ اهڙي دانهن ڏنائين تہ: سائين! لوڪ جي ٽوڪن کان تنگ ٿيو آهيان، هاڻي ڇا ڪريان؟ مرشد چيس تہ: الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪر، جو جيئن ماڻهو سمجهن ٿا. تون ان کان گهڻو ڀلو آهين. اي فلاڻا! ماڻهن جي ٽوڪن ۽ طعنن کي ڇا ڪبو. انهن جي ڪيتري شڪايت ڪندين؟ ماڻهو تہ ڪڏهن وڙهڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا ۽ ڪڏهن گارگند ڪندا. تون چڱو هجين ۽ ماڻهو توکي بڇڙو چون. اهو بهتر آهي، هن کان جو تون بڇڙو هجين ۽ ماڻهو توکي نيڪ سمجهن.

پيارامريدا! رحم ۽ همدرديءَ جي لائق تہ آئون آهيان، جو ماڻهن مون کي ٻڌائي ڪٽي آسمان تي پهچايو آهي. حالانڪہ آئون ڪوڏي بہ ڪونہ لهان. منهنجي ظاهر ۽ باطن کي الله ئي ڄاڻي ٿو. عام ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ منهنجو اندر ڪيئن آهي؟

گلا ڪان بچڻ جو علاج

هڪڙي وڏي بزرگ وٽ دانهن ڏنم تہ: فلاڻو شخص منهنجي گلا ڪندو ٿو وتي. هن چيو تہ: ان سان نيڪي ڪري شرمسار ڪرينس. بيو تہ تون هر وقت چڱو ٿي رهہ ۽ چڱائي ڪندو رهہ. پوءِ وس ڪري ماڻهو تنهنجي شڪايت نہ ڪندا. ڏس تہ جڏهن يڪتاري جي تار سڌي هوندي تہ ڳاڻو هرويرو ڪليءَ کي مهڻو ڪونہ ڏيندو آهي.

تصوف جي حقيقت

ڪنهن بزرگ کان پڇيائون تہ: تصوف جي حقيقت ڇا آهي؟ بزرگ فرمايو. اڳي پلارا ماڻهو هوندا هئا. جن جو ظاهر سادو سودو هو پر اندر جا اڇا اجرا. دل جا صاف. اعليٰ اخلاق وارا هوندا هئا ۽ هاڻي اهڙا ماڻهو آهن. جن جو ظاهري ڏيک سٺو آهي، پر اندر ڪاڏل اٿن ۽ تصوف جو سڄو دارومدار آهي دل تي. جيڪڏهن دل ۾ هن دنيا جي محبت ويٺل آهي، تہ پوءِ اڪيلائپ ۾ بہ دل جي صفائي نہ لهي سگهندين. ۽ جيڪڏهن تون واپار، پوک يا ٻئي ڌنڌي سان مشغول آهين. ۽ دل جو تعلق الله سان ڳنڍيل آهي، تہ تون اهوئي اڪيلائپ ۾ آهين.

مالڪ جي محبت ۾ مستان

مون کي ياد آهي تہ هڪڙي ڀيري ڪنهن قافلي سان هلي رهيو هوس. سڄي رات پنڌ ڪري، اسر مهل ڪنهن جهنگ جي پرسان سمهي پيس. هڪڙو عاشق مست بہ ان سفر ۾ اسان سان گڏ ساٿي هو. ان باک قتيءَ مهل الله اڪبر جو نعرو هنيو ۽ بيابان ڏانهن هليو ويو. هڪڙي گهڙي بہ آرام ڪونہ ڪيائين. جڏهن ڏينهن ٿيو، مون چيومانس: اي درويش! توکي اسر ڇا ٿي ويو هو؟ هن وراڻيو: مون ڏٺو تہ پکي وڻن ۾ پيا ٻوليون ڪن. جبلن ۾ مور ۽ ٻيلون پيا تنوارون ڪن. پاڻيءَ ۾ ڏيڏر پيا ٽان ٽان ڪن. جهنگلي جانورن بہ پنهنجي رڙيون ۽ آواز ڪيا. تڏهن مون سوچيو تہ: هي سڀ جيت جڻيا ۽ جانور پيا پنهنجي پروردگار کي ياد ڪن ۽ آئون غافل ٿي سمهي پوان، اهو ڪيئن مناسب ٿيندو؟

اٿين هڪ دفعي ڪنهن دوست سان گڏ وينو هوس ته هڪ پکيءَ
ٻولي ڪئي، منهنجي بت مان سيسراٽي نڪري وئي ۽ چيم: هاءِ هاءِ!
منهنجو اهو حال ڏسي دوست چيو: مون نه ٿي سمجهيو ته پکيءَ جي ٻوليءَ
سان ايترو بي قرار ٿي ويندين؟ مون چيو اها به ڪا انسانيت آهي؟ جو
پکي پکڻ الله جو ذڪر پيا ڪن ۽ اسان اشرف المخلوقات انسان غفلت
جي ننڊ ۾ الوٽ هجئون.

حيران هزارين مان نه رڳو

هڪڙي ڀيري حج جي سفر تي وڃي رهيو هوس، ڪيترا نيڪ
نوجوان سفر جا ساٿي هئا. واٽ سان ڪڏهن سريلا غزل ٻڌائيندا پئي
هليا، ته ڪڏهن عارفانه ڪلام پئي آلاپيائون ۽ ماڻهن کي وجد ۾ آڻي
ٿي ڇڏيائون. اسان سان هڪڙو اهڙو خشڪ عابد به گڏ هو جيڪو
سريلي آواز تي مست ٿيندڙ ۽ وجد ۾ ايندڙن جي حال کي اصل نه
مڃيندو هو. هو دل وارن جي درد کان صفا بي خبر هو.

سفر ڪندي جڏهن بني هلال جي ڪجين واري منزل تي
پهتاسين، تڏهن ڳوٺ مان هڪ سانورو عرب ڇوڪرو ٻاهر نڪتو
۽ اسان کي اهڙو سريلو ڪلام ٻڌايائين جو اڏامندڙ پکي به بيهاري
پئي ڇڏيائين. الله جي قدرت جو هن عابد جو اٺ، راڳ جي ميٺاج
تي مست ٿي پيو، موج ۾ اچي نچڻ ٽپڻ لڳو، عابد کي ڪيرائي، رڻ
پٽ ڏانهن وٺي ڀڳو. اتي مون عابد کي چيو: اي ڀلارا! منڙو سريلو
آواز حيوانن ۾ اثر ڪري ٿو پر توتي ڪو اثر نٿو ڪري؟ توکي
خبر آهي ته بلبل ٻولين ڪندي مون کي ٻڌائيندي آهي ته: اهو
انسان ئي ڪهڙو جيڪو عشق کان بي خبر هجي. عرب ڇوڪري
جي سريلي غزل سان اٺ تي به اثر ٿي ويو پر تون اٺ کان پري
آهين. سچ آهي ته هوا لڳڻ وقت نرم نازڪ ٽاريون لڏي پونديون
آهن ۽ پٿرن کي ڪجهه نه ٿيندو آهي. جهان جي هر شيءِ الله جي
ذڪر ۾ مست آهي، پر پروڙيندو ڪو فڪر وارو. هيئن نه سمجهه
ته گل وٽ وينل بلبل ئي الله جو ذڪر ٿي ڪري، پر ڪنڊا به ذڪر
۾ محو آهن.

فقير بادشاهہ جي ڳالهہ

هڪڙي بادشاهہ جي حياتي جا ڏينهن اچي پورا ٿيا. ان کي ڪوبہ ولي عهد ڪونہ هو. هن وصيت ڪئي تہ: سڀاڻي صبح جو جيڪو ماڻهو سڀ کان پهريائين شهر جي دروازي مان اندر اچي، ان جي مٿي تي بادشاهي تاج رکجو. تخت تي ويهاري بادشاهي ان جي حوالي ڪجو.

اتفاق اهڙو ٿيو جو سڀ کان اول هڪڙي گداگر فقير شهر ۾ پير پاتو. جنهن سڄي عمر ٽڪر ٽڪر لاءِ پنڻ ۾ گذر ڪيو هو ۽ ڪپڙن کي چتيون هڻي وقت پاس ڪيو هو. ملڪ جي اميرن ۽ وزيرن، بادشاهہ جي وصيت موجب بادشاهي ان جي حوالي ڪئي. سيني قلعن ۽ خزانن جون چاپيون ان کي ڏنائون. ڪجهہ وقت حڪومت پئي هلي، نيٺ ڪن اميرن اطاعت کان انڪار ڪيو. پرپاسي جي بادشاهن بہ موقعي جو فائدو وٺي، ملڪ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ رعيت بہ حڪومت جي خلاف ٿي پئي. ان ڪري ملڪ جا ڪيترائي علائقا هن جي هٿ مان هليا ويا. هن فقير بادشاهہ کي ڏاڍو صدمو رسيو. انهن ڏينهن ۾ سندس هڪڙو جهونو دوست، جيڪو پراڻي وقت ۾ ساڻس گڏ گذاريندو هو سفر تان موٽيو هو. جڏهن پنهنجي پراڻي ساٿيءَ جي ان عهدي تي پهچڻ جو ٻڌائين، تڏهن وٽس مبارڪ ڏيڻ ويو. چيائينس: دوستا! توتي الله جا احسان ٿيا، جو تنهنجا ڏک سکن سان مٽجي ويا. تنهنجو ڀاڳ ڀلو ۽ بخت بالا ٿيو جو ان منزل کي وڃي پهتين. اِنَّ مَعَ العُسرِ يُسراً ڏکن پنيان سک آهن. مکڙي ڪڏهن مرجهايل تہ ڪڏهن ٽڙيل. وڻ جا پن ڪنهن مند ۾ ڇڻيو پون تہ ڪڏهن ڇهچ ساوا ٿي پون.

اهو ٻڌي بادشاهہ چيو: اي دوستا! مون کي مبارڪون نہ ڏي، مون سان جيڪر عذر خواهي ڪر! اڳ ۾ جڏهن تو ڏٺو هو تڏهن هڪ نان (ماني) جو فڪر هوندو هو ۽ اڄ جهان جو. اڳي پيٽ پالڻ جو ۽ اڄ ملڪ سنڀالڻ جو. اي ياءِ! جيڪڏهن دنيا ناهي تہ بہ ڏجهو آهي ۽ جي آهي تہ وڏو ڏچو آهي. هي جهان رڳو آهي ڳڻتيون، ڪجهہ آهي تہ بہ پريشاني ۽ جي ناهي تہ بہ ڳڻتي.

مطلب تہ قناعت ڪفايت جهڙي ٻي دولت ڪانهي. ڪنهن امير کي ڏسين جو پئسن سان تنهن جو جهول ڀري ڇڏي، تہ ان جي ثواب ڏي نظر نہ

ڪجاڻ، چوتہ ڪنهن بزرگ چيو آهي تہ: فقير جو صبر، شاهوڪار جي سخا کان بهتر آهي. ڪو بادشاهہ ڇيلو ڇچائي ڪباب ڪري تہ ان کان اهو ذرڙو بهتر آهي، جيڪو ڪولي ڪفايت لاءِ ڪٽي تي وجي.

شال م ملان هوت

حضرت ابوهريره رضي الله عنه هر روز رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ايندو هو. هڪ ڏينهن حضور جن فرمايو: يا اباهريره زُرنِي غِبًا تزدد حُباً. اي ابوهريره! دير دير سان ايندو ڪر، جيئن محبت وڌي. ڪنهن داناءَ چيو آهي تہ: سج ۾ ڪيڏي چمڪ ۽ سونهن آهي، پر اڄ تائين ان تي ڪوبہ عاشق نہ ٿيو. ڇوتہ سج روز ٿو مٿان اڇي. البتہ سياري ۾ ٿورو وقت ٿو نڪري تہ پيارو ٿو لڳي. صبح جو ان جي نڪرڻ جو انتظار ٿو ڪجي، سياڻن چيو آهي تہ ڪنهن دوست جي ديدار لاءِ وڃڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي، پر ايترو نہ وڃجي جو هو بس ڇوي. پنهنجو پاڻ پلڻ پلو آهي، اڳلي جي جهلڻ کان.

لطيفو

ڪنهن درويش کي پيٽ ۾ باديءَ جو وڪڙ پيو. واءُ کي گهڻئي روڪيائين، پر روڪي نہ سگهيو. واءُ ڏيڻ کان پوءِ ويٺل ساٿين کي چيائين: آئون بي وس ٿي پيس، اميد تہ اهو گناهہ منهنجي کاتي نہ لکبو ۽ توهان بہ دل ۾ نہ ڪجو. منهنجو پيٽ ٺريو ۽ توهان بہ معاف ڪريو.

سياڻن چيو آهي تہ: پيٽ، واءُ جو قيد خانو آهي، ڪنهن سياڻي جو ڪم نہ آهي، جو واءُ کي قيد ڪري. واءُ پيٽ ۾ ڦاٿو تہ بار دل تي ٿيندو.

سنگت کان رسڻ جو نتيجو

دمشق ۾ سنگت سان رهندو هوس. ڪنهن سبب ڪري دوستن کان دل کٽي ٿي پيم. پوءِ تہ بيت المقدس جي بيابان جو منهن ڪٽي ڪيم. اتي جهنگ جي جانورن سان ورونهن ڪندي، وقت پئي گذاريم. ڪجهہ وقت کان پوءِ اتي فرنگي سپاهي اچي پهتا. اهي مون کي پڪڙي طرابلس وٺي آيا ۽ يهودي قيدين جي سان گڏ هڪ کاهي کوٽڻ جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيائون.

حلب شهر جو هڪڙو رئيس هو جيڪو اڳ ۾ منهنجو واقف هو. اتفاقاً اهو اتان اچي لنگهيو ۽ مون کي سڃاتائين ۽ عجب وچان چيائين تہ: سعدي! هي ڇا آهي؟ هتي ڪيئن اچي مٽيءَ جي ڍلهن ۾ ڦاٿو آهين؟ چيومانس: ڳالهہ ئي نہ پڇ. مون دوستن کان رسي بيابان جو منهن ڪيو جيئن اڪيلائپ ۾ رڳو الله جي يادگيري ۾ محو هجان، ڇو ته ڪا وائي وات نہ هجي، پر اڄ هي حال ڏس ! ڪٿي اچي ڦاٿو آهيان؟ هاڻي چوان ٿو تہ: سنگت سان گڏ زنجيرن ۾ ٻڌل پيلو آهيان پراون سان باغن باغيچن ۾ رهڻ کان.

رئيس کي مون تي رحم اچي ويو. پنهنجي کيسي مان ڏهہ دينار ڏئي فرنگين جي قيد مان آزاد ڪرائي پاڻ سان گڏ حلب وٺي آيو ۽ پنهنجي ڌيءَ جو مون سان نڪاح ڪيائين. مون هڪ سؤ دينار مهر ادا ڪيو. ڪجهہ ڏينهن مس گذريا، تہ زال مون سان جهيڙو جهٽو ۽ ڪٽ ڦٽ شروع ڪئي. اهڙي جهيڙيڪار هئي، جو زندگي زهر ڪري ڇڏيائين. سياڻن چيو آهي تہ: ڪنهن نيڪ ماڻهوءَ وٽ ڏنگي زال جو هجڻ دنيا ۾ ئي دوزخ مثال آهي. بدلچڻ سان اڙجڻ ۽ دوزخ ۾ پوڻ کان رب بچائي.

هڪ دفعي مون واري سياڳي زال اهڙو اچي مٿي، جو مهڻا ڏيڻ شروع ڪيائين. چيائين تہ: تون اهو ناهين؟ جنهن کي منهنجي پيءُ ڏهن دينارن ۾ قيد مان خريد ڪيو هو. مون چيومانس: هائو! مان اهوئي آهيان، جنهن کي پڻهين ڏهہ دينار ڏئي فرنگين جي قيد مان ڇڏائي، هڪ سؤ دينار وٺي، تنهنجي قيد ۾ اڙايو منهنجو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪنهن بزرگ هڪ گهيٽي کي بگهڙ کان ڇڏايو پر رات جو ڪاتي ڪٽي ڪنائينس ٿي، تڏهن گهيٽي ٻيڪاٽ ڪندي چيس تہ: مون کي بگهڙ کان تہ ڇڏايئي، پر مون لاءِ تہ تون ئي بگهڙ بڻجي بيٺين.

عيال جو الڪو

هڪڙي بادشاهہ ڪنهن عيالدار بزرگ کان پڇيو تہ: توهان جو وقت ڪيئن ٿو گذري؟ بزرگ چيو تہ: سڄي رات عبادت ۾، اسر جو وقت دعائن ۾، ۽ سڄو ڏينهن آڪهہ جي خرچ جي ڳڻتين ۾ ٿو گذري،

بادشاهہ بزرگ جو غريبي حال معلوم ڪري ويو. حڪم ڏنائين تہ: هن لاءِ عيال جي پورت جيترو خرچ پڪو بيت المال مان مقرر ڪيو وڃي، جيئن بزرگ جي دل تان گذران جو بار لهي پوي، ڇوتہ جيڪو عيال جي فڪر ۾ ڦاٿو اهو آزاديءَ جو خيال ئي نٿو ڪري سگهي. اهو ڪاڏي ڪپڙي، خرچ پکي جي ڳڻتيءَ ۾ اهڙو مصروف ٿو رهي، جو سندس روح، ملڪوت جي سير ڪان ئي موٽيو اچي. جيتوڻيڪ اهو سچو ڏينهن سوچيندو تہ اج رات الله ڏي پورو ڌيان ڌري عبادت ۾ ويهندس. پر جڏهن رات جو نماز جي نيت ڪري ويهي ٿو. تڏهن سوچ هن پاسي هلي ٿي وڃيس، تہ صبح جو ٻچا ڇا کائيندا؟

درويشيءَ جو زيور آهي سادگي

هڪڙو عبادت گذار درويش، جهنگ ۾ رهندو هو ۽ وڻن جا پن کائي پيو گذر ڪندو هو. وقت جو بادشاهہ زيارت جي ارادي سان، درويش وٽ وڃي پهتو. چيائينس تہ: ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو توهان لاءِ شهر ۾ هڪ گهر ٺهرايان ۽ توهان اتي هلي رهو. اتي هتان کان وڌيڪ عبادت جي آساني ٿيندي ۽ ڪيترا ماڻهو توهان جي فيض مان فائدو وٺي سگهندا. توهان جي چڱي صحبت ۾ گهڻا ماڻهو سڌري نيڪ ٿي پوندا. اها ڳالهہ درويش کي نہ وڻي ۽ منهن ڪٽي ڦيرايائين. هلڻ کان انڪار ڪيائين.

بادشاهہ جي هڪڙي وزير درويش کي چيو تہ: بادشاهہ جو راض پيچڻ نہ گهرجي. توهان شهر هلي ڏسو اتي جاءِ جڳهہ بہ ڏسو ۽ چار ڏينهن رهي جائزو وٺو. پوءِ جيڪڏهن ماحول پسند نہ اچي ۽ ماڻهن جي اچ وڃ سبب توهان تڪليف سمجهو تہ پوءِ بہ توهان مرضيءَ جا مالڪ ۽ راض جا راڻا آهيو. موٽي اچي ساڳيا وڻ وسائجو. درويش عرض قبول ڪيو ۽ شهر اچڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

بادشاهہ پنهنجي باغ وارو خاص بنگلو درويش کي رهڻ لاءِ ڏنو. اها جاءِ نهايت آرام دهہ. پرڪشش ۽ بهشت وانگر وڻندڙ هئي. طرحين طرحين گل ٻوٽا، وڻ ۽ وليون منجهس موجود هئا. ڏسڻ سان روح کي راحت پئي آئي، نہ رڳو اهو پر بادشاهہ هڪ خوبصورت، چنڊ جهڙي

سهڻي ٻانهي درويش جي خدمت چاڪريءَ لاءِ مقرر ڪئي ۽ هڪ خوبصورت ڇوڪر تي بہ درويش جي خدمت جي ڊيوٽي رکيائين.

درويش تمام لذيذ کاڌا واپرايا ۽ ميوا مٺايون کاڌائين. اعليٰ ۽ نفيس ڪپڙا تن تي پاتائين. سچو عطر عنبر سان واسجي ويو. ٻانهيءَ ۽ ڇوڪر جي سونهن کي ڇتائي ڏسڻ لڳو. داناءُن چيو آهي تہ: حسينن جو خوبصورت چهرو ۽ وڪوڙيل وار انسان جي عقل لاءِ ڪوڙڪي آهن. جنهن ۾ سياڻو ماڻهو بہ ائين ڦاسي سگهي ٿو جيئن پکي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي. مطلب تہ درويش جون اکيون اهڙو اڙجي ويون، جو ٿوري ئي وقت ۾ ان جو حال ڊانوان ڊول ٿي ويو. هيءَ تہ ويچارو درويش عبادت گذار هو پر ڪو وڏو پير، فقير، عالم، زاهد بزرگ، پوتيءَ پاڪ هجي ۽ دنيا ڏانهن ڌيان ڪري تہ اهو بہ ائين ڦاسي پوندو جيئن ماکيءَ تي وينل مک ڦاسي پوي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ بادشاهہ سلامت کي درويش جي ديدار جو شوق جاڳيو اچي ڏٺائين تہ هن جون اڳيون حال ساڳيو نہ رهيو هو. منهن ۾ ڳاڙهاڻ ۽ بدن ۾ ٿولهہ اچي وئي هئس، ريشمي طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏئي وينو هو. سهڻو ڇوڪرو مورڇل جهليو مٿن کان بيٺو هو بادشاهہ اهو حال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪچهري ڪندي چيائين تہ: آئون عالمن ۽ زاهدن کي گهڻو پائيندو آهيان، سندن وڏي عزت ڪندو آهيان.

ان وقت بادشاهہ سان تمام هوشيار ۽ داناءَ وزير گڏ هو. ان هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ: اي بادشاهہ سلامت! محبت ڪرڻ جو هي مطلب آهي تہ توهان ٻنهي (عالمن توڙي زاهدن) سان خير خواهي ڪريو. سندن خير خواهي هي آهي تہ عالمن کي دولت گهڻي ڏيو. جيئن ٻين کي پڙهائڻ جو ڪم ڪن. طالبن تي خرچ ڪن ۽ زاهدن درويشن کي ڪجهہ نہ ڏيو جيئن اهي زاهد رهي سگهن. سياڻن چيو آهي تہ: خوبصورت عورت کي ڇلن منڊين ۽ ڳهن جي ڪهڙي ضرورت؟ ائين درويش عبادتگذار کي هن عيش واري حياتيءَ جو ڪو ڪپ ڪونهي، سادگي ئي ان جو زيور آهي.

ناڻي جي ڳوٿري

مٿئين واقعي وانگر ہي آڪاڻي بہ آهي. هڪڙو هو بادشاهہ. اهو ڪنهن مشڪل ۾ اچي ڦاٿو. پوءِ باس باسيائين تہ هن مشڪل مان جان ڇٽي تہ هيترا هزار درهم درويشن ۽ زاهدن ۾ ورهائيندس. جڏهن اها مشڪل معاف ٿي ويس، تڏهن نذر پوري ڪرڻ خاطر درهمن جي ڀريل ڳوٿري هڪڙي خاص خادم کي ڏنائين تہ وڃي درويشن ۽ بزرگن ۾ ورهائي اچي.

چون ٿا تہ اهو خادم وڏو داناءُ ۽ هوشيار هو. سڄو ڏينهن پئسن واري ڳوٿري گهمائي، شام جو ساڳي ڳوٿري باسلامت بادشاهہ وٽ واپس کڻي اچي پهتو. ڳوٿريءَ کي چمي ڏئي، بادشاهہ جي آڏو اچي رکيائين، عرض ڪيائين: جيئندا قبلا! سڄو ڏينهن جنگهون هنيم ڏاڍو ڳوليم، پر ڪوبہ درويش بزرگ نظر ئي نہ آيو جنهن کي ڪٽي پئسا ڏيان. بادشاهہ چيو: ڳالهہ ٿو ڪرين ڪہ ڀوڳ ٿو ڪرين؟ مون کي معلوم آهي تہ اسان جي ئي شهر ۾ چار سؤ کن بزرگ عابد زاهد رهن ٿا. هن خادم وراڻيو تہ: سائين! جيڪي بزرگ آهن، اهي مون کان درهم ونن ئي نٿا ۽ جيڪي وٺڻ لاءِ تيار آهن، اهي درويش آهن ئي ڪين.

اهو ٻڌي بادشاهہ کليو ۽ وزيرن کي چيائين تہ: درويشن ۾ جيترو منهنجو ويساهہ آهي، اوترو هي خادم انهن جو مخالف آهي، پر جيڪا ڳالهہ ڪري ٿو اها صحيح ڪري ٿو تہ جيڪو بزرگ دولت ۾ ٻئي هٿ وجهي، تہ ان کي ڇڏي ٻئي کي ڳولجي.

خيراتي ماني وٺڻ

ڪنهن وڏي عالم کان مسئلو پڇيائون تہ: خيراتي مانيءَ بابت توهان جي ڪهڙي فتويٰ آهي؟ هن وراڻيو: عبادت جي آسانيءَ خاطر ماني وٺي تہ حلال اٿس ۽ جيڪڏهن مانين لاءِ عبادت ڪري تہ حرام اٿس. جيئن سياڻن چيو آهي: ڪائبو آهي جيئڻ ڪاڻ، ڪائڻ ڪاڻ ڪونہ جيئبو آهي. هٿ اٿين سمجهڻ گهرجي.

بکيو تاڙي ماني

هڪڙو هو فقير. اهو سفر ڪندو اهڙي جاءِ تي اچي پهتو جتي مهمان خاني جو مالڪ سخي دل ۽ اوطاقي مڙس هو. ان وٽ ڪيترن عالمن ۽ سگهڙن جي ڪچهري قائم هئي. هر هڪ پنهنجي واري سان الله جي ڏني مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻڌايو پئي. هي ويچارو فقير سفر جو ستيل، ٿڪل ٽٽل ڪچهريءَ ۾ اچي پهتو هو. تنهن کي بہ ماڻهن خوش طبعي ڪندي چيو تہ: پرديسي! توکي بہ ڪجهہ ٻڌائڻ گهرجي. فقير چيو تہ: ادا! آئون نڪو آهيان اديب ۽ نڪو سگهڙ. آئون آهيان اڻ پڙهيو، اڻ گهڙيو ڪاٺ. ان هوندي بہ توهان جو حڪم ڪونہ ٿو موٽايان. هڪڙو بيت ياد اٿم اهو ٻڌايان ٿو. ڪچهريءَ وارن چيس تہ نيڪ آهي، اهوئي ٻڌاءِ. فقير فارسيءَ ۾ بيت پڙهيو، جنهن جو مطلب هو.

آئون بکيو تاڙيان ماني، جيئن چڙهو تڪي زناني.

ڪچهريءَ ۾ ويٺل سمجهي ويا تہ ويچارو فقير ڏاڍو بکايل آهي، سو جيڪو موجود هون، سو حال حاضر ڪٽي ڪيائون. فقير آڏو دسترخوان ڪٽي وڇايائون. گهر ڌڻيءَ چيو تہ: اي يار! ٿوري گهڙي ترس. بورچي ڪوفتا پيو ٿو تيار ڪري، اهي بہ اچن تہ پوءِ کاڌو کاءِ. فقير ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪليو ۽ چيائين: سائين! ڪوفتا هجن يا نہ هجن. بکئي لاءِ رکي روٽي ئي ڪوفتو آهي.

قرض سان علاج

ڪنهن مريد پنهنجي مرشد وٽ دانهن ڏني، تہ ڇا ڪريان؟ جو آئون ماڻهن کان تنگ اچي چڪو آهيان. ماڻهن جي ايتري اچ وڃ آهي، جو ذڪر فڪر جو ٽائيم بہ زيان ٿيو وڃي. ان ڪري سڄو وقت پريشان ٿو رهان. مرشد چيس: جيڪي غريب اچن، تن کي قرض ڪڻاءِ، اڌارا پئسا ڏي ۽ جيڪي شاهوڪار اچن، انهن کان قرض وٺ. اڌارا پئسا گهر. ائين ڪندين تہ غريب قرض ادا ڪرڻ جي پؤ کان تو وٽ ڪونہ لڙندا ۽ امير وري قرض ڏيڻ جي خوف کان ڪونہ ايندا. ڪنهن جو قول آهي تہ: اسلامي لشڪر جي آڏو ڪو پينو فقير هلندو، تہ

ڪافرن جو لشڪر ان جي پنڻ جي پڙ ڪان ئي ڀاڄ ڪائي چين ملڪ وڃي پهچندو (نہ اسلامي لشڪر جي خوف ڪان).

عالم ۽ عابد ۾ فرق

ڪنهن عقلمند نوجوان پنهنجي پيءُ کي چيو تہ: بابا سائين! واعظي مولوين جي تقرير منهنجي دل تي اثر ئي نہ ڪندي آهي. ڇوتہ جيئن اهي چون ٿا، تيئن ڪن ڪونہ ٿا. عوام آڏو واعظ ڪندا تہ دنيا کي ترڪ ڪريو ۽ پاڻ پئسن سان تجوريون ڀيا ڀريندا. ڀلا! جنهن عالم ۾ عمل ڪونهي، ان جو ڪوڪلو واعظ ڪيئن اثر ڪندو؟ هائو جيڪو پاڻ پلي، ٻين کي اهوئي جهلي. قرآن شريف ۾ بہ آهي.

اَتَأْمُرُونَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ

ڇا توهان ماڻهن کي نيڪي ڏسيو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ وساري ٿا ويهو؟
سمجهہ ۾ آيو تہ جيڪو پاڻ پليل آهي، اهو ٻين جي رهبري ڪهڙي ڪندو؟

پيءُ چيو: اي پٽ! اهڙي ڪوڙي خيال سبب نصيحت ڪندڙن جي نصيحت ڪان محروم رهڻ بلڪل غلط آهي. عالمن جا عيب ڪڍي، ڪنهن معصوم مولويءَ جي ڳولا ڪرڻ سان ماڻهو هدايت ڪان محروم ئي رهندو. ان جو مثال ائين آهي جيئن هڪڙو انڌو اونداهيءَ رات ۾ ڪٿي گپ ۾ ڦاسي پيو. اتان ڇيائين پئي تہ: اي مسلمانو! مون لاءِ ڪا بتي ڪٽي اچو! اهي اکر ڪنهن ٻوڳائڻ عورت پئي ٻڌا. تنهن چيو: تون تہ ڏئي کي ئي ڏسي ڪونہ سگهندين، تہ ڏئي سان ڇا ڏسي سگهندين؟ وعظ جي محفل ڪنهن دڪان مثال آهي، ڪو ماڻهو جيسين پاڻ سان يقين ۽ ويساهہ جي موڙي ڪٽي نہ ويندو، تيسين دڪان تان ڇا وٺي سگهندو؟ ائين واعظ ۾ بہ جيڪڏهن سمجهڻ سڌرڻ واري دل ڪٽي نہ اچبو تہ ڇا پرائبو؟

تون عالمن جو واعظ ڪن ڏئي ٻڌ، پوءِ هن ۾ عمل هجي يا نہ هجي. ماڻهو چوندا آهن تہ: ستل کي ستل ڪيئن جاڳائي سگهندو. اهو سراسر دوکو آهي. صحيح انسان اهو آهي جيڪو ڀت تي لکيل نصيحت سان ئي سڌري پوي

هڪڙي درويش کي ڏٺم تہ درگاهہ ڇڏي، بزرگن جي صحبت ڦٽي ڪري، اچي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مون پڇيومانس تہ: اي فقير! عالم ۽ عابد ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جو نيڪ صحبت ڇڏي، علم پڙهڻ اچي پهتو آهين؟ جواب ڏنائين تہ: فقير عبادتگذار رڳو پاڻ کي ٻوڏڻ کان بچائي ۽ عالم ٻين ٻڏلن کي تار مان تاري ٿو.

ڪنهن کي حقارت سان نہ ڏس

هڪڙو نشئي ماڻهو نشي ۾ الوٽ، رستي جي وچ تي پيو هو. اتان هڪڙو بزرگ اچي لنگهيو، نشئيءَ کي حقارت سان ڏٺائين ۽ ڪي نفرت جهڙا اکر بہ ڳالهايائين. نشئيءَ ڪجهہ هوش سنڀاليو ۽ آيت پڙهيائين.

وَاِذَا مَرّوا باللّغوِ مَرّوا كِرَاماً

(شريف ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ برائيءَ وٽان لنگهندي پنهنجي شرافت جو خيال رکي، پاسو ڪري هليو وڃي). ۽ چيائين اي بزرگ! ڪنهن گنهگار کي نہ ڌڪارجي، نہ ان کي حقارت جي نظر سان ڏسجي، آئون ڪٺي ڪسو آهيان، پر تون تہ چڱو آهين، توکي اهو خيال ضرور ڪرڻو هو.

مرڻ کان اڳ نفس مارجي

ڪو بزرگ غنڊن جي ٽوليءَ جي ور چڙهي ويو. پوءِ ڇا ٿيو جو ان بزرگ کي ڏاڍي مارڪٽ ڪيائون ۽ گهٽ وڌ ڳالهايائونس. بزرگ ويچارو پڄي نہ سگهيو ۽ پنهنجو هيڻو حال مرشد وٽ وڃي بيان ڪيائين تہ: مون سان هي معاملو ٿيو آهي. مرشد چيس: اي پٽ! درويشيءَ وارو لباس سهپ سيکاري ٿو. جيڪو ڏک ۽ ڏجها سهي نٿو سگهي، اهو درويشيءَ جي دعويٰ ڪوڙي ٿو ڪري ۽ پنهنجي فقيراڻي لوئي ٿو لڄائي.

ڪشادي درياءَ کي بہ ٽي پٿر ميرو ڪري نہ سگهندا. ائين جيڪو درويش، ماڻهن طرفان مليل تڪليف نٿو سهي. اهو درياءَ دل نہ چئبو پر اهو ننڍو ڏٻو چئبو. جيئن سهپ ڏاريندين، تيئن تنهنجا گناهہ معاف ٿيندا.

اي پٽ! مرڻ کان پوءِ سڀ کو مٽيءَ ۾ پوندو ۽ مٽي ٿيندو پر سچو ڀانهو اهو آهي، جيڪو جيئري ئي مٽيءَ وانگر بنجي پوي.

پردي ۽ جهنبي جو مناظرو

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي ڀيري بغداد جي شهر ۾ پردي ۽ جهنبي جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. جهنبو پري واري سفر تان موٽيو هو ان ڪري دز ۽ غبار ۾ ميرو لڳو پيو هو. تنهن ڏوراپو ڏيندي دروازي تي ٽنگيل صاف پردي کي چيو ته: تون ۽ آئون ٻئي ڄڻا نهيل به ڪپڙي مان آهيون ۽ ٻئي ڄڻا بادشاهه سلامت جا خادم آهيون، پر آئون سدائين سفر جي سختين ۾ پيو هلان. اڄ هيڏانهن جنگ جي ميدان ۾ ويس ته سڀاڻي هوڏانهن. سک جو ساهه پنڻ نصيب ئي ڪونهي ۽ تون سدائين سک ۾، دروازي تي ٻوٽ ڪوڙيو پيو آهين. آرام پيو ڪرين. نه ڪنهن طوفان جو مقابلو ڪرين، نه مقابلن جو منجهائيندڙ منظر ئي ڏسين. پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو محنت گهٽي آءُ ڪريان. عزت ۽ قرب توکي گهڻو حاصل هجي. گهڙيءَ گهڙيءَ توکي نازڪ ۽ نرم هٿڙا پيا لڳن. اهڙا مزا پيو ماڻين ۽ آئون رنگ روٽ جوانن جي هٿن ۾ جيڪي هيڏي هوڏي پيا ڦيرائين ۽ ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي پيا ڪن. ان جو ڇا سبب آهي؟

پردي جواب ڏنو ته: مون ۾ نئڙت ۽ نماڻائپ آهي جو سدائين، چائٺ پيو چمان ۽ ٻهاريان ۽ تون آڪڙ ڪري هر هر ٿو ڳاٽ مٿي ڪرين. ٻڌو هوندئي ته:

مَن تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰه

جيڪو الله خاطر نئڙت ڪندو، الله ان جي عزت بلند ڪندو (۽ وڏائيءَ واري جي وڏائي ڀڃندو آهي)

پهلواني سهپ کي چئبو آهي

ڪنهن بزرگ هڪڙي پهلوان کي ڏٺو جيڪو اهڙو ڪاوڙيو بيٺو هو جو وات مان ڦِڦَ پئي وهيس، بزرگ پڇا ڪئي ته: هن کي ڇا ٿيو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو ته: فلاڻي ماڻهوءَ هن کي گاريون ڏنيون آهن، تنهن تي اچي مٽيو آهي. تڏهن بزرگ چيو ته: هيءُ ڪميڻو ڳرو پٿر پڇري

ڪٽي ويندو آهي ۽ هٿ هڪ اکر سهڻ جي منجهس طاقت نہ آهي (رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: "پهلوان اهو آهي جيڪو ڪاوڙ ڪائي وڃي") ۽ هيءَ اجايو پهلوانيءَ جي ٻٽاڪ هڻندو آهي. پهلواني ٻئي جي پٺي پٽ لڳائڻ ۾ نہ آهي، پر صبر سان سهپ ڏارڻ ۾ ئي پهلواني آهي. ماڻهو ٿهيو ئي مٽيءَ مان آهي، هاڻي جنهن ۾ مٽي واري نرمي ۽ سهپ ناهي، اهو ماڻهو ئي ناهي.

چنڻ ۽ ڳنڍڻ الله خاطر

ڪنهن بزرگ کان پڇيم تہ: صاف دل ۽ سچن صوفين جون ڪهڙيون خصلتون هجڻ گهرجن؟ چيائين: گهٽ ۾ گهٽ هيءَ خصلت ضرور هجي تہ دوستن جي ڪم کي پنهنجي غرض ۽ مطلب کان وڌيڪ متو رکي. سياڻن جو چوڻ آهي تہ: جيڪو ماڻهو خود غرض ۽ مطلب پرست آهي، اهو نہ ڪنهن جو ياءُ آهي ۽ نہ ڪنهن جو مائٽ آهي. ان کي تہ پنهنجو مطلب ئي پيارو هوندو آهي، مون چيو تہ: بلڪل سچ آهي. تيار ماني ڇڏي ڏجي، پر سنگت نہ ڇڏجي ۽ جنهن جي دل تو سان نہ لڳي، تنهن سان دل نہ لائجي ۽ جنهن مائٽ ۾ ديانتداري ۽ پرهيزگاري نہ هجي، تہ ياڻپي ڳنڍڻ وارو خيال ڇڏي، ان کان ناتو ڇنڻ بهتر آهي.

تنهين ڏينهن هڪڙي ماڻهوءَ مون تي اعتراض ڪيو چوڻ لڳو تہ: قرآن شريف ۾ مٽن سان ڇنڻ جي منع آهي. مائٽن سان ڳنڍڻ جو تاڪيد آهي ۽ تون وري ڪهڙا تو ڏس ڏين؟ مون چيومانس: قرآن شريف ۾ هيءَ آيت پڙهي اٿئي.

وَاِن جَاهَدَاکَ عَلٰیٓ اَن تُشرِکَ بِی مَالَیسَ لَکَ بِهٖ عِلم فَلَا تُطِعهُمَا

۽ جيڪڏهن پيءُ ماءُ جهڙو پيارو عزيز مائٽ توکي شرڪ جو ڏسي ڏئي، تہ ان جو چيو متان مڃين؟ الله کان پري ٿيل هزار مائٽ هجن، تہ اهي ان ڌارئي تان گهوري ڇڏجن، جيڪو الله سائين سان ڳانڍاپيل هجي.

عادت نہ ڇڏي عادتي

بغداد شهر ۾ هڪڙي پيرسن ماڻهوءَ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح هڪڙي موچيءَ سان ڪري ڏنو. بي رحم موچيءَ ڇوڪريءَ جي چپن

ڪي اهڙو چوسيو ۽ چڪيو جوان جي چپن مان رت پئي ٽميو. صبح جو جڏهن پوڙهي جي نظر نياڻيءَ جي چپن تي پئي. تڏهن پنهنجي جاٽي موچيءَ وٽ ويو ۽ چيائينس تہ: تو سڄي عمر چمڙي جا ٽڪر پئي چڪيا ۽ چباڙيا آهن. تو منهنجي ڇوڪريءَ جي چپن کي بہ چمڙو سمجهيو ڇا؟

(سياڻا چوندا آهن تہ عادت نہ ڇڏي عادتي، عضوو نہ ڇڏي جاءِ ڪتي کي تخت تي ويهار تہ بہ چڪيءَ چٽڻ هارڪو) تون بہ پنهنجي عادت کان مجبور هئين.

ڪوجهي زال جو قصو

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: ڪنهن داناءَ ماڻهوءَ کي نهايت ڪوجهي ۽ بدشڪل ڌيءَ هئي، ان جي ساماڻجڻ کان پوءِ گهڻن ڏاجن آڇڻ جي باوجود، ڇوڪريءَ جو رشتو ڪنهن بہ قبول نٿي ڪيو. ڪوجهيءَ ڪنوار تي ڳهہ ڳنا ۽ پٽ پٽيهر بہ نٿا ٺهن. نيٺ ان داناءَ مجبور ٿي ڪنهن انڌي کي ڌيءَ پرڻائي ڏني.

چون ٿا تہ: انهن ڏينهن ۾ سريلنڪا جو هڪ هوشيار ڊاڪٽر اتي پهتو هو اکين جي علاج جو وڏو ماهر هو انڌن کي سڄو پئي ڪيائين. ماڻهن ان داناءَ کي چيو تہ: تون پنهنجي جاٽي کي وٺي ڊاڪٽر کي ڇو نٿو ڏيکارين؟ سندس اکيون ڇو صحيح نٿو ڪرائين؟ چيائين تہ: مون کي هي ڊپ آهي تہ تہ متان سڄو ٿي پوي ۽ منهنجي ڌيءَ کي طلاق ڏئي ڇڏي. بدشڪل مائيءَ لاءِ مڙس انڌو ئي ڀلو آهي.

بادشاهي ۽ فقيريءَ ۾ فرق

هڪڙي بادشاهہ درويشن ۽ فقيرن جي هڪ جماعت کي حقارت سان ڏٺو. ڪنهن درويش اها ڳالهہ محسوس ڪئي ۽ عقل سان سمجهي ويو. بادشاهہ کي منهن تي چٽي ڏنائين تہ: اي بادشاها! اسان هن فقيريءَ ۾ بہ توکان گهڻو خوش آهيون. تو وٽ لشڪر گهڻا آهن. باقي مرڻ ۾ هڪجهڙا آهيون ۽ قيامت ڏينهن، الله ۾ اميد آهي تہ انشاءَالله توکان بهتر حال ۾ هونداسين.

اي بادشاهہ سلامت! جيڪڏهن حاڪم وٽ اڻ ميا خزانا آهن ۽ فقير ٽڪر ڪاڻ محتاج آهي تہ ڇا ٿي پيو. جڏهن ٻئي ڄڻا هيءُ جهان ڇڏيندا. تڏهن ٻہ چار وال ڪفن ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ڪٺي نہ ويندا. پوءِ جڏهن بادشاهي هڪ ڏينهن کسجي ويندي، تہ ان کان فقيري ڀلي چئبي.

اصلي طريقت

طريقت ظاهر ۾ صوفين واري پوشاڪ ۽ سادگي يا مٿي ڪوڙائڻ کي سمجهيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ طريقت ان جو نالو آهي تہ دل زندهہ هجي ۽ نفس مئل هجي. اهو ماڻهو درويشيءَ جي دال کان واقف ناهي، جيڪو ٿوري گهٽي تي هِن هُن سان اٽڪي پوي، چوندا آهن تہ سچو صوفي اهو آهي، جيڪو جبل جي پاڙ ۾ ويٺو هجي ۽ مٿان ڇپ ڪي ڪرندو ڏسي تہ بہ ان جي راهہ کان پري نہ ٿئي.

طريقت واري درويش ۾ هي خوبيون هجڻ گهرجن. شڪر، خلق جي خدمت، الله جي اطاعت، قرباني، قناعت، توحيد، توڪل، نئڙت ۽ سهپ جنهن ۾ اهي خصلتون آهن، اهو سچو درويش آهي. پوءِ ڀلي قيمتي پوشاڪ پايو وتي.

پر جيڪو بي نمازي، رولاڪ، نفس پرست، رات ڏينهن خواهشن جو مريد هجي، جيڪو اکر زبان تي اچيس سو ڳالهائي، بڪواس پيو ڪري، غفلت جي ننڊ ۾ ستل هجي، ڪاڏي ۾ جيڪي ڏسي سو سپ رهڙي وڃي تہ اهو درويش ٿي ناهي، توڙي درويشن واري پوشاڪ پايو هلي.

اي فقير! جيڪڏهن تنهنجو اندر تقوي کان خالي آهي تہ مڪر جو لباس ڇو پاتو اٿئي؟ جيڪڏهن تنهنجو اندر اگهڙيون آهي، تہ پوءِ ڏيکاءَ واري اڇي پوتي ڇو ٿو پائين؟ اندر ويهاري ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي ڇو ٿو ڪرين؟ اٿين تہ فقيريءَ واري لباس کي ٿو لجائين.

گلن ۽ گاهہ جي سنگت

هڪڙي ڀيري تازن ۽ رنگارنگي گلن جو هڪ گلدستو ڪنهن جاءِ تي ڏٺم. گلن جي پاسن کان گاهہ ۽ پنن جون تارڙيون بہ هيون. مون چيو: هي گِاهہ گلن سان ڇو اچي گڏيو آهي. اهو ٻڌي ويچاري گاهہ روئي ڏنو ۽

چوڻ لڳو تہ: اي سعدي! وڏيڪ متان ڪجھ ڪڇين؟ اها گلن جي مهرباني آهي، جن پنهنجي سونهن ۽ سرهاڻ وساري منهنجي پراڻي سنگت کي برقرار رکيو آهي. مون ۾ برابر نڪو سونهن ۽ رنگ آهي، نڪو سرهاڻ، پر آئون بہ جائو نپنو ان باغ ۾ ٿي آهيان، جنهن ۾ هي گل ٽڙيا آهن. آءٌ ڪوجهو ٿي سهي پر هنن گلن جو ساٿي رهيو آهيان.

اهو ٻڌي مون چيو تہ: آئون ٻانهون ٻاجهاري الله جو آهيان، ان مالڪ جي نعمتن ۾ پلجي وڏو ٿيو آهيان. مون ۾ بہ ڪو هنر ۽ ڪمال ڪونهي، ڪو عقل ڪونهي. پر ڪريم جي ڪرم جي آسري تي آهيان، نہ عبادت ڪيم، نہ آخرت لاءِ ڪو ثمر ٿي تيار ڪيم. مون بي ڪس ۽ بي وس ٻانهي جو واهر وسيلو الله ٿي آهي. ڏسندو آهيان تہ ماڻهو پوڙهي پورهيت سان گهٽي محنت جو ليکو نہ ڪندا آهن، ان تي رحم ڪندا آهن، اي منهنجا الله! هن پوڙهي سعديءَ کي ڪٽي معاف ڪر!

سعدي! تون بہ ڪجھ سمجھ ڏاڙ الله واري واٽ وٺ. الله جي در کان سواءِ ٻين آڏو نرڙ نہ جهڪاءِ! (پاڻهٿي ايندم هوت، ڪجھ آئون بہ اڳيري ٿيان).

شجاعت ۽ سخاوت

ڪنهن سياڻي کان پڇيائون تہ: سخاوت وڏيڪ يا شجاعت (پهلواني)؟ هن وراڻيو تہ: جيڪو سخاوت ڪندو ان کي پهلوانيءَ جي ضرورت ٿي نہ پوندي، ايران جي حاڪم بهرام گورجي قبر تي هڪ فارسي بيت لکيل هو ان جو مطلب هو تہ شجاعت کان سخاوت وڏيڪ آهي.

ڪنهن داناءَ چيو آهي تہ: حاتم طائي ڪونہ رهيو، پر ان جو نيڪ نالو اڄ بہ زندھ آهي. اي انسان! تون بہ ملڪيت جي زڪوات ڏي ۽ سخا ڪر، وڻ کي جيئن ڇانگبو تيئن ڇهچ سائو ٿيندو.

باب ٽيون

قناعت جي فضيلت ۾

قناعت ۽ سخا

حلب شهر جي ڪپڙي بزار ۾ هڪڙو فقير پنڻ آيو. اتي هيئن پئي چيائين: اي شاهوڪارو! جيڪڏهن توهان ۾ انصاف هجي ۽ اسان فقيرن ۾ قناعت هجي ته، جيڪر دنيا مان پنڻ جو رواج ئي ختم ٿي وڃي. جيئن لقمان حڪيم، صبر واري واٽ ورتي ته حڪيم ٿيو. تيئن ڪو غريب قناعت جي واٽ وٺي، ته هوند امير ٿي وڃي.

فرعون ۽ هامان جو ورثو

مصر ملڪ ۾ هڪڙا ٻه ڀائر هوندا هئا. هڪڙو وڃي علم پڙهيو ۽ عالم ٿيو. ٻئي دولت ڪمائي گڏ ڪئي ۽ مصر جو وزير ٿيو. هڪ ڏينهن دولت مند ڀاءُ پنهنجي غريب عالم ڀاءُ ڏي حقارت سان ڏسندي چيو: ڏس ته آئون ڪيئن نه حاڪم ٿي ويس ۽ تون اجا سڃائيءَ ۾ پيو لوڙين. اهي اکر ٻڌي غريب ۽ عالم ڀاءُ چيو: اي ادا! آئون هن حال تي الله جا لکين احسان ٿو سمجهان، جو منهنجي حصي ۾ پنهنجن پيارن پيغمبر وارو ورثو علم ڏنائين ۽ تو وٽ فرعون ۽ هامان جهڙن ڪمبختن جو ورثو پهتو آهي. آئون ڪول وانگر ڪمزور ئي سهي، پر الله جو اهو احسان جو مون کي ڏنگيندڙ ڏينيو نه بنايائين.

پلي بک پرم جي

هڪڙي درويش جي ڳالهه ٻڌم ته اهو بکن ۾ پاهه پئي ٿيو ۽ ڪپڙن کي چتين مٿان چتيون ٿي هنيائين ۽ پنهنجي دل کي دلاسا ڏيندي پئي چيائين: اي نفس! سڪل تڪر ۽ ٽڳڙين لڳل گودڙي پلي اٿئي، ڪنهن تونگر جي احسان کڻڻ کان.

ڪنهن ماڻهوءَ ان درويش کي چيو تہ: هت ويٺو ڇا ٿو ڪرين؟ شهر ۾ هن پاسي فلاڻو امير اهڙو سخي دل آهي، جو سندس سخا عام پئي هلي. فقيرن جي خدمت لاءِ هو پيرن پر، اپو بيٺو آهي. جيڪڏهن تون اتي هلي ويندين، تہ هو تنهن جو احسان ڄاڻندو جو تنهن جو حال ٿي اهڙو آهي. درويش وراڻيو: مهربان! ماٺ ڀلي اٿئي، آئون ڪنهن جي آڏو هٿ وجي تنگيان، ان کان مون کي موت مٺو آهي. سياڻن چيو آهي تہ: اميرن جي دروازي تي ڪپڙن لاءِ چنيون لڪڻ کان ڀلو آهي تہ چتيون چتين تي هڻي صبر سان وقت گذارجي. پاڙيسيريءَ جي پيرن سان پنڌ ڪري جنت ۾ وڃڻ کان دوزخ جو عذاب ڀلو آهي.

ٿوري کائڻ ۾ تندرستي آهي

ڪنهن ملڪ جي بادشاه هڪڙي هوشيار حڪيم کي حضرت محمد ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر رهڻ لاءِ موڪليو. ڪجهہ سال اتي عربستان ۾ رهيو. پر ڪوبہ مريض وٽس علاج لاءِ نہ آيو. حڪيم حضور ﷺ جن وٽ آيو. شڪايت ڪيائين تہ مون کي بادشاه توهان جي صحابن سڳورن جي علاج لاءِ موڪليو آهي پر هيتري عرصي ۾ ڪو دوا داروءَ لاءِ لڙيو ئي ڪونهي. مون کي خدمت جو موقعو ملي نہ سگهيو آهي. اهو ڇا جي ڪري؟

حضور ﷺ جن فرمايس: اسان جي جماعت جو دستور آهي تہ جڏهن ڏاڍي بک لڳندي آهي، تڏهن کاڌو کائيندا آهيون ۽ اڃا چند گرهن جي گهرج هوندي آهي تہ کاڌي مان هٿ ڪڍي ڪڍندا آهيون. حڪيم چيو: بس تندرستيءَ جو راز بہ اهو آهي. پوءِ حڪيم صاحب با ادب حضور ﷺ جن کان موڪلايو ۽ پنهنجي وطن واپس وريو.

سياڻن چيو آهي تہ: داناءَ ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ سخن ان وقت ڳالهائي جڏهن ڏسي تہ نہ ڳالهائڻ سبب ڪو نقصان ٿيندو ۽ کاڌو تڏهن کائي، جڏهن ڏسي تہ نہ کائيندس تہ مرندس. جڏهن ڪو ايتري رک ڪندو، تڏهن سندس هر گفتو حڪمت ڀريو هوندو ۽ سندس کاڌو تندرستيءَ جو سبب هوندو.

ڪائڻ آهي جيئڻ ڪاڻ

اردشير نالي هڪڙي بادشاهہ ڪنهن عرب حڪيم کان پڇيو تہ: هڪ ڏينهن ۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڪيترو کاڌو کائڻ گهرجي؟ حڪيم چيو تہ: ڏيڍ پاءُ کن ڪوڙ آهي. بادشاهہ چيو تہ ايترڙو کاڌو جان کي ڪهڙي قوت ڏيندو؟ حڪيم ورائيو: تہ ايترو کاڌو توکي تڳڻ لاءِ ڪافي آهي. ان کان وڌيڪ کائيندين، تہ جان تي بار ٿي پوندو. کائبو آهي جيئڻ لاءِ، کائڻ لاءِ نہ جيئبو آهي.

ڏبري ۽ ٿلهي جي ڳالهہ

ڳالہ ٿا ڪن تہ خراسان جا هڪڙا بہ فقير هئا. جيڪي سدائين گڏ سفر ڪندا هئا. انهن مان هڪڙو ايرو هو جنهن هڪ نہ ٻئي ڏينهن کاڌي کائڻ تي پاڻ کي هيرائي ڇڏيو هو ۽ ٻيو ٿلهو متارو هو جيڪو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا کاڌو کائيندو هو. ٻئي ڄڻا سير سفر ڪندا ڪنهن شهر ۾ پهتا. اتي جاسوسيءَ جي الزام ۾ پڪڙجي پيا. ٻنهي کي ڪنهن بند ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي قيد ڪيائون. ٻن هفتن تائين ڪنهن بہ سندن سار سنڀال نہ لڌي. پوءِ وچي پتو پيين تہ هي بي ڏوهي آهن. جڏهن ڪوٺيءَ جو دروازو کوليائون. تڏهن ڏٺائون تہ ٿلهو فقير مئو پيو آهي ۽ ڏبرو صحيح سلامت آهي. ماڻهن کي ڏاڍو عجب پئي لڳو پر اتي هڪڙو حڪيم هو، ان چيو تہ عجب تڏهن ٿئي ها جڏهن ان جي ابتڙ ٿئي ها. چوتہ هي ٿلهو متارو فقير هر هر کائڻ جو هيراڪ هو. بک سهڻ جي منجهس طاقت ئي نہ هئي. تڏهن مري پيو ۽ ڏبري فقير کي جو پاڻ پليل هو. بک ڪاٽڻ جي اڳ ۾ ئي عادت هئس، تڏهن بچي ويو. ڏکن جي هيراڪ لاءِ جتي ڪتي آساني آهي ۽ عيش آرام ۾ پليل بک ڏک سهي نہ سگهندو مورڳو موڪلائي ويندو.

ٿورو کائجي

ڪنهن داناءَ پنهنجي پٽ کي گهڻي کائڻ کان جهليندي چيو تہ: گهڻي کائڻ سان تڪليف ٿي پهچي ۽ ماڻهو بيمار ٿي پوندو. پٽ ورائيو تہ: ابا! بک بڇڙو ٽول، دانا بہ ديوانا ڪري ۽ ڪيترن جي

واتان ٻڌو اٿم تہ: بک ۾ مرڻ کان ڌاپي مرڻ ڀلو آهي. پيءُ چيو: پٽ! هن آيت تي نظر ڪر!

كُلُوا وَاشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا

کائو پيئو پر حد کان نہ وڌو اسراف نہ ڪريو!

منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ: ايترو نہ کائجي جو اوڳرائيءَ سان گرهہ نڪري اچي ۽ ايتري پاڻ کي بک نہ ڏجي، جو مري پوي يا ڳرندو وڃي.

کائڻ واقعي وڻي ٿو پر گهڻو کائڻ نقصان بہ رسائي ٿو بک لڳڻ سان کائبو تہ رکو تڪر بہ لذيذ لڳندو ۽ ڍوَ ۾ گلقند بہ نہ وڻندو.

تندرستي هزار نعمت

هڪ بيمار کان پڇيائون تہ: ڪنهن شيءِ کائڻ تي دل چوئي ٿي؟ هن چيو تہ دل ڪجهہ نٿي چاهي. جڏهن نيڪائي ناهي تہ ڪا شيءِ نہ وڻي ٿي ۽ نہ هضم ٿئي ٿي. تندرستي هزار نعمت آهي.

قرض وڏو مرض

واسط جي شهر ۾ ڪنهن دڪاندار کان، ڪن فقيرن کنڊو کنيو هو. دڪاندار روزانہ فقيرن وٽ وڃي، پئسن جي گهر ڪندو هو ۽ کين گهٽ وڌ ڳالهائي بہ ويندو هو. فقيرن کي اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي، پر هاٺي سڀ ڪجهہ سهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هون. فقيرن ۾ هڪڙو صاف دل بزرگ بہ هو ان چيو تہ: يارو! هن دڪاندار کي پئسن جا دلاسا ڏيڻ کان بهتر هو تہ پنهنجي نفس کي دلاسا ڏئي ترسائجي ها.

جنهن در تي، دربان جي سهاپن ۽ ڌڪن ڌاٻن کان پوءِ گهڻو دان ملندو هجي، تہ اهڙي خير کي ئي کڏ ۾ هڻجي. ڪاسائيءَ جي ڇڙٻن کان ڀلو آهي تہ گوشت جي سڌ ۾ سڪ ۾ مري ساهہ ڏجي.

ٻن جي دوا کان موت ڀلو

هڪڙو جوان مڙس تاتارين جي جنگ ۾ زخمي ٿي پيو. ڪنهن چيس تہ: فلاڻي واپاريءَ وٽ زخمن جي دوا آهي، توهان گهرندؤس تہ

شايد دوا ڏئي ڇڏي. حالانڪ اهو واپاري مکي چوس موذي هوندو هو. ان جي ڪنجوسائپ جڳ ۾ مشهور هئي. ماڻهو چوندا هئا تہ: ان واپاريءَ وٽ دستر خواني تي مانيءَ بدران سج رکيل هجي ها، تہ بہ قيامت تائين ڪنهن کي ڏسڻ ڪونہ ڏئي ها.

زخمي جوان مڙس چيو: آئون هن کان دوا گهران، پوءِ بہ خبر ناهي تہ ڏئي يا نہ ڏئي؟ جي ڪٿي ڏئي، تہ بہ فائدو ڪري يا نہ ڪري؟ اهڙي سوال کان ڦٽڪي مرڻ ڀلو آهي. ڪنهن کان منٿ سان ماني وٺي بدن کي تاتڻ سولو ڪم آهي، پر ائين ڪرڻ ۾ ضمير جو موڙگوئي موت آهي.

سياڻن چيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪٿي آبرو کپائي آب حيات وٺڻو پوي، تہ داناءَ ڪڏهن بہ اهڙو آب حيات نہ وٺندو ڇوتہ ذلت جي زندگيءَ کان، عزت جو موت ڀلو آهي. خوش خلق ۽ کلمک دوست جي هٿان ٿوهہ وٺي کائڻ، بخيل ۽ بد اخلاق کان حلوو وٺي کائڻ کان ڀلو آهي.

غريبيءَ جي شڪايت ماڻهن آڏو نہ ڪجي

هڪڙو هو عالم، جنهن جا کائڻ وارا ڀاتي گهڻا هئا، يعني ڪٽنب وڏو هوس ۽ آمدني تمام گهٽ هئس. هن پنهنجي معتقدن مان هڪڙي امير ماڻهوءَ سان اميد ساري پنهنجو مسڪيني حال اوريو. ان سيٺ بوٽ ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو. پوءِ تہ عالم ڏاڍو پڇتايو تہ، مون اجايو اهڙي ڳالهہ ڪئي.

سياڻن چيو آهي تہ: ڪنهن سچڻ وٽ مرجهايل منهن سان نہ وڃجي. متان هن جو سک بہ ڦٽي پوي. ڪنهن بہ ڪم لاءِ ڪٿي وڃجي تہ مرڪندڙ منهن سان وڃڻ بهتر آهي.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: ان شاهوڪار عالم سڳوري جي حال اورڻ کان پوءِ سندس مقرر ٿيل پگهار ۾ ڪجهہ واڌارو ڪيو پر اعتقاد گهٽو هٽائي ويو. عالم سڳوري جڏهن شاهوڪار جي بي رخي ڏٺي، تڏهن چيائين: ڀلي بک ڀرم جي، شال نہ وڃي شان.

ڏٺو پير پُني مراد

ڪنهن درويش کي ڪا ضرورت پئجي وئي. هڪڙي ماڻهوءَ چيس تہ فلاڻي وٽ دولت بہ ججهي آهي ۽ اهڙو ئي دل جو سخي بہ آهي. هن

کي تنهنجي هيٺي حال جي خبر پوندي، تہ يقيناً تنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو. درويش چيو تہ: آئون ڪيس سڃاڻان ئي ڪونہ. هن ماڻهوءَ چيو تہ: آئون ٿو توکي ڏيکاريان. ائين چئي درويش کي ان شخص جي جاءِ تي وٺي وڃي پهتو. درويش اندر ويو. ڏٺائين تہ هڪ ماڻهو چپ لاڙيو منهن سڄايو ويٺو آهي. هن حالي حوالي ٿيڻ کان سواءِ ئي پويان پير ڪيا. ٻاهر ڪنهن ماڻهوءَ پڇيس تہ: خير وٺڻ کان سواءِ ئي سڪٽو موٽي آئين؟ درويش چيو تہ: ان جو ديدار ئي ڪوڙ آهي، جنهن جي منهن ۾ مرڪ جي سخا ناهي، ان کان ڪهڙي سخا جي اميد رکبي؟ ڏنو پيير پني مراد.

ڪدڙي جي سخا

هڪڙي پيري اسڪندريہ ۾ اڃي ڏڪار پيو. ويچارن غريبن جي سهپ کان ڳالهہ ٻاهر وڃي پهتي. آسمان مان بارش وسڻ بند ٿي چڪي هئي ۽ ماڻهن مينهن وسڻ لاءِ هٿ کڻي دعائون پئي گهريون. ماڻهو تہ ماڻهو پر جيتن جانورن پکين پرندن جي دانهن بہ آسمان ڏانهن پئي وئي. اڃا مخلوق جي دلين جو دونهون شايد ايترو گڏ نہ ٿيو هو جو آسمان مٿن ڪجهہ ڳوڙها ڪٽي ڳاڙي ۽ ڪجهہ بوندون برسائي.

اهڙي ڏکر واري وقت ۾ اتي هڪڙو ڪدڙو رهندو هو. جنهن جي وصف دوستن اڳيان ٻڌائڻ بي ادبي آهي ۽ ڪجهہ نہ ٻڌائڻ بہ نامناسب ٿيندو. ان ڪري ڪدڙي جي وصف ۾ بہ اکر ٻڌائي ٿو ڇڏيان. جيئن ان جي لَبِ مان جنس جي خبر پئجي ويندي آهي، تيئن هنن ٻن، ٽن اکرن مان بہ توهان سمجهي ويندؤ.

ڪدڙو اهڙو منحوس هو جو ڪو ڪافر ان کي ڪهي وڃي ها، تہ قصاص ئي نہ پويس ها. هن جي پٽ بغداد جي پل وانگر هئي، جنهن جي هيٺان پاڻي پئي هليو تہ مٿان هر ڪو پئي لنگهيو.

ان ڪدڙي وٽ پئسو ڏوڪڙ جام هو. هن جو ننگر جاري هو. مسڪينن ۽ مسافرن کي کاڌو پيو کارائيندو هو. غريبن جي مالي مدد بہ ڪندو هو. فقيرن جي هڪڙي ٽولي هئي، جيڪا بک ۾ پاهہ پئي ٿي. تن ارادو ڪيو تہ وڃي ڪدڙي وٽ مهمان ٿيون، ڍؤ تي کاڌو کائي اچون.

فقيرن مون کي بہ صلاح ڪئي، مون هلڻ کان انڪار ڪيو، چيم: شينهن بک مري، پر ڍپ نہ چري. ڪريل ڪدڙي وٽ هلي وڃڻ کان، بکن وگهي مرڻ ڀلو آهي. اهو ڪدڙو فريدون وانگر بادشاهہ بڻجي پوي، پر مون وٽ ان لاءِ تڪو بہ عزت نہ آهي. ڪچيءَ پٽ جي گاري تي گلڪاري ۽ جٽ تي ريشمي لباس هڪ ڳالهہ آهي. هن وٽ پئسو ٿيو تہ پرواهہ نہ آهي، آئون اوڏانهن اصل نہ هلندس.

حاتم کان وڏيڪ همت وارو

حاتم طائي سخاوت ۾ مشهور آهي. ان کان ڪنهن پڇيو تہ: جهان ۾ پاڻ کان وڏيڪ بہ ڪو همت وارو ماڻهو ڏٺئي يا ٻڌئي؟ هن وراڻيو: هائو مون هڪ ڏينهن چاليهہ اٺ خيرات ڪرڻ لاءِ ڪُٺا هئا. چڱا ڀلا، ڏسٽا وائسٽا ماڻهو بہ اچي خيرات تي پهتا هئا. هيڏانهن خيرات هلي رهي هئي تہ آئون ڪنهن ڪم سانگي شهر کان ٻاهر ميدان ڏانهن نڪري ويس. اتي هڪڙو ڪاٺير ڏٺم. ان ڪاٺين جي ڀري گڏ ڪئي هئي. مون چيومانس: هوڏي خيرات تي نٿو وڃين؟ جو اتي راڄ اچي گڏ ٿيا آهن، گوشت پيا ٺا ورهائجن.

ڪاٺير وراڻيو: جيڪو پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري پيٽ پالي سگهي ٿو، اهو حاتم جو ٿورو ڇو کڻي، ان جي در ڇو لڙي؟

حاتم طائيءَ چيو تہ: مون ان ڪاٺير کي شاباس ڏني، جس چئي ۽ دل ۾ هن کي پاڻ کان وڏيڪ همت وارو سمجهيم.

رب سچا ٽي سڳ ٿو ڏئي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: حضرت موسيٰ عليه السلام هڪڙي فقير کي ڏٺو. بدن تي ڪپڙو ئي ڪونہ هوس. واري ورائي اگهڙ ڍڪيو ويٺو هو. فقير جي نظر جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام تي پئي، تڏهن عرض ڪيائين تہ: اي الله جا نبي سڳورا! الله تعاليٰ کان مون لاءِ دعا گهرو! تہ مون کي رزق ڪشادو عطا ڪري، مسڪينيءَ کان ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهيان. حضرت موسيٰ عليه السلام دعا گهري ۽ پاڻ ويندو رهيو. (۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا سبب فقير کي ڪشادو رزق مليو) پوءِ ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد نبي سڳورو موٽي اتان اچي لنگهيو جتي مسڪين کي

دعا ڪئي هٿائين. ڇا ڏسي تہ ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿيل آهي. ويجهو وڃي ڏٺائين تہ: اهو ساڳيو ماڻهو پڪڙيو پيو آهي، جنهن لاءِ ڪجهہ ڏينهن اڳ دعا گهري ويو هو.

حضرت موسيٰ عليه السلام پڇا ڪئي تہ: ڇا آهي؟ هن ويچاري کي ڇو پڪڙيو اٿن؟ ماڻهن ٻڌايو تہ: انهيءَ شراب پي، ڪنهن سان جهيڙو ڪيو. هڪ ماڻهو اڪثر ماري وڌائين. هاڻي هن کي قصاص ۾ قتل ٿا ڪن.

سياڻن چيو آهي تہ: ٻليءَ کي پر هجن ها تہ جهرڪين جو بڻ بنياد ئي ختم ڪري ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن گڏهہ کي سڱ هجن ها تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏئي ها.

اهو شال سدائين ڪمزور هجي، جنهن کي طاقت ملي تہ ڪمزورن کي ايذائي. قرآن شريف ۾ آهي:

وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ

جيڪڏهن الله تعاليٰ سيني ٻانهن کي ڪشادو رزق ڏئي ها تہ ڌرتيءَ تي بغاوت ڪن ها ۽ ڏاڍا فساد ڪري وجهن ها.

دانائن چيو آهي تہ: ڪميڻي کي شل دولت هٿ نہ اچي، پوءِ ڀلي جهلي نہ سگهندو. پنهنجو مٿو ڦاڙائي وجهندو. حڪيم افلاطون جو قول آهي تہ: ڪِولِ بنا پرن جي ئي چڱي آهي.

حڪمت

پيءُ وٽ ماکي گهڻيئي هجي، پر جنهن پٽ کي ماکي چڱي نہ هوندي، ان کي ذري چکڻ لاءِ بہ نہ ڏيندو. ساڳي طرح الله تعاليٰ وٽ خزانا پريل آهن. پر توکي جيڪڏهن شاهوڪار نٿو ڪري، تہ تو لاءِ شايد اها شيءِ فائديمند نہ آهي. ڇوتہ ٻانهن جي طبيعتن کي اهو مالڪ ئي ڄاڻي ٿو اسان کي ڪا ڄاڻ نہ آهي.

بک ۾ موتي ڪهڙي ڪم جا

هڪڙي ماڻهوءَ کي ڏٺم. جيڪو شهر بصري ۾ سونارن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو. اتي هن ريت احوال پئي ڪيائين تہ: هڪڙي

پيري، ڪنهن ويران بيابان ۾ رستو ڀلجي ويس. ڪاڌي پيتي جي ڪا شيءِ مون وٽ ڪانہ هئي. حياتيءَ تان آسرو لاهي ويٺو هوس، ايتري ۾ هڪڙي ڳوٿري ڀريل تي نظر پيم. مون کي ايڏي خوشي پهتي جو ڳالهہ ڪري نٿو سگهان. جو سمجهيم تہ ان ۾ ڪٽڪ تڙڪايل هوندي، پر جڏهن کولي ڏٺم تہ سڄي ڳوٿري سچن موتين جي ڀريل هئي. پوءِ اهڙو ڏک پهتو جو حد کان ٻاهر. ڀلا اهڙي رڻ پٽ ۾ هڪ اڃايل، بکايل کي موتي ڪهڙي ڪم ايندا. جڏهن ماڻهو مرڻ هارڪو ٿيو تہ ان لاءِ جهڙو سون تهڙيون ٺڪريون.

اڃايل جي آس

هڪڙي ويران بيابان ۾ هڪڙو عرب اڃ ۾ تڙپڻ لڳو. ان وقت اهو چئي رهيو هو: ڪاش جيڪر مرڻ کان اڳ دل جي هيءَ آس پوري ٿئي، جو ڪنهن نهر جي ڪپ تي پهچي پنهنجي اڃ اجهايان، پوءِ ڀلي مران.

چانديءَ کان هڪ گوگڙو ڀلو

مٿين ڳالهہ وانگر هڪ ٻيو واقعو بہ آهي. هڪڙو فقير ڪنهن رڻ پٽ بيابان ۾ رستو وڃائي ويٺو. ساڻس نڪو ڪاڌو پيتو هو ۽ نڪو گهٽي پنڌ ڪرڻ جي منجهس ڪا طاقت ٿي هئي، بہ چار روپيا وٽس هئا. گهٽو ٿي هيڏي هوڏي ڊوڙيو پر ساهہ بچائڻ جي ڪا واهہ نظر نہ آيس. نيٺ اڃ ۾ ماندو ٿي مري پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪي ماڻهو ان وٽان اچي لنگهيا. ڏٺائون تہ سامهون روپيا پيا اٿس ۽ مٽيءَ تي هڪ بيت لکي ڇڏيو اٿس، جنهن جو مطلب هي هو تہ:

ڪنهن وٽ ڀلي خالص سون هجي، پر اڃايل جي اڃ نہ اجهائي سگهندو. هڙي بيابان ۾ بکئي ماڻهوءَ لاءِ چانديءَ جي ٽڪر کان، هڪڙو گوگڙو ڪم جو آهي.

ملیل نعمت تي شڪر ڪجي

مون ڪڏهن بہ زماني جي شڪايت نہ ڪئي ۽ نہ ڪڏهن مصيبت وقت منهن گهنجايم، مگر هڪڙي ڏينهن عجيب اتفاق ٿيو. منهنجا پير اگهاڙا هئا. جتيءَ وٺڻ جي طاقت نہ هئم. ڪوفي جي جامع مسجد ۾

پهتس. منهنجي دل ۾ ويچار پيدا ٿيو تہ اي سعدي! تو سچي کي نہ بوٽ نہ جورابا! ايتري ۾ اهڙي ماڻهوءَ تي نظر پيم، جنهن جا پير ئي ڪپيل هئا. پوءِ تہ الله جا شڪر ڪيم، جو پيرن جي نعمت نصيب هئي. جتي نہ هجڻ تي ڪٽي صبر ڪيم. چوندا آهن تہ: ڍاول ماڻهوءَ لاءِ تتر، ساڳ ڪان بہ گهٽ آهي، پر بيوس بکئي ماڻهوءَ لاءِ گوگڙو بہ ٻڳل تتر مثل آهي.

ميربائي مان لهان

هڪڙو هو بادشاهہ پنهنجي خاص وزيرن سان گڏ، سياري جي موسم ۾ شڪار ڪرڻ نڪتو. هلندي هلندي محلات کان گهڻو پري نڪري ويا. مٿان رات تي وئي. اتي ڪنهن ٻوناٽي جو گهر ڏٺائون. بادشاهہ چيو تہ: اجوڪي رات ٻوناٽي وٽ گذارجي، اٿين سياري جي سيءَ کان بہ بچاءُ ٿي پوندو. هڪڙي وزير چيو: جيئندا قبلا! ههڙي ڪڪائين گهر ۾ رهڻ ۽ رهائش لاءِ سوال ڪرڻ، توهان جي شاهاڻي شان لاءِ مناسب نہ آهي. هتي ئي ميدان ۾ ڪٽي ٿا تنبو هڻون ۽ باهہ جو مچ ٻاريون. اها خبر ٻوناٽي کي پئي، سو پنهنجي گهر جي سامان کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري، جيڪو حال هوس اهو تيار ڪري، بادشاهہ وٽ اچي پهتو. هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيائين تہ: سائين! مون مسڪين جي غريباڻي گهر ۾ چار قدم پري اچڻ سان سائين جن جو شان گهٽجي ڪونہ پوي ها، پر وزيرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ هن مسڪين کي اهڙو شرف حاصل ٿئي ۽ اها عزت ان کي نصيب ٿئي. بادشاهہ کي ٻوناٽي جا اهي اکر ڏاڍا وڻيا. پوءِ تہ رات وٽس وڃي تڪيو. صبح جو هلڻ مهل ٻوناٽي کي انعام ۽ اڪرام ڏنائين. بادشاهہ جڏهن گهوڙي تي چڙهي هليو، تڏهن چند قدم هو بہ ٻاهر گڏجي هليو ۽ چئي رهيو هو:

هن مسڪين جي ڪکائين گهر ۾ اچڻ سان بادشاهہ جي عزت، شان شوڪت ۽ مان ذرڙو بہ نہ گهٽيو. البتہ سندس قدمن گهمائڻ سان منهنجي عزت وڃي آسمان تي پهتي.

جهڙا روح تهڙا ختما

هڪڙو هو پينو فقير، جنهن وٽ پِن جي دولت گهڻي اچي گڏ ٿي. هڪ دفعي بادشاهہ ان فقير کي چيو تہ: اُسان کي خبر پئي آهي تہ تو وٽ

پئسا جام آهن. مون کي سخت لوڙ پئي آهي، مون سان هن وقت پئسن جو تعاون ڪندين، ته اڏاري جي ماءُ ڪانه مئي آهي. ڍلن جي وصوليءَ وقت تنهنجي رقم توکي واپس ڪندس ۽ تنهنجو احسان به مڃيندس.

فقير وراڻيو: اي بادشاهه سلامت! توهان جي اعليٰ مرتبي لاءِ مناسب ئي نه آهي، جو مون جهڙي پيٺوءَ جي پِن وارن پئسن سان پنهنجا هٿ پليت ڪريو. ڇوته مون پائي پائي پني دولت گڏ ڪئي آهي.

بادشاهه چيو: ڪو ڀؤ ڪونهي. پئسا ڪنهن منحوس ڪافر کي ڏيڻا آهن. قرآن شريف ۾ آهي:

الخَبِيثَاتُ لِلخَبِيثِين

پليت عورتون پليت مردن لاءِ آهن. جهڙا روح تهڙا ختما. پليت پاڻيءَ سان يهوديءَ جو لاش وهنجاريو ويو ته ڇا ٿي پيو؟ پليت پئسا پليت ڪافر کي ڏيندس.

چون ٿا ته: فقير بادشاهه جو چوڻ نه مڃيو. آڏا ابتا جواب ڏيڻ لڳو. پوءِ ته بادشاهه حڪم ڏنو ته: هن کان زوريءَ دولت ڦريو! هي منٿ مان ڇا جاڻي. ڪتو ڇا جاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان. جنهن کي پاڻ تي رحم نٿو اچي، ان تي ٻيو ڪير رحم ڪندو؟ پوءِ ته فقير کان دولت ڦري، ڪيائونس ميدان.

حريص جو پيٽ قبر ڀري

هڪڙي واپاريءَ کي ڏٺم. ڏيڍ سؤ اٺن جي ڪٺڻ جيترو سامان هوس. چاليهارو کن نوڪر چاڪر هئس. هڪڙي رات مون کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايائين. سڄي رات ننڊ نه آيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پئي ڪيائين. مون کي ٻڌائي پيو ته: منهنجو فلاڻو سامان ترڪيءَ ۾ پيو آهي ۽ ٻيو سامان هندوستان ۾ آهي ۽ اجهو هي دستاويز فلاڻي زمين جو اٿئي. اها به مون خريد ڪئي آهي. فلاڻي شيءِ هن کي ڏنم. ان جو ضامن فلاڻو ورتم. ڪڏهن چئي رهيو هو ته: اسڪندريه ڏانهن وڃڻ جو ڏاڍو شوق اٿم، اتي جي آبهوا واهه جي آهي. اها ڳالهه ڪري وري چيائين: ڇڏ اسڪندريه جي پچر، وچ تي فلاڻو خطرناڪ سمنڊ آهي. ڪير ٿو اٿانگو سفر ڪري؟

اي سعدي! هڪڙي سفر جو سوچيو اٿم. اهو ڪري اچان پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينهن پاسائتو رهي، ڪفايت ۽ قناعت سان وقت پيو گذاريندس. مون چيومانس: ڪهڙو سفر سٽيو اٿئي؟ چيائين: ايران جو گندرف، چين ڏانهن کڻي ويندس. ٻڌان ٿو ته اتي وڏو اگهه اٿس ۽ چين مان چينيءَ جا ٿانو خريد ڪري، روم کڻي ويندس ۽ روم مان ريشمي ڪپڙو خريد ڪري هندوستان آڻيندس ۽ هندوستاني رڪ خريد ڪري حلب ڏانهن ۽ حلب جون آرسيون يمن ۽ يمن جون چادرون ايران آڻيندس. پوءِ بس سفر جي پچر ڦٽي ڪري، هڪڙو دڪان کولي ويهي رهندس. مطلب ته ايتري يخي هنيائين، جو مٿو ٿڪجي پيس. ٻئي ڳالهائڻ جي طاقت ئي نه رهيس. پوءِ مون کي چيائين: اي سعدي! تون به ڪجهه ڳالهاءِ جهان ۾ ڇا ڏٺئي ڇا ٻڌئي؟ مون چيو: اها ڳالهه ٻڌي اٿئي ته غور جي رڻ پٽ ۾ هڪڙي سوداگر جو سامان سواريءَ تان ڪري پيو. ان وقت چيائين ته: دنيادار جي لالچ وارين اکين کي يا قناعت ڍؤ ڪرائي يا قبر جي مٽي.

مکي چوس موذيءَ جي ڳالهه

هڪڙو هو شاهوڪار ڪنجوسائيءَ ۾ ائين مشهور هو جيئن سخا ۾ حاتم طائي. هن جو ظاهري ڏيک وڏو هو باقي اندر مڙيو ئي اگڙيون هوس. اهڙو مکي چوس هو جو سندس هٿ کان ڪنهن ساهه واري کي ڳيو نصيب نه ٿيندو هو. حضرت ابوهريره ﷛ جي ٻلي آڏو اچيس ها، ته ٽڪر به نه ڏئيس ها ۽ اصحاب ڪهف جو ڪتو غار مان نڪري اچي آڏو ويهيس، ته چوسيل هڏي به ان آڏو نه اڇلي ها، مطلب ته ان جي گهر جو دروازو سدائين بند هوندو هو ۽ ڪنهن انسان جي اک، ان جو دستر خوانو وڇايل نه ڏٺو هو. چون ٿا ته: ان وٽان ڪنهن گداگر فقير کي کاڌي جي خوشبوءِ کان سواءِ ڪجهه نه ملي سگهندو هو ۽ سندس مانيءَ جا ٻچيل ڀور ڪنهن پکيءَ کي به نصيب نه ٿي سگهندا هئا.

ڳالهه ٿا ڪن ته: اهو شاهوڪار مغربي درياءَ جي رستي مصر ڏانهن اچي رهيو هو. دماغ ۾ فرعوني خيال هئس. اوچتو ٻيڙيءَ کي طوفان اچي وڪوڙيو. بلڪل فرعون جي ٻڏڻ وارو نظارو سامهون هو. ان

وقت هٿ کڻي دعا پيو گهري، سڄي حياتي ڪنهن تي رحم نہ آيس، هاڻي پاڻ لاءِ رحم جي دعا گهري رهيو هو. ڄڻ مڪي جي مشرڪن واري ڪار پيو ڪري، جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

فَإِذَا رَكِبُوا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ

جڏهن ٻيڙيءَ تي چڙهن ٿا، تڏهن اڪيلي الله کي ٻاڏائين ٿا (۽ ٻاهر شرڪ جي ٻيائيءَ واري ٻولي اٿن).

هن بہ فقيرن مسڪينن کي الله جي نانءَ تي گهرڻ وقت ڪجهہ نہ ڏنو هو تہ هاڻي الله هن کي ڇا ڏئي؟ چوندا آهن تہ: جيڪڏهن هميشه هن دنيا ۾ رهڻو هجي، تہ پوءِ پلي دولت گڏ ڪجي ۽ سون جو ن ماڙيون کڻي اڏجن، پر جهان عارضي آهي، تہ پوءِ ايڏي دولت ڪهڙي ڪم جي؟

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: ان شاهوڪار جا مصر ۾ مائٽ هئا. جيڪي بنهہ مسڪين هئا. جڏهن شاهوڪار ٻڏي مئو. تڏهن هن جي ملڪيت مان اهي شاهوڪار ٿي پيا. هن جي مرڻ کان پوءِ پراڻا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيائون، نوان ريشمي ڪپڙا کڻي پاتائون. انهن مان هڪڙي کي تہ مون بہ ڏٺو جو پلي گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو، بہ نوڪر بہ ساڻ هئس.

هاڻي جيڪر اهو مردو موٽي اچي ۽ پنهنجي ملڪيت جي ورهاست ڏسي، تہ ڪيڏي نہ تڪليف محسوس ڪري. جڏهن تہ هي غريب مائٽ شاهوڪار جي مرڻ تي خوشيون پيا ڪن. هن گهوڙي تي چڙهي ويندڙ سان منهنجي ڪجهہ واقيف هئي، سو ٻانهن کان جهلي چيومانس: اي دوستا تنهنجو بخت بالا ٿيو هاڻي پيو کاءُ کپاءِ ۽ مزا ماڻ! هن ڪمبخت گڏ ڪئي، ان مان نفعو نہ ورتائين. نفعو وري تون ٿو وٺين.

جنهنجي پڇي ايندي، موت ان تي ايندو

هڪڙي ڪمزور ملاح مڇي ڦاسائڻ لاءِ درياءَ ۾ ڄار وڌو. ان ۾ ايڏي وڏي مڇي اچي ڦاٿي جو ملاح ان کي پڪڙي نہ سگهيو ويتر مڇيءَ زور لڳايو ۽ ملاح وارو ڄار ٽي پاڻ سان کنيو وئي. ملاح روزانہ مڇيءَ جو شڪار ڪندو هو پر اڄ پاڻ شڪار ٿي ويو. چوندا آهن تہ وئي سگ وڻ، پر ڪن ڪپائي موٽي. سدائين هڪ جهڙا ڏينهن نہ آهن، ڪڏهن ڏونگهو ڏر ۾ تہ ڪڏهن ڪپو ڪيچ ۾.

اها خبر ٻين ملاحن کي پئي، تڏهن مورڳو ورائي ويس، ته اهڙو شڪار هٿان وڃايو اٿئي، پاڻ سنڀالي نه سگهئين؟ ڪمزور ملاح وراڻيو: آئون ڇا ڪريان، اها مڇي منهنجي روزيءَ ۾ لکيل نه هئي ۽ مڇيءَ جي روزي اڃا لکيل هئي. مڇيءَ مارڻ وارا روزانو پيا مڇيون مارين، پر جنهن مڇيءَ جي پڄي ايندي، اهائي مرندي.

موت ڪان ڪاڏي ڀڄبو؟

ڳالهه ٿا ڪن ته: هڪڙي لولي لنگڙي ماڻهوءَ سؤ پيري (جيت) کي ماري وڌو. ڪنهن درويش اهو لقاءُ پئي ڏٺو چيائين ته: سبحان الله! اي الله! تنهنجي قدرت. جڏهن سؤ پيرن واري جا ڏينهن اچي ڪتا، تڏهن ايترن پيرن هوندي، لولي لنگڙي کا ڀڄي نه سگهيو. جڏهن ڪنهن جي موت جو وقت پرجي ايندو ۽ دشمن اچي مٿان ڪڙڪندس، تڏهن هن جا مضبوط هٿيار به بي ڪار بڻجي پوندا.

ظاهري ڏيک

هڪڙي بيوقوف کي ڏٺم، بدن ۾ ٿلهو متارو ۽ قداور هو. نهايت قيمتي ڪپڙا پاتل هئس، بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌل، پلي گهوڙي تي چڙهيو ٿي ويو. ڪنهن دوست اهو لقاءُ ڏسي، مون کي چيو ته: اي سعدي! ڪيئن ٿو ڀانئين؟ هن ڏور اهڙا قيمتي ڪپڙا ڪٿي پاتا آهن.

مون چيو: ڪو ڀؤ ناهي. هن جو جسم رڳو ماڻهن جهڙو آهي، هي ائين آهي جيئن سامريءَ جو جوڙيل گابو پيو رنڀ ڪري. چوندا آهن ته: سهڻي صورت کان سهڻي سيرت بهتر آهي، پر هت رنگ ئي پيو آهي. هڪ شريف ۽ قابل انسان، ڪمزور ٿي پوي ته ڪو فڪر ناهي. چوته ان جو مان مرتبو ساڳي طرح بلند آهي ۽ جيڪڏهن ڪو يهودي دولت سان راند پيو ڪري ۽ گهر جي دروازن تي سونا پٽ چاڙهي ڇڏي، ته به يهودي اهوئي يهودي، سندس عزت وڌي ڪانه پوندي.

اهڙي ڏور کي انسان ڪيئن چئبو جنهن کي رڳو ماڻهن وارا ڪپڙا پهريل هجن، جيڪڏهن ان جا ٽيڙ ٽاڙي جاچي ڏسجن ته سندس خون کان سواءِ بي ڪا به شيءِ حلال نظر نه ايندي.

چوريءَ کان پنڻ چڱو

هڪڙي چور ڪنهن پينو فقير کي چيو: توکي شرم نٿو اچي، جو هر ڪنجوس آڏو پئسي ٽڪي لاءِ پيو ٿو هٿ ڊگهو ڪرين؟ فقير وراڻيو تہ: پئسي لاءِ هٿ ٽنگڻ ان کان آسان ۽ چڱو آهي جو پئسن جي ڪري هٿ ڪپجيم. (يعني وجي چوري ڪريان، پوءِ هٿ ڪپرايان).

سچي پهلوان جو سفر

هڪڙو هو پهلوان نوجوان. اهو زماني جي گردش سبب مسڪينيءَ ۾ وقت گذاريندي ڏاڍو تنگ ٿي پيو. پنهنجي پيءُ وٽ حاضر ٿيو. ۽ پنهنجو هيڻو حال ٻڌائي. اجازت گهريائين تہ سفر تي وڃڻ جي موڪل ڏيوم. جيئن پرديس ۾ هن طاقت ۽ هٿن جي پورهئي سان ڪشادو روزگار حاصل ڪري سگهان. چوڻ سياڻا چوندا آهن تہ: جيسين اگربتيءَ کي نہ دکائبو، تيسين سرهاڻ نہ ڪندي. پنهنجي هنر يا طاقت جو مظاهرو نہ ڪبو تہ ڪجھ نہ ورندو.

پيءُ وراڻيو تہ! اي پٽ! اهڙا نہ تيڻ جهڙا خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏ، هٿ ئي ڪفايت قناعت سان پيو وقت گذار. سياڻا چوندا آهن تہ: ڪوشش سان دولت هٿ اچڻي ناهي، نہ وري جوش جذبي سان ئي دولت هٿ ايندي. پهلوانيءَ جو دولت سان ڪهڙو واسطو. جيئن انڌي جي اک ۾ ڏيپ وجهڻ بي فائدي آهي، تيئن بخت ۽ ڀاڳ کان سواءِ عقل ۽ اٽڪل سان دولت جي طلب بہ بي فائدي آهي. اي پٽ! توکي سوين هنر هجن پر بخت کان سواءِ سڀ بيڪار سمجھ. توکي تہ رڳو جسماني طاقت آهي. ان سان ڇا حاصل ڪري سگهندين؟

پٽ چيو: اي ابا! سفر مان گهڻائي فائدا آهن. دلي راحت، روزگار جا مواقع ۽ عجيب شين جا ديدار هڪ پاسي تہ، شهرن جو سير، نون ماڻهن سان واقفيت، عزت آبرو حاصل ڪرڻ ٻئي پاسي ۽ پئسا ڪمائڻ ۽ نوان تجربا حاصل ڪرڻ جهڙا نفعا تہ اٿل ۾ آهن.

سياڻن چيو آهي تہ: جيسين گهر ۾ هڪ جاءِ تي مڇو بنيو ويٺو هوندين، تيسين تون تجربيڪار انسان بڻجي نہ سگهندين. ان ڪري مرڻ کان اڳ ۾ جهان ۾ ڪجھ گهمي ڦري ونجي.

پيءُ وراڻيو: اي پٽ! سفر مان نفعا جيڪي تو ٻڌايا، اهي تہ آهن ۽ اچا بہ وڌيڪ آهن، پر اهي نفعا پنجن قسمن جا ماڻهو حاصل ڪري سگهن ٿا.

هڪ واپاري ماڻهو جيڪو واپار سانگي ملڪ گهمي، دولت گهڻي هجيس، نوڪر چاڪر گڏ هجنس، پوءِ اهو سنگت ساٿ سميت هڪڙي شهر مان ٻئي شهر پيو ويندو ڏينهن جو هڪڙي شهر ۾ تہ رات ڪنهن ٻئي شهر ۾ گذاريندو. دنياوي نعمتن مان نفعا ماڻي سگهندو ۽ دل پيو وندرائيندو. اهڙي ماڻهوءَ کي ڪهڙي پرواهہ. ڏٻر ۾ ان لاءِ وَسُتَن آهي، جتي پهچندو تنبو طولان لڳي ويندا. منڊل مچي ويندا. اهڙو ماڻهو پرديس ۾ بہ مسافر ناهي ۽ جنهن وٽ اهڙو ڀاڱ ناهي، اهو پنهنجي ملڪ ۾ ئي مسافر بنيل آهي.

ٻيو وڏي علم وارو عالم سگهورو جنهن جي ٻولن ۾ ميناج هجي. سندس علمي ڪچهري موهيندڙ هجي. اهو جتي بہ ويندو ۽ قيمتي قول ٻڌائيندو تہ اتي ماڻهو سندس عزت ڪندا. اهڙو عالم سچي سون وانگر آهي، جنهن ملڪ ۾ ويندو اتي سندس قيمت آهي. بي علم، بي عقل، کوٽي سڪي وانگر آهي، ان ڏي ڪير نهارڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي.

ٽيون خوبصورت ۽ حسين ماڻهو جنهن جي سونهن سوپيا من موهيندڙ هجي. سندس ڏسڻ ۽ ديدار مان ڍؤ ئي نہ ٿئي. ڪن تہ هيئن بہ چيو آهي تہ: خوبصورتي گهڻي دولت کان وڌيڪ آهي، چوتہ سهڻن جو ديدار زخمي دل لاءِ مرهم آهي ۽ طبيعت جي مونجهاري کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنجي آهي. ان ڪري سهڻو ماڻهو جتي ويندو اتي جيءَ ۾ جايون لهندو. پلي ان کي سندس ماءُ پيءُ لوڏي ڪڍن، پر هن کي تڪائڻ وارا ڪيترائي ملندا.

مور جو ڪنپ اهوئي ڪنپ آهي، پر سونهن اٿس تہ قرآن شريف جي ورقن وچ ۾ پيو هوندو آهي. تہ خوبصورت انسان بہ ائين سمجهہ. ان کي بہ جتي ڪٿي مان ملندو.

چوٿون ماڻهو سريلو ڳائڻو جنهن جو آواز دائودي ۽ منڙو هجي، جيڪو پنهنجي سر سان وهندڙ پاڻي بيهاري سگهي، پکي پکڙ موهت ڪري وجهي، پوءِ اهڙو ماڻهو پرديس ۾ بہ ڪيترن مشتاقن جو من موهي

وجهندو. گھڻن جون دليون ڏتاري سگھندو ۽ ماڻھو ان جي خدمت ڪرڻ ۾ سعادت پيا سمجھندا. چون ٿا ته: سريلو آواز حسن کان به وڌيڪ آهي، مٺڙو آواز ڏسندڙ تورڙي نه ڏسندڙ کي مست ڪري سگھي ٿو.

پنجون ماڻھو آهي هنرمند. جيڪو جتي به ويندو ته بازن جو پورهيو ڪري پيٽ پالي سگھندو ۽ هرويرو ٻين اڳيان مانيءَ لاءِ هٿ ٽنگڻو نه پوندس. چوندا آهن ته: بي هنر بادشاهه به پرديس ۾ بک مري سگھي ٿو ۽ هنر مند گھڻو ڪري ڏکيو ڏينهن نه ڏسندو.

اي پٽ! هي صفتون جيڪي بيان ڪيم، اهي سفر ۾ سھولت جو سبب آهن، سکئي وقت گذارڻ جو ذريعو آهن، ۽ جنھن ۾ انھن خوبين مان ڪا خوبي موجود نه هجي، پوءِ به مسافريءَ لاءِ نڪرندو ۽ پرديس ۾ قدم رکندو ته، ان ڏي ڪير نھاريندو ئي ڪونه ۽ نه ڪير سندس دانھن تي ڪن ئي ڌريندو. ان جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪو ڪبوتر پنھنجو غريباڻو اکيرو ڇڏي، داڻن چڳڻ جي لالچ ۾ ٻاهر نڪري، ڪوڙڪيءَ ۾ وڃي ڦاسندو آهي.

پٽ وراڻيو: اي ابا! آئون داناَئن جي قول جي مخالفت ڪيئن ڪريان؟ جن چيو آهي ته: رزق جيتوڻيڪ رب طرفان ورهايل آهي، پر اسباب ڳولڻ، حيلا هلائڻ ۽ لوچڻ نھايت ضروري آهي. جيئن مقدر ۾ مقرر ٿيل مصيبت هجي، پر ان کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ واجب آهي. جيتوڻيڪ موت ڏينھن پنھنجي اچڻو آهي، پر نانگ جي منڍيءَ تي پير رکڻ جي موڪل ڪانه آهي.

مون کي جڏهن ته قدرت واري اها طاقت بخشي آهي جو هاٿيءَ تي حملو ڪري سگھان ٿو شينھن جي جاڙي لت سان پيچي سگھان ٿو، تڏهن آئون چڱائي ان ۾ ٿو ڏسان ته سفر ڪريان، ڇوته سڃائيءَ جي سھڻ جي وڌيڪ مون ۾ طاقت نه آهي.

ابا! جنھن ماڻھوءَ پنھنجو گھر ڇڏيو ان کي ڪھڙي پرواهه! سڄي دنيا ان جو گھر آهي. شاهوڪار ماڻھو اها ڳڻتي ڪري سگھي ٿو ته رات وڃي گھر ۾ سکيو ٿيان، پر مسڪين کي جتي رات پئي اتي سندس گھر سمجھه! اهو چئي، پٽ پيءُ کان موڪلائي دعا گھري روانو ٿيو ۽ پنھنجي منھن چوندو ٿي ويو: ڪنھن هنرمند جو

جيڪڏهن بخت ياوَر نہ هجي، تہ اهو اهڙي جاءِ تي وڃي رهي جتي ڪوبہ نہ سڃاڻيس.

پهلوان نوجوان هلندي اهڙي نهر جي ڪناري تي اچي پهتو جنهن جي پاڻيءَ جي تکي وهڪري سبب پٿر بہ لڙهي پئي ويا ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جو گوڙ ٻن ٽن ميلن تائين پري پئي ٻڌو اتي پاڻيءَ وارن پکين کي بہ ترڻ جي طاقت نہ هئي، ۽ نهر جي چولين. ڪنارن تي پيل پٿر جي ڳرين ڇپن کي پئي لوڙهيو.

نهر جي ڪپ تي ڪجهہ ماڻهن کي ڏٺائين. جيڪي ڪرايو (ياڙو) ڏئي نهر جي هن پار وڃڻ لاءِ پنهنجو سامان سڙو ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي رهيا هئا. هن پهلوان وٽ پئسو پائي ڪجهہ ئي ڪونہ هو. ان ڪري هو ميربحر جي ڪوڙي خوشامد ڪرڻ ۽ منٿ ميڙ ڪرڻ لڳو جيئن اهو هن کي مفت ۾ ٻيڙيءَ تي ڪڻي هلي، پر ملاح هڪ بہ نہ ٻڌس، ويتر پهلوان تي ٽوڪون ۽ کلون ڪندي چويس پيو: پئسو ليئي ڪونہ، رڳو سوال تي سندرو. کيسا خالي، ماڻهن ليکي ملڪ جو والي. انڌو منڌو هجي تہ بہ ٺهيو هيءَ ڏنڌو مستنڊو ۽ ٻيڙيءَ ۾ مفت ۾ چڙهندو. ماڻهن کي شرم ئي ڪونهي.

مطلب تہ ميربحر هن نوجوان تي کلون مسخريون ڪندو ٻيڙي ڇوڙي، ونجهہ سنڀالي روانو ٿيو. پهلوان کي ميربحر جي طعنن ٽنڪن سبب ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي، هن جو اندر جلي رهيو هو. هو پلاند ڪرڻ ۽ ملاح کي سيکت ڏيڻ جو سوچي رهيو هو. ٻيڙي هلي چڪي هئي. پهلوان وڏي واڪي ملاح کي سڏ ڪري چيو تہ: هي جسم تي پاتل چادر ڪرائي ۾ وٺ ۽ مون کي بہ کنيو هل! ملاح کي ياڙي جي لالچ ٿي، چادر جو ٻڌي دل هرکي پيس، هو ٻيڙيءَ کي موٽائي آيو ڪناري تي اچي ڀڳهہ هنيائين، چوندا آهن تہ: جتي لوڀي هجن، اتي ٺوڳي بک نہ مرن. هٿ بہ ائين ٿيو.

جڏهن ٻيڙيءَ وارو ملاح ويجهو آيو ۽ ڪناري تي بيٺل پهلوان کان چادر وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪيائين. تڏهن پهلوان ملاح جي گلي ۾ هٿ وجهي، ڇڪي ٻيڙيءَ مان هيٺ لاٿو ۽ زمين تي لتن ۽ مڪن سان چڱي ڦيهہ ڏنائينس. چئي رهيو هوس: توکي ڪنهن جو هٿ نہ لڳو آهي، وٽ

ڪرايو تہ خبر پوئي؟ ملاح جا ساٿي بہ ٻيڙيءَ کان ٻاهر آيا، پر هن فيل مست پهلوان جي هڪ هڪل سان ياڙيا ٿي پيا. ساڻس پڇڻ جو ست نہ ساري. "جتي پڇڻ ناهي پهہ، اتي پڇڻ ڪم وريامن جو." پهاڪي تي عمل ڪيائون. نيٺ چڱائي ان ۾ ڏٺائون تہ. پهلوان کي بنا ڪرائي جي ٻيڙيءَ ۾ کڻي هلن. سياڻن سچ چيو آهي تہ: جهيڙي وقت بردباريءَ کان ڪم وٺجي. ڳالهائڻ مٺو ۽ نرم هوندو تہ هاٿيءَ جهڙي جانور کي، وار جهڙي سنهي ڌاڳي ۾ ٻڌي سگهجي ٿو ۽ نرميءَ سان اهو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو جيڪو سختيءَ سان حاصل نٿو ڪري سگهجي.

پوءِ تہ ميربحر ۽ سندس ساٿي، پهلوان جي پيرن تي ڪري پيا، معافي وٺڻ لڳا. دل ۾ خار ڏاڍي هئن، پر مجبوراً ظاهري طرح پهلوان جا هٿ چمڻ لڳا ۽ هن کي مفت ۾ ٻيڙيءَ تي چاڙهي روانا ٿيا.

ٻيڙي هلندي هلندي جڏهن هڪ ٿنڀي وٽ پهتي، جيڪو يوناني حڪومت طرفان، نهر جي وچ ۾ نشان طور نهرايو ويو هو. تڏهن ملاح کي شرارت سجهي آئي، اوچتو رڙ ڪري چيائين تہ: ٻيڙيءَ ۾ خرابي ٿي پئي آهي، سوار ٿيلن مان ڪو طاقت وارو جوان مڙس هجي، جيڪو هن ٿنڀي تي چڙهي وڃي ۽ ٻيڙيءَ جي رسي کي ڇڪي جهلي، جيئن آئون ٻيڙيءَ جي مرمت ڪري وٺان. پوءِ اڳتي هلجي.

هن نوجوان پهلوان کي پنهنجي طاقت تي اڳ ۾ ئي غرور هو ۽ مٿي ۾ وڏائيءَ جو واءُ ڀريل هوس. هن دل ڏکويل دشمن جو ڪو خيال ئي نہ ڪيو ۽ ٽپ ڏئي اٿيو. حالانڪ داناءَ چوندا آهن تہ: جنهن ماڻهوءَ جي هڪ دفعو دل ايذائي هجي ۽ پوءِ کڻي ان سان سوين چڱايون ڪيون هجن. تہ بہ هن جي هڪ رنجش واري انتقام کان بي خوف نہ ٿجي. ٻلي ان جا ٻاهريان زخم، مرهم سان ڇٽي ويا هجن، پر ان جي دل جو زخم اڃا تازو هوندو. چوندا آهن تہ: من ۾ موتي ڀڳا تان نہ جڙن.

چون ٿا تہ: خوارزم جي بادشاهہ بڪتاش هڪڙي ڪمانبر خيلتاش کي چيو هو تہ: دشمن کي ايذائي پوءِ تون بي خوف نٿو رهي سگهين. پٿر جي پٽ تي هنيل پٿر، ڪڏهن موٽي پاڻ کي لڳندو آهي. هٿ بہ ائين سمجهہ.

پهلوان ٻيڙيءَ جو رسو ٻانهن کي وڪوڙي، مٿي ٿنڀي تي چڙهي ويو هيڏانهن ميربحر آهستي آهستي ڪري، اهو رسو ڪپي، ٻيڙيءَ

ڪي ڪاهي اڳتي هليو ۽ پهلوان ويچارو درياءَ جي وچ ۾ ٽنيي تي چنبڙيو پيو هو. چوڌاري پاڻي تار هو. ڪيڏانهن چرڻ پرڻ جي واهہ نہ ڏسي، حيران ۽ پريشان ٽنيي تي ويٺو رهيو ۽ ڏينهن ساندهہ ان حال ۾ گذريس. پيٽ ۾ بک ۽ اڃ، اکين ۾ اوجاڳو. آخر هو بہ انسان هو ويڪ اوجاڳي سهڻ جي هن ۾ طاقت نہ رهي هئي. سو ننڊ جو ڍڪر اچي ويس، پوءِ تہ ڌو اچي درياءَ ۾ ڪريو. اٿ پهر پاڻيءَ ۾ پئي ٿلڪيو ۽ ڦٿڪيو حياتي اچا هئس، سو لهرن جي لوڏن ۽ هٿن پيرن هڻڻ سبب نيٺ ڪناري تي اچي پهتو. صفا ساٽو ۽ اڌ مئو تي پيو هو. پيو ڪجهہ نہ ڏسي، وٽن جا پن ۽ سائو گاهہ کائي، ڪجهہ پيٽ قوت پئي ڪيائين. جڏهن رڙهڻ جهڙو ٿيو تڏهن اٿي پئين بيابان ۾ اڳتي هلڻ لڳو. ڪجهہ پنڌ ڪيائين تہ اڃ ۾ ماندو ٿي پيو نيٺ هڪڙي کوهہ تائين پهچي ويو. اهو کوهہ صفا سڃ ۾ هو ان ڪري پاڻي پئسن سان وڪامي رهيو هو ۽ هن پهلوان وٽ پائي پئسو هئو ئي ڪونہ. سو کوهہ جي مالڪن کي منٿون آزيون ڪري، پاڻي پيارڻ لاءِ چئي رهيو هو. پر هو بہ اهڙا منحوس هئا، جو اصل رحم نہ آين ۽ پاڻي نہ ڏنائونس.

پهلوان هت بہ طاقت جو مظاهرو ڪيو. هن کي نونشو. هن ڪي مڪ، هن کي ڌڪو ڏئي، ڪيترن کي ڪيرائي، زوريءَ پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر هو کُوهہ وارا همراهہ هئا گهڻا. تن پهلوان کي دسي ڏاڍي مار ڪيڊي ۽ ڦٽي وڌائونس. جڏهن مڇر گهڻا گڏ ٿيا، تہ نمرود ڪان ڏايا تي ويا. ننڍڙا پکي گهڻا گڏ ٿيا، تہ هاٿين واري لشڪر کي ماري پڇاياٿون. هت بہ اهو لقاءُ هو.

ايتري ۾ هڪڙو قافلو اتان اچي لنگهيو. هي بہ انهن جي پٺيان لڳي پيو. رات جي وقت اهو قافلو اهڙي جاءِ تان لنگهي رهيو هو جتي خطرناڪ چورن جو گهڻو خوف هو. سڀ قافلي وارا ڏڪندي ۽ ڊجندي هلي رهيا هئا. سيني جو ساهہ مٺ ۾ هو. اتي هن پهلوان ڳالهايو. چيائين تہ: اي ساٿيو! ڪو ڀؤ نہ ڪريو. پنجاهہ چورن سان مقابلو آئون اڪيلو ڪري سگهان ٿو ۽ توهان مان ڪجهہ نوجوان مون سان ساٿ ڏيندا، تہ پوءِ چورن کي ڪهڙي طاقت آهي جو قافلي وارن جو نالو وٺي سگهن. توهان بلڪل بي ڊپا ٿي هلو. چورن سان آئون پاڻهي منهن ڏيندس.

پهلوان جي ٻڌاڪ سان قافلي وارن جي دل کي ڏڍ مليو ۽ ههڙي فيل مست پهلوان جي ساٿي ٿي هلڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پاڻ سان کنيل پاڻي ۽ کاڌي مان هن جي خاصي خدمت ڪيائون. هي اڳ ۾ ئي بک ۾ بيحال ۽ اڄ جو اوساتيل هو. سو کاڌو جام کاڌائين ۽ پاڻي بہ گهٽو پيتائين. کائي پي ڏنبر ٿي سمهي پيو. (گهڙي نہ گذري تہ کونگهرن تي کونگهرا پئي هنيائين.)

قافلي ۾ هڪڙو تجربيڪار پير مرد موجود هو ان ٻين ساٿين کي چيو تہ: اي دوستو! هي جيڪو محافظ توهان پاڻ سان کنيو آهي، آئون سمجهان ٿو تہ اهو توهان لاءِ چورن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي. وڏڙا ڳاهہ ڪندا آهن تہ: هڪڙي مسڪين ماڻهوءَ کي ڪجهہ پئسا هٿ آيا. هن کي پئسن جي ڳڻتيءَ سبب گهر ۾ ننڊ ڪانہ ٿي آئي، تہ متان چور اچن ۽ مون کان پئسا ڦري وڃن. اهو سوچي هڪڙي دوست کي پاڻ وٽ اچي ٽڪايائين. جيئن اڪيلائپ ختم ٿئي ۽ اهو دوست وسونءَ ڪري.

ڪجهہ راتين رهڻ کان پوءِ، دوست کي پئسن جو پتو پئجي ويو ۽ اهو دوست ئي پئسا کڻي رمندو رهيو. صبح جو ماڻهن ڏٺو تہ هو مسڪين روئي رڙي رهيو هو. منهن مٿو پيو پٽي. ڪنهن چيس: شايد ڪو چور تنهنجا پئسا کڻي ويو؟ مسڪين وراڻيو: نہ ادا! چور نہ پر چوڪيدار کڻي ويو. جيسين مون کي دوست جي عادتن جي پوري پرک نہ پئي هئي، تيسين مون کي ان کان خيال ڪرڻ کپندو هو جيڪو زبان سان دوستيءَ جي دعويٰ ڪري، اندر ۾ ڪري دشمني، تہ ان جهڙو خطرناڪ دشمن ٻيو ڪير ٿيندو؟

ان تجربيڪار پير مرد چيو: اي سفر جا ساٿيو! هن پهلوان کي اسان مان ڪوبہ ڪونہ سڃاڻي. ڪهڙي خبر تہ هي همراهہ هجي ئي چورن جو ڇاڙتو ۽ انڪل ڪري، سڃاڻپ وارو ويس ڍڪي، اچي اسان سان گڏيو هجي ۽ اسان جي جاسوسي ڪري وڃي پنهنجن ساٿين کي ٻڌائي! پوءِ مصيبت متان ڪاهي اچي. تنهنڪري منهنجي سهڻي صلاح وٺو تہ هن کي ائين ننڊ ۾ ستل ڇڏي، سامان سنڀالي قافلو ڪاهي راتو واهہ هليا هلو. پيرسن جي صلاح سڀني کي پسند آئي ۽ سيئي مسافر هن پهلوان کان دل ۾ ڊڄڻ لڳا. آهستگيءَ سان سامان سڙو کڻي

سفر لاءِ روانا ٿي ويا. پهلوان کي ننڍ ۾ ستل ڇڏي ويا ۽ هن کي تڏهن سجاڳي ٿي، جڏهن سج مٿي چڙهي آيو تڙڪو منهن کي تکو لڳس. ڏنائين تہ ڪاريءَ وارا ڪک آهن. هت ڪڪڙوڪو لڳي پئي آهي. قافلي وارا سڀ وڃي چڪا آهن. پوءِ تہ هيڏي هوڏي گهڻو ئي ڏنائين. ڊوڙون پاتائين. انهن جون راهون ۽ رند ڳوليائين. پر قافلي وارن جي گس جو ڪو پتو ڪونہ پيس. بک بہ اچي پاسا ورتس. پيو ڪو چارو نہ ڏسي، ساهہ تان آسرو لاهي، منهن مٽيءَ تي رکي، مرڻ جي انتظار ۾ سمهي پيو. آهستي آهستي چئي رهيو هو: آهي ڪو جيڪو منهنجي هن مجبوريءَ ۾ سار لهي ۽ ڪجهہ آٽت ڏئي.

هي ويچارو ان پريشانيءَ ۾ مايوس ستو پيو هو تہ ايتري ۾ هڪ شهزادو اتي اچي نڪتو ۽ هن جي مٿان اچي بيٺو. جيڪو شڪار ڪندي ساٿين کان ڇڄي هت اچي نڪتو هو. پهلوان جا اکر ٻڌي هن جي مايوسي ۽ مجبوري ڏسي پڇيائينس. ڪير آهين؟ ڪٿان جو آهين؟ هتي ڪيئن پهتو آهين؟ پهلوان پنهنجو احوال مختصر ڪري ٻڌايو پوءِ تہ شهزادي کي مٿس رحم اچي ويو. ڪجهہ انعام اڪرام ڏنائينس ۽ ڪنهن سياڻي سيبتي معتبر سپاهيءَ کي حڪم ڏنائين تہ: هن ويچاري کي سندس ڳوٺ پهچائي اچ. پهلوان جڏهن ڳوٺ پهتو، تڏهن پيرسن پيءُ، پٽ کي صحيح سلامت پاڻ وٽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ الله جا شڪر ادا ڪرڻ لڳو.

جڏهن رات ٿي تڏهن پهلوان پٽ سفر جا سربستا احوال پيءُ کي ٻڌايا. تہ ٻيڙيءَ وارن ڪيئن جٺ ڪئي؟ کوهہ وارن ڪيئن ڦيهہ ڏني ۽ قافلي وارن ڪيئن دوکو ڪيو؟ پيءُ پٽ جا هيٺا حال ٻڌي، چئي رهيو هو تہ: پٽ! مون تہ توکي سفر تي وڃڻ کان اڳ ۾ ئي چيو هو تہ: ابا! پرديس ۾ هٿين خالي انسان جون مضبوط ٻانهون بہ پڳل سمجهہ ۽ سڀ طاقت بي فائدي جاڻ. ڪنهن پهلوان جا اکر ياد اٿم، جو چيائين پئي تہ: پرديس ۾ مڻ جو پٿر پچري کڻڻ کان هڪ ماسو سون جو کڻڻ بهتر آهي. هوڏانهن پهلوان پٽ وري بہ پنهنجي سرسي سمجهي رهيو هو ۽ چوي پيو: بابا! واقعي سچ آهي تہ جيسين ڏک نہ ڏسبا، تيسين سک نہ ملندا. جيسين لڙائيءَ ۾ سر جو سودو نہ ڪبو تيسين سوڀ حاصل نہ ٿيندي، جيسين ٻج نہ ڇٽبو تيسين اناج هٿ نہ ايندو. توهان ڏسو ٿا تہ

مون ٿوري گهڻي تڪليف سا ڏني آهي، تہ هاڻي ڪيڏي نہ راحت مليم ۽ مکن جا ڏنگ سنم. تہ تجربن جي ماکي حاصل ڪري ورتي اٿم ۽ اهي انعام جا مليل پئسا پاڻ سان آندا اٿم.

سچ آهي تہ رزق قسمت سان آهي، رزق رب طرفان ورهايل آهي، پر حيلو هلائڻ حق آهي. جيڪڏهن ڪو ٽوٻو سمنڊ جي واڳن کان ڊڄندو تہ اهو موتي ميڙي نہ سگهندو. ڏسو تہ جنڊ جو هيٺيون پڙ جيڪڏهن چري نٿو تہ ڪيڏو بار کڻڻو ٿو پويس. ان جي مٿان داڻا ٿا ڏرجن. اٿين ويٺي تہ شينهن بہ بک مرندو آهي. گهر ويٺي رزق حاصل ڪرڻ چاهين، تہ پوءِ ڪوريئڙي وانگر تيزيءَ سان هٿ پير هلائڻ سک!

پيءُ چيو تہ: اي پٽ! اهو اتفاق سان تنهنجو ڀاڳ ڀلو ٿيو جو اهڙو سخي دل شهزادو اتي اچي پهتو ۽ تنهنجي هيٺي حال تي رحم ڪري، توتي مهربان ٿي پيو. جو توکي ڪجهہ انعام ڪڻي ڏنائين. اهو اتفاقي حادثو چئبو. ان سان ڪو دليل نٿو وٺي سگهجي. اٿين شڪاري سدائين شڪار نہ آڻيندو آهي، پر ڪڏهن پاڻ بہ شڪار ٿي پوندو آهي.

جيئن ڳالهہ ڪندا آهن تہ: ايران جي هڪڙي بادشاهہ جي منڊيءَ ۾ تمام قيمتي ہڙو پيل هو. هڪڙي ڏينهن سير و تفريح ڪندي ساٿين سيمت شيراز جي هڪ باغ ۾ آيو ۽ اها قيمتي منڊي مٿي قبي تي ڪٽي رکايائين. اعلان ڪرايائين تہ: جنهن تير انداز تو بچيءَ جو تير ان منڊيءَ جي گول مان ٽپي پار پوندو اها منڊي ان کي انعام ۾ ملندي. ان وقت بادشاه وٽ چار سؤ نشان باز ۽ هٿ جا سڌا توبچي موجود هئا. سيني تير هنيا، پر ڪنهن هڪ جو تير بہ صحيح نشاني تي نہ پهتو.

اتفاق سان ان وقت هڪڙو ڇوڪرو پنهنجي گهر جي ڪوٺي تي چڙهي، تيرن سان راند ڪندي، هيڏي هوڏي تير ڇٽي رهيو هو الله جي قدرت سان هواءِ جو موافق جهوٽو لڳو. ان نينگر جو ڪنهن پاسي اڇلايل تير، منڊيءَ مان پار ٿي ويو. پوءِ تہ انعامن ۽ اڪرامن سان ڍائي ڇڏيائونس. قيمتي منڊي بہ مليس. چون ٿا تہ: ان ڇوڪر اهي تير ڪمان ٻئي ساڙي ڇڏيا. ماڻهن پڇيس تہ اٿين ڇو ڪيئي؟ ورائيائين تہ: هن ڪري جيئن پهريون رعب باقي بچي. (اڳتي جيڪڏهن نشان بازيءَ لاءِ سڏ ٿيو تہ چوندس: منهنجو هٿ جنهن تير ڪمان تي ٿهيل هو اهي سڙي ويا آهن). چوتہ متان ٻيهر اهڙو نشان نہ لڳي.

چوندا آهن تہ ڪڏهن وڏي حڪيم ڪي بہ ڪا ڳالهہ سمجھ ۾ نہ ايندي آهي ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻي سمجھہ ٻار جو هنيل ڏڪو درست ٿي پوندو آهي. اي پٽ! توکي جيڪي چار پئسا شهزادي کان مليا، اهي بہ ائين سمجھ! پنهنجا ڪمايل نہ سمجھہ.

جنهنجو کائجي تنهنجو ڳائجي

هڪڙي درويش جي ڳالهہ ٻڌم، تہ اهو هڪڙي غار ۾ سيني ماڻهن کان پاسائتو ٿيو رهندو هو ڪنهن بہ امير فقير يا بادشاهہ ۽ وزير کي وٽس وڃڻ جي هرو ڀرو جرئت ڪانہ ٿيندي هئي. سچ آهي تہ جيڪو ماڻهن کان سوال ڪندو رهندو، اهو مرڻ گهڙيءَ تائين محتاج ٿي رهندو ۽ جيڪو طمع کي ترڪ ڪري، لالچ ڇڏي ڏيندو تہ اهو بي تاج بادشاهہ آهي.

وقت جي بادشاهہ هڪ دفعي اُن درويش ڪي چوائي موڪليو تہ: اسان کي توهان جي اعليٰ اخلاق ۽ رحمدل طبيعت ۾ اميد آهي تہ هڪ ڀيرو اسان جي دعوت قبولي، پيچ پاڻيءَ جو وتو اسان وٽ پيئڻ لاءِ تشريف فرمايو!

درويش دعوت قبول ڪئي، چوتہ دعوت قبولڻ پيغمبر عليه السلام جي سنت آهي. دعوت کان ٻئي ڏينهن بادشاهہ پاڻ درويش وٽ شڪر گذاري بجا آڻڻ لاءِ ان جي آستاني تي حاضر ٿيو. درويش پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ بادشاهہ جو وڏو آدرڀاءُ ڪري ڀاڪر پائي ساڻس مليو. بادشاهہ جي وڃڻ کان پوءِ درويش جي هڪ دوست پڇيو تہ: سائين! توهان پنهنجي هميشه واري عادت ۽ اصول جي ابتڙ بادشاهہ جي ايڏي آدر ڀاءُ ڪئي سو ڇو؟ درويش جواب ڏنو تہ: فلاڻي بزرگ جو قول آهي تہ جنهن جو کائجي ان جو ڳائجي. جنهن جي ماني، ان جي ڪاني. جنهن جي دستر خوان تي ويٺين، تہ ان جي آبروءَ لاءِ اٿڻ ضروري آهي. وڏيڪ چيائين:

اي دوستا هيئن تي سگهي ٿو جو ڪو ماڻهو سڄي عمر ڪنن سان ڪوبہ ساز سرود نہ ٻڌي ۽ اکين کي بہ هيڏي هوڏي نهارڻ کان پلي سگهجي ٿو. وهاڻي ۽ بستري کان سواءِ، پٿر مٿي هيٺان رکي، پٽ تي سمهي ننڊ ڪري سگهجي ٿي. پر هي هچارو پيٽ ٿوري تي ۽ ڪفايت تي پرچڻ لاءِ تيار نٿو ٿي سگهي. يعني هن پٽئي پيٽ ۾ وڏل چٽن گرهن، اٿڻ تي مجبور ڪيو.

باب چوٿون

خاموش رهڻ جي فائدن جي بيان ۾

دشمن جي نظر رڳو عيبن تي پوندي

هڪڙي دوست کي چيم ته: گهڻي ڳالهائڻ کي ڇڏي، ماٺ ۾ رهڻ هن کري اختيار ڪيو اٿم، جو زبان مان گهڻو ڪري چڱا توڙي برا اکر پيا نڪرن ۽ دشمن جي نظر رڳو برائيءَ تي ئي پوندي، هو چڱائيءَ کي ڏسندو ئي ناهي. هن دوست وراڻيو: اي يار! پلو دشمن آهي ئي اهو جيڪو نيڪيءَ تي نگاهه ئي نه ڪري. جيڪو دشمن ٿيو، سو نيڪي ڪيئن ڏسندو؟ اهو ڪوڙا سچا عيب ئي ڪيندو. دشمن جي نظر ۾ هنر به عيب آهي ۽ گل به ان کي ڪنڊا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سج جو مثال ئي ڏس، ته دنيا کي ان مان روشني ٿي ملي، پر چمڙي کان پڇ ته سج کي ڪڏهن به چڱو نه چوندو.

پنهنجي پريشاني دشمن آڏو ظاهر نه ڪر

هڪڙو هو واپاري، ان کي هڪ هزار دينار نقصان پيو. پوءِ پٽ کي سڏي چيائين ته: پٽ! اها توٽ واري ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجانءِ. چوڪر وراڻيو: بابا! جيئن توهان جو حڪم آهي، ائين ئي ڪندس، ڪنهن سان ڳالهه نه ڪندس، پر ان ڳالهه لڪائڻ ۾ ڪهڙي مصلحت آهي؟ پيءُ وراڻيو: ٻچا! پوءِ هڪ مان ٻري، ٻه مصيبتون ٿي پونديون. هڪ پئسي جو نقصان ٻيو دشمنن جون کلون. سياڻن چيو آهي ته: پنهنجي پريشانيءَ جي ڳالهه دشمن آڏو نه ڪجي. چوته هو زبان سان لاحول ولاقوة الا بالله: پڙهندو پر دل ۾ خوش ٿيندو.

ماٺو ڳالهائڻ مان ڦاسي ٿو

هڪڙو هو نوجوان، علم ۽ عقل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. پرڏاڍو لڄارو هو. ڪنهن به ڪچهريءَ ۾ ويهندو هو ته ماٺ ئي ماٺ ۾ رهندو

هو. هڪ پيري پيءُ چيس تہ: پٽ! تون بہ جيڪر الله جي عطا ڪيل علم مان ڪچهريءَ ۾ ڪجھ ٻڌائين، تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي؟ پٽ وراڻيو: ابا! ڊڄان ٿو تہ متان ڪو اهڙو سوال ڪري، جيڪو آئون نہ ڄاڻان، پوءِ شرمسار ٿيڻو پوي. اهڙي ڳالهائڻ کان جنهن سان لڄي ٿيڻو پوي، ماٺ ڀلي آهي.

هوءَ ڳالھ شايد توهان نہ ٻڌي آهي؟ تہ هڪڙي درويش پنهنجي جتيءَ ۾ بہ چار ڪوڪا پئي هنيا، اهو ڏسي سپاهي پڪڙي ويس تہ توکي ڪوڪا هڻڻ اچن ٿا، سو هلي منهنجي گهوڙي کي نعل هڻ. پوءِ تہ هو ويچارو اچي ڦاٿو.

اهڙي طرح ماٺ واري ماڻهوءَ تي ڪا ميار ڪانهي، پر جيڪڏهن ڳالهائيو تہ پوءِ هر ڪو ماڻهو ڪيل ڳالھ جو دليل پڇندو ۽ ماڻهو ڦاسندو ويندو.

جاهل جو جواب خاموشي

هڪڙو وڏو عالم هو. ان کي هڪڙي بي دين ملحد سان بحث ڪرڻو پئجي ويو. پر اهو عالم ملحد کي دليلن سان ميرائي نہ سگهيو ۽ ماٺڙي ڪري اتان هليو ويو. ڪنهن ماڻهوءَ چيس تہ: سائين! توهان کي هيڏو علم ۽ عقل آهي، پوءِ بہ هن بي دين آڏو توهان خاموش ٿي ويا؟ عالم سڀوري وراڻيو: منهنجو علم آهي قرآن ۽ حديث مان ۽ سلف صالحين (بزرگن) جي فرمانن وارو. هو بي دين اهي سڀ مڃي ئي ڪونہ ٿو. پوءِ آئون اجايو هن جو ڪفر ڇو ويٺو ٻڌان؟ ان ڪري ماٺ ڪٽي ڪيم. جاهل جو جواب ماٺ سان ئي بهتر آهي.

عالم ۽ چٽ جو قصو

جالينوس حڪيم ڏٺو تہ هڪڙو اڻ گهڙيو چٽ ڪنهن داناءَ عالم جي گلي کان جهلي بيٺو آهي ۽ ان جي بي عزتي پيو ڪري، جالينوس اهڙو لقاءُ ڏسي چيو تہ: جيڪڏهن اهو عالم داناءَ هجي ها، تہ چٽ سان اهڙو وهنوار ئي نہ رکي ها.

سياڻو ماڻهو ڪنهن بہ هلڪڙي ماڻهوءَ سان نہ وڙهندو. جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن نادان هن کي ڳالهؤ ڏنو. تہ هي نرميءَ سان جواب

ڏيندس. داناءُ ماڻهو هڪ وار پتڻ جي جرئت بہ نہ ڪندو. پر جيڪڏهن نادان وڙهندا تہ زنجيرون بہ چِني ڇڏيندا.

چون ٿا تہ: ڪنهن داناءَ کي ڪنهن بد اخلاق گار ڏني، پر اهو داناءُ سڀ ڪجهہ سهي ويو. ويتر چيائينس تہ: اي منڙا پيارا! تون جيڪو ڪجهہ چوين ٿو آئون ان کان بہ خراب آهيان. ڇوتہ پنهنجن عيبن کي آئون ئي ڄاڻان ٿو. سيني عيبن جي تہ توکي خبر بہ نہ آهي. (تو تہ رڳو منهنجا ظاهري عيب ڏٺا آهن، انهن کان سواءِ ڪيترا لڪل عيب بہ اٿم).

سحبان بن وائل جي فصاحت

سحبان بن وائل مشهور عربي اديب، فصيح ۽ بليغ ٿي گذريو آهي. ان لاءِ مشهور آهي تہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ جيڪو اکر ڳالهائيندو هو پوري سال تائين انهن ماڻهن آڏو ٻيهر ساڳيو اکر نہ اچاريندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ضرورت سبب ڪٿي ساڳي ڳالهہ ورجائڻي پوندي هئس، تہ عبارت ۽ جملن جو نمونو ئي مٽي ويندو هو. اهو چوندو هو تہ: ڳالهائڻ وڏي نعمت آهي، ان جو قدر ڪجي، هر هر ساڳيا اکر نہ ورجائڻ. جهڙي طرح ڪنهن لذيذ حلوي کي هر هر کائڻ سان ماڻهو ڪڪ ٿي سگهي ٿو تہ ڳالهايل جملن کي بہ ائين سمجهڻ گهرجي.

وڏي چرپائپ ڪهڙي آهي؟

هڪڙي سياڻي ۽ داناءَ کان ٻڌم جو هيئن پيو چوي: ڪوبہ انسان پاڻ کي بي عقل سمجهڻ لاءِ تيار ناهي، پر اهو ماڻهو پاڻ پنهنجي چرپائپ جو ڪلم ڪلا اقرار تو ڪري، جيڪو ٻئي جي هلندڙ ڳالهہ جي وچ ۾ ڳالهائي. ان ڪري سياڻا چوندا آهن: ڪنهن جي ڳالهہ کي وچ ۾ منڊڻ ۽ وچ ۾ ڳالهائڻ عقل واري جو ڪم نہ آهي.

پرائو راز لڪائجي

سلطان محمود بادشاهہ جي خادمن مان هڪڙو حسن ميمندي بہ هو. ان کان ٻين خادمن پڇيو تہ: فلاڻي معاملي بابت بادشاهہ اڄ توکي پنهنجي منهنن ڇا ٻڌايو؟ حسن وراڻيو تہ: توهان کي بہ خبر هوندي، تنهن تي ٻين خادمن چيس تہ: نہ يارا جيڪي ڳالهيون توسان ڪندو

آهي، اهي اسان جهڙن سان ڪتي تو ڪري؟ حسن چيو: سمجهبو تہ محمود بادشاهہ جو مون ۾ اعتماد آهي تہ آئون سندس ڳالهہ ٻين کي نہ ٻڌائيندس. تڏهن توهان کان ڳالهہ لڪائي مون کي ٻڌائي تو. پوءِ توهان اهڙي ڳالهہ ڪيڻ لاءِ مون کي ڪيئن ٿا چئي سگهو؟ جڏهن ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي راز واري ڳالهہ ظاهر ڪرڻ منع آهي تہ پوءِ بادشاهہ جو راز ظاهر ڪرڻ ڪيئن مناسب ٿيندو؟

پاڙو پڇائي پوءِ ويهجي

مون کي رهائش لاءِ ڪا جڳهہ خريد ڪرڻي هئي. ان جي تلاش پئي ڪيم. ايتري ۾ هڪڙو يهودي مون وٽ آيو. ان چيو تہ آئون هن پاڙي جو پراڻو رهاڪو آهيان. هت فلاڻي جڳهہ آهي، ڏاڍي سٺي اٿئي، منهنجي پاڙي ۾ آهي. مون کي خبر آهي تہ جاءِ ۾ ڪو عيب ڪونهي. مون چيو: ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو عيب ٿيندو جو تو جهڙو يهودي منهنجو پاڙيسري بڻجي پوي. وڌيڪ چيومانس تہ: جنهن گهر کي تو جهڙو بدڪردار پاڙيسري هجي، اها جاءِ ڏهين رپئين بہ نہ کپي ۽ جيڪڏهن تون اتان هليو وڃين، تہ پوءِ هزارين روپيا پري بہ اها جاءِ وٺي سگهجي ٿي.

شاعر کي سزا

هڪڙو هو شاعر (ان کي ڪتيءَ ڪنيو جو) ڌاڙيلن جي سردار وٽ ويجي پهتو ۽ اُن جي تعريف ۾ ڪجهہ شعر پئي پڙهيائين. پر ڌاڙيل سردار ڪنهن ٻئي خيال ۾ هو. تنهن ٻين ڌاڙيلن کي حڪم ڏنو تہ: هن شاعر جا ڪپڙا لهرائي، نانگو ڪري ٻاهر ڪيوس. شاعر ويچارو اگهاڙو ٻاهر نڪتو تہ سياري جي موسم هئي، پارو چاڙهيو هو. هيءُ ٽڙڪندو جيئن ئي اڳتي هليو، تيئن ڪتن جي لوڏ مٿس حملو ڪيو. شاعر ويچارو نوڙي پٿر کڻڻ لڳو جيئن ڪتن کي هٽي، پر پٿر پٽجي نہ سگهيو. چوڻ لڳو: هي ڪهڙا ڪميڻا ماڻهو آهن، جو ڪتن کي ڇوڙي ڇڏيو اٿن ۽ پٿرن کي ٻڌي ڇڏيو اٿن.

ڌاڙيلن جي سردار ڪٿان شاعر جو اهو حال ڏنو پئي. هن جا چيل اکر ٻڌي کلي ڏنائين ۽ اتان سڏ ڪري چيائينس: اي سياڻا! هيڏانهن

موٽي اچ. جيڪي گهرٽو هجئي، اهو گهرا هن چيو: مون کي رڳو منهنجا ڪپڙا ڏيو. مون لاءِ اهو انعام ئي ڪافي آهي. پيو توهان جو ڪجهہ نہ گهرجي. وڏيڪ چيائين: آئون ڪنهن چڱائيءَ جي اميد رکي آيو هوس. چڱائي نٿا ڪريو. تہ برائي تہ نہ ڪريو.

اهو ٻڌي ڌاڙيلن جي سردار کي رحم اچي ويو. حڪم ڪيائين تہ: هن کي ڪپڙا تہ واپس ڪريو. پر وڌيڪ وڳو بہ ڏيوس. پوءِ پيا بہ انعام ڏئي واپس ڪيائونس.

نجوميءَ جا حال

هڪڙو هو نجومي. جيئن ئي پنهنجي گهر ۾ گهڙيو تہ ڪنهن ڌارئي کي پنهنجي زال سان گڏ ويٺل ڏٺائين. اهڙو لقاءُ ڏسي سڙي ويو. ان ماڻهوءَ سان وڙهي پيو. گاريون ڏنائينس ۽ هٿين پئجي ويا. جهيڙو وڏو ٿي ويو. ڪو بزرگ اتان اچي لنگهيو. جنهن نجوميءَ کي چيو تہ: توکي جڏهن اها خبر بہ نٿي پوي، تہ تنهنجي گهر ۾ ڇا ٿو وهي واپري؟ ۽ ڪير ٿو اچي؟ تہ پوءِ توکي آسماني ڳجهہ جي ڪهڙي خبر پوندي؟

بي سرو مولوي

هڪڙو بي سرو واعظي، وعظ ۾ سُرڙا ڪندو هو ۽ دل ۾ سمجهندو هو تہ: آئون طوطيءَ لسان سريلو آهيان. هيئن ڪٿي سمجهہ تہ آواز ڪانءَ جي ڪان ڪان جهڙو هوس ۽ آيت اِن اَنڪَرَ الاَ صوَاتِ[2] جوڻ ان جي باري ۾ نازل ٿي هئي. ڳوٺ جا رهواسي ان مولويءَ جو ادب ڪري، واعظ نہ وڻڻ هوندي بہ خاموش رهندا هئا. ڪا ڳالهہ نہ ڪندا هئا، واهہ واهہ ۽ سبحان الله سبحان الله، پيا ڪندا هئا. هڪ دفعي اهو مولوي ناچاڪ ٿي پيو. ٻئي شهر جو واعظي مولوي جيڪو اندروني طرح هن جو مخالف هو، ونس طبيعت پڇڻ لاءِ آيو. ڳالهين ڪندي چيائينس: يارا توکي خواب ۾ ڏٺم. خدا شال خير ڪري. هن پڇيس يلا ڇا ڏٺئي؟ ٻڌايائينس تہ: مون ڏٺو تہ تنهنجو آواز سريلو ۽ وڻندڙ ٿي

---

[2] ان انڪرالا صواتِ لصوت الحمير (سورة لقمان آيت19) بيشڪ بڇڙي ڪان بڇڙو آواز گڏهہ جو آهي

پيو آهي، اهڙو جو ٻڌندڙ توتي ساهہ پيا فدا ڪن. ٻي سري واعظيءَ چيو: جزاڪ الله (الله توکي سٺو بدلو ڏئي) تو اهڙو ڀلارو خواب ڏٺو آهي، جو مون کي پنهنجن عيبن تي خبردار ڪيو اٿئي. سمجهيم تہ منهنجو آواز سريلو نہ آهي ۽ ماڻهو منهنجي سُرڻن واري واعظ سان ايذائجن ٿا. اڄ کان واعدو ٿو ڪريان تہ اڳتي، سُر ڪرڻ کان سواءِ آهستي آواز سان واعظ ڪندس.

ڪنهن سياڻي چيو آهي: اهو دوست سڄڻ نہ چئبو جيڪو منهنجي بد اخلاقيءَ کي اخلاق سڏي، منهنجي عيبن کي خوشامد ڪندي هنر سڏي ۽ منهنجي وڃايل ڪندڻ کي گل چوي، اهڙي دوست کان اهو دشمن ڀلو جيڪو مون کي منهنجي عيبن کان آگاهہ ڪري.

جيڪو دوست، دوست کي سندس عيب کان آگاهہ نہ ڪري، اهو اهڙو اڻ ڄاڻ ڄڻ چئبو جنهن کي عيب ۽ هنر ۾ فرق ئي نظر نٿو اچي.

ٻي سرو بانگو

ڪنهن مسجد ۾ هڪ ٻي سرو بانگو هوندو هو. اهڙي ٻي سري بانگ ڏيندو هو جو ٻڌندڙن جي دل ۾ ويتر نفرت وڌندي هئي، ماڻهن جي دل پئي ڪرڙبي هئي. مسجد جو متولي هڪڙو نيڪ دل، خوش خلق امير ماڻهو هو. اهو بانگي کي ڪجهہ نہ چئي سگهندو هو. هن ڪري تہ متان هو دل ۾ ڏک ڪري، نيٺ هڪ ڏينهن ان بانگي کي چيائين تہ: هن مسجد جا اڳيان بانگا، جيڪي هينئر رٽائر ٿيل آهن، انهن کي آئون هر مهيني پنجاهہ دينار پينشن جا ڀري ڏيندو آهيان. جيڪڏهن توهان هن مسجد کي ڇڏي، ڪا ٻي مسجد وڃي آباد ڪندؤ تہ آئون توهان کي ڏهن دينارن وارا ڏهہ نوٽ ڳڻي ڏيندس. بانگو ان تي راضي ٿي ويو. ڪجهہ عرصي گذرڻ کان پوءِ اهو ساڳيو بانگو ساڳئي امير وٽ آيو. چيائينس: اي سائين! توهان مون تي وڏو ظلم ڪيو جو ڏهن نوٽن عيوض مسجد مان ٻاهر ڪيو. جڏهن تہ هن وقت جنهن مسجد ۾ آهيان، اهي، مون کي ويهہ نوٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهن، جيڪڏهن آئون اها مسجد ڇڏي ٻي جاءِ تي هليو وڃان. پر آئون قبول ئي نٿو ڪريان. اهو ٻڌي امير کلي ڏنو ۽ بانگي کي چيائين تہ: اهي

ويهہ نوٽ اصل نہ ونجانءِ، ڪجهہ دير ڪندين تہ توکي پنجاهہ نوٽ يعني پنج سؤ دينار ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. چوتہ تنهنجي بانگ ماڻهن جو اندرائين ٿي چلي، جيئن پٿر کي تيشي ڪرڙي.

بي سرو قاري

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙو ماڻهو خراب آواز سان وڏي واڪي قرآن پاڪ پڙهي رهيو هو. ان وقت ڪو بزرگ شخص ان وٽان اچي لنگهيو. ان بي سري ماڻهوءَ کي چيائين تہ: توکي هت ڪيتري پگهار تي رکيو اٿن؟ چيائين: ڪجهہ بہ نہ. بزرگ چيس تہ: پوءِ هيتري تڪليف پاڻ کي ڇو ٿو ڏين؟ جو نڙي ڦاڙي وڏي واڪي پيو قرآن پڙهين. هن وراڻيو: الله خاطر پيو پڙهان. بزرگ چيس تہ: الله خاطر اڳتي آهستي پڙهندو ڪر. تون جيڪڏهن ان طريقي سان قرآن شريف پڙهندين، تہ ماڻهو مسلمانيءَ کان ئي بيزار ٿي پوندا.

باب پنجون

عشق ۽ جوانيءَ بابت

دل پسند لوڪ پسند

حسن ميمندي سلطان محمود غزنويءَ جو نهايت داناءُ وزير هوندو هو. ان کان ڪنهن پڇيو تہ: محمود بادشاهہ وٽ هيترا سهڻا سيبتا غلام آهن، پر هو اياز سان گهڻي محبت رکندو آهي. جيڪو اهڙو سهڻو بہ نٿو ڏسجي. ڇا سبب آهي؟ حسن وراڻيو تہ: جيڪا شيءِ دل کي پسند اچي وئي، تہ اکين کي بہ اهائي وڻندي جن نفرت واري دل سان ڏٺو پئي، انهن کي يوسف عليه السلام جي جڳ مشهور سونهن بہ نٿي نظر آئي، پر جيڪڏهن ڪنهن جي دل ديو سان ٿي وڃي، تہ اهو هن کي فرشتو نظر ايندو.

جيڪو بادشاهہ کي وڻيل آهي، اهو ڪهڙو بہ ڪوجهو هجي، تون ان کي سهڻو سمجهہ ۽ جيڪو بادشاهہ جي نظرن مان ڪري پوي، ان کي سندس گهر ياتي بہ پيا ڌڪاريندا، پوءِ ڪٿي هو ڪيڏو بہ سهڻو هجي.

ڪبي جي گل سان گستاخي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙي رئيس وٽ تمام سهڻو نوڪر هوندو هو. ان سان ڏاڍي دل ٿي وئي هئس. هڪ ڏينهن اهو رئيس پنهنجي ڪنهن دوست سان حال اورينديءَ چئي رهيو هو: وڏو ارمان اٿم. جو منهنجي فلاڻي خادم کي قدرت جهڙي سونهن سوپيا عطا ڪئي آهي، ايترو ئي هو گهڻ ڳالهائو ۽ گستاخ آهي. جيڪر اهي اوڻايون نہ هجنس تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي؟

اهو ٻڌي دوست چيس: اي رئيس! جڏهن ان سان تنهنجي دل ڦاسي وئي آهي ۽ ان سان محبت جو اقرار بہ ڪرين ٿو تہ پوءِ هن جي خادميءَ ۽ غلاميءَ واري ڳالهہ نہ ڪيا! ڇوتہ هاڻي محبت وارو تعلق ٿيو. خادم ۽ مخدوم وارو تعلق ختم ٿيل سمجهہ. هاڻي هن کي خادم نہ ڇوڙا!

جنهن خادم سان رئيس جو محبت وارو رستو ٿي ويو ته پوءِ هو ڪنهن حڪم کي نخري سان ٽڻائي ڇڏيندو. هاڻي رئيس کي اهڙا نخرا سهڻا پوندا.

ڦاٽي ڪان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو

هڪڙي نيڪ شخص کي ڏٺم، جو ڪنهن ماڻهوءَ جي عشق ۾ ڦاسي پيو. عجيب حال ٿي ويس، نڪو صبر ڪري سگهي، نه وري ڪجهه ڪڇي سگهي. ماڻهو گهڻئي ملامت ڪندا هئس، پر هو پاڻ نه پيو پلي سگهي. ويتر چوندو وتي ته: دلبر ڪاتيءَ سان ڪوري چم لاهي، ته اهڙا زخم به قبول اٿم ۽ چئي رهيو هو ته: ڇا ڪريان، ڪاڏي وڃان، ڦاٽي ڪان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو؟

هڪڙي پيري مون چيومانس ته: فلاڻا! تنهنجي عقل کي ڇا ٿي ويو آهي؟ جو توکان ندورو نفس ڏاڍو ٿي ويو آهي. گهڙي کن سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين: ڪهڙي ٿا ڳالهه ڪريو جتي حضرت عشق ديرو دمايو اتان تقوي ۽ طاقت موڪلايو. هاڻي ته آئون ڳچيءَ تائين گپ ۾ گتل آهيان. سمجهه ئي نٿي اچي، ته اتان ڪيئن نڪران؟

عشق نه آهي راند

هڪڙي ماڻهوءَ کي عشق جو مرض لڳي ويو. دل ڦرائي وينو ۽ ساهه تان هٿ کڻي ڇڏيو هئائين ۽ عشق به اهڙي جاءِ تي ٿيس، جو سر وڃڻ جو خطرو هوس. ڪو آسان لقمو نه هو. جو هي عاشق اهو وات ۾ کڻي وجهي، نه وري ڪو جهڙو تهڙو پڪي هو جنهن کي ڪوڙڪي اڏي کڻي ڦاسائي اچي ۽ عاشق اهڙو بيحال هو جو پنهنجو وجود ئي وسري ويو هوس.

هڪڙي پيري ماڻهن نصيحت ڪندي عاشق کي سمجهايو ته: ان اڻ ٿيڻي خيالي عشق کان مڙي وڃ. پڇي پاسو ڪر! اهڙيون سڪيون سڏون، پيا به ڪيترا تو جهڙا ڪن پيا. اهو ٻڌي هن روئي ڏنو ۽ چيائين: جيڏيون! مون کي ڪين جهليو. آئون بلڪل بيوس آهيان. جيئن جنگي جوان ميدان ۾ دشمن کي قتل ڪندا آهن، آئون ٻه ائين محبت جي ميدان ۾ مطلوب جو گهايل ٿي پيو آهيان. ان راهه ۾ سر ڏيڻو پيو ته به

مرڪندي ڏبو. عشق ڪان اهو ڀڄي، جيڪو سر ڪي پيارو رکي. مون جڏهن سر جو سانگو ڇڏيو لاهي، تہ پوءِ مون کي ڇاهي؟ جي مليا تہ ملندياس، نہ تہ گهوري جان جتن تان.

ماڻهن مٿس رحم ڪري قيد ۾ ڪٿي قابو ڪيس ۽ نصيحت پيا ڪندا هئس، پر افسوس جو هن تي ڪوبہ اثر نہ پئي ٿيو. جيئن ٿڏ تيئن وڌ. مرض بڑهتا گيا، جون جون دوا ڪي. عاشقن جي اهڙي حالت ڏسي ڪنهن ماڻهوءَ هڪڙي عاشق کي پئي چيو تہ: جيڪڏهن پنهنجي جان سان پيار اٿئي، تہ تون دوست جو قدر ڪهڙو ڪندين؟

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: ان عاشق جو مطلوب هڪڙو شهزادو هو. ڪن ماڻهن ان شهزادي کي وڃي ڳالهہ ڪئي تہ: هڪڙو جوان تنهنجي عشق ۾ مبتلا ٿي پيو آهي. حالانڪ اهو وڏو اديب، سٺو ليکڪ ۽ ماهر انسان آهي. هو ڳالهائيندو آهي تہ ڄڻ موتي پوئيندو ويندو آهي، پر هاڻي عشق ۾ مستانو ۽ ديوانو بنيو پٽڪندو وتي. شهزادي جڏهن معلوم ڪيو تہ هن همراهہ جو حال هيٺو ٿي ويو آهي، تڏهن سنجيل شاهي گهوڙي تي چڙهي، ان ڏانهن روانو ٿيو.

جڏهن عاشق کي اها خبر پئي تہ شهزادو مون تي مهربان ٿيو آهي، مون ڏانهن پيو اچي، تڏهن چئي رهيو هو: جنهن مون کي ڪنو آهي، اهو مون تي مهربان ٿيو آهي. (ڏس لنديءَ جو لبيس، جو ڪانڌ ڪميٽيءَ ڪٽيو).

شهزادو عاشق وٽ پهتو ۽ نهايت نرميءَ سان ساڻس ڪچهري ڪرڻ لڳو. تون ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ نالو ڇا اٿئي؟ ڇا ڪندو آهين؟ پر هو عاشق محبت جي سمنڊ ۾ اهڙو ٻڏل هو. جو ڳالهائڻ تہ ڳالهائڻ جي ماڳ، پر ساهہ بہ نٿي کڻي سگهيو. ڪنهن سياڻي جو چوڻ آهي تہ: علم جون سڀ سندون پلي حاصل ڪري، پر جڏهن عشق جي ميدان ۾ آيو، تہ الف، بي جي ڄاڻ بہ نہ رهندس.

شهزادي وري بہ مهرباني ڪري پڇيس تہ: تون ڳالهائين ڇو نٿو؟ آئون تو جهڙن درويشن جو خادم آهيان. تڏهن هن ٻڏل عاشق، محبت جي موجن مان مٿو مٿي ڪيو ۽ چيائين:

پيارا! تنهنجي وجود آڏو پاڻ کي موجود ڪيئن سمجهان؟ تنهنجي گفتگو دوران مون کي چپن چورڻ جي ڪهڙي طاقت آهي؟ اهي اکر چئي، هڪ آهه ڪڍيائين، تڏو ساهه ڪنيائين ۽ سندس دم پرواز ٿي ويو. محبوب مجازيءَ آڏو مري مات ٿيو ۽ محبت واري معاملي ۾ اها ڳالهه عجب جهڙي به ناهي، پر عجيب ته هيءَ ڳالهه آهي جو محبت جي دعويٰ ڪري ۽ سئين لڱين سٽر وٽر ٿيو پيو گهمي.

اکين ۾ ٿي ويهه

هڪڙو هو مڪتب جو شاگرد. جهڙو هو صورت جو سهڻو تهڙو هو سيرت ۾ سباجهو. وري قدرت طرفان منڙي سر ۽ لهجي جي ڏات به مليل هئس. انهن خوبين سبب استاد کي ڏاڍو وڻندو هو. ٻين شاگردن تي ڪڏهن مار موچڙو به ڪندو هو پر هن ڇوڪر کي ڪجهه نه چوندو هو. تان ته ڪو دڙڪو دهمان به نه ڏيندو هوس. اجا به جڏهن اڪيلائپ جو وقت ملندو هوس، تڏهن شاگرد کي چوندو هو: ٻچا! تو لاءِ منهنجي دل ۾ جاءِ آهي، دل چوندي اٿم ته تون پلڪ به پري نه ٿئين، دل ۾ جڻ هيئن چوندو هو:

اکين ۾ ٿي ويهه، ته چپر واري ڍڪيان،
. توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون ڏسان نه ڪو ٻيو

هڪ ڏينهن ان شاگرد استاد کي چيو ته: سائين! توهان منهنجي پڙهائيءَ تي خاص ڌيان ڏيو ٿا، ان لاءِ شڪر گذار آهيان. ان سان گڏ جيڪڏهن منهنجي اخلاق جي ڪا اوڻائي ڏسڻ ۾ اچي ته، مونکي خبردار ڪجو. جيئن آئون اهڙي عادت کي مٽائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪريان. استاد ورائيو: اي پٽڙا! اهو ڪم ڪنهن ٻئي کي چئو! ڇو ته منهنجي نظرن تي تنهنجي لاءِ اهڙو جادو چڙهيل آهي. جو تنهنجي هر ادا سهڻي ٿي لڳيم. ڪنهن سياڻي جو چوڻ آهي ته:

دشمن جون شال اکيون نڪرن، جو ان جي نظر ۾ هر خوبي خرابي ٿي نظر اچي. پر جيڪڏهن ڪنهن ۾ هڪ خوبي هجي ستر خاميون هجن ته سڄڻ جي نظر ان هڪ خوبيءَ تي ئي پوندي

جڏهن سڄڻ اچي اڱڻ

مون کي ياد آهي تہ هڪ رات منهنجو دل گهريو دوست منهنجي اڱڻ آيو. خوشيءَ ۾ ٽپ ڏئي اٿين اٿيس جو قميص جي ٻانهن سان ٻرندڙ ڏيو وسامي ويو. مون دوست جي خوش مرحبائي ڪئي تہ دوست ڏوراپو ڏنو چيائين: مون کي ڏٺئي تہ ڏيو ڪٿي وسايئي؟ چيم: اهو هن ڪري جو سمجهيم سج اڀريو آهي، سو هاڻي ڏيو ڇا ڪندو؟ ٻيو تہ هڪ سياڻي جو قول ذهن تي تري آيو جنهن چيو آهي تہ: ڏيئو ٻرندي جيڪڏهن ڪو اڻ وڻندڙ شخص اچي وڃي، تہ ڏيئو وسائي ڇڏ (جيئن ان جي صورت ئي نہ ڏسجي) ۽ جيڪڏهن تنهنجو محبوب اچي وڃي تہ بہ ڏيئو وسائي ڇڏ! (جيئن توهان ٻنهي جي رهاڻ ۾ ڏيئو بہ شريڪ نہ رهي).

متان ملڻ سان ماڻي ٿئي

ڪنهن ماڻهوءَ وٽ سندس دل گهريو دوست آيو جيڪو ڪيترو وقت هن کان پري رهيو هو. ڏسڻ ۾ ئي نہ آيو هوس. دوست چيس: يار! ڪٿي آهين؟ آئون تنهنجي ملڻ لاءِ پيو سڪان. هن دوست وراڻيو: پوءِ تہ اها سڪ ڀلي ڇٽبي. جيئن شاعر چيو آهي:

لوچيان لوچيان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، محب ملڻ سان ماڻي ٿئي.

دل واري دوست جي ملاقات مان ڍؤ ڪرڻ کان، ان جي ملاقات جي انتظار ۾ رهڻ سنو آهي.

لطيفو

اهو دل گهريو دوست جيڪو ٻين ساٿين کي ساڻ ڪري ٻاڻ وٽ اچي، اهو نسورو ناحق ٿو ڪري، دوست کي جهورڻ ۽ ان جي غيرت کي چئلينج ڪرڻ ٿو اچي. اهو دوست ملڻ نہ آيو آهي، پر لشڪر ڪاهي لڙائي ڪرڻ آيو آهي.

منهنجو دوست جڏهن ٻين سان گڏ ٿو نظر اچي، تہ غيرت مون کي ڪهي ٿي ڇڏي، پر محبوب ڇڻ ورندي ٿو ڏئي تہ: اي سعدي! مان تہ محفل ۾ شمع آهيان، پروانو ٻاڻ کي ڀلي ساڙي ڇڏي، مون کي ڪهڙي پرواهہ؟

آئون ڏسان نہ ڪو پيو

مون کي ياد آهي تہ جوانيءَ ۾ منهنجو هڪ گهاٽو دوست هوندو هو. اصل ائين پئُ رهندا هئاسين، جيئن ڪنهن باداميءَ ۾ گورا گڏ هجن. پر اوچتو قسمت ڪئي جدائي. هو هڪ هنڌ رهيو تہ آئون ٻئي هنڌ. جڏهن هو موٽي مون سان مليو تڏهن ڏوراپو ڏئي چوڻ لڳو: اي سعدي! ڪو قاصد بہ ڪونہ موڪليئي؟ چيومانس: اها ڳالهہ مون کي منظور نہ هئي، جو قاصد تنهنجو درشن ديدار ڪري ۽ مان پاڻ محروم رهان؟ ڪنهن عاشق چيو آهي تہ: مون کي زبان سان توبہ جي تلقين نہ ڪريو. تلوار جي زور تي بہ مان توبہ ڪونہ ڪندم. اي محبوب! جڏهن ڪو ماڻهو توڏانهن يڪو ويئو ڏسي، تہ مون کي ساڙ ٿو ٿئي، پر پوءِ سوچيان ٿو تہ تنهنجي ديدار مان ڀؤ تہ ڪنهن کي بہ ڪونہ ٿيندو.

عشق دانا بہ ديوانا ڪري

هڪڙي سياڻي سيبتي ماڻهوءَ کي ڏٺم تہ ڪنهن جي عشق ۾ ڦاسي پيو. مشڪ ۽ عشق لڪي نہ سگهن. سو هن جو عشق بہ وائکو ٿي پيو. هاڻي بيوس ٿي ماڻهن جون ٽوڪون، طعنا تنڪا پيو سهندو هو. هڪ ڏينهن مون کي ملي ويو. نهايت نرميءَ سان چيومانس: اي دوستا! مون کي يقين آهي تہ تنهنجي محبت سچي ۽ پاڪ آهي، پر پوءِ بہ تو جهڙي سياڻي لاءِ چڱو نٿو لڳي، جو جنهن ڪنهن جي آڏو هيئن خوار ٿئين. لنديءَ ٻتيءَ جا مهڻا پيو برداشت ڪرين. مون کي جواب ڏنائين: اي يار! مون کي مهڻن سان نہ مار. مون پاڻ ڪيترا دفعا ويهي ان تي ڪيو آهي ويچار پر ڇا ڪريان؟ منهنجو حال اهڙو ٿي ويو آهي جو طعنا ۽ مهڻا سهڻ آسان ٿا نظر اچن، پر پيار کان پاڻ پلڻ ڏکيو ٿو لڳي. سياڻن چيو آهي تہ: دل تي صدما سهڻ آسان آهن، اکين کي ديدار کان روڪڻ تمام ڏکيو آهي. آئون اهو بہ سمجهان ٿو تہ ڪنهن سان دل لائڻ، پنهنجي ڏاڙهي پرائي هٿ ۾ ڏيڻي آهي. اهو قاتل هرڻ مثال ٻڌجي ٿو ويچي، جيڪو ڦاٽي کان پوءِ ڪيڏانهن ڀڄي نہ سگهي. سو ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو؟ آئون بہ هاڻي پرائي وس ٿي ويو آهيان. منهنجي مرضي هلي نٿي سگهي.

محبت جي مند

منهنجي جواني هئي ۽ سڀ ڪو سمجهي ٿو تہ جواني ديواني آهي. ان انڌ ۾ ڇا جو ڇا ٿو ٿي وڃي. هڪڙي ڀيرو ڇوڪراڻ سان منهنجي دل ٿي وئي. جهڙو هو صورت جو ملوڪ، تهڙو ئي هوس سريلو آواز. ان کي ڏسيو پيو ٺرندو هوس. اتفاق سان ان ڇوڪراڻ کان ڪا اهڙي غلطي ٿي، جيڪا مون کي اصل نہ وڻي ۽ آئون هن کان پاسيرو ٿي ويس. چيومانس: جيڏهون جو آهين، اوڏانهن هليو وڃ. اسان جو خيال نٿو ڪرين تہ وڃي پنهنجي خيال سان رهہ. ڇوڪراڻ ويندو رهيو ۽ چوندو پئي ويو: هي رٺو تہ ڇا ٿي پيو. سج کان چمڙو رٺل رهندو تہ کهڙو فرق پوندو؟ هو تہ ويندو رهيو پر هن جي جواب سان آئون بہ پريشان ٿي پيس، پوءِ پڇتايم پئي تہ مون فراق واري مصيبت کان اڳ ۾ وصل واري راحت جو قدر نہ ڪيو. هاڻي ڇا ڪريان؟ پوءِ تہ منجهيل طبيعت سان وقت پيو گذاريندو هوس.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهو نينگر موٽي آيو پر هاڻي هو گهٽو متجي چڪو هو. بالغ ٿيڻ سبب آواز بي سرو ٿي ويو هوس ۽ منهن تي وارن ڦٽڻ سبب هن جي اڳين سونهن بہ ختم ٿي وئي هئي. اول ساڻس ملڻ جو ارادو ڪيم، پر ان جو هي حال ڏسي، پري ٿي بيٺس ۽ چيم:

جڏهن تنهنجا اکر (زيرن زبرن کان سواءِ ئي) لاجواب هئا تہ ان وقت ڏسڻ ئي نہ پئي ڏنئي، هاڻي جڏهن انهن تي زيرون زبرون پيش اچي ويا آهن تہ صلح لاءِ سٽون ٿو هڻين؟

تنهنجي بهار مٿان، هاڻي خزان طاري ٿي چڪي آهي. محبت جي ديڳ کي گرم ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪر، ڇوتہ اسان جي آگ اجهامي چڪي آهي. چيومانس: جڏهن تنهنجي لئہ هئي، تڏهن تو ڪنگهيو بہ ڪونہ ٿي. هاڻي تنهنجي مند ختم ٿي وئي. هاڻ جيڪو تنهنجو طلبگار هجي، ان سان وڃي مل! "باغ ساوڪ سان نهي ٿو" اها ڳالهہ اهوئي سوچي سگهي ٿو جيڪو چوندو هجي تہ سهڻن جي ڇهري تي ساوڪ عاشقن جي دل کي موهي ٿي وجهي (پر منهنجي راءِ ان جي ابتڙ آهي). اي محبوب! تنهنجي ڇهري تي ڏاڙهي، لوسڻ جي پوک مثل آهي، جيترو ڪٽيندين، وري ڦٽي ايندي، صبر ڪرين يا واويلا ڪرين.

ڇھري تي وار آيا، تہ اھو حسن وارو دور ختم ٿيو. اي محبوب! جيئن منھنجي جان تنھنجي ھٿ ۾ آھي، (جيارين يا مارين) تيئن تنھنجي ڏاڙھي منھنجي ھٿ وس ھجي ھا، تہ ڦٽڻ ئي نہ ڏيانس ھا.

پوءِ نينگر کان پڇيم تہ: تنھنجي چنڊ جھڙي ڇھري تي ھي ماڪوڙيون (ڏاڙھي) ڇو اچي گڏ ٿيون آھن؟ جواب ڏنائين تہ: خبر نہ آھي تہ الائي ڇھري کي ڇا ٿي ويو آھي؟ شايد حسن جي خاتمي تي ڪاڏيءَ غم ڪندي ڪارو لباس پاتو آھي.

ياري باشي

ھڪڙي ماڻھوءَ کان پڇيم تہ: لاسڙاٽ ڇوڪرن بابت تون ڇا ٿو چوين؟ ھن چيو: لسن مان ڪا چڱائي ٿيڻي ناھي. جيسين لسو ھوندو تيسين نخرا پيو ڪندو ۽ جڏھن اھو وقت ھليو ويس، تڏھن ھر ھڪ سان سنگت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو. تڏھن نرمي بہ ڪندو تہ نھٺائي ۽ نئڙت بہ ڪندو.

ماڻھن جون ملامتون

ڪنھن عالم کان پڇيائون تہ ڇا ٿو سمجھين؟ جيڪڏھن ڪو سھڻو ماڻھو ڪنھن اڪيلي جاءِ ۾ ملي وڃي. پاڙي جا سڀ ماڻھو ننڊ ۾ الوٽ ھجن. ٻي ڪا جھل پل بہ نہ ھجيس. نفس جي طلب بہ ھجي. جيئن چوندا آھن تہ ڪتل جا ڏنگ تيار ھجن، ان تي ڪو واھرو بہ نہ ھجي. تہ ڇا اھڙي وقت ۾ ڪو انسان پرھيزگاريءَ سبب بچي سگھي ٿو؟

عالم جواب ڏنو: ھائو ماڻھو بلڪل بچي سگھي ٿو پر خلق جي ملامت کان نٿو بچي سگھي. ماڻھوان ۾ بدگماني ضرور ڪندا.

ڪانءَ ۽ طوطي جي ڳالھ

ڳالھہ ٿا ڪن تہ: ھڪڙي طوطي کي ڪانءَ سان گڏ ھڪ پڃري ۾ رکيائون. طوطي کي ڪانءَ کان ڪرڀ پئي ٿي، سو چون چون ڪري چوڻ لڳو: ھيءَ ڪھڙي مصيبت آھي؟ ھھڙو ڪارو ڪلوٽ ڪانءُ، ان جي شڪل ڏسي دپ پيو ٿئي. ٻولي ٻڌينس تہ ٽان ٽان، نہ سُرُ نہ تار. اھڙي مقام جي ڪانءَ کان الله شل بچائي. دل ٿي چاھي تہ ھن ڪانءَ

ڪميٽي ڪان ايترو پري هجان. جيترو اوير ڪان اولهہ پري آهي، هن منحوس جو صبح سان جنهن منهن ڏٺو ان جو سج ئي لٿو. ان جو سياڳو صبح بہ شام تي ويندس. هن ڪاري ڪانءَ سان گڏ ڪو ڪارو ڪانءُ ئي هجي ها. هيءُ منهنجي سنگت جي لائق نہ آهي.

عجيب اتفاق ٿيو جو ڪانءُ پاڻ طوطي سان گڏ رهڻ کان تنگ هو. اهو پڻ دلي درد سان ڪان ڪان ڪري چئي رهيو هو: لاحول ولاقوة الاباالله هاءِ منهنجي ڦٽل قسمت. جو هت اچي هن ميان مٺوءَ سان پڃري ۾ ڦاٿو آهيان. هاءِ جيڪر هڪجهڙن ڪانون سان گڏ ڪنهن باغ جي پت تي نخرا ڪندي پيو ٽلان ها تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها.

نيڪ ماڻهوءَ لاءِ اهوئي جيل آهي، جو بڇڙن جي ڪچهريءَ ۾ ويهي ڦاسي. افسوس جا هٿ ملي پيو چوندو تہ: مون ڪهڙو گناهہ ڪيو جو زماني جي گردش مون کي هھڙن بي عقلن جي ڪچهريءَ ۾ اچي اڙايو آهي.

جنهن سان طبيعت نہ لڳي. ان سان گڏ رهڻ بہ وڏي مصيبت آهي. دل چوندي تہ جنهن پت تي هن جي تصوير ٺنگيل هجي، تہ ان پت جي پاڇي ۾ نہ ويهان ۽ جيڪڏهن اهو بهشت ۾ هجي، تہ هي ڪنهن دوزخ جي تلاش ڪندو جتي مخالف موجود نہ هجي. اها ڳالهہ هن ڪري لکيم. جو سماج ۾ جهڙي طرح داناءَ کي نادان کان نفرت آهي، تيئن نادان کي بہ دانائن کان نفرت آهي.

چون ٿا تہ: موالين جي ڪچهريءَ ۾ هڪڙو درويش وچي نڪتو. ملول منهن ڪيو ويٺو هو. ڪنهن مواليءَ چئي ڏنس: اجايو منهن نہ سڄاءِ، جيڪڏهن اسان جي ڪچهري نٿي وڻئي، تہ اسان بہ تنهنجي هت رهڻ مان خوش ڪونہ آهيون. تون پاڻ کي گل سمجهندو هوندين ۽ اسان کي سڪل وڻ جون سڪل ٽاريون، تہ سڪل ڪاٺين ۾ هڪڙو گل وري ڪهڙو نهندو؟ وڃي ڪا پاڻ جهڙي جي ڪچهري ڳول.

ڇڏ رسڻ جي ريت

هڪڙو هو منهنجو دوست. سالن جا سال ان سان گڏ رهيو هوس، کاڌي پيتي، ڏک سک ۽ سفر حضر ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي ٿي رهيا هئاسين. هڪ دفعي ٿوري ڳالهہ تان منهنجي دل کي ڏکايائين. پوءِ تہ

دوستي پوري ٿي وئي، جيتوڻيڪ پنهي کي دل ۾ هڪ ٻئي جي تانگهه رهندي هئي. ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ منهنجو ڪو بيت پڙهيو. جنهن جو مطلب هي هو:

جڏهن منهنجو محبوب ٿو مرڪي، تہ ويتر ڦٽن تي لوڻ ٿو ٻرڪي. ڪهڙو نہ پلو ٿئي ها، جو سندس زلف منهنجي هٿن ۾ هجن ها، جيئن سخين جا دامن. فقيرن جي هٿ ۾ هوندا آهن.

بيت پڙهجي بس ٿيو تہ ڪچهريءَ ۾ ويٺلن گڏجي "واهہ سعدي واهہ" چيو. منهنجي شاعريءَ تي داد تحسين ڏنائون. پين سان گڏ مون واري پراڻي دوست بہ واهہ واهہ ڪئي. ان ڏينهن هن کي دوستيءَ ٽٽڻ جو ويچار ٿي پيو ۽ پنهنجي غلطيءَ جو اقرار ڪيائين. مون کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ان دوست ڏي هڪ بيت لکي موڪليم ۽ ساڻس ناهہ ڪيم. بيت جو هي مطلب هو:

پيارا! جهان مان توکي چوندي، توسان ئي ياري رکيم. مون کي خبر نہ هئي، تہ تون ائين بي وفائي ڪندين؟ اجا بہ وقت ويو ناهي، دل چوئي تہ هليو اچ! مون وٽ اڳي کان بہ وڌيڪ مان لهندين.

ويا مور مري

هڪڙي ماڻهوءَ جي سهڻي زال فوت ٿي وئي. پوڙهي سس اجا ان جي گهر ۾ رهي پئي هئي، شايد مهر وٺڻ لاءِ ٻيڪو تڪيل هئي. حالانڪہ ان ماڻهوءَ کي سس جو گهر ۾ رهڻ پٽي تي ئي نہ پيو پوي، ضرورت وقت سس سان مجبوراً ڳالهائڻو بہ پوندو هوس. ايتري ۾ ڪي دوست وٽس تعزيت ڪرڻ آيا. هڪڙي حجاتي دوست چيس: ڀائو! پياري رفيقہ حيات جي جدائيءَ جو صدمو ڪيئن ٿو پائنئين؟ هنَ جواب ۾ چيو: ونيءَ جي وڇڻ جو ايترو ويچار ڪونهي، جيترو هن ڏائڻ جي ڏسڻ سان ڏکوئجان ٿو. گل پٽجي ويو، ڪنڊا رهجي ويا. خزانو لٽجي ويو، نانگ اجا پيو ڦري، تيرن تلوارن ڏي ڏسڻ چڱو آهي، اڻ وڻندڙ ماڻهوءَ ڏي ڏسڻ کان. هزارين دوستن جو ديدار سهائي سگهجي ٿو پر دل نہ چاهيندي تہ ڪنهن دشمن ڏي اک کڻي نهارجي. (يعني هن سس جو هت رهڻ اصل پٽي تي نٿو پوي).

عشق واري اڃ

مون کي ياد آهي تہ منهنجي ڀوهہ جواني هئي. هڪ پاڙي مان پيو لنگهندو هوس. شايد ڪنهن دل گهرئي ماڻهوءَ جي ديدار جو انتظار هوندو هو. هڪ ڏينهن سخت گرميءَ جي وقت ان گهٽيءَ مان لنگهيس. گرميءَ سبب منهنجو وات سڪي چڪو هو ۽ مٿو چڪرائجي رهيو هو. تاڪ منجهند جي ننڍڙ اس ۾ وڌيڪ وکن کڻڻ جي مون ۾ طاقت نہ رهي هئي. پوءِ ڪنهن پٽ جي ڇاڇي ۾ پئجي رهيس. پاڻيءَ جي پيالي جو انتظار هوم. جيئن ان سان اڃ اجهائي سگهان ۽ مرندڙ هنيانءَ تي ڇنڊو هڻي سگهان.

اوچتو ڏٺم تہ ڪنهن گهر جو در کليو. هڪ خوبرو ۽ خوبصورت ماڻهو ٻاهر نڪتو. قدرت ان کي اهڙو سهڻو من مهڻو خلقيو هو. جو ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر هئي. ان جي هٿ ۾ مٺي ۽ ٿڌي شربت جو هڪ پيالو هو. شربت ۾ بهترين خوشبوءِ هئي. اصل ۾ آئون اڃ ۾ اهڙو ماندو ٿيل هوس، جو پتو نہ پئي پيم تہ پيالي ۾ عرق گلاب آهي يا پاڻي آڻيندڙ جي منهن جي پگهر جا ڪجهہ قطرا ڳڙي ان ۾ پيا هئا. مطلب تہ پاڻي وٺي پيتم. تڏهن وڃي ڪجهہ سامت ۾ آيس. پوءِ چيم: هڪ اڃ هن شربت پيئڻ سان اجهامي وئي. پر اندر ۾ اڃا هڪ اڃ موجود آهي، جيڪا ان هڪ پيالي سان تہ ڇا، پر مٺي پاڻيءَ جو سمنڊ سرڪي ڪريان، تہ بہ ماند ڪائي ماني نہ ٿيندي.

چوندا آهن تہ: شراب جو نشو آڌي رات جو ختم ٿي ويندو آهي، پر عشق وارو خمار شايد قيامت ڏينهن ختم ٿئي.

تن ۾ تات تنهنجي

جنهن سال محمد خوارزم بادشاهہ چين جي علائقي ”ختا“ وارن سان صلح ڪيو هو. ان سال سفر ڪندي آئون ڪاشغر جي جامع مسجد ۾ اچي پهتس. اتي هڪڙو طالب العلم پڙهي رهيو هو جيڪو مهانڊي جو موچارو ڏاڍو خوبصورت هو. آئون بہ گهڻا ملڪ گهميو هوس، پر ان نينگر جهڙو سهڻو ۽ سدا ملوڪ ڇوڪر مون ڪٿي نہ ڏٺو هو. ان ڇوڪر جي هٿ ۾ علامه زمخشريءَ جو ڪتاب مقدمةالنحو هو.

سبق پڪو پئي ڪيائين: ضَرَبَ زَيد عَمَرّوا (زيد عمرو کي ماريو) فعل متعدي آهي. چيومانس: اي ٻچا خوارزم ۽ ختا وارا پاڻ ۾ ٺهي ويا. پر زيد ۽ عمرو جو جهيڙو اڃا نٿو ختم ٿئي؟ اهو ٻڌي نينگر کلي ڏنو. چيائين: سائين! توهان ڪٿي وينا آهيو؟ چيم: شيراز ۾. مون کي چيائين تہ: شيخ سعديءَ جا ڪي ٻول ياد اٿئي تہ ٻڌائينم! مون هڪ عربي شعر پڙهيو. اهو شعر ڪو عربي گرامر جو ڄاڻو سمجهي سگهي ها. مون کي نينگر چيو تہ: سائين! اسان وٽ فارسي ٻولي ڳالهائي ٿي وڃي. مون جهڙي طالب العلم کي عربي ايتري نٿي اچي. جيڪڏهن فارسيءَ ۾ ٻول ٻڌايو تہ شايد آئون سمجهي وڃان. هاڻي مون فارسي بيت پڙهيو. جنهن جو مطلب هي هو:

اي پٽڙا! آئون تنهنجي ڏسڻ ۾ محو آهيان. تون وري نحو وينو ياد ڪرين. اسان جا عقل تہ ڪي ڏسي خطا ٿي ويا آهن، تون زيد عمرو جا جهڳڙا وينو ڳائين.

هڪ ڏينهن صبح جو جڏهن اسان سفر جي تياري پئي ڪئي، تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ان ڇوڪر کي منهنجي باري ۾ ٻڌايو تہ: سعدي اهو اٿئي. هو ويچارو ڊوڙندو مون وٽ آيو. افسوس پئي ڪيائين ۽ نهايت نماڻائيءَ سان چئي رهيو هو تہ: هيترو وقت توهان اسان جي مدرسي ۾ رهيا. مون سان ڳالهہ نہ پئي ڪيوَ تہ: آئون سعدي آهيان، تہ آئون توهان بزرگن جي خدمت ڪريان ۽ ڪجهہ پرايان ها. مون چيومانس: اي پٽ! تنهنجي هوندي آئون ڪيئن چوان تہ آئون بہ آهيان. توکي ڏسي مون کان پنهنجو پاڻ بہ وسري ويو.

چيائين: دل چاهي ٿي تہ اڃا بہ چار ڏينهن هت رهي پئو! تہ توهان جي ڪچهرين مان ڪجهہ پرايان.

چيم: هاڻي ائين نہ ٿي سگهندو. ٻڌو نہ اٿئي تہ: هڪڙو پلارو بزرگ، دنيا کان پاسائتو جبل جي پاسي ۾ ڪنهن غار ۾ رهندو هو. ان کي چيائون تہ: هن اڪيلائپ ۽ تڪليف واري زندگيءَ کان نڪري شهر ۾ ڇو نٿا اچي رهو؟ هن وراڻيو تہ: شهر ۾ ڪيئي خوبصورت ماڻهو پيا ڦرن، پوءِ جتي گپ گهڻي هوندي، اتي هاٿي بہ ترڪي پوندو.

ائين چئي هن چوڪرڙي ڪي پٽڙن وانگر پيار ڪيم ۽ ڪائنس موڪلايم. دل ۾ چيم پئي تہ موڪلائڻ مهل هن نينگر سان پيار ڪرڻ کھڙي ڪم جو؟ جڏهن هو مون لاءِ نرم دل هو تہ آئون موڪلائي رهيو هوس. جيئن ڪنهن صوف جو منهن ڳاڙهو ٿيندو آهي، منجهس سونهن سرس ٿيندي آهي، تہ ان وقت سنگت ڪان موڪلائي، وڻ مان ڇڇي هيٺ اچي ڪرندو آهي.

نہ لائجي نہ سور پرائجي

هڪڙو درويش اسان جي قافلي سان گڏ هو. حج تي ويندي هو سفر جو ساٿي ٿيو هو. ان کي ڪنهن عرب امير هڪ سؤ دينار ڏنا هئا تہ وڃي منيٰ ۾ قرباني ڪجانءِ! واٽ تي ڌاڙيلن جي هڪ ٽولي قافلي تي حملو ڪيو. سيني ساٿين کي ڦري لٽي راهي ٿيا. ماڻهو ڏاڍو رنا رڙيا. پر سڀ بي فائدي. ڀلا ڌاڙيلن کي ڪنهن جي روئڻ تي رحم ڪيئن اچي؟ انڌي اڳيان روئڻ اکين جو زيان.
مگر هو درويش بي پرواهہ بي فڪر ويٺو هو. سندس منهن ۾ ڪا مونجهہ ئي نہ هئي. چيومانس تہ: معلوم ٿئي ٿو تہ توکان ڪجهہ بہ نہ ڦريو اٿن؟ هن وراڻيو: مون کان بہ سڀ ڪجهہ ڦريو اٿن. پر ان دولت سان منهنجي دل جو لڳاءُ نہ هو. ان ڪري اڳ ۾ هئي تہ ڇا ۽ جيڪڏهن هيئر ناهي تہ ڇا؟ مون کي ڪو فڪر ناهي. ڪنهن سان دل ئي نہ لائجي تہ جدائيءَ جا سور ئي نہ سهجن.
مون چيو: اي درويش! ڳالهہ لک جي ڪئي اٿئي. مون سان بہ ائين ئي ٿيو. جوانيءَ ۾ هڪڙي دوست سان دل اٽڙي وئي. ان کان سواءِ مون کي قرار ئي نہ ايندو هو. منهنجي نظر ۾ ان جهڙو ڪو ماڻهو ئي نہ هو. اوچتو اهو دوست وفات ڪري ويو. وڃي مٽيءَ جو مهمان ٿيو. ان جي فراق مون کي ڦٽي وڌو. ڪافي ڏينهن تہ ان جي قبر تي وڃي ويهندو هوس ۽ هيئن پيو چوندو هوس تہ: ڪاش! هن جي مرڻ سان موت مون کي بہ ماري ها. جيئن جانب جي جدائيءَ جا ڏک نہ ڏسان ها.
ان جگري دوست جي جدائيءَ کان پوءِ پڪو ارادو ڪيو اٿم تہ: سڄي زندگي ڪنهن سان لئون نہ لائبو. محبت ۾ مزو گهڻو آهي، پر جدائيءَ جا ڏجها بہ ڏکيا آهن.

ليليٰ جي سونهن

عربستان جي بادشاهہ کي ماڻهن ليليٰ مجنون جي عشق جا احوال ٻڌايا. چيائونس تہ: مجنون نهايت قابل ماڻهو ۽ وڏو شاعر آهي. پر ليليٰ جي عشق ۾ اهڙو اڙجي ويو آهي، جو هاڻي وتي ٿو بيابانن ۾ ڦرندو. جهنگل جهاڳيندو. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: مجنونءَ کي هت حاضر ڪيو وڃي.

بادشاهہ مجنونءَ کي ملامت ڪرڻ لڳو تہ: توکي انسانن ۾ ڪهڙي اوڻائي نظر آئي، جو ماڻهن کي ڇڏي وڃي جانورن سان مليو آهين؟ مجنونءَ روئي ڏنو ۽ چيائين: مون کي اڳ ۾ بہ ڪيترن دوستن اهڙي ملامت ڪئي آهي، پر افسوس جو انهن ڪڏهن ليليٰ جو ديدار نہ ڪيو آهي. نہ تہ مون کي جيڪر مجبور سمجهن ها.

مهنجو حال بہ زليخا وارو آهي، جو ساهيڙين ان کي يوسف عليه السلام جي عشق بابت ملامتون پئي ڪيون، پر جڏهن پاڻ يوسف عليه السلام ڏٺائون، تڏهن پاڻ پلي نہ سگهيون ۽ هٿ وڍي ويٺيون. پوءِ زليخا چئي رهي هئي: هيءُ اهو دلبر آهي، جنهن بابت مون کي ميارون ڏينديون آهيو.

مجنونءَ جا اهڙا اکر ٻڌي، بادشاهہ کي شوق ٿيو تہ ليلي جي سونهن ڏسان، جنهن تي مجنون مست ٿيو آهي. بادشاهي حڪم جي دير هئي. ليليٰ کي حاضر ڪيو ويو. جڏهن بادشاهہ ليليٰ کي ڏٺو، تڏهن ان کي ڪجهہ بہ نہ سمجهيائين. ڇوتہ هن جي درٻار ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻانهيون بہ ليليٰ کان موچاريون هيون. بادشاهہ جي نظرن کي مجنون پرکي ويو ۽ چوڻ لڳو: سائين! ليليٰ جي حسن کي منهجي اکين سان ڏسڻ گهرجي، تڏهن هن جو حسن نکري نروار ٿيندو. پر ان ڏسڻ ۾ دل جو بہ دخل آهي. جيسين مون واري دل نہ هوندي، تيسين اندر جو حال سمجهي بہ نہ سگهبو.

هڪ قاضيءَ جو عشق

همدان شهر جي هڪڙي قاضي صاحب جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ اهو هڪري چمار جي پٽ تي عاشق ٿي پيو. سڄو ڏينهن ان ڇوري جي

تات ۽ وائي وات هوندي هئس، مطلب تہ عشق جي انڌ ۾ اکيون ئي پورجي ويون هئس.

چون ٿا تہ: ڪنهن ماڻهوءَ ان ڇوڪر کي قاضيءَ جي عشق جي ڳالهہ اچي ٻڌائي. پوءِ تہ ڇوڪرو اچي ڪاوڙيو. قاضيءَ کي روبرو ڪچيون گاريون پئي ڏنائين، پٿر کڻي قاضيءَ کي پئي هنيائين. مطلب تہ ڏاڍي بي عزتي ڪيائينس. قاضي صاحب سڀ ڪجهہ سهي رهيو هو ساڻس گڏ هڪ عالم سڳورو بہ هو. قاضي صاحب ڏندڙا ٽيڙي ان کي چئي رهيو هو:

ڏسين ٿو پياري جا نخرا؟ ان جو منهن ۾ سونڊ وجهڻ، من کي موهي ٿو رکي. هن جون گاريون بہ گلاب ٽيون لڳن. ڪبي جي گلن سان گستاخي تہ خاريي سهبا. ان پياري جو وڙهڻ بہ مون کي ماکيءَ کان مٺو ٿو لڳي. آئون سمجهان ٿو تہ اهو ڇوڪرو دلير ۽ بي ڊپو ۽ بهادر بہ آهي، جو ڪنهن کان ڪونہ ٿو ڊڄي. پر انگور اجا ڪچا آهن، تڏهن کٽا آهن. جڏهن پچي تيار ٿيا، پوءِ سائين ڪيا بات! پوءِ مزا ئي مزا. مطلب تہ قاضي اهڙي بيهودي بڪواس ڪندي، اچي قضا جي ڪرسيءَ تي ويٺو.

ڪورٽ ۾ ڪي ننڍا قاضي بہ موجود هئا. انهن مٿيون لقاءُ ڏٺو پئي، تن وڏي قاضي صاحب کي با ادب عرض ڪيو تہ: سائين! توهان اسان جا وڏا ۽ بزرگ آهيو. اسان کي ڪجهڻ تہ نہ گهرجي، پر توهان اسان جا استاد آهيو ۽ توهان جا احسان اسان تي اڻميا آهن. ڪنهن اوڻائيءَ کان سائين جن کي آگاهہ نہ ڪرڻ بہ خيانت ۾ شمار آهي. ان ڪري مجبوراً ڪجهڻو پوي ٿو. اسان جو عرض هي آهي تہ: توهان جيڪو ان ڇوڪري سان عشق رکيو آهي، اهو توهان جي شان ۽ مرتبي جي خلاف آهي، ان کي کڻي ڪڏ ۾ هڻو. دشمن الائي ڇا جو ڇا چوندا ٿا وتن. توهان پنهنجي عزت جو پاڻ خيال نہ ڪندؤ تہ ٻيو ڪير ڪندو؟ هيترو عرصو عمر جو جنهن آبروءَ سان گذاريو اٿوَ. ان کي آخي باقيءَ تي تباهہ نہ ڪيو.

قاضي صاحب کي دوستن جي نصيحت پسند آئي ۽ انهن کي سندن سچڻائپ تي شاباس ڏئي چيائين: توهان بلڪل درست ٿا چئو.

پر ملامتن سان محبت ختم ٿيڻ ائين مشڪل آهي، جيئن شيديءَ جي ڪاراڻ کي وهنجارڻ سان مٽائڻ. هيئن ڪٽي سمجهو تہ آئون مٽي چٽيل نانگ وانگر آهيان، جو چري پري ٿي نٿو سگهان.

پوءِ تہ قاضي صاحب ڪي چاڙتا چڏيا، جيئن چوري کي وچي ڏتارين ۽ پئسا جام پئي خرچ ڪيائين. چوندا آهن تہ پئسي سان نہ ٿيڻ جهڙا ڪم بہ ٿيو پون. پئسا ڦينڪ، تماشا ديک.

مطلب تہ ڪم ٿهي ويو. هڪ رات اهو ڇورو قاضي صاحب کي اڪيلائپ ۾ ملي ويو. پوءِ تہ شرابن ڪبانن جو انتظام ڪٽي ڪيائين. ڏاڍا نشا پتا ڪري وچي عيش ۾ وينو. تان تہ اسر ٿيو بانگون آيون ۽ هي ان مهل چئي رهيو هو: بانگو بہ ڪو واندو آهي جو ساجهر ٿي بانگ ڪٽي ڏني اٿس. اسان عاشقن جي عيش ۾ هي بيوقوف بانگو رخنو ٿو وجهي. ڪمهلي بانگ ڏئي ساجهر ٿي صبح کي ٿو آٽي.

چون ٿا تہ: قاضي اهڙي بري حال ۾ مست هو، تہ وٽس هڪڙو نوڪر ڊوڙندو اچي پهتو. چيائينس تہ: جنابا! جان بچاڻي اٿئي تہ مهل سان ڪيڏانهن پجي وڃ. توهان جي دشمنن وڏو ممڻ مچايو آهي. اجا وقت اٿو متان پوءِ پڇتايو. پر قاضي صاحب جي هوش حواس تي انڌ چڙهي چڪو هو. ان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري مرڪي، نوڪر ڏانهن نهاريو ۽ چيائينس:

شينهن کي جيڪڏهن شڪار چنبن ۾ هجي، تہ اهو گدڙن کي ڏسي، شڪار کي ڇڏي ڪونہ ڏيندو. اسان عاشقن جو منهن معشوق ڏانهن آهي، دشمن ڀلي پيا پونڪن.

وقت جي بادشاهہ کي اطلاع اڳ ۾ ئي ملي چڪو هو تہ توهان جي ملڪ ۾ ههڙا ڪڌا ڪم پيا ٿين، جهڙو تهڙو ماڻهو بہ نہ. عدالت عاليہ جو وڏو قاضي صاحب! هن طرح پيو هلي. بادشاهہ سلامت وراڻيو تہ: جيتري قدر مون کي خبر آهي تہ اهو قاضي صاحب موجوده دور جو وڏو ماهر ۽ داناءُ ماڻهو آهي. متان سندس دشمنن مٿس ڪوڙا بهتان مڙهيا هجن. ان معاملي جي آئون پنهنجي سر پاڻ جاچ ڪندس. تڪڙ ۾ ڪو قدم نہ کڻبو.

چون ته ته: بادشاهه ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري، ان رات اسر جو اچي قاضي صاحب جي بنگلي تي پهتو. صبح سان ساجهر ئي بادشاهه اڪئين اچي ڏٺو ته ڇورو قاضيءَجي ڪڇ ۾ آهي، شراب موجود آهي. قاضي صاحب نشي ۾ الوٺ آهي. بادشاهه وڃي قاضي صاحب جي ٻانهن کي لوڏي، ڪيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي. چيائينس ته: هاڻي اٿ، سج ايري چڪو آهي.

هاڻي وڃي قاضيءَ کي ڪجهه هوش آيو. پڇيائين، سج ڪهڙي پاسي کان ايريو آهي؟ بادشاهه چيس ته: اوڀر کان ايريو آهي. قاضيءَ چيو: شڪر الحمدلله جو اڃا توبه جا دروازا کليل آهن. جيئن حضور ﷺ جن جي هڪ حديث ۾ آهي ته: توبه جا دروازا تيسين بند نه ٿيندا، جيسين سج اولهه کان نه ايرندو. اي رب! مون کي معاف ڪجانءِ. قاضي چوڻ لڳو: مون کي ٻن شين گنهگار بنايو. هڪ بخت ڦٽو ٻيو عقل گهٽيو. هاڻي آئون سزا جي لائق آهيان، پر جيڪڏهن معافي ملندي ته احسان مند رهندس، اڳتي اشراف ٿي رهندس.

بادشاهه فرمايو: هاڻي تو توبه ڪرين، جڏهن هن حال ۾ پڪڙيو آهين؟ قرآن شريف ۾ آهي:

فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ إِيمَانُهُمْ لَمَّا رَأَوْا بَأْسَنَا

جيڪي عذاب ڏسي ايمان آڻيندا، تن کي سندن ايمان ڪو نفعو نه ڏيندو.

جنهن جاءِ تي چور پهچي نه سگهي، ته اتي چوريءَ کان توبه ڪرڻ مان ڇا فائدو؟ ۽ جنهن جو قد ننڍو هجي ۽ وڻ ۾ پڪل انب کي پهچي نه سگهي، پوءِ چوي: ٿُو کٽا، ته ان مان ڇا فائدو؟ پوءِ ته بادشاهه حڪم صادر ڪيو ته: قاضيءَ کي قيد ڪيو وڃي.

اتي قاضي صاحب چيو: هڪڙو عرض اڃا ڪرڻو اٿم. بادشاهه وراڻيو: چئو ڇا ٿو چوين؟

قاضي صاحب چيو: توهان جي ڪاوڙ مون تي بجا آهي، پر آئون توهان جي آڏو رحم جي جهولي جهليو رهندس. جيڪڏهن منهنجي گناهن سبب منهنجو بچڻ محال آهي، ته توهان جي ڪرم مان آئون نا اميد اصل نه ٿيندس.

بادشاهہ وراڻيو: توکي جيڪو وڻي سو پيو چئو تنهنجي ان قسم جي منٽن ٻولن جي ڪري بچاءُ ملي نٿو سگهي. دل تي چاهي ٿـ: توکي چو ڪنيو ٻڌي، قلعي جي برجيءَ تان هيٺ ڪيرايو وڃي، جيئن ٻيا ماڻهو بہ سبق پرائين.

قاضي صاحب وڏو قابل ماڻهو هو. ان چيو تہ: سائين! جهان ۾ يا هن ملڪ ۾ رڳو آئون ڏوهاري ڪونہ آهيان، ٻيا بہ هوندا. ڪنهن ٻئي کي ئي اهڙي سزا ڪٽي ڏيو تہ آئون سبق پرايان. اهو ٻڌي بادشاهہ کلي ڏنو ۽ قاضيءَ کي معافي ڏئي ڇڏيائين. انهن ماڻهن ڏي نهاريائين، جيڪي هن جي سزا جو انتظار ڪري رهيا هئا. چيائين تہ پنهنجي عيبن هوندي ٻين جي عيبن جي پٺيان پوڻ درست نہ آهي. حضور ﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪو انسان ڪنهن جي هڪ عيب کي ڍڪيندو تہ آخرت ۾ الله ان جي ستر عيبن کي ڍڪيندو.

جان وڃي جانب بچي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙي خوب سيرت ۽ خوبصورت نوجوان جي ڪنهن سان گهاٽي ياري ٿي وئي. هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو جو ڪنهن ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ مان ڪري، ٻئي دوست هڪ ڳُنَ ۾ وڃي پيا. هڪڙي ملاح هنن کي باسلامت ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن هڪڙي جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪيائين. تڏهن ان چيو تہ: مون کي ڇڏي، منهنجي هن دوست کي اول ٻاهر ڪڍ! متان هو مري پوي.

اهڙي مصيبت جنهن ۾ موت متان ڦري رهيو هجي، اهڙي وقت ۾ دوستيءَ کي نباهڻ ۽ سنگت کي ياد ڪرڻ، ڪن جو ڪم آهي.

ليليٰ ۽ مجنون قبر مان اٿي اچن تہ جيڪر ان قصي مان سچي محبت جو اهي بہ سبق پرائين.

باب ڇهون

پيري ۽ ڪمزوريءَ بابت

اڌوريون اميدون

دمشق جي جامع مسجد ۾ عالمن سڳورن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هوس. گهڙي گذري ته، اتي هڪڙو نوجوان آيو. چوڻ لڳو ته: هت ڪو پارسي ٻوليءَ جو ڄاڻو آهي؟ سڀني مون ڏي هٿ ڪنيو. مون پڇيو: خير ته آهي؟ چيائين ته هڪڙو ڏيڍ سؤ سالن جو پوڙهو سڪرات ۾ آهي. ڪجهه چوي پيو ٿو پر جيئن ته سندس ٻولي عربي ناهي، ان ڪري ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. توهان هلي ٻڌو ته ڇا ٿو چوي؟ متان ڪا وصيت ڪندو هجي؟ آئون اٿيس، پوڙهي جي مٿن ڪان آيس. هو فارسيءَ ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيو هو جنهن جو مطلب هي هو:

ڪيئي دل جون مرادون آهن، جيڪي پوريون نه ٿيون آهن ته متان موت اچي پهتو آهي. عمر جي خونچي مان ٻه ٽي گرهه مس ڪنيم، ته چيائون: هاڻي هلي پؤ! سڪرات واري پوڙهي جي انهن لفظن جو عربي ترجمو ڪري، شام ملڪ جي رهاڪو عربن کي ٻڌايم. ماڻهو عجب ۾ پيا ته، هيڏي حياتي دنيا ۾ گذاريائين، ته به حياتيءَ جي فڪر ۾ آهي!

مون پوڙهي کان پڇيو: موت کي ڪيئن ٿو ڀانئين؟ چيائين: ڏٺو نه اٿئي ته وات مان هڪڙو ڏند ڪڍندا آهن ته ڪيترو سور ٿيندو آهي؟ هاڻي سمجهي وچ ته، هن پياري جسم مان پياري ساهه جو نڪرڻ ڪيڏو ڏکيو هوندو؟

چيومانس ته: دل تان موت جو خيال لاهي ڇڏ! اجايا وهم نه ولوڙ! سست نه ٿيءُ، همت نه هار! سياڻا چوندا آهن ته: تندرستي ڪيڏي به سٺي هجي، پر حياتيءَ تي ڀروسو رکڻ نه گهرجي ۽ مرض ڪيڏو به مهلڪ هجي، پر حياتيءَ مان اميد نه لاهجي. جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي ته ڪنهن طبيب کي گهرائي وٺون، مَنَ ڪو

علاج ڪري ۽ تنهنجي جان بچي پوي. اهو ٻڌي پوڙهي اکيون کوليون ۽ مرڪي چيائين:

ڪيڏو نه هوشيار حڪيم هجي ۽ سندس دوست موت جي بستري تي هجي، ته هو ڇا ڪري سگهندو؟ حسرت جا هٿ مليندو. پيو ڇا ڪندو؟ گهر جي بنياد کي ڪلر کائي ويو ۽ گهر ڊٺيءَ جو زور آهي ته اڱڻ تي گلڪاريءَ جو ڪم ڪرايان. منهنجي هن عمر ۾ جڏهن طبيعت صفا بگڙي چڪي آهي، تڏهن دعا ۽ دوا ڪهڙو اثر ڏيکاريندا.

پيريءَ ۾ شادي

هڪڙي ڪمزور ۽ جهور ڪراڙي جي ڳالهه ڪندا آهن ته: هن نئين نندڙي جوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. پوءِ ته پنهنجي گهر ۾ ڪمري کي گلن سان ڪٺي سينگاريائين. اگربتيون ٻاري چؤطرف خوشبوءِ ڪيائين. گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجي ڪنوار کي پٺي ڏنائين ۽ سڄيون سڄيون راتيون، زال کي نقلن نظيرن ٻڌائڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ ۾ گذارڻ لڳو. جيئن هوءَ اڪتائي محسوس نه ڪري. زال کي هيئن پيو چوندو هو ته: تنهنجا ڀاڳ ڀلا ٿيا ۽ بخت بلند ٿيو جو مون جهڙو تجربيڪار، گٿل پيٺل، هوندي سوندي وارو مڙس مليو اٿئي. آئون منڙيون ٻوليون، لطيفا ۽ حڪمت جا نڪتا ٻڌائي، تنهنجي دل پيو وندرايان پياري! تون ڪاوڙجي پوندينءَ، ته به آئون نه ڪاوڙبس. توکي ڏکيو ڏينهن ڏسڻ نه ڏيندس.

شڪر ڪر جو ڪنهن اڙٻنگ ابهري، جوشيلي جوان سان لائون نه لڌئي، ڇوته اهڙا نوجوان هٺيلا، مغرور ۽ ٽوٽ آهن، روز روز نيون دوستيون پيا مٽائين ۽ ملهائين. هَوَس جا پوڄاري، نفس پرست آهن. انهن مان وفاداريءَ جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي؟ هنن جي عادت آهي ته هڪ گل کي سنگهي، گهڙيءَ کان پوءِ اهو اڇلائي، پيو هٿ ڪندا ۽ اسان جهڙا پوڙها عقل ۾ اڪابر. زندگي گذارڻ جي ادبن کان آگاهه آهن. جوان اهڙن ادبن کان بلڪل ڪورا ۽ اڻ واقف آهن.

پوڙهي جو چوڻ آهي ته: هڪ رات اهڙيون ڳالهيون زال.کي پٺي ٻڌايم ۽ دل ۾ سمجهيم ته هاڻي هيءَ زال منهنجي قرب ۾ قيد ٿي وئي

هوندي، هن جي دل نري پئي هوندي. پر ائين نہ ٿيو. گهڻي خاموشيءَ کان پوءِ ٿڌو ساهہ کڻي چوڻ لڳي: هيءَ جيڪا تو ڇتي ڪوريءَ واري ڏيگهہ کئي، اها منهنجي عقل ۾ نہ آئي. اها منهنجي سمجهہ کان مٿي آهي، ڇوتہ اسان جي قبيلي ۾ چوڻي مشهور آهي تہ: جوان جماڻ زال لاءِ پوڙهي مڙس کان پاسي ۾ تير کپي تہ چڱو آهي.

ڳالهہ ڪي ٿيو ڪتاڻو. هيءَ پوڙهو اٿندو ئي لٽ جي ٽيڪ سان هو سو جوان زال لاءِ ڪهڙو ٿي سهارو ٿي سگهيو. نيٺ گهر ۾ ڪلڪل ۽ جهيڙو جهٽو شروع ٿي ويو. ڳالهہ وڃي طلاق تائين پهتي. مائيءَ جي عدت پوري ٿي تہ ان جو رشتو ٻئي هنڌ ٿي ويو. اهڙو مڙس مليس، جيڪو جوان مرد ۽ تيز طبع هو. ان سان گڏ ترڙ سڄو بہ هو. روزانہ زال کي مارڪٽ بہ پيو ڪندو هو. اٿندي ويهندي ڪيس گاريون پيو ڏيندو هو.

ان هوندي بہ هيءَ مائي ساهيڙين کي پئي چوندي هئي تہ: الله جا اٿميا احسان، جو هن مصيبت مان نڪري، سک جو ساهہ کنيو اٿم.

سياڻا چوندا آهن تہ: سونهن سوپيا، ريشمي ڪپڙا، رنگ روغن، تيل ڦليل، اهي ڪم زناڻا. مرد جا هڏا مضبوط هجن ۽ بس. جوان مرد سان زال ڏک سک ۾ گذارڻ لاءِ خوش هوندي ۽ ڪمزور پوڙهي سان بهشت ۾ رهندي بہ نہ ريجهندي. دل گهرئي ماڻهوءَ جي وات ۾ بصر جي بوءِ بہ ڀلي ۽ اڻ وڻيل جي هٿ کان سهڻو گل ملي، تہ بہ نہ وڻندو.

سڪائڻ باسڻ سان مليل پٽ

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙي پيرسن وٽ مهمان ٿيس. ان وٽ الله جو ڏنو سڀ ڪجهہ هو. اٿمئي دولت هئس. هڪڙو سهڻو سيبتو پٽ هئس. پوڙهي ٻڌايو پئي تہ: مون کي سڄي عمر ۾ هن هڪڙي پٽڙي کان سواءِ ڪو اولادنہ ٿيو. هت ڀرسان هڪ ڀلارو وڻ آهي، اتي راڄ ڍرندا آهن، اتي ماڻهو سڪائون آڻيندا آهن، مطلب ۽ مرادون گهرندا آهن ۽ باسون باسيندا آهن. مون بہ راتين جون راتيون ان وڻ وٽ وڃي خدا کي ٻاڏايو تڏهن هي سڪيلڏو پٽ مليو اٿم.

هيڏانهن پوڙهو مون سان اهي احوال ڪري رهيو هو هوڏانهن پٽ پنهنجن هڪ جيڏن سان ڪچهري ڪندي، دوستن کي آهستي آهستي

چئي رهيو هو: اهو وڻ الائي ڪتي آهي؟ تہ آئون بہ اتي وڃي باس باسيان ۽ روئي دعا گهران تہ: هي پوڙهو پيءُ مري(ان مان جان ڇٽي.)

پيءُ دل ۾ خوش آهي تہ: سياڻو پٽ عطا ٿيو آهي ۽ پٽ چوي ٿو تہ: هي پوڙهو صفا چريو چٽ آهي.

سياڻن چيو آهي تہ: سالن جا سال گذري ويا. تہ تو پيءُ جي قبر ڪانہ ڏٺي، ان لاءِ خير جي دعا نہ گهريئي. هاڻي تون پنهنجي اولاد مان چڱائي جي ڪهڙي اميد رکندين؟

اوکو پنڌ پهاڙ جو

منهنجي جوانيءَ جو زمانو هو. هڪ دفعي سفر ڪندي ڪنهن منزل تي ڏاڍو تکو هليس. شام جو ٽڪ ۾ چور ٿي، ڪنهن پهاڙ جي پاڙ ۾ ساڻو ٿي سمهي رهيس. پٺيان هڪ پير مرد پئي آيو. ان مون کي ڏسي چيو: هيءَ بہ ڪا سمهڻ جي جاءِ آهي؟ مون چيو: ڇا ڪريان؟ جان ۾ هلڻ جي طاقت ناهي. مون کي چيائين: چريا! سياڻا چوندا آهن تہ: آهستي آهستي ۽ ساهي پٽيندي هلڻ، ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پوڻ کان بهتر آهي. سياڻو ماٺهو سفر ائين ئي ڪندو آهي. ڏٺو اٿئون تہ گهوڙو تيز ڊوڙندو آهي ۽ اٺ آهستي هلندو آهي، پر ڏکهو سفر، اٺ ئي طئہ ڪري سگهندو آهي.

ٻار ٿيا ٻارائپ وئي

هڪڙو هو نوجوان، ڏاڍو کلڻو ملڻو ۽ ڪجهہ چرچائي بہ هو. ان ڪري هن جو ڳالهائڻ ڪيترن کي خوش ڪندو هو. اهو اسان جي ڪچهرين ۾ ايندو ويندو هو. ڪچهريءَ جو مور ڪٿي چئجيس تہ غلط نہ ٿيندو. هن جي چپن تان مرڪ ۽ کل ڪٿندي ئي ڪانہ هئي. هن جي منهن ۾ مونجهہ ۽ ڪٽي تہ ڪنهن ڏٺي ئي ڪانہ هئي. ڪجهہ عرصو ان سان ملڻ ڪونہ ٿيو. گهڻي وقت کان پوءِ مليو پر هاڻي هو ٻچڙيوال ٿي چڪو هو. اولاد گهڻو ئي ٿيو هوس. هن جون خوشيون ختم ٿي چڪيون هيون. کل ئي ٻيهي وئي هئس. منهن مان سندس پريشانيون ظاهر هيون. مون پڇيومانس: ڪهڙا حال اٿئي؟ پوڳ بہ ڪونہ ٿو ٻڌائين؟ چيائين: جڏهن کان ٻار ٿيا آهن، ٻارائپ ڇڏي ڏني اٿم.

جڏهن متي ۾ اچا پئجي ٿا وڃن. تڏهن ماڻهو سبق سکي ٿو وڃي. پوءِ مناسب آهي تہ ٻارائپ واريون ٻوليون نہ ڪجن. اڇا پيا تہ ماڻهو پوڙهن جي قطار ۾ شامل ٿي ويو. هاڻي ان مان ٻارائپ جي ڪهڙي اميد رکبي. جڏهن پوک پچي تيار ٿي، تڏهن ان جي سائي ٿيڻ جي ڪا اميد ناهي، تيئن وقت ويل، عمر گذريل وري واپس نہ ايندا.

ڪنهن پوڙهي مائيءَ، وارن کي ڪارو رنگ ڪيو. مون چيومانس تہ: ڏاڏي! وارن کي ڪٽي رنگ سان ڪارو ڪيئي، پر پنهنجي چپيءَ چيلهہ کي سڌو ڪيئن ڪندينءَ؟

ويچاري پوڙهي ماءُ

هڪ دفعي جوانيءَ جي انڌ سبب ڪراڙيءَ ماءُ کي ڳالهوَ ۾ دڙڪا دهمان ڏنم. هوءَ ويچاري گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي روئڻ لڳي. چئي رهي هئي: اي پٽڙا! توکان شايد ننڍپڻ وسري وئي. تڏهن مون سان ايترو شوخ ٿو ڳالهائين.

چون ٿا تہ: هڪڙي پوڙهي مائيءَ پنهنجي پهلوان پٽ کي چيو پئي: ابا! جيڪڏهن توکي اهي ڏينهن ياد هجن ها، جڏهن تون ننڍڙو هئين، منهنجي هنج ۾ بيوس پيو هوندو هئين. تہ اڄ مون تي ظلم نہ ڪرين ها. اڄ تون شينهن مڙس آهين ۽ آئون ڪمزور ڪراڙي، تڏهن تو ڏاڍ ڏيکارين.

سؤ نفلن کان صدقو بهتر آهي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ: هڪڙو شاهوڪار ماڻهو هو پر ڏاڍو موذي هو. ان جو پٽ بيمار ٿي پيو. سڄڻن صلاح ڏنس تہ: قرآن شريف جو ختمو ڪيا! يا ڪو ڍور قربان ڪر. جيئن ٻچو چاڪ ٿئي. ڪجهہ وقت سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين بهتر آهي تہ قرآن شريف جو ختمو پڙهان. چوتہ منهنجو مال هتان کان ڪجهہ پريرو آهي. ڪنهن بزرگ جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن چيائين: قرآن شريف جي ختمي کي هن ڪري پسند ڪيائين، جو اهو ڪم رڳو مفت جي زبان هلائڻ سان ٿي پوندو ۽ مال ملڪيت جي جاءِ هن جي دل ۾ آهي. ان ڪري خرچ ڪندو تہ دل

سست ٿيندس. حالانڪ اهڙي موذيءَ لاءِ سؤ نفلن ۽ سؤ ختمن پڙهڻ کان، الله جي راهہ ۾ صدقو ڪيڻ ئي بهتر آهي.

جواني وئي زندگاني وئي

ڪنهن پوڙهي کان پڇيائون تہ: شادي چو نٿو ڪرين؟ چيائين: پوڙهي مائيءَ لاءِ منهنجي دل نٿي چوي، تہ پوءِ جوان عورت جي مون ڏانهن دل ڪيئن ورندي؟ ستر سالن جو پوڙهو جيڪڏهن اجا پاڻ کي جوان سمجهي، تہ جڻ انڌو خواب ٿو لهي. پلي زر جو زور هجيس، پر ان سان جسم جو زور ڪٿان آڻيندو؟

چنبو ڪير؟

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙي جهور ڪراڙي کي پيريءَ ۾ شاديءَ جو شوق جاڳيو ڪٿان نئين نندي ڪنواري ڇوڪري پرڻيو. جيئن موتين کي دبليءَ ۾ لڪائجي، تيئن هن بہ زال کي ماڻهن کان لڪائي رکيو هو. هن پوڙهي جا هڏا بہ پراڻا ٿي چڪا هئا. سو نوجوان زال لاءِ ڪنهن ڪم جو نہ هو. ان ڪري زال مڙس جو جهيڙو شروع ٿيو. پوڙهو دوستن ۽ سنگت ساٿ کي چوندو وتندو هو تہ: هن چنبيءَ زال مان ڦاسي ويس. جڏهن کان گهر ۾ پير پاتو اٿئين. تڏهن کان ڪروڌ ختم ئي نٿو ٿئي. نيٺ ڳالهہ وڃي ڪورٽ تائين پهتي.

اها ڳالهہ ٻڌي سعديءَ چيو: هن زال جو ڪو ڏوهہ ڪونهي، پلا جنهن مڙس جا هٿ پيا ٿا ڏڪن، اهو موتي پوئڻ ڇا ڄاڻي؟ چنبائپ پوڙهي جي ڇٽبي.

باب ستون

تربيت جو اثر

محنت بہ ڪنهن ماڻهوءَ تي اثر ڪندي

هڪڙو هو وزير، ان جو پٽ صفا موڳو ۽ ڪند ذهن هو. ان کي ڪنهن قابل ۽ هوشيار محنتي استاد وٽ موڪليائين، جيئن ڪيس پڙهائي هوشيار ڪري. استاد گهڻئي مغز ڪپايو پر نينگر تي ڪو اثر نہ ٿيو. نيٺ استاد تنگ اچي ٿيو. ڇوڪري کي پيءُ ڏانهن واپس موڪليائين ۽ چوائي موڪليائينس تہ: هي تہ سياڻو نٿو ٿئي، ويتر مون کي ئي چريو بنائي ڇڏيو اٿس.

چوندا آهن تہ: خراب لوهہ کي روات ڪهڙو اثر ڪندو؟ البتہ جنهن جو ذهن ۽ عقل ڪجهہ درست هوندو، تربيت بہ ان تي اثر ڪندي. ڪتي کي ستن سمنڊن ۾ وهنجاري صاف ڪجي، پر پاڪ ڪونہ ٿيندو. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو گڏهہ مڪي شريف ويندو تہ بہ موٽڻ کان پوءِ گڏهہ ئي رهندو.

هنر بادشاهہ آهي

هڪڙي داناءَ ماڻهوءَ پٽن کي نصيحت پئي ڪئي تہ: اي پيارؤ! ڪونہ ڪو هنر سکو. ڇوتہ بادشاهي توڙي دولت تي ڪو ڀروسو ڪونهي. سون چانديءَ جا سڪا، مسافريءَ ۾ ويتر وبال آهن. يا تہ چور ڦري ويندا يا پاڻ کان ئي کپي ختم ٿي ويندا. البتہ هنر واري دولت پائيدار آهي، اها دولت سدائين ساٿ ڏئي ٿي. ڏينهنون ڏينهن هنر ويندو وڌندو.

جيڪڏهن هنرمند ماڻهوءَ جا پئسا ختم ٿي وڃن يا گم ٿي وڃن، تہ ان کي ڪو فڪر نہ ٿيندو. ڇوتہ ساڻس هنر واري دولت ساڻ آهي. جتي ويندو اتي مان لهندو ۽ بي هنر پيو ڌڪا ٿابا کائيندو.

چوندا آهن تہ: پاڻ حاڪم رهي ڪري، پوءِ ٻين جي حڪم هيٺ رهڻ، وڏي مصيبت آهي. نازن ۾ پليل لاءِ ڏکن جا ڏينهن گذارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ آهي تہ: هڪ دفعي شام ملڪ ۾ اچي گهوٽالو پيو. ماڻهو لڪي جان بچائڻ ۾ پورا هئا. ٻهراڙين مان آيل سياڻا ماڻهو وزير ٿيڻ لاءِ بادشاهہ وٽ وڃي پهتا ۽ وزيرن جا چريا ڪريا پٽ گهٽين ۾ رلندا ۽ پنندا رهيا. مطلب تہ: عهدي يا دولت تي ڪو ڀروسو ڪونهي.

ٻار آهي مُڇ جو وار

هڪڙي قابل استاد وٽ بادشاهہ جو پٽ پڙهندو هو. استاد ان شهزادي کي ٻين شاگردن کان وڌيڪ مارڪٽ ڪندو هو. دڙڪا دهمان ۽ چڙٻون ڏيندو هوس. هڪ دفعي نينگر پيءُ وَٽ شڪايت ڪئي ۽ پنهنجي تان ڪپڙو پري ڪري، استاد جي مار سان ٿيل ڏنا ڏيکاريا. پيءُ جڏهن پٽ جو اهو حال ڏٺو، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ استاد کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ چيائينس تہ: استاد سائين! رعيت جي ٻارن کي ايترو بي دردي سان نٿا ماريو، جيترو منهنجي پٽ کي. ان جو ڇا سبب آهي؟

استاد وراڻيو: هن ڪري جو ڪا ڳالهہ سوچي ڇوڙڻ ۽ با اخلاق ٿي هلڻ، سڀني ماڻهن لاءِ عام طرح ضروري آهي، پر بادشاهن لاءِ اهي گڻ خاص ڪري تمام ضروري آهن. ڇوتہ هن جي زبان مان جا ڳالهہ نڪرندي، اها ملڪ ۾ پکڙجي ويندي ۽ عام ماڻهن جي چيل ڳالهہ کي اها حيثيت حاصل ناهي.

چوندا آهن تہ: ڪنهن غريب مسڪين يا فقير ۾ هڪ سؤ عيب هوندا، تہ ان جي دوستن کي هڪ جي بہ خبر نہ هوندي ۽ جيڪڏهن بادشاهہ سلامت ۾ ڪا هڪ خراب عادت هوندي، تہ اها هڪ ولايت کان ٻئي ولايت تائين پهچي ويندي. ان ڪري بادشاهہ زادي جي استاد تي لازم آهي، تہ عوام جي ڇوڪرن جي بنسبت، شهزادي جي اخلاقن سڌارڻ لاءِ گهڻو توجهہ ڏئي. جيڪو ننڍي هوندي ادب اخلاق نہ سکندو وڏي هوندي ڪيئن ڪامياب ٿي سگهندو؟ ان جو مثال ظاهر آهي تہ آليءَ ڪاٺيءَ کي جيئن وراءِ تيئن ٿئي ورندي، پر سڪل ڪاٺيءَ کي

باھ جي سيڪ ڏيڻ کان سواءِ ورائي نہ سگھيو. ان وانگر ٻار آهي مڇ جو وار، جيڏانهن ورائبس تہ پيو ورندو، وڏو ٿيو تہ پوءِ نہ سڌري سگھندو.

جيڪو ٻار استاد جي مار کائي پڪو پختو نہ ٿيندو، تہ اهو زماني ۾ ايندڙ ڏک ڪيئن سهي سگھندو.

بادشاھ کي استاد جو سھڻو جواب ڏاڍو وڻيو ۽ استاد کي گھڻا انعام اڪرام ڏنائين. ان استاد جو مان وٽس ويتر وڌي ويو.

استاد جي مار ٻار لاءِ سنوار

مغربي ملڪن مان ڪنهن ملڪ ۾ هڪ استاد کي ڏٺم. جنهن جي منهن ۾ سدائين سونڊ پيل. ڳالهائڻ ۾ بد ڪلام ۽ چيڙاڪ هو. جنهن ڪنهن کي پيو چھڙون ڏيندو هو. مطلب تہ طبيعت جو تمام تيز هو. جنهن جي نظر ان کي ڏسندي هئي، تہ اهو دل ئي دل ۾ ايذائبو هو ۽ اهو استاد جڏهن قرآن پاڪ پڙهي واعظ ڪندو هو تہ ماڻهن جي دلين کي ويتر ڪارو ڪندو هو.

شهر جا معصوم ۽ گلن جهڙا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، هن جي مار موچڙي ۾ پيا پيڙبا هئا. ڪنهن کي مجال نہ هئي جو هن جي روبرو کلي سگھي، يا اکر ڳالهائي سگھي. ڪن شاگردن جي چانديءَ جهڙن سھڻن ڳلن تي پيو چماٽون وهائيندو هو ۽ ڪن جي نازڪ ڄنگھن تي پيو سوٽيون هڻندو هو.

چون ٿا تہ ان استاد جي ڪا غلطي ماڻهن پڪڙي، سو ان کي مار ڏئي، مدرسي مان ڪڍي ڇڏيائونس.

ان کان پوءِ پڙهائيءَ لاءِ اهڙو استاد رکيائون، جيڪو نهايت پرهيزگار، نيڪ دل ۽ بردبار ماڻهو هو. ضرورت کان سواءِ اکر بہ نہ ڳالهائيندو هو. ڪنهن کي ايذائڻ وارو اکر زبان مان ڪڍندو ئي نہ هو. شاگردن کي ڇڙٻ بہ نہ ڏيندو هو. جڏهن شاگردن تان اڳين استاد جي دهشت ٽري وئي ۽ هن نئين استاد کي ملائڪن جهڙو مهربان سمجھيائون، تڏهن ارڏايون شروع ڪيائون. استاد جو حلم ڏسي، علم کان پري ٿيندا ويا. گھڻو وقت راند روند ۽ ڪچھرين ۾ پيا گذاريندا هئا ۽ وقت بہ وقت قرهين سان هڪ ٻئي جا مٿا پيا ڦاڙيندا

هئا. ڀلا استاد جو ڪجهہ نہ چوندو تہ شاگرد گهٽين ۾ اکيوٽ نہ ڪيڏندا تہ ٻيو ڇا ڪندا؟

اتفاق سان ٻن هفتن کن کان پوءِ، ان مسجد ۾ مدرسي جي پرسان لنگهيس. معلوم ٿيو تہ محلي جي ماڻهن پهرئين خار باز استاد کي پرچائي، خوش ڪري، ساڳي جاءِ تي استاد مقرر ڪيو آهي. اهو ٻڌي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. لاحول ولا قوة الا بالله پڙهيم ۽ چيم تہ: هن ملائڪ صفت استاد کي ڪڍي، هن ابليس کي استاد ڇو ڪيو اٿن؟ اتي هڪڙو تجربيڪار ۽ ڀوڳائي پوڙهو ويٺو هو. ان منهنجا اکر ٻڌي کلي ڏنو ۽ چيائين تہ:

هڪڙو هو بادشاهہ. ان پنهنجو پٽ، پڙهڻ لاءِ مڪتب ۾ موڪليو. ان کي چانديءَ جي پٽي ٺهرائي ڏنائين. مٿان سون جي پاڻيءَ سان هي اکر لکرايائين تہ: "پيءُ جي پيار کان، استاد جي مار ڀلي آهي."

اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي

هڪڙي نيڪ بزرگ جي صاحبزادي کي، چاچن جي ورثي مان تمام گهڻي ملڪيت هٿ آئي، پوءِ تہ گناهہ مٿان گناهہ پئي ڪيائين. اجايو دولت پئي اڏايائين. ڪو اهڙو گناهہ نہ هو جيڪو هن نہ ڪيو هجي ۽ ڪو اهڙو نشو نہ هو جيڪو هن نہ واپرايو هجي. هڪ دفعي ان صاحبزادي کي نصيحت ڪندي چيم: اي پٽ! اپت ۽ آمدني آهي وهندڙ پاڻي وانگر. خرچ ۽ روانگي آهي، پاڻيءَ تي هلندڙ چڪيءَ وانگر. جيترو پاڻي تيز هوندو چڪي بہ اوترو ئي هلندي يعني گهڻو خرچ اهو ڪري، جنهن جي ڪشادي اپت هجي. جڏهن تو وٽ آمدني آهي ڪانہ، تہ خرچ کي هٿاءِ، ڪجهہ سنڀالي پئسا ڪپاءِ. ملاح هڪڙو گيت ڳائيندا آهن، جنهن جو هي مطلب آهي تہ: جيڪڏهن جبلن تي مينهن نہ وسندو تہ ندي ڇا تي وهندي؟ يعني ندي بہ سڪي ٺوٺ ٿي ويندي.

ڪجهہ پنهنجو عقل ڏار، اجايا خرچ ڇڏ! سوڙ آهر پير ڊگهير. ڪجهہ هوندئي تہ اوکيءَ ويل ڪم اچي سگهندئي. نہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين.

صاحبزادو هو عيش عشرت تي هريل، تنهن کي منهنجي ڪيل نصيحت سمجهه ۾ نه آئي. ويتر مون تي اعتراض ڪندي چوڻ لڳو: اڄوڪي نقد نفعي کي سڀاڻي جي اڌاري ڳڻتيءَ تي ڇو وڃايان. جنهن جو بخت بالا ٿيو اهو اجايو ڏک ڇو ڏسي. اڄ جي خوشيءَ کي ڇڏي، سڀاڻي جي ڳڻتي ڪو بي عقل ڪندو.

جڏهن منهنجو ڀاڳ وريو آهي، ته سخاوت ڇو نه ڪريان؟ موڏائپ ڪري خوار ڇو ٿيان؟ هينئر ڏس ته سڄي ملڪ ۾ منهنجي سخا جي هاڪ پئي هلي. جنهن جو هٿ سخاوت تي هري ويو، ته اهو پئسا ڳنڍ ۾ ٻڌڻ ڪيئن ڄاڻندو؟ جڏهن ڏٺم ته: هن نينگر تي منهنجي نصيحت ڪو اثر نٿي ڪري، ويتر وڃي ٿو گرم ٿيندو. تڏهن مون نصيحت ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ ان جي دوستيءَ کان پاسائتو رهڻ لڳس. سياڻن جو چوڻ آهي ته: تنهنجو ڪم آهي نياپو پهچائڻ، پوءِ اڳلو مڃي چاهي نه مڃي. جيڪا نصيحت چوٽي اٿئي، سا چئي ڏي. جيتوڻيڪ يقين هجي ته اڳلا ٻڌندا ئي ڪونه (پوءِ ماٺ ڪري ويهه) سگهوئي ڏسندين ته نصيحت کي ٺڪرائيندڙ وڏائي خور، ٻه ٽنگو ڦاٿو پيو هوندو ۽ پڇتائيندو ته: هاءِ افسوس! جيڪر فلاڻي عقلمند جي نصيحت مڃيان ها، ته هي ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.

بهرحال ائين ئي ٿيو جنهن جو مون کي خطرو هو. ان صاحبزادي جو بڇڙو حال مون پنهنجين اکين سان ڏٺو. چٿين مٿان چٿيون هڻي، ڪپڙا ڍڪيندو هو. ڳپي ٽڪر لاءِ محتاج هو. ان جا هيٺا حال ڏسي، منهنجي دل پرجي آئي، پر اهڙي حال ۾ ملامت ڪري ان جا زخم تازا ڪرڻ ۽ ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ مناسب نه ڄاتم. پوءِ دل ئي دل ۾ چيم ته: جيڪو بي عقل اڄ نشي ۽ ننڊ ۾ آهي، سڀاڻي لاءِ ڪجهه نٿو سوچي، اهو ان وڻ وانگر آهي، جيڪو بهار جي موسم ۾ ڇهڇ سائو هجي، پر سياري جي سرديءَ ۾ پنن جي اوڇڻ کان خالي بيٺو هجي.

نصيب اپنا اپنا

هڪڙي بادشاهه پنهنجو پٽ ڪنهن قابل استاد جي حوالي ڪيو ۽ چيائينس ته: هن نينگر جي تربيت به ائين ڪجانءِ، جيئن پنهنجي

پٽن جي تربيت ڪرين. استاد پنهنجي وس آهر سالن جا سال محنت ڪئي، پر شهزادي ڪجهہ بہ نہ پرايو. هوڏانهن استاد جا پٽ عقل جا اڪابر ۽ علم جا ماهر ٿي چڪا هئا. بادشاهہ ان استاد کي گهرائي ڏوراپو پئي ڏنو تہ: تو مون سان واعدو ڪيو هو، پر اهو ڪونہ پورو ڪيئي. تنهنجا پٽ ماهر بڻجي ويا ۽ مون وارو سڪيلڌو اهوئي اڻ پڙهيو رهجي ويو.

استاد با ادب ٿي عرض ڪيو تہ: سائين! مون تعليم هڪجهڙي پئي ڏني ۽ محنت ۾ بہ ڪونہ گهٽايم، پر سيني جون طبيعتون ۽ ذهن هڪجهڙا نہ آهن، ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟ توهان کي معلوم هوندو تہ سون چاندي برابر جبلن مان ملندا آهن، پر سيني پٿرن ۾ سون چاندي نہ هوندو آهي. هر هڪ تي هڪجهڙا سج چنڊ تارا پيا ايرن ۽ لهن پر هر هڪ جو نصيب پنهنجو پنهنجو آهي.

رزق بدران رزاق کي ياد ڪر

هڪڙي مرشد پنهنجي مريد کي پئي سمجهايو تہ: ابا! انسان جيترو فڪر روزيءَ لاءِ ٿو ڪري ۽ جيترو تعلق رزق سان ٿو لڳائي، ايترو تعلق رزق رسائيندڙ رزاق سان لڳائي تہ جيڪر ملائڪن جي مرتبي تي پهچي وڃي.

اي انسان! سوچ تہ سهي! جڏهن تون نطفو هئين، توکي هوش وحواس ڪونہ هو، تہ بہ رب توکي نہ وساريو. ساهہ وڌائين، عقل ۽ علم عطا ڪيائين، حسن، زبان، سوچ ۽ بيان عنايت ڪيائين. هوش ۽ حواس ڏنائين. ڪلهي ۾ بہ بازو ۽ هٿن ۾ ڏهہ آڱريون وڌائين. اي نادان انسان! پوءِ تو ڪيئن سمجهيو؟ تہ اهو رب هاڻي توکي وساري ڇڏيندو.

ذات نا هي ذات تي

هڪڙي ڀهراڙيءَ جي رهاڪو ماڻهوءَ کي ڏٺم، جيڪو پنهنجي پٽ کي چئي رهيو هو: اي پٽڙا! قيامت جي ڏينهن توکان هي سوال ڪندا تہ: تنهنجا عمل ڪهڙا آهن؟ ائين نہ پڇندا تہ: تون ڪهڙي خاندان مان آهين ۽ ڪنهن جو پٽ آهين؟

ڪعبي جي غلاف کي ڏسو تہ اهو ڪپڙو پٽ ڪيئين مان جڙيو آهي، پر ڪجھ ڏينهن ڪعبي جي سنگت ۾ رهيو آهي تہ ان جو قدر وڌي ويو آهي، جو ماڻهوان کي چمن پيا.

جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي

حڪمت جي ڪتابن ۾ پڙهيو اٿم تہ: وڇون ائين نہ ڄمندو آهي جيئن ٻيان حيوان ڄمن ٿا. ڇون ٿا تہ وڇون جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ وڏي وڏڙا ٿيندا آهن، تڏهن اول ماءُ جي آنڊن ۾ پيٽ کي ڪائي، پوءِ ٻاهر نڪرندا آهن. ڪٽي ڪٽي وڇونءَ جون کلون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، اهي ان طرح ٿينديون آهن.

اها ڳالھ ڪنهن بزرگ سان ڪيم. هن چيو تہ: تو بلڪل سچ چيو. جيڪو وڇون پنهنجي ماءُ کي چڱائيءَ جو بدلو ائين ٿو ڏئي، سو ٻين سان ڪهڙي چڱائي ڪندو ۽ جهڙي چال هو ننڍي هوندي ماءُ سان هليو. وڏي هوندي سڀ ڪو وڇونءَ سان بہ اهڙي ڪار ٿو ڪري. ڪنهن پيءُ پنهنجي پنهنجي جوان پٽ کي نصيحت پئي ڪئي تہ: اي پٽڙا! جيڪو پنهنجي وڏن جي عزت نٿو ڪري، تہ وڏي هوندي ان جي عزت نہ ٿيندي.

ڪنهن وڇونءَ کان پڇيو تہ: سياري ۾ ٻاهر ڇو نٿو نڪرين؟ هن وراڻيو: اونهاري ۾ منهنجي ڪهڙي عزت آهي؟ جو سياري ۾ نڪران ۽ مان ماڻيان.

اڻ سڌريل اولاد

هڪڙي فقير جي زال يعني فقرياڻي اميد واري هئي. فقير ويچارو سڄي عمر اولاد لاءِ سڪايل هو. جڏهن ٻار ڄمڻ جو وقت ويجهو ٿيو، تڏهن فقير چوڻ لڳو تہ: جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي پٽ عطا ڪيو تہ هن گودڙيءَ کان سواءِ سڀ ڪجھ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندس. اتفاق سان پٽ ڄائو پوءِ تہ خوشيءَ ۾ فقيرن کي ڏاڍيون دعوتون ڪارايائين.

ڪجھ سال گذريا تہ آئون شام ملڪ جي سفر تان واپس آيس. فقير واري پاڙي ۾ پهچي، سندس حال احوال پڇيم. پتو پيو تہ فقير جيل ۾ پيو آهي. چيم تہ: ڪهڙي سبب جيل ۾ پهتو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو تہ:

فقير جي پٽ شراب پيتو ۽ جهيڙو ڪري هڪ ماڻهو ماريو، هتان ڀڄي هليو ويو آهي. ان جي عيوض پيءُ کي پڪڙي، هٿڪڙي هڻي جيل ۾ بند ڪيو اٿن. مون چيو تہ: ويچاري فقير الله کي ٻاڏائي اها مصيبت گهري ورتي هئي.

سياڻن چيو آهي تہ: ڪنهن چڱي ماڻهوءَ جي زال ٻار ڄڻڻ وقت نانگ ڄڻي تہ اهو ان کان بهتر آهي، جو ڪيس نالائق پٽ ڄمي.

بالغ ٿيڻ جون نشانيون

آئون ننڍو هوس، تڏهن هڪڙي بزرگ کان پڇيم تہ: بالغ ٿيڻ جي نشاني ڪهڙي آهي؟ چيائين تہ: ڪتابن ۾ ٽي نشانيون آهن. (1) عمر 15 سال ٿيڻ. (2) احتلام (ٽڙ) پوڻ. (3) هينيان وار ڦٽڻ. پر حقيقت ۾ بالغ ٿيڻ جو هڪ ئي نشان آهي، تہ پنهنجي نفس کي خوش ڪرڻ کان الله کي خوش ڪرڻ وڌيڪ سمجهي. جنهن ۾ اها وصف ناهي، دانائن وٽ اهو اڃا بالغ ئي نہ ٿيو آهي.

پاڻيءَ جو قطرو ماءُ جي پيٽ ۾ چاليهہ ڏينهن رهي ٿو تہ انساني صورت وٺي ٿو ۽ ڄمڻ کان پوءِ جيڪڏهن چاليهن سالن جي عمر تائين عقل ۽ ادب نہ سکيو تہ ان کي انسان سڏڻ ئي غلط آهي.

انسانيت سٺن گڻن، ادب ۽ اخلاق جو نالو آهي، انساني جسم جو نالو انسان ناهي. صورت کي انسان چئجي ها، تہ پوءِ پٽ تي چاپيل يا مٽيءَ مان ٺهيل ماڻهوءَ جي ماڊل کي بہ ماڻهو چون ها. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ انسانيت وارا ادب نہ آهن، تہ پوءِ هن ۽ مٽيءَ مان جڙيل ماڊل ۾ ڪو فرق ڪونهي. پئسن ڪمائڻ کي ڪوبہ هنر ۽ خوبي ڪونہ چوندو. البتہ ڪنهن جي دل کي جائز طرح خوش ڪرڻ کي انسانيت چئبو آهي.

پلاري سفر جا ادب

هڪڙي دفعي پنڌ ويندڙ حاجين سڳورن جي جماعت ۾ جهيڙو ٿي پيو. آئون پاڻ بہ ان قافلي ۾ موجود هوس. اهڙو وڙهياسين، جو هڪ ٻئي جا منهن مٿا پڳاسين. هڪڙو درويش، اٺ تي ڪجائي ۾ چڙهيل هو. هي لقاءُ ڏسي، پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي چيائين: هنن حاجين کان تہ هي اٺ پلو

چئبو جيڪو ماٺ ميٺ ۾ سفر جون منزلون طئہ ڪندو رهي ٿو ۽ هي انسان ڪهڙي پلي پار پهچڻ لاءِ سفر ڪن پيا ۽ ڪيئن پيا هڪ ٻئي کي ڪٽين ۽ مٿا ڦاڙين.

اي دوستا! هنن حاجين کي چؤ تہ: توهان رڳو ظاهري احرام ٻڌو آهي، باقي حاجي توهان ناهيو. حاجي تہ هي ويچارو اٺ آهي، جيڪو لٺيون، لوا ۽ ڪرڙ ڪنڊا کائي، پنيءَ تي بار کڻي، صبر سان حج جو سفر طئہ ڪري رهيو آهي.

ڪکائون گهر ۾ آتشبازي

هڪڙي هندوءَ جو گهر ڪکائون هو جنهن ۾ آتشبازي سکي رهيو هو. ڪنهن داناءَ چيس: ڀائي! تنهنجو گهر ڪکائون آهي، اها راند توکي نٿي جڳائي. متان راند ڪندي، جهڳو رک ڪري وجهين.

اڻ ڄاڻ تي ڪهڙي ميار

هڪڙي ماڻهوءَ جون اکيون اٿي پيون ۽ دوا لاءِ جانورن جي ڊاڪٽر وٽ ويو. اهو ڊاڪٽر جيڪو علاج جانورن جو ڪندو هو. اهڙو هن ماڻهوءَ جو بہ ڪيائين. ان سان هن جي اک ختم ٿي وئي. پوءِ وڃي ڊاڪٽر تي ڪيس ڪيائين تہ منهنجي اک هن ختم ڪئي آهي. قاضيءَ فيصلو ٻڌايو تہ: ڊاڪٽر تي ڪو ڏنڊ ڏوهہ نہ آهي، ڇوتہ هي ڍور هو تڏهن تہ علاج لاءِ ڍورن جي ڊاڪٽر وٽ ويو. ان مان هي سبق ٿو ملي تہ جڏهن ڏسجي تہ ڪنهن ماڻهوءَ ۾ تجربو ۽ آزمودو نہ آهي، تہ ڪو وڏو ڪم ان جي حوالي نہ ڪجي، نہ تہ اجايو پيشمان ٿيڻو پوندو ۽ ڏوهہ هن اڻ آزمودگار تي هڻندو.

پلا! تڏن ناهڻ واري کان غاليچي ناهڻ جو ڪم ڪيئن وٺبو؟ جيڪو ائين ڪري، اهو چريو ئي چئبو.

قبر تي تختي

ڪنهن بزرگ امام جو پٽ وفات ڪري ويو. ماڻهن پڇيس تہ: نينگر جي قبر تي تختي ٿا هڻون. ان تي ڇا لکون؟ بزرگ فرمايو تہ: قرآن پاڪ جي آيت جي عزت تمام وڏي آهي. ان ڪري قرآني

آيتون قبر تي ڪونہ لکيون. ڇوتہ سياڻي قبر ڊهي پوندي تہ تختي هيٺ ڪري پوندي يا ماڻهو پيا اتان لنگهندا. ڪڏهن قبرن تي ڪتا پيا ڪيڏندا. پر جيڪڏهن توهان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکڻ چاهيو ٿا. تہ منهنجي پٽ جي قبر تي هي فارسي بيت لکي ڇڏيو اهوئي ڪافي آهي.

وہ کہ هرگہ کہ سبزہ دربستان. بد ميدي چہ خوش بدي دل من.
بگذراي دوست تابوقت بهار. سبزہ بيني دميده برگل من

ترجمو: ڪڏهن باغ ۾ ڇهچ ساوڪ پيدا ٿيل ڏسي، منهنجي دل بهار ٿيندي هئي ۽ هاڻي، اي منهنجا دوستا بهار جي موسم ۾ تون منهجي قبر تي اچي ساوڪ ڏسجانءِ

زيردستن تي سختي

هڪڙو درويش ڪنهن شاهوڪار امير وٽان اچي لنگهيو. ان وقت اهو امير پنهنجي هڪ غلام کي چوڪنيو ھڏي، مارڪٽ ڪري رهيو هو. اهو ڏسي درويش کان رهيو نہ ٿيو ۽ وڃي شاهوڪار کي چيائين: اي پٽ! هي تو وانگر خدا جو خلقيل انسان آهي. الله ڪٿي هن کي تنهنجو تابعدار بنايو آهي. توکي الله اها فضيلت عطا ڪئي آهي. توکي تہ الله جي ان نعمت جو شڪر ڪرڻ گهرجي. هن تي هيڏو ڏاڍ نہ ڪر! متان هيئن ٿئي جو قيامت ڏينهن هو توکان پلو تي اٿي ۽ تون ان آڏو پيو شرمسار ٿين.

زيردست خادمن تي گهڻي ڪاوڙ نہ ڪجي، انهن جي دل نہ ڏکوئجي، مٿن ظلم نہ ڪجي، ڇوتہ هو چند پئسن جي ڪري تو وٽ بيلي بنيو آهي. تو هن کي خلقيو ڪونهي. هيءُ تنهنجي آڪڙ بہ چند ڏينهن آهي. توکان وڏو الله آهي. اي رئيس! توکي گهرجي تہ الله کي ياد ڪر. جنهن جو تون خلقيل آهين.

هڪ حديث ۾ آهي: رسول الله ﷺ جن فرمايو: قيامت ڏينهن وڏي ۾ وڏي حسرت هيءُ هوندي، جو نيڪ غلام ۽ نوڪر بهشت ۾ ويندا. بدڪار ۽ ظالم رئيس دوزخ ۾ ويندا.

ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ: هيءُ خادم اڄ تنهنجي خدمت ۾ فرمانبردار اهي، ان تي گهڻي ڪاوڙ نہ ڪر. متان سياڻي تون زنجيرن ۾ جڪڙيل هجين ۽ هو آزاد هجي.

ٻتاڪي پهلوان جي ڳالهہ

هڪڙي سال شامي ساٿين سان گڏ بلخ شهر کان نڪري، سفر تي روانا ٿياسين. رستي ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو وڏو خطرو هو. رستي ڏيکارڻ لاءِ هڪ پهلوان جوان، اسان جو سونهون هو وڏو تير انداز ۽ هٿياربند هو. طاقت ايتري هئس جو ڏهہ پهلوان گڏجن، تہ بہ هن جي پٺي پٽ لڳائي نہ سگهن ۽ نہ ان جي ڪمان کي موڙي سگهن. پر اهو پهلوان عيش آرام ۾ پلجي وڏو ٿيو هو جهان ۾ هن ڌڪ ڌاڪڙا اصل نہ ڏٺا هئا. ان ڪري مقابلي جو تجربو بنهہ ڪونہ هوس. هن ڪڏهن ڪنهن پهلوان جي هنيانءَ ڌاريندڙ هڪل ڪنين نہ ٻڌي هئي. ڪٿي مقابلي جو نظارو تلوارن جا چمڪاٽ، يا ڦنڊ ۽ ڦنجڻ تہ ڏٺوئي ڪونہ هئائين، نہ ڪڏهن ڪنهن دشمن جي ور چڙهيو هو ۽ نہ ڪڏهن تيرن جي وسندڙ بارش جو لقاءُ ڏٺو هئائين.

آئون ۽ اهو پهلوان مڙس، هڪ ٻئي سان ڊوڙون پڄائيندا، لڪ لتاڙيندا پئي هلياسين، آئون حيرت ۾ هوس، جو رستي ۾ ڪا پراڻي ڀت ٿي آئي تہ هن نوجوان ان کي تڏي سان پئي ڪيرايو ۽ واٽ ۾ بيٺل وڻن کي ٻانهن جي ٻل سان پاڙان پٽي پئي اڇلايائين. فخر مان هيئن چوندو پئي هليو: ڪو هاٿي هجي تہ چنگهون تڪر ڪري رڪانس، ڪو شينهن سامهون هجي تہ ڏونگهو ڏاري وجهانس. واقعي قدرت واري هن کي جان ۾ ايڏي طاقت ڏني بہ هئي. اتفاق هيئن ٿيو جو جيئن ڳالهيون ڪندا پئي هلياسين ۽ هو پهلوان ٻتاڪون هڻندو پئي هليو تہ اوچتو ڪنهن جبل مان ٻہ چور نڪتا، هڪڙي کي هٿ ۾ لٺ هئي، تہ ٻئي کي وتوهڙ. اسان تي وڙهڻ لاءِ الر ڪيائون. مون پهلوان ساٿيءَ کي چيو: هاڻي همت ڪر. دشمن متان اچي ڪڙڪيا آهن. چرين چورن جي ڦتي آهي، جو تو جهڙي پهلوان تي الر ڪئي اٿن. پر ڏٺم تہ هن پهلوان جون چنگهون ۽ هٿ پيا ڏڪن. تير ڪمان جيڪي هٿن ۾ هئس، اهي بہ ڪري پيس.

هن شينهن مار همراهہ جا اهي حال ڏسي، منهنجا بہ ڍيڪ ڍرا ٿي پيا. ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي پنهنجا هٿيار ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪياسون ۽ هٿين خالي ٿي، پڄي جان بچائي سون. پوءِ دل ۾ چيم تہ: هن قسم جي مقابلن ۾ ڪو تجربيڪار ماڻهو پڄي سگهندو. اهو تجربو ٿي چئبو جو هيڊو ماڻهو اٽڪل سان ڪاوڙيل شينهن کي پڃري ۾ بند ڪري ٿو سگهي. باقي پهلوان ڪيڏي بہ طاقت وارو هجي ۽ لڙڻ نہ ايندس تہ اهو ڇا ڪري سگهندو؟

جيئن شرعي مسئلو ڪنهن ڄاڻو عالم کي ئي ايندو، تيئن لڙڻ بہ جنهن ڪنهن جو ڪم نہ آهي، ان لاءِ تجربو گهرجي.

پڪي ۽ ڪچي قبر

هڪڙي شاهوڪار جو پٽ، پنهنجي پيءُ جي پڪي قبر وٽ ويٺو هو ۽ ان جي ويجهو هڪ مسڪين جو ٻار پنهنجي پيءُ جي ڪچيءَ قبر وٽ ويٺو هو. اميرڙو ٻار، غريب ڇوڪر کي چئي رهيو هو تہ: منهنجي ابي جي قبر ڏسين ٿو؟ ڪهڙي نہ ڀلي نهيل آهي. قيمتي پٿر سان ٺڏل ٺني. چوڌاري سنگ مرمر جو ٺڏل فرش، رنگين اڪرن سان اڪريل پٿر جي تختي مٿن ڪان لڳل، فرش کي چوڌاري فيروزي پٿر جون سرون جڙيل اٿس. ۽ تنهنجي جي پيءُ جي قبر تي مٽيءَ جا بہ لپا لڳل ۽ چار ڪچيون سرون رکيل آهن، ٻيو ٿيو خير. غريب جي ٻار اهو ٻڌي چيو تہ: ادا! جيسين تنهنجو پيءُ هي پٿر پٽي، قبر مان ٻاهر نڪرندو تيسين منهنجو پيءُ ڪچي مٽيءَ مان اٿي بهشت بہ پهچي ويندو.

اها تہ توکي خبر آهي تہ: جنهن تي ٿورو بار هوندو آهي. اهو آسانيءَ سان تڪڙو هلي سگهندو آهي ۽ جنهن تي گهڻو بار هوندو ان لاءِ هلڻ ئي لاچار ٿي پوندو. هت جيڪو غريب بکون پيو ڪاٽي ۽ ڳڻتين ۾ پيو ڳري، ان لاءِ مرڻ آسان آهي، پر جيڪو عيش عشرت ۾ حياتي ٿو گذاري، ان جو موت بہ ڏکيو آهي. اهو هن جهان جي مزن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿيندو. ظاهر آهي تہ جنهن قيديءَ کي قيد مان آزادي ملي ٿي، اهو ان رئيس کان گهڻو خوش هوندو. جنهن کي بنگلي مان ڪڍي وچي جيل ۾ وجهن.

ندوري نفس جون سڏون

هڪڙي بزرگ وٽ هيءَ حديث پڙهي مطلب پڇيم:

أَعدَىٰ عَدُوِّكَ نَفسُكَ الَّتِي بَينَ جَنبَيكَ

تنهنجو سڀ کان وڏو دشمن تنهنجو نفس آهي، جيڪو تنهنجي ٻن پاسرين جي وچ ۾ آهي.

بزرگ حديث جو مطلب سمجهائيندي چيو تہ: ڪهڙي بہ دشمن سان چڱائي ڪبي، تہ دوست ٿي سگهي ٿو پر نفس ندوروائين نہ آهي، جيترو گهڻو خوش ڪرينس، اوترو گهڻي مخالفت ڪندو.

جيڪو ماڻهو ٿورو کائيندو، اوترو ملائڪ صفت ٿيندو ۽ جيڪو ڍورن وانگر پيو اَٽَ پَٽُ چرندو اهو پٿر دل ٿيندو ويندو.

جنهن بہ ماڻهو جي مراد پڄائبي، تہ اهو فرمانبردار ٿي پوندو پر نفس جا حڪم جيئن مڃ تيئن ويندو سرڪش ٿيندو ۽ حڪم وڌائيندو.

هڪ فقير سان سعديءَ جو مناظرو

هڪڙو ماڻهو ظاهر ۾ فقير پئي ڏسڻ ۾ آيو. پر اندر ۾ ٻيو ڪجھ هو. ان کي ڏنمر تہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو. اتي جاڙي پئي هنيائين، پرائي پچار پئي ڪيائين. گلا جا دفتر کڻي کوليائين. شاهوڪارن جي شڪايت وات پري پيو ڪري، چئي رهيو هو: فقيرن ويچارن وٽ پئسو آهي ڪونہ. جو اهي سخا ڪن ۽ جن وٽ پئسو آهي، انهن جا هٿ سخا کان سڪل آهن.

مون تي ڪيترن اميرن جا احسان ٿيل هئا. اهي اجا وسريا نہ هئا. سو مون کي هن فقير جي ڪيل ڳالھ ڏاڍي ڏکي لڳي. چيومانس: اي دوست! اهي شاهوڪار ئي غريبن سان تعاون ڪندا آهن ۽ فقيرن جي سار لهندا آهن. اميرن جون اوطاقون، مسڪينن لاءِ مسافر خانا آهن. ڪيترن هيڻن جا همراھ آهن. ڪيترا تہ اهڙا امير بہ آهن، جو پهرياٿين مسافرن، نوڪرن چاڪرن کي کارائي پياري، پوءِ وڃي پاڻ ماني کائين. رنڙ زالن، ڪمزور ڪراڙن، ماٽن ۽ پاڙيسرين جا خرچ پڪا بہ امير ئي برداشت ڪن ٿا. هي زڪواتون، فطرا، قربانيون، صدقا، خيراتون، اهي سڀ هونديوارا ئي تہ ڪن ٿا. انهن سان تون ڪيئن پڄي سگهندين؟

جو رڳو مفت جا ٻه نفل مس پڙهي سگهين ٿو. سي به پريشانيءَ ۾ پڙهندين. نيت نماز جي هوندئي ۽ خيالن ۾ ڳتيون ۽ پريشانيون.

عبادت ۽ سجدن جي طاقت به هوندي وارن کي آهي. صاف ستري لباس سان جسم به انهن جو ڏکيل آهي. گهٽين ڳتين کان بچيل به اهي آهن. ان ڪري نماز ۾ دل به انهن جي لڳندي. توکي پيٽ ۾ بک جي پوليس لتل هوندي ۽ اورت پيا ايندئي، ته نماز ۾ دل ڪهڙي لڳندئي؟ سکيو ماڻهو نماز جي تڪبير چوندو ته بکيو پيٽ ٽڪر لاءِ هيڏي هوڏي واجهائيندو. جنهن کي گذران جو فڪر نه رهيو ته عبادت ۾ دل آسانيءَ سان لڳائي سگهي ٿو.

ڪنهن عرب چيو پئي ته: اي الله! مون کي اهڙي سچائيءَ کان بچائجانءِ، جو اونڌي منهن زمين تي پيو هجان ۽ بجڙي پاڙيسيريءَ کان به بچائجانءِ ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته: سچائي ٻنهي جهانن جي ڪار منهائي آهي.

اتي هن فقير ڳالهايو چيائين: هيءَ حديث ڪانه ٻڌي اٿئي ته: اَلْفَقر فَخري (مسڪيني منهن جو فخر آهي) مون چيومانس: ماٺ ڪري ٻڌ! حضور جن اهڙي مسڪين جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪو رب جي رضا تي راضي رهي. انهن فقيرن جي ڳالهه ڪانهي، جيڪي گودڙي فقيراڻي پائي گرهه گرهه لاءِ پريشان رهن. اوهان آهيون ڍُهل وانگر، ٻاهر لڙ گهڻو پر اندر خالي. ٻڌاءِ ته سمر ئي نه هوندو ته سفر جو ڇا سوچي سگهبو. واقعي اهڙا مرد آهيو ته لالچ جا منهن بند ڪريو. باقي اهي هزار داڻن واريون تسبيحون، هٿن ۾ ڪٽي نه گهمو.

اهڙن فقيرن لاءِ خود حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي:

ڪَادَ الْفَقْرُ اَنْ يَّكُوْنَ كُفْراً

(ڪا سچائي ڪفر تائين به پهچائيندي آهي).

ڀلا! جنهن سچي وٿ ڪجهه به نه هوندو اهو ڪنهن اگهاڙي کي ڇا ڍڪائي سگهندو؟ يا ڪنهن اڙئي کي ڪيئن ڪم اچي سگهندو؟ ڪنهن بکئي کي ڇا کارائي سگهندو؟ حضرت محمد ﷺ جن فرمايو:

اَلْيَدُ الْعُلْيَا خَيْرٌ مِنَ الْيَدِ السُّفْلٰي

(مٿيون هٿ (ڏيڻ وارو) هيٺئين هٿ (وٺڻ واري) کان بهتر آهي).

جنهن وٽ ڪجهہ نہ هوندو ان جو هٿ ڇا ڪلندو. قرآن شريف ۾ بهشت وارن جي وصف بيان ٿيل آهي.

أُولَٰئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَعْلُومٌ

(بهشت وارن ڪي مقرر رزق عطا ٿيل هوندو).

جيئن سخت اڃايل ماڻهو خواب ۾ رڳو پاڻيءَ جي چرئي چر ڏسي، اي فقير! تنهن جو حال بہ ائين ٿو ڏسان.

مون ايترو مس چيو تہ فقير صفا آپي کان نڪري ويو. وڏيڪ صبر نہ ڪري سگهيو. ڪاوڙ مان چيائين: اي سعدي! تون وات ڦاڙي شاهوڪارن جي تعريف ائين ٿو ڪرين، ڄڻ تہ غربت جي زهر جو ترياق آهن ئي شاهوڪار ۽ مسڪينن جي رزق جي ڪنجي آهي ئي انهن جي هٿ ۾. حالانڪ سڀ شاهوڪار آڪڙيل ۽ مغرور هوندا آهن. اهي تہ غريبن کان نفرت ڪندا آهن. اهي پئسي جا پوڄاري ۽ مايا ۾ اهڙا مست آهن، جو ڳالهائيندا ڪياڙيءَ سان آهن. ٻين کي ڏسن ئي حقارت سان. عالمن سڳورن کي پينو ڇوَن. فقير جو طعنن ۽ مهڻن سان ساهہ سڪايو ڇڏين.

پئسي جي مَوَ ۾ پاڻ کي مٿيرو سمجهن ۽ ٻين کي گهٽ ڄاڻن. انهن کي دانائن جي هن قول جي خبر ئي نہ آهي تہ: جيڪو الله جي اطاعت ۾ گهٽ آهي ۽ ملڪيت اڻ مئي اٿس تہ اهو ظاهر ۾ تونگر آهي ۽ حقيقت ۾ ترڙ سڄو آهي. چوندا آهن تہ: جيڪو بنا ڪنهن خوبيءَ ۽ خصلت جي رڳو دولت جي ڪري آڪڙ ڪري ٿو اهو انسان نہ پر گڏهہ آهي.

مون چيومانس: سيني شاهوڪارن لاءِ ائين چڙو اگهہ تي نہ ڳالهاءِ. ڇوتہ جهان ۾ جيڪا سخا آهي، سا بہ انهن اميرن ۾ ئي آهي. مون کي چيائين: سعدي! هاڻي ماٺ ڪٽي ڪر. تون صفا غلط ٿو ڳالهائين. شاهوڪار سڀ پئسي جا پوڄاري آهن. اهڙو ڪڪر ڪهڙي ڪم جو؟ جنهن مان ڦڙي نہ وسي، ۽ ان سج مان ڇا فائدو؟ جنهن جي روشنيءَ کان سڀ محروم رهن . هي بہ ائين آهن، پئسن جي ڍڳ تي چڙهيا ۽ نانگ بڻيا وينا آهن. ڏوڪڙ بہ ڪونہ ڏيندا. جيڪڏهن ڪنهن کي پئسو پائي ڪٽي ڏيندا، تہ سهائي سهائي غريب جو ساهہ ئي ڪڍي ڇڏيندا.

سڄو ڏينهن ڀيچ ڀچان ۽ هڻ وٽ ڪري، ڏوڪڙ گڏ ڪن، پوءِ مٿس چوڪيدار ٻڌجي ويهي رهن. مرندا تہ حسرتون پاڻ سان کنيو ويندا. دولت

هٿ چڙهيو ويندا. ڪنهن داناءَ جو چوڻ آهي ته: موذيءَ جو مال، زمين مان تڏهن نڪرندو جڏهن پاڻ زمين ۾ پوربو. جنهن ڏک ڏسي مال ميڙيو، ان کونه چکيو ۽ جن وارثن ڪجهه نه لوڙيو پئسا انهن جي ور چڙهي ويا.

مون چيو: اي فقير! توکي ايندو ئي آهي پنڻ. توکي ڪهڙي خبر ته بخيلي ڇا آهي ۽ سخا ڇا آهي؟ اها خبر ان کي پئجي سگهندي، جيڪو پاڻ بي طمع هجي. توکي پنندي ڪنهن ڏوڪڙ نه ڏنو، ته تو وٽ بخيل بڻجي پيو.

فقير وراڻيو: مون تجربو ڪيو آهي ته امير ماڻهو در تي اهڙا تيز طبع نوڪر رکندا آهن، جن کي چڱي مٺي جي ڪا تميز نه هوندي آهي. ڪيترن غريب حاجتمند ماڻهن کي اندر ڇڏائيندا ئي نه. ٻاهران ئي چوندا ته اندر ڪير ڪونهي. عمر ۾ انهن سچ نه ڳالهايو هوندو سدائين اٽن ڪوڙ سان ڪم. ڀلا! اهڙو ماڻهو جنهن ۾ سچ ڳالهائڻ جي عادت هجي، اهو درباني ۽ اميرن جي ماني ڪيئن ملهائيندو؟

مون چيو: دوستا! اهو به هن ڪري جو فقيرن جي ٽولن هنن کي تنگ ڪري ڇڏيو آهي. آئون يقين سان ٿو چوان ته: ريگستان جي واري موتي بڻجي پوي، ته اها به فقيرن جي بک کانه پليندي ۽ هنن جي اک نه ڍاپندي جيئن ماڪ سان کوهه نه ڀرجي سگهندو، تيئن حريص ماڻهوءَ جي دل ڪيتري به دولت سان ڪانه ڀربي. لالچي ماڻهو عزت ذلت کي نه ڏسندو آهي ۽ نڪو آخرت جو خوف ئي هوندو اٿس، نه ڪو حلال حرام ۾ فرق ئي ڪندو. ڏٺو هوندئي ته ڪتي کي پتر هڻبو آهي، ته هو ان جي پٺيان به ڀڄندو ويندو، ته متان هڏو هجي. اٿين ڪنهن لاش کي ماڻهو ڍڪي ڪنيو ويندا، ته ڪمبخت حريص سمجهندو ته اهو دستر خوانو ڪنيو پيا اچن.

ڪيترا امير آهن، جن تي رب راضي آهي، اهي حرام کان بچيل آهن. آئون اها اجائي تقرير نٿو ڪريان، غلط دليل ڪونه ٿو ڏيان، پر تون ئي حق جي ڳالهه ڪٽي ڪر! ته تو ڪڏهن ڪنهن امير جو هٿ وڍيل يا ڪيس چوريءَ جي سزا ۾ ڦاٿل يا هٿڪڙيءَ لڳل ڏٺو آهي؟ اهڙيون سزائون به ڪنهن سڃي کي مليل ڏسندين. جيڪو ٿلهو ٽنيرو هوندو، ٿوري گهٽي لوڙ پوندس ته وچي ڪٽي ڪاٽ هڻندو. نفس سرڪش ڪنهن شيءِ جي طلب ڪئي ۽ هو نفس ندوري کي ناراض نٿو ڪري، ته ويندو گناهه ۾ ڦاسي. هڪ پيٽ ڀيو اگهڙ، ٻئي ماڻهن کي گمراهه ڪري ٿا وجهن.

هڪڙي نوجوان فقير کي برائي ڪندي ڏٺائون. لڄ لٿي سنگسار
جو حقدار ٿيو هو. ان وقت چئي رهيو هو: اي مسلمان ڀائرو! شادي ٿئي
ڪانہ پئي ۽ صبر مون کان ٿي نہ سگهيو ۽ دين اسلام ۾ رهبانيت
ڪانهي، جو ڪير جهر جهنگ ۾ اڪيلو رهي حياتي گذاري.

مالدارن کي سڪون ۽ اطمينان جي ڪيترائي اسباب ميسر آهن.
مثال طور پنهنجي مرضيءَ سان شاديون ڪري، راتيون عيش سان گذارين.
جن جي حسن تي روشن صبح بہ شرمائجي وڃي، جن جو قد ڏسي سروَ جي
وڻ بہ پنهنجا پير مٽيءَ ۾ کپائي ڇڏيا. جن جا ڳاڙها هٿ ڏسي ڀائنجي ٿو تہ
هي هٿ عاشقن جي خون سان ڳاڙها ٿيا آهن. پوءِ مالدارن کي کهڙي
کٽي کٽندي، جو انهن کي ڇڏي گناهن ۾ وڃي ڦاسن. ڀلا جنهن شخص کي
جنت جي حور ملي وڃي، اهو يغما شهر جي محبوبن ڏانهن ڪيئن
واجهائيندو. جنهن جي آڏو کائڻ لاءِ کارڪن جا ٽوڪرا پيا هجن، اهو
ڇڳن کي پيندبہ پتر ڇا لاءِ هٽندو؟

گهڻو ڪري ڏسندين تہ سڃو ماڻهو اهڙين ڪڌاين ۾ ڦاسي پوندو
۽ بک کان وتندو جهاپا هڻندو. جيئن بکئي ڪتي آڏو گوشت جو
ٽڪر اڇلائبو تہ اهو ڪونہ پڇندو تہ: هيءَ حلال اٺ جو گوشت آهي يا
خر دجال جو حرام گوشت آهي، تہ ويجهو نہ وڃانس؟

ڪيتريون پاڪدامن عورتون، سڃائيءَ سبب برائيءَ ۾ ڦاسيو پون،
پنهنجي عزت کي خراب ڪيو ڇڏين. تڏهن پئي چيم: سڃو ماڻهو
پرهيزگاري بہ مشڪل سان ڪري سگهندو. اي دوست! تون بہ سچ ٿو
چوين تہ اميرن جي در تان دربان مسڪينن کي موٽايو ٿا ڇڏين، پر هو
بہ مجبور آهن. حاتم طائي ويچارو ٻهراڙيءَ جي ڪنهن ننڍي ڳوٺ جو
رهاڪو هو. جيڪڏهن هو ڪنهن شهر ۾ رهندڙ هجي ها، تہ فقيرن
جون فوجون ان جي جان جا ڪپڙا بہ ڦاڙي وجن ها.

فقير چيو تہ: اميرن تي مون کي رحم نٿو اچي ڇا؟ مون چيو: تون تہ
انهن جي هوندي تي وينو خار کائين، رحم ڪهڙو ٿو اچئي؟

جڏهن فقير وٽ ڪو دليل ئي نہ رهيو ۽ کيس لاجواب ڪري ڇڏيم.
تڏهن بوکلائجي بڪواس ۽ گارين ۾ شروع ٿيو. جيئن جٽن جو ڪم هوندو
آهي ۽ جيئن آزر مشرڪ کي ڪو دليل نہ آيو تہ ابراهيم عليه السلام کي
ڌمڪيون ڏيڻ ۽ گالهائڻ ۾ دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيائين. قرآن شريف ۾ آهي:

لَئِن لَم تَنتَهِ لَارجُمَنَّکَ

اي ابراهيم! نہ مڙندين تہ آئون پٿر هڻي ماري ڇڏيندوسانءِ.

جڏهن فقير صفا ڏکي ۾ ڪاهي پيو بي لغام پئي ڳالهايائين تڏهن هٿين پئجي وياسين. منهنجي قميص جو ڳلو ڦاڙي رکيائين ۽ مون مڪ هڻي ڇاڙي ڀڃي رکي مانس. پوءِ تہ هڪ ٻئي کي ڪٽيو دسيوسين. اسان جي هيءَ دس دسان ڏسي، خلقون پئي کليون. ڪن کي عجب بہ لڳو پئي. نيٺ وڃي ڪيسن ۾ پياسين. آخرڪار ٻئي هن تي وڃي راضي ٿياسين، تہ اسان جو فيصلو حڪومت ڪندي.

قاضيءَ وٽ اسان ٻنهي ڄڻن پنهنجا منطقي دليل ڏنا. هو ويچار دليل ٻڌي في الحال سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. ڪجھ وقت ڪان پو مٿو مٿي ڪيائين. چوڻ لڳو: اي سعدي! تو شاهوڪارن جي ايترو واڪاڻ ڪئي، جو فقيرن سان ظلم ڪري وڌئي. توکي ڄاڻڻ گهرجي تہ جتي گل هوندا اتي ڪنڊا بہ هوندا. جتي شراب هوندو اتي نشو ۽ مستي بہ هوندي. جتي نانگ هوندو اتي مڻ بہ هوندي. جنهن سمنڊ ۾ موتي مٽيادار آهن. اتي واڳون بہ رهندا آهن. جتي دنيا جو عيش موجود آهي اتي موت بہ پنيان لڳل آهي. بهشت جي مزن ماڻڻ لا نفس جي مڪر جو مقابلو ڪرڻو آهي. جيڪو دوست سان ملڻ چاهيندو اهو دشمن جا ظلم بہ ڏسندو. باغ ۾ ڏي نظر ڪر تہ هڪ پاسي بيد جا ڇهچ ساوا وڻ ۽ گل گلزاريون موجود آهن. تہ اتي ئي سڪل ٿاريون بہ ڪن وٽن ۾ موجود آهن.

هاڻي سمجھ تہ امير بہ سڀ هڪجهڙا شڪر گذار نيڪ بند ڪونهن، نڪو سيئي موذي مرچوٺ آهن ۽ فقير بہ ائين سمجھ. سڀ صبر وارا ڪونهن تہ سيئي ضدي بہ ڪونهن.

جيڪڏهن وسندڙ مينهن جو هر ڦڙو موتي ٿي پوي ها. تہ بازا موتين سان ڀريل هجي ها ۽ انهن جو ڪو ملھ بہ نہ هجي ها.

اهي شاهوڪار الله کي پيارا آهن. جيڪي درويش صفت هجن ۽ فقير بہ الله وٽ اهي پيارا آهن. جن جي دل شاهوڪار هجي ۽ حقيقي تونگر اهو آهي، جيڪو فقيرن جو فڪر رکندو هجي ۽ ڀلو فقير اهو آهي جيڪو پاڻ کي تونگرن جو محتاج نہ بنائي. قرآن شريف ۾ آهي:

وَمَن يَتَوَكَّل عَلَي اللهِ فَهو حَسبهٗ

(۽ جيڪو الله تي توڪل رکندو تہ الله تعاليٰ ان لاءِ ڪافي ٿيندو).

قاضي صاحب هاڻي مون کي ڇڏيو، هن فقير ڏي منهن ڪيو، چيائينس: اي فقير! تون جيڪو چوين ٿو تہ: شاهوڪار سڀ دولت جي نشي ۾ مست آهن، الله جي ڏني ۾ بخيل آهن. اهي رڳو دولت گڏ ڪرڻ ڄاڻن پر ڪائڻ ڪپائڻ ۽ ڏيڻ ڪونہ ڄاڻن. ڪنهن غريب جي سار سنڀال ئي نٿا لهن، توڙي مٽن پئسن جو مينهن پيو وسندو هجي. اهي الله کان بہ ڪونہ ٿا ڊڄن. پاڻ وٽ جو اٿن، سو ٻين جي مسڪيني ياد ئي نٿا ڪن. پاڻ پيجارن ۾ چڙهيو وتن، تہ پيرين پيادا دل تي ڪونہ اٿن.

واقعي انهن پارن پٽن وارا بہ ڪي امير آهن ۽ ڪي امير اهڙا سخي دل ڪليل هٿ ۽ نيڪ دل بہ آهن، جن جون اوطاقون چوويهہ ئي ڪلاڪ آباد آهن، سندن دستر خوانو هميشه ڪليل آهي. ڪيئي غريب ۽ مسافراتي پيا پلجن. هو دنياوي نعمتن هوندي، آخرت کي ڪونہ ٿا وسارين. جيئن هن دور (سعديءَ وارو دور) جو بادشاهہ سلامت، ملڪ مظفر اتابڪ ابوبڪر بن سعد زنگي ئي ڏس، تہ ڪهڙو نہ نيڪ سيرت ۽ سخي مڙس آهي. جيڪو تخت سليمانيءَ جو وارث آهي. سندس سخا ۽ نيڪ نامي ملڪان ملڪ مشهور آهي.

هڪ جهڙي سخا تہ ڪوبہ نٿو ڪري سگهي. پٽ هوندي ڪوبہ پيءُ اهڙي سخا ٻين مائٽن سان نٿو ڪري سگهي، جهڙي پنهنجي پٽ سان ڪري سگهي ٿو. اصل سخاوت جو مالڪ تہ الله آهي. اهو جيڪڏهن گهري تہ تو جهڙي فقير کي بادشاهہ ڪٽي بنائي. ان آڏو ڪا دير ناهي، پر اهو بہ سيني کي هڪجهڙو ڪشادو رزق نٿو ڏئي.

قاضيءَ جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌايون، تڏهن اسان ٻئي سمجهي وياسين ۽ رب جي رضا تي راضي ٿياسين. گذريل جهڳڙي کي وساري هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي پرچايوسين. پوءِ مون چيو: فقيرن کي گهرجي تہ زماني جي گردش جي گلا نہ ڪن ۽ اميرن کي گهرجي تہ هٿ پنهنجي هٿن سان ڏئي، آخرت کي سنوارين.

باب ائون

سنگت جي ادبن بابت

(معاشري ۾ عزت آبروءَ واري زندگي گذارڻ لاءِ هنن حڪمتن کي هنياءَ سان هنڊائجي)

1. حڪمت:

دولت آهي، سکي زندگي گذارڻ لاءِ زندگي ان لاءِ، نہ آهي تہ ڏک ڏسي دولت گڏ ڪجي.

ڪنهن داناءَ کان پڇيائون: نيڪ بخت ڪنهن کي چئجي ۽ بدبخت ڪنهن کي؟ چيائين: نيڪ بخت اهو آهي، جنهن پنهنجي دولت مان کاڌو پيتو ۽ پنهنجي هٿن سان سخا ڪيائين ۽ بدبخت اهو آهي، جيڪو مري ويو ۽ اڻ مئي دولت ڇڏي ويو. ڪي بزرگ چوندا آهن تہ: جنهن سڄي عمر مال ميڙڻ ۾ گذاري ۽ دولت مان دنيا آخرت جو نفعو حاصل نہ ڪيائين، تہ ان جي جنازي نماز ئي نہ پڙهجي.

2. حڪمت:

حضرت موسيٰ عليه السلام قارون کي نصيحت ڪئي.

اَحسِن كَمَا اَحسَنَ اللهُ اِلَيكَ

تون ٻين سان ائين نيڪي ڪر، جيئن الله توتي احسان ڪيا آهن. هن اها نصيحت نہ ٻڌي تہ نتيجو اهو نڪتو، جيڪو تون ٻڌندو رهين ٿو. جنهن ماڻهوءَ دولت هوندي چڱائي نہ ڪئي، ان چئن پئسن جي ڪري پنهنجي آخرت برباد ڪئي. جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ توسان بہ ڪو چڱائي ڪري، تہ تون ٻين سان ڀلائي ڪر.

3. **حڪمت:**

عربن وٽ چوڻي آهي: نيڪي ڪري کوهہ ۾ اڇل. يعني جنهن سان بہ نيڪي ڪرين تہ ڪنهن تي احسان نہ سمجهہ! چوتہ تو جڙ پاڻ سان نيڪي ڪئي آهي. ويتر هيئن سمجهہ تہ. مون تي مالڪ جي مهرباني ٿي، جنهن مون کي نيڪيءَ جي توفيق ڏني. ان جو مثال هيءَ آهي تہ بادشاهہ جي نوڪر جو بادشاهہ تي احسان ڪونهي، جو ان جي خدمت ڪري ٿو پر نوڪر تي بادشاهہ جو ٿورو آهي، جو ان کي نوڪري ڏنائين.

4. **حڪمت:**

ٻن ماڻهن جي ڪئي ڪمائي بي فائدي آهي، هڪ جنهن هوندي سوندي نہ کاڌو پيو اهو جنهن علم پڙهيو ۽ ان تي عمل نہ ڪيو. (پڙهيو ٽا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾). عمل کان سواءِ پڙهڻ ائين آهي، جيئن ڪنهن گڏهہ تي ڪتاب ستي رکجن. اهڙي اڻ گهڙئي حيوان کي ڪهڙي خبر تہ مٿانئس ڪتاب آهن يا ڪاٺيون؟

5 **حڪمت:**

علم دين داريءَ کي وڌائڻ لاءِ حاصل ڪبو آهي، علم کي دنيا ڪمائڻ جو ذريعو نہ سمجهبو آهي. جنهن ماڻهوءَ علم ۾ دين پئسن تي وڪيو ان جو مثال ائين آهي، جيئن ڪو پوک ڪاهي ۽ جڏهن پوک پچي تيار ٿئي، تہ لابارو ڪري، ول هڪ جاءِ تي گڏ ڪري، ڦيڙهي کي تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏي.

6 **حڪمت:**

بي عمل عالم جو وعظ ۽ نصيحت ائين آهي، جيئن ڪو انڌو بتي ڪٺي روشني ڪري، جنهن سان ٻين کي فائدو پهچندو پر هي ويچارو بي نصيب رهندو.

جنهن ماڻهوءَ اجائي عمر وڃائي، ان خريداريءَ کان سواءِ پئسا اڇلائي ڇڏيا.

7 حڪمت:

ڪنهن بہ ملڪ جي سونهن، سياڻن ماڻهن سان آهي ۽ دين جي ترقي پرهيزگاري ۽ خوف خدا سان ٻڌل آهي. حقيقت ۾ عقلمند آڏو بادشاهہ بہ محتاج آهي ۽ هو بادشاهہ جو محتاج ڪونهي. حڪمران ۽ بادشاهہ ڪن ڏئي، سعديءَ جو هي بي بها نڪتو ٻڌن تہ: ملڪ ۾ دانائن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ ملازمت ۽ نوڪري نہ ڏين. جيتوڻيڪ داناءَ جو وري ڪم آهي تہ ڪوبہ عهدو خوشيءَ سان نہ قبولي.

8 حڪمت:

ٽي شيون ٽن شين کان سواءِ رهي نہ سگهنديون. 1. مال ۽ دولت سواءِ واپار جي. 2. پڙهائڻ کان سواءِ علم. 3. سياست کان سواءِ حڪومت.

9 حڪمت:

ڪٿي نرميءَ سان ڳالهائڻ کپي، جيئن ماڻهو قرب جا قيدي ٿي سگهن ۽ ڪٿي سختيءَ سان ڳالهائجي، جتي ضرورت ان جي هجي. مطلب تہ ماڻهو ڳڙ وانگر مٺو بہ نہ ٿئي، جو ماڻهو ڳڙڪائي ڇڏين. توهہ وانگر ڪڙو بہ نہ ٿجي، جو ماڻهو ٿوڪاري ڇڏو ڪن.

10 حڪمت:

بڇڙي ماڻهوءَ تي رحم ڪرڻ، چڱن تي ظلم ڪرڻ جي برابر آهي ۽ ظالم کي معاف ڪرڻ، مظلوم سان ظلم ڪرڻ ئي آهي. ڪنهن نالائق کي جيڪڏهن تون سخا ڪري ڪجهہ ڏيندين، تہ هو تو وارن پئسن سان گناهہ ڪندو ۽ ان وقت چڻ تون بہ ساڻس گناهہ ۾ شامل آهين.

11 حڪمت:

بادشاهن جي دوستيءَ تي ڀروسو نہ ڪجي ۽ نڪو ننڍن ٻارن جي سهڻي سُر تي اعتماد ڪجي. ڇوتہ بادشاهہ کي خيال پيو. تہ بگڙي بيهندو ۽ ٻار هڪ خواب اندر بالغ ٿي ويندو ۽ آواز مٽجي ويندس.

12 حڪمت:

گهڻن يارن واري ماڻهوءَ سان دل نہ لائجي، نہ تہ جدائيءَ لاءِ تيار رهجي. (سي چلولا چئجن جي در در لائين دوستي).

13 حڪمت:

پنهنجو راز دل گهرئي دوست کي بہ نہ ٻڌائجي. ٿي سگهي ٿو تہ سياڻي اهو دوست دشمن ٿي پوي ۽ ڪنهن دشمن کي بہ هرويرو نہ ايذاءِ، متان اهو سياڻي تنهنجو دوست بڻجهي پوي.
پنهنجي دل جي راز واري ڳالهہ ٻئي ڪنهن کي نہ ٻڌاءِ. پوءِ ڀلي چو نہ تنهنجو دوست ئي هجي، ڇوتہ ان کي وري ٻيا دوست هوندا. پوءِ راز راز نہ رهندو.
ڪنهن کي راز جي ڳالهہ ٻڌائي، پارت ڪرڻ تہ: ڪنهن کي نہ ٻڌائجانءِ. ان کان ماٺ ۾ رهڻ ڀلو آهي. (جيڪا ڳالهہ تون دل ۾ سانڍي نہ سگهئين. اها ٻيو ڪيئن سانڍيندو؟) اي عقلمند! پاڻيءَ جي روڻ کي اتندي ئي ٻڌي وٺ، ڇوتہ جڏهن وڏو گهارو ٿي ويندو تہ پوءِ تنهنجو وس نہ هلندو.

14 حڪمت:

جيڪا ڳالهہ ڪنهن کي روبرو يا ظاهر ظهور چوڻ چڱي نہ سمجهجي، اها ان جي پرپٺ بہ نہ ڪجي.

15 حڪمت:

ڪو دشمن جيڪڏهن مهربان نظر اچي ۽ دوستي ڪرڻ لڳي، تہ ان مان غلط مطلب نہ وٺجي. پر ان کي اهوئي دشمن ڄاڻجي. جڏهن دوستن جي دوستيءَ تي ئي اعتماد نہ آهي، تہ دشمن جي چاپلوسيءَ جي ڇا ڳالهہ ڪبي. جنهن ننڍي دشمن کي ڪمزور ۽ حقير سمجهيو ان جڻ ٿوري باهہ کي برداشت ڪيو آهي. حالانڪ سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ باهہ جي خطري کان بچڻ لاءِ، ٿوري باهہ کي ئي اجهائي ڇڏي. جڏهن وڏي پيڙ جي صورت اختيار

ڪندي، تہ وسائڻ ڪان وڌي ٿي ويندي. جنهن دشمن کي تير هڻڻ جي سگهہ هجي، ان کي ڪمان سڌي ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ڏجي.

16 حڪمت:

ٻن دشمنن جي وچ ۾ اهڙي ڳالهہ نہ ڪر، جو اڳتي اهي پاڻ ۾ دوست ٿي پون تہ توکي لڄي ٿيڻو پوي. ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙو مچائڻ باهہ وانگر آهي. انهن وٽ مخالفت جون ڳالهيون ڪرڻ، باهہ ۾ ڪاٺين سورڻ يا ڇيڻو پوري باهہ پڙڪائڻ وانگر آهي. اڄ ڪٺي ڪو ماڻهو پنهنجي دشمن جي گلا تنهنجي واتان ٻڌي خوش ٿئي ٿو پر سياڻي جيڪڏهن اهي پاڻ ۾ نهي ويا، تہ توکي پڇتائڻو پوندو. سمجهہ ۾ آيو تہ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙو وڌائڻ چريائپ آهي.

17 حڪمت:

سياڻن سچ چيو آهي تہ: پنهنجي سڄڻ سامهون بہ ڳالهہ آهستي ڪر. متان ڪو دشمن ٻڌي نہ وٺي، ڇوتہ ڀتين کي بہ ڪن هوندا آهن.

18 حڪمت:

جيڪو دشمن سان دوستي رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اهو پنهنجي دوستن کي دشمن بنائڻ ٿو چاهي ۽ جيڪو تنهنجو دوست، تنهنجي دشمن سان گڏ رهڻ پسند ٿو ڪري، ان جي دوستي ڇڏي ڏي.

19 حڪمت:

ٻن ڪمن مان ڪو هڪ ڪم ڪرڻو هجي، تہ اهو پاسو وٺ جنهن ۾ مشڪلاتون گهٽ هجن.

20 حڪمت:

پنهنجي ساٿين سان سهڻو ڳالهاءِ. ساٿين سان جهيڙو ڪري کين دشمن نہ بناءِ!

21 حڪمت:

جيڪڏهن پئسن سان ڪو ڪم آسانيءَ سان ٿئي ٿو ته تون اجايو پاڻ کي خطري ۾ نه وجهه. عرب چوندا آهن ته تلوار آخري حيلو آهي.

22 حڪمت:

دشمن جي عاجزيءَ تي رحم نه ڪاءِ. ڇوته جڏهن به هو طاقتور ٿيندو، تڏهن توکي نه بخشيندو. دشمن کي ڪمزور ڏسي، مڇون نه وٽ، ٻڌاڪون نه هڻ ۽ خوش نه ٿيءُ. مٿان هو حقيقت ۾ ڪمزور نه هجي، تو غلط سمجهيو هجي. هر هڏي ۾ مِک هوندي آهي ۽ هر لباس ۾ به ضرور ڪو ماڻهو هوندو.

23 حڪمت:

جيڪو ڪنهن به برائيءَ يا نقصانڪار شيءِ کي ختم ٿو ڪري، اهو سيني تي احسان ٿو ڪري، ڇوته برائي الله جو عذاب آهي. هن ان کي ختم ڪيو آهي.

24 حڪمت:

چڱائي چڱي آهي، پر ظالم جي زخم جي ملم پٽي ڪرڻ غلط آهي. جنهن نانگ تي رحم ڪري، ان کي نه ماريو ان ڄڻ انسانن تي ظلم ڪيو.

25 حڪمت:

دشمن جي نصيحت ٻڌڻ روا آهي، پر ان تي عمل ڪرڻ خطا آهي، ڇوته دشمن چڱائي ڪيئن ڏسيندو؟ هو چوئي ته ساڄي پاسي ڪان وڃ، ته تون کاٻو پاسو وٺج!

26 حڪمت:

گهڻي ڪاوڙ ڪرڻ سان نفرتون وڌنديون آهن ۽ گهڻي نرمائي رعب وڃائيندي آهي. ان ڪري ايترو سخت نه ٿيءُ. جو ماڻهو توکان

بيزار ۽ باغي ٿي پون ۽ ايترو نرم بہ نہ ٿيءُ. جو ماڻهو تنهنجي مٿي تي چڙهي وڃن.

سياڻن چيو آهي تہ: سختي ۽ نرمي ٻئي گڏ هجن. جيئن طبيب ڦٽ کي ٽڪو بہ ڏيندو آهي، تہ ملم بہ رکندو آهي. صرف سختي ڪرڻ عقلمند کي نٿي سونهي، نہ وري رڳو نرمي ئي مناسب آهي، ڇوتہ ان سان پنهنجي عزت کي ڌڪ لڳندو آهي.

27 حڪمت:

هڪڙي جوان پٽ، داناءُ پيءُ کي عرض ڪيو تہ: ابا! ڪا ڪراڙن واري قيمتي نصيحت ڪريم. پيءُ ورائيو تہ: ٻين سان چڱائي ايتري متان ڪرين، جو اهي تيز ڏندن وارا بگهڙ بڻجي، ڏاڍا ٿي وڃن. چڱائي ان سان ڪبي، جيڪو چڱائيءَ جي لائق هجي. نا اهل سان چڱائي ڪرڻ خطا آهي.

28 حڪمت:

ٻہ ماڻهو ملڪ ۽ دين جا دشمن آهن، هڪ اهو بادشاهہ جيڪو بردبار نہ هجي، ٻيو اهو بزرگ جنهن کي علم نہ هجي.

الله کان دعا گهرجي تہ ملڪ تي اهڙو حاڪم نہ اچي، جيڪو الله جي حڪمن جو فرمانبردار نہ هجي. (جيڪو پنهنجي ڇهن فوٽن جي جسم ۾ دينداري نٿو جاري ڪري سگهي، اهو ڪشادي ملڪ ۾ ماڻهن جي ڪهڙي خير خواهي ڪري سگهندو)؟

29 حڪمت:

بادشاهہ کي جڳائي تہ مخالفن تي ايتري چڙ نہ ڪري، جو پنهنجن خير خواهن جو اعتماد ئي وڃائي ويهي. ڪاوڙ ۽ چڙ جي باهہ اول ڪاوڙ ڪندڙ کي ٿي جلائي، پوءِ جنهن تي ڪاوڙ ڪئي ٿي وڃي، ان تي اثر ڪري يا نہ ڪري، انسان آدم جو اولاد، مٽيءَ جي پيدائش آهي. ان کي وڏائي ۽ آڪڙ نٿي جڳائي. متان چڙ ڪندي ايترو تيز ٿي وڃي، جو ماڻهو سمجهي نہ سگهن تہ هي مٽيءَ مان ٺهيل ماڻهو آهي يا باهہ جي جڙيءَ مان جڙيل شيطان آهي؟

30 حڪمت:

بلقان شهر ۾ هڪڙي بزرگ وٽ پهتس. ان کي عرض ڪيم: اهڙي نصيحت ڪرينمر جو هيشه لاءِ سڌري وڃان. مون کي چيائين ته: اي سياڻا! مٽيءَ وانگر بردباري ڏار! نه ته پڙهيل سڀ ڪتاب مٽيءَ ۾ پوري ڇڏ!

31 حڪمت:

بد اخلاق ۽ بدعادت ماڻهوءَ سان سندس بد اخلاقي اهڙي دشمن وانگر گڏ آهي، جو جتي به ويندو ته بچي نه سگهندو. بد اخلاق ماڻهو ڪٽي آسمان تي پهچي وڃي، ته اتي به ڦٽڪار کان بچي نٿو سگهي.

32 حڪمت:

جڏهن ڏسين ته، دشمنن ۾ ڦوٽ پئجي وئي آهي، پاڻ ۾ وڙهيا آهن ته تون دلي اطمينان سان رهه ۽ جڏهن ڏسين ته دشمن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هڪ ٿي ويا آهن، ته پوءِ ڪا پريشاني ڪر.

33 حڪمت:

دشمن جڏهن پچي نه سگهندو آهي، تڏهن دوستيءَ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر ان حيلي سان به هو اندروني ويڙهه وڙهندو آهي.

34 حڪمت:

نانگ دشمن هٿان مارائجي. نانگ مئو ته به سنو ٿيو ۽ دشمن مئو تڏهن به اسان ڪٽيو.

35 حڪمت:

لڙائيءَ وقت دشمن کي ڪمزور نه سمجهه. ڇوته جيڪو ساهه جو سانگو لاهي مقابلي ۾ بيٺو اهو شينهن جو مٿو ڏاري سگهي ٿو.

36 حڪمت:

اهڙي خبر تون نه ٻڌاءِ جنهن سان ڪو ايذائجي ۽ ڏکوئجي. تون ماٺ ۾ رهه. ٻلي ته ڪو ٻيو اها ڳالهه ڪري. تون بلبل وانگر بهار جي آمد واريون خبرون ٻڌاءِ، ويرانيءَ ۽ سج جي خبر ڇپري کي جڳائي.

37 حڪمت:

بادشاهہ وٽ ٻئي ڪنهن جي خيانت جي خبر نہ ٻڌاءِ، البتہ اهڙي خبر تڏهن ڪري سگهين ٿو جڏهن سمجهين تہ بادشاهہ منهنجي ڳالهہ تي سورهن ئي آنا يقين ڪري ويندو. ائين نہ هجي، تہ پوءِ اهڙي ڳالهہ ئي نہ ڪيو، نہ تہ پاڻ کي مارائيندين.

38 حڪمت:

تون نصيحت اتي ڪر، جتي سمجهين تہ فائديمند ٿيندي، نہ تہ بي قدرن وٽ پنهنجي ڳالهہ کي بي مُلهہ نہ بناءِ.

39 حڪمت:

جيڪو شخص پاڻ پڌائڻ واري، وڏائي خور کي نصيحت ٿو ڪري، حقيقت ۾ پاڻ نصيحت جو محتاج آهي. (تہ اهڙن شخصن کي وعظ نہ ڪبو آهي).

40 حڪمت:

دشمن جي ڏٺن (دلاسن) تي نہ لڳجانءِ تنهنجي روبرو تنهنجي تعريف ڪندڙ جي دوکي ۾ نہ اچ. ڇوتہ دشمن جا دلاسا، ڦاسائيندڙ ڪوڙڪيءَ وانگر اٿئي ۽ هن جي تعريف لالچ جي جهليل جهولي آهي. ان کي جيڪڏهن توکان ڪجهہ نہ مليو تہ تنهنجا سوين عيب ڪڍندو.

41 حڪمت:

پنهنجي تعريف ٻڌي، بي عقل ائين خوشيءَ ۾ ٻود ٿيندو آهي، جيئن ڦوڪڻو هواءِ ڦوڪڻ سان ڦوڪبو آهي.

42 حڪمت:

ڪنهن جي ڳالهائڻ مان جيسين اوٽايون نہ پڪڙبيون، تيسين هن جو ڳالهائڻ نہ سڌرندو. ان ڪري پنهنجي ڳالهائڻ تي هرويرو خوش نہ ٿجي، جيتوڻيڪ ڪي اڻ ڄاڻ واهہ واهہ ڪندا هجن.

43 حڪمت:

هر ماڻهوءَ کي پنهنجو عقل سيني کان وڌيڪ نظر ايندو آهي ۽ پنهنجو پٽ سيني ٻارن کان سهڻو نظر ايندو آهي.

44 حڪمت:

هڪڙي يهوديءَ ۽ هڪڙي مسلمان جو پاڻ ۾ مناظرو ٿي پيو. اهو جهيڙو ٻڌي مون کي کل پئي آئي. مسلمان ٺوڪ ڪندي چئي رهيو هو: اي الله! منهنجي هيءَ ڳالهه سچي نه هجي، ته مون کي يهودي ڪري مارجانءِ ۽ يهودي چئي رهيو هو: توريت جو قسم! آئون پنهنجي ڳالهه ۾ غلط هجان ته الله مون کي مسلمان ڪري ماري. نتيجو هي نڪتو ته: عقل جي ٻک قدرت ڪنهن کي نه ڏني آهي، سڀ جهان مان عقل مورڳو گم ٿي ويجي، ته به ڪو هڪ نه چوندو ته: آئون چريو آهيان.

45 حڪمت:

ڏهه ماڻهو هڪ دسترخواني تي گڏ کائي اٿندا. پر ٻه ڪتا هڪ مئل ڍور تي پاڻ ۾ وڙهي مرندا. مطلب ته حريص ماڻهو سدائين بکيو آهي، توڙي سڄو جهان هٿ ۾ اچيس ۽ قناعت وارو ماڻهو هڪ ڍڳڙيءَ تي به ڪفايت ڪري ويندو.

سياڻا چوندا آهن: قناعت هجي، پوءِ فقيري به ڀلي آهي، قناعت کان سواءِ شاهوڪاري به ڪنهن ڪم جي نه آهي.

تنگ معدو هڪ رکي مانيءَ سان ڀرجي سگهي ٿو. پر تنگ نظر جهان جي نعمتن سان نه ڀربي. منهنجي پيءُ مرڻ وقت مون کي هيءَ آخري وصيت ڪئي هئي ته: شهوت پرستي هڪ قسم جي باهه آهي، ان کان بچجانءِ پاڻ تي دوزخ جي باهه نه ڀڙڪائجانءِ جڏهن توکي باهه سهڻ جي طاقت نه آهي، ته اج ئي ان باهه کي صبر جي پاڻيءَ سان اجهاءِ!

46 حڪمت:

جنهن طاقت وقت نيڪي نه ڪئي، اهو هيڻائيءَ ۾ ڏجها ڏسندو. ماڻهن کي ايذائيندڙ جو هي حال ٿيندو جو مصيبت ۾ گرفتار ٿيڻ وقت، ان جو ڪوبه همدرد موجود نه هوندو.

47 حڪمت:

جيڪا شيءِ پيدا تڪڙي ٿئي ٿي تہ اها فنا بہ جلدي ٿئي ٿي. ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ ڪنهن ملڪ جي مٽيءَ مان چاليهن سالن جي محنت کان پوءِ هڪ پيالو جڙي سگهندو آهي، پر اهو پيالو ٻين پيالن کان گهڻو قيمتي ۽ پائدار هوندو آهي، انهن کان جيڪي سؤ پيالا ڏينهن ۾ جڙندا آهن. ڪڪيءَ جو ٻچو آنيءَ مان نڪرڻ سان چڳڻ لاءِ چون چون ڪري ٿو پر انسان جو ٻچو ڄمڻ وقت عقل ۽ سمجهہ نٿو رکي. جيڪو تڪڙو وڏي وڏو ٿيو ڪنهن منزل تي نہ پهتو پر هي انسان جو ٻچو فضيلت ۽ مرتبي ۾ سڀني کان چڙهي ويو.

48 حڪمت:

ڪوبہ ڪم صبر سان درست ٿئي ٿو. تڪڙ ڪرڻ سان ماڻهو منهن ڀر ڪري ٿو. ڪيترا دفعا تجربي سان ڏٺو اٿئون تہ: تڪڙا گهوڙا ڏڪي منزل ۾ سهڪي پوندا آهن، منزل تي پهچي نہ سگهندا آهن. اٺ ڍرڙو اٺ آرام سان منزل تي پهچي ويندو آهي.

49 حڪمت:

نادان ماڻهوءَ لاءِ ماٺ ۾ رهڻ کان وڌيڪ ڪا چڱي ڳالهہ ناهي ۽ اها ڳالهہ ڄاڻي ها تہ نادان نہ ليکجي ها. سياڻن چيو آهي تہ: جڏهن تو ۾ ڳالهائڻ جو ڪمال نہ آهي، تہ پوءِ زبان کي وات ۾ بند رک. ماڻهوءَ کي سندس زبان اس ۾ بہ ويهاري تہ ڇانو ۾ بہ.

50 حڪمت:

هڪڙو بي عقل ماڻهو گڏهہ کي پڙهائڻ لڳو. ڏاڍي مغز ماري ڪري رهيو هو. ڪنهن داناءَ چيس: اڙي چريا! تون اجائي محنت ٿو ڪرين. متان هن جو توتي اثر ٿي وڃي. تون سوين ڪوششون ڪرين، جانور کي ڳالهائڻ سيکاري نہ سگهندين، توکي گهرجي تہ تون جانورن کان ماٺ سکي وٺ!

51 حڪمت:

جيڪو ماڻهو ڪنهن سوال جو جواب سوچي ويچاري نہ ڏيندو، ان کان غلطيون گهڻيون ٿينديون.

52 حڪمت:

اهڙو ڳالهاءِ، جو انسان ان مان پرائين، نہ تہ ڍرون وانگر ماٺ ۾ رهندو ڪر.

53 حڪمت:

جيڪو پاڻ کان وڏيڪ ڄاڻو ۽ داناءَ سان بحث ڪري ٿو، ان کي سڀ ڪو بي عقل سمجهندو.

54 حڪمت:

جيڪو بڇڙن جي ڪچهريءَ ۾ ويهندو، اهو چڱائي نہ ڏسندو. جيڪڏهن ڪو ملائڪ صفت ماڻهو جنن ۽ ديون سان گڏ ويهندو تہ اهو بہ خيانت ۽ مڪر سکي ويندو.

55 حڪمت:

ماڻهن جا لڪل عيب تون ظاهر نہ ڪر. ان سان هو خوار ٿيندا تہ توتي بہ ماڻهو اعتبار نہ ڪندا.

56 حڪمت:

جنهن علم پرايو ۽ عمل نہ ڪيو ان جو مثال ائين آهي، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ هر ڪاهيو ۽ ٻج نہ ڇٽيو.

57 حڪمت:

بي دليو ماڻهو اطاعت ڪري نہ سگهندو جيئن بنا مغز نلهي ڪل مان ڪو سلو نہ ڦٽندو آهي.

58 حڪمت:

جيڪو بحث مباحثي ۾ چست آهي، ضروري ناهي ته پين معاملن ۾ به درست هجي.

59 حڪمت:

برقعي پاتل عورت کي هر هر گهوري نه نهار متان ان ۾ تنهنجي ماءُ جي به ماءُ هجي.

60 حڪمت:

جيڪڏهن سڀ راتيون شب قدر هجن ها، ته شب قدر جو قدر ئي نه هجي ها. ۽ سڀ پٿر هيرا جواهر هجن ها، ته هيرن جواهرن جي ڪا قيمت نه هجي ها.

61 حڪمت:

جيڪو خوبصورت هجي، ضروري ناهي ته خوب سيرت به هجي. ڇوته ڪڏهن سهڻي چمڙيءَ اندر ڪيتريون برايون هونديون آهن.

62 حڪمت:

ڪنهن به ماڻهو جو ظاهر،هڪ ڏينهن ۾ ڄاڻي سگهجي ٿو ۽ ان جي علم جو اندازو به لڳائي سگهجي ٿو پر ڪنهن جي به اندر کي تون معلوم نه ڪري سگهندين.

63 حڪمت:

جيڪو پاڻ ڏاڍي سان هٿ اٽڪائي ٿو ڄڻ پنهنجي جان جي پنيان ٿو پوي. جيڪو سگهر گهڻي سان مٿو ويڙهائيندو پنهنجو مٿو ڦاڙائيندو.

64 حڪمت:

جيڪو پاڻ کي وڏو سمجهندو، ان جي نظر جڻ تيڏي آهي، جو صحيح نٿو ڏسي سگهي.

65 حڪمت:

شينهن سان چنبو اٽڪائڻ ۽ تلوار تي مڪ هڻڻ عقلمندن جو ڪم ناهي. ڪنهن مست سان مقابلي ڪرڻ بدران، هٿ بند ڪري ويهي رهه.

66 حڪمت:

جيڪو ماڻهو پاڻ ڏاڍي سان مقابلو ٿو ڪري، اهو پنهنجي موت تي دشمن جي مدد ٿو ڪري، ڇانوَ ۾ پليل ماڻهو لڙاڪو ماڻهوءَ سان ڪيئن لڙي سگهندو!

67 حڪمت:

جيڪو ٻين جي نصيحت نٿو مڃي، اهو سزا کائڻ ٿو چاهي.

68 حڪمت:

بي هنر ماڻهو هنرمند کي ڏٺي بہ نہ سهندو. جيئن شڪاري ڪتي لاءِ بازاري ڪتا ٻوهيارو ڪندا آهن، حالانڪہ ان سان وڙهي نہ سگهندا آهن. ائين بي عقل ماڻهو داناءَ سان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ پڄي نہ سگهندو آهي، پوءِ ان جا عيب ڪيندو وتندو آهي. هيڻو دشمن، مقابلي جي طاقت نہ سمجهندو پوءِ گلا ٿي ڪندو وتندو ٻيو ڇا ڪندو؟

69 حڪمت:

جيڪڏهن بک جو آزار نہ هجي ها، تہ ڪوبہ پکي ڪوڙڪيءَ ۾ ڪونہ ڦاسي ها. پوءِ تہ شڪاري بہ ڪوڙڪي ڪونہ اڏي ها. اهو پيٽ ئي آهي جيڪو هٿن ۾ هٿڪڙيون بہ هڻائي ٿو تہ پيرن ۾ زنجير بہ وجهرائي ٿو. ڀلا پيٽ جو ٻانهو الله جو ٻانهو ڪيئن ٿيندو؟

70 حڪمت:

سياڻو ماڻهو کاڌو دير دير سان کائيندو. عبادت ڪندڙ ماڻهو پيٽ اڌ بکيو رکندو ۽ زاهد ايترو مس کائيندو جنهن سان جي سگهي. جوان مرد ٿالهه خالي ڪرڻ تائين پيو کائيندو. پوڙهو ماڻهو پگهر اچڻ تائين پيو کائيندو ۽ مست فقير تيسين کائيندو جيسين معدي ۾ ڪا جاءِ اٿس، ٻئي ڪنهن جو خيال ئي نہ ڪندو.

ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ: پيٽ جي پوڄاري ماڻهوءَ کي ٻہ راتيون ننڊ نہ ايندي آهي. هڪ اها رات جنهن رات گهڻو کائي، بي قرار ٿي پوي، ٻي اها رات جڏهن بک هجيس ۽ بي قراريءَ سبب ننڊ نہ اچيس.

71 حڪمت:

زالن سان مشورو ڪرڻ تباهي آهي ۽ فساديءَ سان سخا ڪرڻ گناهہ آهي. جيئن بگهڙ تي رحم ڪرڻ، رڍن تي ظلم ڪرڻ آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪميڻي ماڻهوءَ تي تون رحم ڪري پئسا ڏيندين، تہ تنهن جي تعاون سان هو گناهہ ڪندو.

72 حڪمت:

جيڪو هٿ آيل دشمن کي نٿو ماري، اهو پنهنجي جان جو دشمن آهي. جيئن نانگ آڏو هجي ۽ هٿيار تنهن جي هٿ ۾ هجي، تہ نانگ نہ مارڻ بي عقلي آهي ۽ ڪن سياڻن کي ان اصول جي ابتڙ چڱائي نظر آئي آهي. اهي چون ٿا تہ قاتل قيديءَ کي قتل ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ چڱي آهي، جيئن سوچڻ جو موقعو ملي. قيدي زنده هوندو تہ سوچڻ کان پوءِ ان کي قتل بہ ڪري سگهبو. پر جيڪڏهن تڪڙ ڪري ماري وجهبو تہ سوچڻ کان پوءِ ان کي ڦوڪ سان زندهہ ڪونہ ڪري سگهبو.

سياڻن چيو آهي تہ: تير سوچي سمجهي هڻڻ گهرجي، ڇو تہ تير ڇٽل واپس وري نہ سگهندو.

73 حڪمت:

داناءَ عالم جيڪڏهن ڪنهن ڇٽ سان هٿ اٽڪائي ٿو، تہ پنهنجي عزت جو بيقدر آهي ۽ جيڪڏهن ڪوا ڻ جاڻ، گهڻي ڳالهائڻ

۾ عالم کان ڏاڍو تي وڃي، تہ ڪو عجب نہ آهي، ڇوتہ بيڪار پٿر سان قيمتي پٿر ڀڄي پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو مانائتو ماڻهو ڪنهن ڪميني ماڻهوءَ کان ڏاڍائي ڏسي، تہ ڏک نہ ڪري، ڪاوڙ نہ ڪري، صبر سان سهي وڃي.

74 حڪمت:

ڪو داناءَ بي عقلن جي ڪچهريءَ ۾ موجود هجي ۽ هنن جو ڏاڍيان ۽ گهڻو ڳالهائڻ داناءَ جي ڳالهائڻ کي بند ڪري ڇڏي، تہ ڪو عجب ڪونهي. ڇوتہ تہ ٿوم جي بوءِ عنبر جي خوشبوءِ کان گهٽي هوندي آهي ۽ جاهل جو ڳالهائڻ دهل وانگر آهي، اهو ٻين آوازن کان زور ٿيڻو ٿي آهي.

75 حڪمت:

جيڪڏهن موتي گپ ۾ ڪري پوي، تہ پوءِ بہ موتي ئي آهي. مٽيءَ جي ڏڏڙ مٽي اڏامي آسمان تائين پهچي تہ پوءِ بہ بي قيمت آهي. جنهن ۾ ڪا لياقت نہ هوندي، ان تي تعليم ڪو اثر نہ ڪندي. باهہ پڙڪي مٽي چڙهي ٿي پر ان سان سندس مان ڪهڙو مٽي ٿيندو؟ ۽ سياڻا چوندا آهن تہ: ڪنڌ جو قدر ڪمند جي ڪري ناهي، پر اها خاصيت ڪيس پنهنجي ئي آهي.

ڪنعان، الله جي هڪ نبي سڳوري جو پٽ هو پر منجهس ڪو ڪمال ڪونہ هو تہ مرتبو نہ مليس. ابراهيم عليه السلام آزر جو پٽ هو پر خداداد صلاحيتن سبب آڙاهہ ۾ آرام مليو هوس ۽ درجو بہ بلند ٿيس.

76 حڪمت:

عطر اهو آهي، جنهن جي سرهاڻ پاڻ مرادو اچي ۽ اهو عطر ڪونهي، جنهن لاءِ عطر وڪڻندڙ چوي تہ: هيءُ عطر آهي.

داناءُ ماڻهو عطر جي شيشيءَ وانگر آهي، يلي ماٺ رهي ۽ هلڪڙائيءَ وارو نادان ماڻهو دهل وانگر آهي، آواز وڏو اٿس پر اندر خالي کوکو اٿس.

77 حڪمت:

ڪنهن عالم جو جاهلن جي وچ ۾ هجڻ ائين آهي، جيئن انڌن جي وچ ۾ سچويا بي دينن وٽ قرآن پاڪ جو نسخو.

78 حڪمت:

سالن جي طلب کان پوءِ جنهن کي دوست بڻائين ٿو ان کي گهڙيءَ ۾ ڦٽائڻ چريائپ آهي، جيئن ڏسو ته پٿر هزارين سالن کان پوءِ لعل ٿو بڻجي، ان کي يڪدم پٿر هڻي ڀڃي نٿو سگهجي.

79 حڪمت:

انسان جو عقل نفس جي چنبي ۾ ائين قابو آهي، جيئن سادو ماڻهو مڪريليءَ رَنَ وٽ قاتل هجي.

80 حڪمت:

جنهن گهر مان زالن جو لڙ ۽ آواز ٻاهر ٻڌڻ ۾ آيو ان گهر ۾ ڪڏهن به خوشي نظر نه ايندي.

81 حڪمت:

هيٺي ماڻهوءَ جي سني راءِ مشورو اجايو ليکيو ويندو ۽ جنهن ماڻهوءَ کي طاقت گهٽي هجي، پر سوچ صحيح نه هجيس، ته اهو به چرين ۾ شمار ڪيو ويندو.

82 حڪمت:

اهو جوان مرد جيڪو ڪائي ۽ سخا ڪري ٿو اهو ان بزرگ کان ڀلو آهي، جيڪو ماڻهن کان ڀڄر ۽ نذر وني، پيٽيءَ ۾ سانڍيندو وڃي.

83 حڪمت:

جيڪو ماڻهو ماڻهن ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ تقوي ٿو اختيار ڪري، اهو حلال کي ڇڏي حرام ۾ پيو آهي. جنهن الله خاطر عبادت نه ڪئي، ان ويچاري جي آڏو ڪارو آئينو آهي. اڳتي ڇا ڏسي سگهندو؟ آخرت ۾ ڇا ڪمائيندو؟

84 حڪمت:

ٿورو ٿورو گڏ ٿي گهڻو ٿيندو آهي، ڦڙو ڦڙو ٿي تلاءُ ڀربو آهي، يعني جنهن کي اڄ پٿر هڻڻ جي طاقت ناهي، اهو پاڻ ڏي اڇلايل پٿر ڳڻيندو ٿو وڃي، جڏهن ٻه وقت ملندس، سڀ ڪٺرون ڪيندو. ان ڪري چوندا آهن ته: ڦڙي ڦڙي مان نهر ٺهجي ٿي، نهر نهر مان ٿين درياءَ. داڻو داڻو گڏ ٿي، ان جو ٿئي انبار.

85 حڪمت:

عالم کي ڪنهن به جاهل جٺ تي ڪک رکڻ نه گهرجن. ائين ڪندو ته ٻيڻو نقصان ڪندو. هڪ ته پنهنجي عزت گهٽائيندو ٻيو ته هن جاهل جي ڏاڍ کي مضبوط ڪري ٿو ظلم ۽ ڏاڍ کي همٿائي ٿو.
جيڪڏهن ڪو نالائق ماڻهوءَ سان گهڻي نرمي ڪندو ته هو ٿيئن ڪنڌ مٿي ڪري سيٺبو ويندو.

86 حڪمت:

گناهه ڪير به ڪري ته خراب آهي، پر عالم سڄورو گناهه ڪري ته وڌيڪ خراب آهي، ڇوته شيطان سان مقابلي ڪرڻ جو هٿيار (علم) هن وٽ موجود آهي. ان هٿيار هوندي شيطان وٽ گرفتار ٿي پوي، ته اهو ٻين کان وڌيڪ لڇي ٿي پوندو.
ڪو عام اڻ ڄاڻ ۽ بي عقل ماڻهو پريشان پيو ڦري، ته اهو ان سياڻي کان چڱو آهي. جنهن ۾ پرهيزگاري نه هجي. ڇوته هو انڌو آهي، ان ڪري واٽ ڀلجي پيو آهي ۽ هي علم ۽ عقل جي اکين هوندي، وڃي کوهه ۾ ڪريو آهي.

87 حڪمت:

هن ساهه تي ڪو ويساهه ڪونهي، اڄ نڪري يا سڀاڻي وڃي. اهو ماڻهو جيڪو پنهنجو دين ڏئي دنيا تو هٿ ڪري، اهو گڏهه وانگر آهي. ڀلا يوسف عليه السلام کي وڪڻي، هن جي پائرن ڇا هٿ ڪيو هو جو هيءُ ڪجهه هٿ ڪري سگهندو؟

قرآن شريف ۾ آهي:

اَلَمۡ اَعۡهَدۡ اِلَيۡكُمۡ يٰبَنِيۡۤ اٰدَمَ اَنۡ لَّا تَعۡبُدُوا الشَّيۡطٰنَ

يعني، هڪ ڏينهن الله تعاليٰ سوال ڪندو تہ: مون توهان کان واعدو نہ ورتو هو تہ شيطان جا پوڄاري نہ ٿجو.

اي نادان انسان! تون دشمن شيطان جي چوڻ تي پنهنجي خيرخواهہ خدا کان پري ٿيو آهين! ڪجهہ سوچ ڪر، تہ ڪنهن کان پري ٿيو آهين ۽ ڪنهن سان ناتو رکيو اٿئي؟

88 حڪمت:

الله جي خاص ٻانهن سان شيطان بہ نٿو پڄي سگهي ۽ سڄي ماڻهوءَ سان بادشاهہ بہ پڄي نہ سگهندو.

89 حڪمت:

جيڪو نماز نٿو پڙهي، ان کي قرض نہ ڏي ڀلي تہ بکن ۾ ڦاهہ ٿيندو هجي، ڇوتہ جنهن رب جو فرض پورو نہ ڪيو اهو تنهن جي قرض لاهڻ جي ڪهڙي ڳڻتي ڪندو. اڄ هو ٻن ماڻهن جيترو ڪاڏو آڏو رکي اڪيلو کائي ٿو ۽ جڏهن سياڻي اوڌر گهربس، تڏهن چوندو: ڪنڊيءَ تي رنگ چرنديءَ تي چم.

90 حڪمت:

جنهن جيئري غريبن مسافرن کي ماني نہ کارائي تہ سندس مئي پڄاڻان، ان جو نالو بہ مئل ڄاڻ. انگورن جو مزو اهو مسڪين ڄاڻي، جنهن کي قسمت سان هٿ اچن. باغائيءَ کي اهو لطف نہ ايندو ڇوتہ هو روز ٿو کائي. چون ٿا تہ: حضرت يوسف عليہ السلام ڏڪار وارن سالن ۾ پيٽ ڀري نہ کائيندو هو تہ متان بکيا وسري وڃن. جيڪو سکن ۾ پليو آهي، ان کي بُئي جي بک جي ڪهڙي خبر؟ ٻئي جي پريشاني اهوئي سمجهي سگهندو، جيڪو ڪڏهن پاڻ پريشانيءَ ۾ ڦاٿو هوندو.

جنهن سڄي عمر پلن گهوڙن (پلين سوارين) تي چڙهي گذاري آهي، ان کي غريب ڪانير جي ڪانين سٽيل گڏهہ جي گپ ۾ ڦاسڻ

جي ڪهڙي خبر؟ سياڻن چيو آهي: تہ مسڪين پاڙيسريءَ جي گهر ۾ ڏونهون دڪندو ڏسي، انهيءَ ڪان تاندو ونڻ نہ وڃ، ڇوتہ جنهن کي تو ڏونهون سمجهيو آهي، سو در حقيقت ان جي دل جي آهہ آهي، جيڪا ان جي گهر جي روشندان مان ڪنهن ڪنهن مهل ظاهر ٿي ٿئي.

91 حڪمت:

ڪنهن بکئي مسڪين ۽ ڏکن ۾ ڏڏيل انسان کان سکٽا حال نہ پڇ! البتہ تڏهن پڇي سگهين ٿو جڏهن هن جي زخمن جي مرهم پٽي بہ ڪرين. جيڪڏهن ڪنهن بار واري گڏهہ کي ڪٽي گپ ۾ ڦاٿل ڏسين، تہ گڏهہ واري سان زباني همدردي ڪرڻ رحم ڪونہ آهي. رحم تڏهن ٿئبو جڏهن ان گڏهہ کي گپ کان ٻاهر ڪيڻ ۾ هٿ ونڊائين ۽ ڪوشش ڪرين.

92 حڪمت:

ٻہ ڳالهيون عقل جي ابتڙ آهن. 1 لکيل رزق کان وڌيڪ کائڻ. 2. مقرر ٿيل وقت کان اڳ ۾ مرڻ.

عالمن چيو آهي تہ: ڪو ڪٽي درد پريون دانهون ڪري يا ڏينهن رات شڪر ڪري، پر الله جي تقدير تبديل ڪانہ ٿيندي. ڪنهن پير مرد جي پرندڙ ڏيئي کي هوا جي جهوٽي وسايو تہ هوا ٿي مقرر ٿيل ملائڪ کي ڪهڙو ترس پوندو. مقرر ٿيل رزق لوچي يا نہ لوچي. ضرور ملندو ۽ موت جو وقت مقرر نہ هوندو تہ شينهن جي پرسان لنگهي وڃڻ وقت بہ شينهن ان کي ڪونہ کائيندو.

نصيب ۾ لکيل نہ هو تہ سڪندر بادشاهہ کي آب حيات نصيب نہ ٿيو. ملاح جي چار ۾ اها مڇي ڦاسندي، جيڪا ملاح جو نصيب هوندي ۽ مڇي بہ اها مرندي، جنهن جا ڏينهن پُنا هوندا. ماڻهو رزق جي پٺيان ڊوڙندو ٿو وتي. حالانڪہ رزق ۽ موت ماڻهوءَ جو پيڇو نہ ڇڏيندا آهن.

93 حڪمت:

ڏوهاري شاهوڪار سون جو ٺاٺي چڙهيل پٿر آهي يا ان کي فرعون جي موتين مڙهيل ڏاڙهيءَ وانگر سمجهہ ۽ نيڪ بزرگ ماڻهو

مسڪين ۾ مٺي هاڻو هجي، ته ان کي موسيٰ عليه السلام جي غريباڻي گوڏڙي سمجهه. نيڪن کي پهتل مصيبت ۾ به سندن لاءِ ڀلائي آهي ۽ ڏوهاريءَ کي مليل نعمت، ان لاءِ عذاب جو سبب آهي.

94 حڪمت:

جنهن عزت ۽ دولت هوندي غريبن کي ياد نه ڪيو، ته سياڻي غريبن وٽ به هن کي ڪوئي نه ليکيندو.

95 حڪمت:

حاسد ٻئي تي ٿيل نعمت نٿو سهي، يعني الله جي نعمت ۾ هو بخيل ٿو بڻجي ۽ خواهه مخواهه بيگناهه ماڻهن سان وير ٿو وهائي. هڪ بددماغ کي ڏٺم ته ڪنهن عزت واري جي گلا ڪرڻ لڳو، گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. چيومانس ته: دوست! تون جيڪڏهن بدبخت آهين ته ان ۾ هن نيڪ بخت جو ڪهڙو قصور؟

سياڻن چيو آهي ته: ساڙولي ماڻهوءَ لاءِ خدا کان ٻي ڪا سزا نه گهرو، ڇو ته هن لاءِ حسد ۽ ساڙ ئي وڏي سزا آهي. هن سان دشمني ڪرڻ جي ته ضرورت ئي نه آهي، ڇو ته حسد جهڙو دشمن ان کي لڳل آهي.

96 حڪمت:

جنهن شاگرد کي استاد سان عقيدت نه آهي، اهو ان عاشق مثل آهي، جنهن وٽ ڏوڪڙ نه هجي. رستي جي ڄاڻ کان سواءِ سالڪ ائين آهي، جيئن پکي بنا پرن جي. عمل کان سواءِ عالم ائين آهي، جيئن وڻ بنا ميوي جي. بزرگ فقير بنا علم جي ائين آهي، جيئن بغير دروازي جي ڪو گهر هجي. قرآن شريف نازل ٿيڻ جو مقصد انسانن جا اخلاق سڌارڻ آهي، هن لاءِ ڪونه آيو آهي ته منڙي سر سان پلئا هڻي پڙهجي. جاهل عبادت گذار، پيادي ماڻهوءَ وانگر آهي ۽ عمل ۾ ڪوتاهي ڪندڙ عالم، سوار ته آهي پر ننڊ ۾ نهوڙيل آهي. جيڪو عابد مغرور هجي، ان کان اهو ڏوهاري ڀلو جيڪو رب آڏو هٿڙا ڪٽي، معافي گهري.

97 حڪمت:

اهو گنهگار جيڪو توبھ ڪندو رهي ٿو اهو آڪڙ واري عابد کان پلو آهي. عام ماڻهو اعليٰ اخلاق وارو ان عالم کان چڱو آهي، جيڪو عوام کي ايذائي.

98 حڪمت:

ڪنهن داناءَ کان پڇيائون تہ: عالم بنا عمل جي ڪيئن آهي؟ جواب ڏنائين تہ: ڏينڀوءَ وانگر، جنهن مان ماکيءَ جي اميد ناهي. اي بي مروت ڏينڀوا ماکي نٿو ڏين، تہ ڏنگ تہ نہ هڻ.
سياڻن چيو آهي تہ: بي مروت شوخ انسان مڙس نہ آهي، پر جهيڙيڪار عورت وانگر آهي. ۽ لالچي بزرگ، نڱ ۽ ڏاڙيل آهي. هن مڪر ڪري اڇا ڪپڙا پاتا آهن، پر اعمال نامو ڪارو اٿس. بزرگي هن طرح آهي جو دنيا کان هٿ پوئتي ڪري، پوءِ ڏڳهو چوغو پاتل هجيس يا نہ هجيس.

99 حڪمت:

ٻن ماڻهن جي دل مان حسرت ڪڏهن نہ ڪٽندي ۽ سدائين فڪر ۾ ڦاٿل رهندا. هڪ اهو واپاري جنهن جي واپار وارو ٻيڙي ٻڏي ويو هجي، ٻيو اهو ماڻهو جنهن کي وڏن کان ورثي جو مال مليو پر اهو کپائي هاڻي پننددو ٿو وتي.

100 حڪمت:

فقيراڻي سنگت ۾ جيڪو پنهنجي ملڪيت وقف نہ سمجهي، فقيرن وٽ ان کي قتل ڪري ڇڏڻ روا آهي. جيڪڏهن هاٿيءَ واري سان ياري هوندي تہ پنهنجي گهر ۾ هاٿيءَ لاءِ تنبيلو بہ ناهڻو پوندو يا تہ هن سان سنگت ئي نہ رکجي. يا تہ نيري لباس وارن فقيرن سان سنگت نہ رک، جي رکين ٿو تہ پنهنجي گهر ۽ مال تان هٿ کڻي ڇڏ.

101 حڪمت:

بادشاهن يا اميرن وٽان مفت مليل ريشمي پوشاڪ کان، پنهنجو پراڻو ڪپڙو پلو آهي ۽ وڏن ماڻهن جي دسترخواني تي کاڌا لذيذ آهن پر پنهنجي گهر جي سڪل ماني بهتر آهي. محنت مزدوريءَ سان ڪمائي، ساڳ سان سڪي روٽي کائڻ بهتر آهي، ڪنهن امير وٽ ٻاڪرن ٻوڙن پلائن کائڻ کان.

102 حڪمت:

اڻ سڃاتل دوا، بنا پڇڻ جي کائڻ ۽ اڻ ڏٺل واٽ ۾ بنا سنگت ساٿ جي اڪيلو هلڻ عقل جي ابتڙ آهي.

103 حڪمت:

امام غزالي رحمة الله کان پڇيائون ته: تون علم جي اعليٰ مرتبي تي ڪيئن پهتين؟ چيائين: جا شيءِ نه ايندي هئم، ان جي پڇڻ ۾ لڄ نه ڪندو هوس ۽ عار نه سمجهندو هوس. بيماريءَ وقت ڪنهن حڪيم کي طبيعت ڏيکارڻ ۽ علاج وٺڻ يا نه ايندڙ ڳالهه بابت پڇا ڪرڻ سياڻپ آهي

104 حڪمت:

جڏهن توکي پڪ هجي ته: فلاڻي ڳالهه مون کي پاڻهي معلوم ٿي ويندي ته ان جي پڇڻ ۾ تڪڙ نه ڪر! ائين ڪرڻ سان تنهنجي عزت گهٽبي.

ڳالهه ٿا ڪن ته: لقمان حڪيم، حضرت دائود عليه السلام کي لوهه مان معجزي سان زرهه ناهيندي ڏٺو ته اهو نه پڇيائينس ته: ڇا ٿا ناهيو؟ نهي راس ٿيڻ کان پوءِ اها زرهه حضرت دائود عليه السلام پنهنجي جسم تي پائي، لقمان حڪيم کي ٻڌايو ته هيءَ زرهه آهي، هن مان هي فائدا آهن.

105 حڪمت:

سنگت جي تقاضا آهي ته گهر جي مالڪ سان ان جي مرضي مطابق هل يا اهو گهر ئي ڇڏي ڏي. ڪچهريءَ ۾ ڪا ڳالهه ماڻهن جي

دلچسپيءَ ۽ طبيعت مطابق ڪجي. سياڻو ماڻهو اهو چئبو. جيڪو مجنونءَ جي آڏو ڳالهه رڳو ليليٰ جي خوبين جي ڪري.

106 حڪمت:

جيڪو ماڻهو بڇڙن جي ڪچهريءَ ۾ ويهندو پوءِ ڪٽي هن جي عادتن تي ان سنگت جو اثر نہ بہ پوي، تہ بہ بڇڙائيءَ جي الزام کان پاڻ بچائي نٿو سگهي. جيڪڏهن ينگ جي يتي ۾ نماز پڙهڻ ويندو تہ بہ ماڻهو چوندا تہ: ينگ چپٽي ونڻ ويو هو يا پيالا پاٽي ڪرڻ ويو هو.

چورن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪئي،
پوندو تہ ڪاٽ، نہ تہ بہ ڪونائبو سهي.

جيڪو ماڻهو چرين سان گڏ گهاريندو تہ ماڻهو ان کي چريو ضرور چوندا. پوءِ ڪٽي ڪيڏو بہ سياڻو هجي ۽ جي ڪڏهن اڳ ۾ ئي اڌ چريو آهي، تہ چرين جي سنگت ۾ سڄو چريو ٿي پوندو.

107 حڪمت:

اٺ ڪهڙو نہ بردبار جانور آهي، جو ڪو ٻار مهار مان ونيو وجيس ٿو تہ بہ هيءَ انڪار ڪونہ ٿو ڪري. پر جتي اٽانگي واٺ ڏسندو (جيئن بيڙيءَ ۾ چڙهڻ وغيره) تہ اتي فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪندو چوتہ. جتي اطاعت ۽ نرمي نقصانڪار هجي، اتي نرمي نہ جڳائي.

سياڻن جو چوڻ آهي تہ: گهڻي نرمي ڪرڻ سان دشمن دوست ڪونہ ٿبو. ويتر دشمنيءَ جي لالچ وڌي ويندس.

108 حڪمت:

جيڪو توسان قربداري ڪري تہ تون بہ ان جي پيرن جي پٽي ٿجي پؤ ۽ جيڪو توسان اجائي شوخي ڪري، تہ اکين ۾ خاڪ وجهينس ۽ ڪميڻي ماڻهوءَ آڏو اجائي نرمي نہ ڪرا چوتہ ڪتو چا چاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان. لوهہ تي چڙهيل ڪٽ رواٽ سان ئي لهندي.

109 حڪمت:

جيڪو ماڻهو ٻين آڏو گهڻو ڳالهائي، پنهنجي علم جو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو اهو پنهنجي مُور ڪائي ظاهر ٿو ڪري. سياڻپ جي اصولن مان آهي ته: جنهن شيءِ بابت سوال ٿئي، داناءَ ان وقت ڳالهائي جواب ڏئي. چوندا آهن ته: جيڪو ماڻهو گهڻو ڳالهائيندو پوءِ ڇو نه ڪٿي سندس ڳالهه حق ٿي هجي، ته به سندس ڳالهه تي ڪو عمل نه ڪندو.

110 حڪمت:

مون کي جان تي ڪپڙي اندران ڦرڙي تي پئي، اسان جو استاد هميشه هيئن سوال ڪندو هو ته: ابا! ڦرڙي ڪيئن آهي؟ اهو ڪڏهن نه پڇيائين ته: ڦرڙي ڪٿي نڪتي اٿئي. آئون سمجهي ويس ته استاد اهڙي سوال کان پاسو ٿو ڪري، جنهن ۾ آئون ڪنهن اهڙي عضوي جو نالو ڪڍان جو پوءِ پنهي کي شرمسار ٿيڻو پوي.
سياڻا چوندا آهن ته: جيڪو ڳالهائڻ ۾ احتياط نه ڪندو اهو ڪيترا دفعا ماڻهن جي جواب سان ڏکوئبو رهندو. ان ڪري جنهن ٻول لاءِ سورنهن آنا پڪ هجي ته اهو بلڪل درست ۽ مفيد ٻول آهي ته ڳالهائجي، نه ته ماٺ ۾ رهڻ بهتر آهي ۽ داناءَ چوندا آهن ته: جنهن سچ سان جيل ملي، اهو سچ اهڙي ڪوڙ کان بهتر آهي جنهن سان آزادي ملي.

111 حڪمت:

ڪوڙ جو مثال ڦٽ وانگر آهي، ڀلي ڪٽي ڦٽ ڇٽي وڃي، ته به ان جو نشان باقي رهندو. ڪوڙ به ائين سمجهه. جيئن حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن هڪ دفعو پيءُ وٽ ڪوڙ ڳالهايو هو. ٻئي دفعي سچي ڳالهه ڪن پيا، ته به پيءُ ڇٽي رهيو هو: بَل سَوّلَت لَکُم اَنفُسَکُم پر توهان جو نفس توهان کي ڪوڙ ڳالهائڻ سيکاريو آهي.
جنهن ماڻهوءَ کي هميشه سچ ڳالهائڻ جي عادت هوندي، ان جي خطا به ماڻهو معاف ڪري ڇڏيندا، پر جيڪو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ مشهور ٿي وڃي ٿو ته ان جي سچ تي به ڪو ڀروسو نه ڪندو.

112 حڪمت:

مخلوق ۾ پلاري مخلوق ماڻهو آهي ۽ ڪتو بلڪل گهٽ آهي، پر سياڻا چوندا آهن تہ: بي وفا ۽ بي شڪر انسان کان، وفادار ڪتو پلو آهي.

ڪتي کي ٽڪر ڏيندين، تہ هو توکي ڪڏهن بہ نہ وساريندو پٿر هٽي تڙيندين، تہ بہ پري نہ ويندو. پر ڪميڻي ماڻهوءَ سان سڄي عمر نيڪي ڪندو رهہ، پوءِ بہ ڪنهن ٿوري ڳالهہ تان رنو تہ توسان جنگ جوٽيندو.

113 حڪمت:

نفس پرست ماڻهوءَ کي ڪو هنر نہ ايندو نہ ڪو هو ڪنهن ڪمال جو قدر ئي ڪري سگهندو ۽ اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ اڳواڻيءَ جي لائق نہ ٿيندو.

114 حڪمت:

گهڻ کائو ماڻهوءَ تي رحم نہ جڳائي، ڇوتہ گهڻ کائو خوار آهي. سياڻن چيو آهي تہ: اي انسان! توکي جيڪڏهن ڍڳي وانگر ٿولهہ تي کپي، تہ گڏهہ وانگر ماڻهن جا ڏاڍ ۽ سختيون بہ تہ برداشت ڪر.

115 حڪمت:

انجيل ۾ لکيل آهي: اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن توکي شاهوڪار ڪندو آهيان، تہ مون سان بي وفائي ڪري، مال سان محبت ڪندو آهين ۽ جيڪڏهن توکي سڃو ڪريان، تہ تون تنگ دل تي پوين ٿو ۽ عبادت سان دل نٿو لائين. ڪڏهن تون نعمت سبب غافل ٿو گذارين ۽ ڪڏهن مسڪينيءَ سبب ڏکويل ٿو گذارين. جڏهن ٻنهي حالتن ۾ تنهنجا اهي حال آهن، تہ پوءِ الله جي اطاعت ۽ شڪر ڪهڙي وقت ڪندين؟

116 حڪمت:

الله جي قدرت آهي جو هڪڙن کي تخت تان لاهي پٽ تي ڪري ۽ هڪڙن کي مڇيءَ جي پيٽ ۾ بہ خوش رکي.

يعني جنهن کي الله جو يادگيرو آهي، ان جو وقت خوش ٿو گذري، پوءِ ڇو نه کٽي اهو حضرت يونس عليه السلام وانگر مڇيءَ جي پيٽ ۾ بند پيو هجي.

117 حڪمت:

الله سائين جيڪڏهن ڏمرجي، ته نبيءَ وليءَ پيا مٿو لڪائين ۽ جيڪڏهن مهربان ٿئي ته بڇڙن کي به نيڪ بنائي ڇڏي جيڪڏهن محشر جي ميدان ۾ الله تعاليٰ جلال ۽ ڏمر سان ڳالهائيندو ته اتي انبياءِ ڪرام به ڪجي نه سگهندا ۽ جيڪڏهن مهر جي نگاهه ڪندو ته پوءِ ڏوهارين کي به بخشش جي اميد ٿي پوندي.

118 حڪمت:

جيڪو ماڻهو هن دنيا ۾ نصيحت سان نه سڌري ۽ مصيبت مان سبق نٿو سکي، اهو آخرت جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۽ جيڪو دنيا جي مصيبتن مان ڪجهه نٿو پرائي، اهو آخرت ۾ به مصيبتن ۾ هوندو. جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

وَلَنُذِيقَنَّهُم مِّنَ الْعَذَابِ الْأَدْنَىٰ دُونَ الْعَذَابِ الْأَكْبَرِ

ترجمو: وڏي عذاب کان اڳ ۾ انهن کي ننڍو عذاب چکائيندا سين.

119 حڪمت:

نصيحت جو مطلب آهي: بزرگن جي چوڻ مطابق پاڻ کي پابند ڪرڻ ۽ جيڪو ائين نه ڪندو ته آخرت وارو بند (قيد) ڏسندو.

120 حڪمت:

ڀلارو آهي اهو ماڻهو جيڪو اڳين بزرگن جي مثالن مان سبق پرائي ۽ پوئتي ايندڙ ماڻهو هن جا مثال ڏين.

121 حڪمت:

عادتي چور تيسين چوريءَ کان نه مڙندو جيسين هٿ نه وڍجيس.

122 حڪمت:

جتي هڪڙا پکي پڃري ۾ بند پيا هوندا آهن، اتي ٻيا پکي داڻي کي ويجهو نہ ويندا آهن. اهڙي طرح جيڪو ٻين جي مصيبت مان نصيحت حاصل ڪندو تہ ٻيا وري ان مان سبق سکندا.

123 حڪمت:

جنهن ماڻهوءَ جا ڪن، نفس پرستي سبب ٻوڙا ٿيا، اهو نصيحت ڪيئن ٻڌندو؟ سدورو انسان نيٺ سياڳ ڏانهن ڇڪجي ايندو.

124 حڪمت:

الله جي پيارن ٻانهن جي رات بہ ڏينهن آهي ۽ اها سعادت تڏهن حاصل ٿي سگهندي، جڏهن ڏيڻ وارو ڏاتار ذات ڏيندو ۽ چڱي سمجهہ عطا ڪندو. اي منهنجا مالڪ! تو وٽ دانهن نہ ڪريان تہ ڪنهن کي چوان. منهنجو واهر وسيلو ٻيو ڪير آهي؟ جنهن کي تون هدايت سان هلائيندين، اهوئي سڌو هلي سگهندو ۽ جنهن کي تون نصيب نہ ڪندين، ان کي ڪير سڌاري نہ سگهندو؟

125 حڪمت:

چڱي پڇاڙيءَ وارو فقير، بڇڙي پڇاڙيءَ واري بادشاهہ کان هزار بار ڀلو آهي.

126 حڪمت:

اهو غم جنهن جي پٺيان خوشي هجي، بهتر آهي ان خوشيءَ کان جنهن جي پٺيان غم هجي.

127 حڪمت:

آسمان زمين تي سدائين مينهن ٿو وسائي ۽ زمين آسمان ڏانهن هميشه ڌوڙ ۽ مٽيءَ جي دز ٿي موڪلي. جيڪو ڪنيءَ ۾ هوندو پاٽ ۾ اهو پوندو. جو وڙ جنهن جي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

128 حڪمت:

جيڪڏهن توکي منهنجي بيڪار طبيعت نٿي وڻي، ته ان ڏي نه ڏس، تون پنهنجي ڪشادي طبيعت ڏي ڏس ۽ معاف ڪري ڇڏ!

129 حڪمت:

الله تعاليٰ ستار آهي، اهو اوڻايون ڏسي پوءِ به ڍڪي ٿو پر پاڙي وارا ڪا اوڻائي ڏسن به ڪونه ٿا، ته به شور مچائيندا آهن.

130 حڪمت:

الله ڪٽي بچايو جو مخلوق کي غيب دان نه ڪيائين، نه ته ڪوبه انسان ڪنهن کان سک نه ڏسي ها.

131 حڪمت:

سون، کاڻ کوٽڻ سان ملندو آهي ۽ بخيل وٽان سندس ساهه نڪرڻ کان پوءِ سون هٿ اچي سگهندو.

132 حڪمت:

موذي ماڻهو کائيندو ڪونه ۽ چوندو ته کائڻ جي اميد، کائڻ کان بهتر آهي. ائين ڪندي هڪ ڏينهن هو مري ويندو ۽ سندس (وارثن) دشمنن جو مقصد پورو ٿي پوندو.

133 حڪمت:

جيڪو ماڻهو پنهنجن زيردستن تي رحم نه ڪندو اهو پاڻ کان ڏاڍن جا ظلم سهندو. هڪڙن کان هيءُ ڏاڍو آهي، ته ٻيا هن کان ڏاڍا آهن.

134 حڪمت:

هڪڙي درويش دعا گهرندي هيئن ٿي چيو: اي رب! بدڪارن تي به ايئن رحم ڪر، جيئن نيڪن تي رحم ڪيو اٿئي، جو انهن کي نيڪ بنايو اٿئي.

135 حڪمت:

سياڻي ماڻھوءَ جو ڪم آھي جو ٻن ماڻھن کي وڙھندي ڏسي، تہ پاسو ڪري وڃي ۽ جتي صلح ڏسي، اتي ٻلي ترسي پوي. ڇوتہ ھت پري رھڻ ۾ سلامتي آھي ۽ ھت ويجھي رھڻ ۾.

136 حڪمت:

جواريءَ کي ڪپي ڇڪو پر نڪرندي آھي "تري". يعني بندي جي من ۾ ھڪڙي، صاحب ٻي سنواري

137 حڪمت:

گھوڙي کي ھلندي رستي تي گھٽئي گاھ سان ڀريل ميدان نظر ايندا آھن، پر سندس مھار ٻين جي وس آھي، ھيءُ پنھنجي مرضي سان گاھ نٿو کائي سگھي. يعني واڳ ڏٽيءَ وس، آئون ڪا پاڻ وھيٽي.

138 حڪمت:

جمشيد بادشاھ پھريون ماڻھو آھي، جنھن ڪپڙن تي گلڪاري ڪرائي ۽ کاٻي ھٿ ۾ منڊي پائڻ جي شروعات ڪئي. ماڻھن چيس تہ: ساڄي ھٿ کي فضيلت آھي، تو کاٻي ۾ منڊي ڇو پاتي آھي. چيائين: ساڄي ھٿ کي ساڄي ھجڻ ڪري ئي گھٽي فضيلت آھي. ان کي ٻي فضيلت جي ڪھڙي ضرورت آھي؟

ڳالھ ٿا ڪن تہ: فريدون بادشاھ چين جي ڪاريگرن کي چيو تہ: منھنجي شاميانن جي ھيٺين ٻلون کي سينگاريو. مٿان اڳ ۾ ئي سينگاريل آھي.

سياڻا چوندا آھن تہ: تون بڇڙن کي ڇڳي بنائڻ جي ڪوشش ڪر، نيڪ ماڻھو اڳ ۾ئي چڱا آھن.

139 حڪمت:

ڪنھن بزرگ کان پڇيائون تہ: ساڄي ھٿ کي فضيلت آھي، پوءِ بہ ماڻھو کاٻي ھٿ ۾ منڊي پائيندا آھن؟ بزرگ وراڻيو: توکي خبر ناھي

چا، تہ فضيلت ۾ در جي وارا ماڻهو محروم ٿي رهندا آهن. انهن جو قدر ڪونہ ٿيندو آهي.

140 حڪمت:

بادشاهہ آڏو اهو ماڻهو نصيحت ڪري سگهي ٿو، جيڪو سر جو سانگو لاهي ۽ بي طمع بڻجي.

141 حڪمت:

توحيد جي دعويٰ ڪندڙ ماڻهوءَ لاءِ هي نشاني آهي، جو تيز تلوار مٿي تي رکينس، تہ بہ ڪنهن کان نہ ڊڄندو ۽ اهو الله کان سواءِ ٻئي ۾ ڀلائيءَ جي اميد نہ رکندو. بس توحيد جو بنيادي نڪتو اهوئي آهي.

142 حڪمت:

بادشاهہ جو ڪم آهي رعيت تان ظلم ٽاري ۽ ڪمدار يا ڪوتوار جو ڪم آهي، شرارتي ماڻهن تي نظر رکڻ ۽ قاضي يا جج جو ڪم آهي انصاف ڪرڻ، ڇوتہ بہ ماڻهو پاڻ ۾ ٺهيل هوندا، تہ اهي قاضي وٽ ڪونہ ايندا. ان وٽ ضرور وڙهيل ٿي پهچندا.

143 حڪمت:

پرائو حق پاڻ ڏي سمجهين، تہ خوشيءَ سان ڏئي ڇڏ. ڇوتہ، جيڪو ماڻهو ڏل ۾ ٽيڪس يا قرض خوشيءَ سان نہ ڏيندو، تہ ماڻهو وڙهي بہ وٺندس.

144 حڪمت:

ٻين ماڻهن جا ڏند کٽي شيءِ سان خراب ٿيندا آهن ۽ قاضين (ججن) جو وات مٺاين سان خراب ٿيندو آهي. جيڪو قاضي رشوت ۾ ڪا معمولي شيءِ وٺندو، تہ اهو عوام لاءِ وڏو ظلم جائز ڪري ڇڏيندو.

145 حڪمت:

بدڪار عوت پيريءَ ۾ توبهه نه ڪري ته ٻيو ڇا ڪري ۽ رٽائر ٿيل راشي آفيسر توبهه تائب نه ٿئي ته ٻيو ڇا ڪري؟

ڪمال ان جو ڇئبو جيڪو جوانيءَ ۾ چڱو ٿئي. پيريءَ ۾ جڏهن بڇڙائيءَ جي ڪا طاقت نه رهندي. ان وقت سڀ ڪو ئي ماٺ ۾ گذاريندو آهي. جوانيءَ ۾ پنهنجي لڄ بچائڻ جو وڏو قدر آهي. جهور ڪراڙپ ۾ هر ڪو اها هام هڻي سگهي ٿو ڇو ته هاڻي منجهس اها طاقت ئي نه رهي آهي.

146 حڪمت:

هڪڙي داناءَ کان پڇيائون ته: الله تعاليٰ ڪيترن قسمن جا وڻ خلقيا آهن. پر آزاد وڻ "سَروَ جو وڻ" ئي سڏجي ٿو سو ڇو؟ جڏهن ته ان ۾ ڪڏهن به ميوو ڪونه ٿئي؟ داناءَ وراڻيو ته: ٻين وڻن جي حالت مختلف موسمن ۾ پئي مٽجي سٽجي ۽ سرو جو وڻ ٻارنهن ئي مهينا هڪ حال ۾ سدائين سرسبز ۽ تازو توانو رهي. ان ڪري ڪيس آزاد ٿا چون ۽ آزاد ماڻهوءَ جو حال به ائين هجڻ گهرجي.

سياڻن جو چوڻ آهي ته: جيڪڏهن توکي هٿ ۾ ڪجهه آهي، ته دل ڪر درخت جي دستور ۽ جيڪڏهن هٿ ۾ ڪجهه نه اٿئي، ته پوءِ سَروَ جي وڻ وانگر آزاد آهين.

147 حڪمت:

ٻه ماڻهو اهڙا آهن. جيڪي مرڻ ويل حسرت ساڻ ڪٽي ويندا. هڪ اهو شخص جنهن مال گڏ ڪري رکيو پر کاڌائين ڪين. ٻيو اهو شخص جنهن علم سکيو پر عمل نه ڪيائين.

148 حڪمت:

بخيل ڪيڏو به قابل ۽ ماهر هجي، ان جي عيبن ڪيڻ مان ڪوئي نه مڙندو ۽ سخي مرد ۾ ٻه سؤ عيب هوندا. ته ان جي سخا سبب سڀ لڪل هوندا.

گلستان کي هن بيت تي پورو ڪجي ٿو.

کهن خرقہ خويش پيراستن، بہ ازجامہ عاريت خواستن.

اڏاري ريشمي وڳي کان پنهنجو پراڻو ڦاٽل وڳو پائڻ بهتر آهي.

سعديءَ جون نصيحتون دل تي اثر ڪندڙ آهن، جيڪڏهن ڪنهن دوست کي نصيحت ڏکي لڳي آهي، تہ ان کي ڪڙي دوا سمجهي ۽ آڪاٽين سان نصيحتون هن ڪري لکيون ويون، جو آڪاٽيءَ پڙهڻ يا پڙهڻ سان ڪوبہ انسان ملول نہ ٿيندو آهي ۽ هر هڪ کي وڻنديون آهن.

منهنجو ڪم اٿين نصيحت ڪرڻ آهي، جيئن الله سائينءَ جي موڪليل پيارن رسولن کي نصيحت لاءِ موڪليو ويو آهي. انهن وانگر مون چڱا ٻول توهان تائين پهچايا. هاڻي توهان فائدو وٺو يا نہ وٺو.

گلستان جي پڙهندڙن کي عرض آهي تہ: هن ڪتاب جي مصنف ڪاتب (۽ مترجم) کي چڱي دعا ۾ نہ وسارين. انهن لاءِ بخشش جون دعائون گهرن.

آئون پنهنجي رب آڏو اقراري آهيان ۽ قيامت ڏينهن الله تعاليٰ در عرض ڪندس تہ: اي منهنجا مالڪ! آئون نسورو ئي ناحق آهيان، آئون تنهنجي ٻاجهہ جو طلبگار آهيان.

(گلستان 656هہ ۾ لکجي پورو ٿيو).

جيتوڻيڪ قرآن پاڪ اخلاق سيکارڻ لاءِ سڀ کان اعليٰ ۽ اهم ڪتاب آهي. جيئن حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو هو ته (كَانَ خُلُقُه القرآن) يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو اخلاق مبارڪ قرآن پاڪ مطابق ئي هو. ان هوندي به ڪيترن اڳين عالمن اخلاقيات تي ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. مثلاً امام غزالي رحمةالله عليه عربي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ شيخ سعدي رحمة الله عليه به چار ڪتاب لکيا. مثلاً ڪريما، گلستان، بوستان وغيره. انهن ٽن ڪتابن مان گلستان کي پوري دنيا ۾ خاص شهرت حاصل ٿي.

دنيا جي مختلف ٻولين مثلاً لاطيني، فرينچ، جرمن، ڊچ، انگريزي، عربي، اردو وغيره ۾ گلستان جا ترجما ٿيا. فارسيءَ ۾ ان جا ڪيترا شرح لکيا ويا. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سوين دفعا گلستان ڇاپيو ويو. ماڻهن ان کي وڏي چاهه ۽ شوق سان پڙهيو. ڪيترن عالمن ۽ بزرگن گلستان جي نموني تي، نخلستان، خارستان، پريشان وغيره نالن سان ڪتاب لکيا ۽ شايع ڪرايا، پر انهن کي ڪا مقبوليت حاصل نه ٿي.

گلستان جي ٻولي به عجيب ۽ دلچسپ آهي، پر ان شخص لاءِ جيڪو فارسي سکي، پوءِ ڪنهن چاڻو استاد وٽ گلستان پڙهي. شيخ سعديءَ جو اصلي ڪمال تڏهن ئي نظر اچي سگهندو. ان کان سواءِ گلستان ۾ لکيل آکاڻيون نهايت دلچسپ، وڻندڙ ناصحانه ۽ هر انسان جي دل تي اثر ڪندڙ آهن. شيخ سعديءَ گلستان ۾ پنهنجي زندگيءَ جا اکين ڏٺل يا ٻڌل ۽ پسند ڪيل واقعا لکيا آهن. شايد ان ڪري هن ڪتاب کي دنيا ۾ ايڏي مقبوليت ملي آهي، پر حقيقت ڪجهه ٻي طرح آهي.

اين سعادت بزور بازو نيست_ تانه بخشد خداء بخشنده

يعني: اها خوشقسمتي پنهنجي وس جي ڳالهه نه آهي، پر جنهن کي مالڪ سائين مهرباني ڪري ڪٺي نوازي، هت به ائين سمجهڻ گهرجي.

محمد قاسم سومرو